سندي پولي جو سياسي ڪيس

محمد ابراهيم جويو

روشني

سنڌي پوليءَ جو سياسي ڪيس

سنڌي پوليءَ جو سياسي ڪيس

محمد ابراهيم جويو

مرتب

محسن جويو

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

Roshni Book No. 932

ڪتاب جو نالو: سنڌي هوليءَ جو سياسي ڪيس

موضوع: سياسي لسانيات

مصنف: محمد ابراهيم جويو

مرتب: محسن جويو

ڇاپو پهريون © روشني 2021ع

لي آئوٽ: رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ISBN 978-969-217-042-0

Sindhi Boli Jo Siyasi Case

[Political Linguistics]

Author: **Mohammad Ibrahim Joyo**

Compiled by: **Mohsin Joyo**

First Edition © Roshni 2021

Layout: Rafique Hussain Kolachi

Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh

Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

For more information please contact the Special Distribution Department,
Shah Latif Kitab Ghar, Press Street, Hyder Chowk, HYD 71000
Call (+92) 222-780908, e-mail waqas@roshnipublication.com

سنڌي ٻوليءَ جي شهيدن جي نانءِ

سِناڀُ

مهاڳ محسن جويو 9

پاڳو پهريون
سنڌي ٻولي: تاريخي اهميت، پسمنظر ۽ ڪردار

ٻولي ڇا آهي؟ 91
ٻوليءَ جي تاريخ 92
سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي پسمنظر 94

پاڳو ٻيو
سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ، سکيا ۽ واهپو

سنڌي زبان لاءِ مفرد ٽائيپ 113
سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ 123
ٻوليءَ جو واهپو 138
سنڌي ٻوليءَ ۾ سکيا 143
اسان جي مادري زبان ۽ ان جي تعليم ۾ اهميت 152
تعليم جو مؤثر ذريعو مادري زبان آهي 161
ڪريڪيولم ڇا آهي؟ 168
سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جو تعليمي سرشتو 183
سنڌي ٻوليءَ جو مختصر جائزو 193

پاڳو ٽيون
سنڌي ٻوليءَ جو سياسي ڪيس

سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ رهندي يا نہ؟ (ترجمو)	201
ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌي ٻولي	230
اولهہ پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو	236
ٻہ-پُور	258
ٽہ-ٻوليائي سرشُتو	265
آسان سنڌي قاعدو	270
سنڌي ساهت ڪانفرنس جا ٺهراءَ	280
سنڌي ٻوليءَ ڏانهن سنڌي قوم جون ذميواريون	283
سنڌي ٻوليءَ جي آئيني حيثيت	288
سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو تصور	289
اسان جي ٻولي- اسان جي تعليم	295
سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي قائم ڪرڻ لاءِ هڪ استدعا (1983ع)	298
قومي تشڪيل ۾ اهميت رکندڙ ماءُ ٻولي!	304
سنڌي ٻولي - قومي ٻولي: هڪ ڪيس	311

مهاڳ

جويي صاحب پنهنجيءَ شعوري ڄمار جو سمورو وقتُ وڏيءَ رڃابنديءَ سان ۽ نصب العين جي چٽائيءَ سان گذاريو. هُن عالم، مفڪر ۽ استاد جي حيثيت سان فرضن جي ادائگيءَ ۽ پوئواريءَ ۾ هڪ گهڙيءَ لاءِ به غافل ٿِي نه گذاريو. هن اڳ ۾ پاڻُ ناهيو. هن وڏي محنت ڪئي. پنهنجي دور جي اعليٰ تعليم پرائي: ۽ پوءِ پنهنجو ڪمُ شروع ڪيو. جيڪو سندس زندگيءَ جي پڇاڙڪن ڏاڻن تائين جاري رهيو.

هن ڪتاب ۾ موجود عالماڻي مواد تي باقاعدي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان اڳ، هيءَ ڳالهه ضرور ڪرڻ گهربي ته سائين محمد ابراهيم جويو سنڌ ۾ جديد فڪر جو باني هو. "جديد فڪر" جو وسيع ۽ عميق مطلب آهي. جويي صاحب جن ڏينهَن ۾، سنڌ ۾ اڪ ڪولي هئي، تڏهن سنڌي سماج پراڻي جاگيرداراڻي، وڏيرڪي ۽ پيراڻي قسم جي فرسوده تاجي پيٽي ۾ سُڪ هو. نئين زماني جي نئين فڪرَ، جهڙوڪ: ترقي پسند تحريڪ، نئين جاڳرتا، روشن خيالي، مذهبي سڌارن جي تحريڪ، انقلابن، تحريڪن، نون نظرين توڙي آدرشن کان ڪابه واقفيت موجود نه هئي. آڳرين تي ڳڻڻ جيترا فرد هئا، جن کي ٿوري ٿَڪي اهڙي فڪر کان رڳو واقفيت هئي، پر نئين فڪر سان "وابستگي" اٽلي هئي. عام سنڌي ماڻهو نئين فڪر جي وسيلي، ماڻهوءَ جي سياسي سماجي حيثيت جي جديد تشريحن ۽ تشريحن تي عملدرآمد جي نتيجن جي ڪري آيل تبديلين کان اڻواقف هئا. رواج پوتارڪو هو. سنڌي آبادي جو مسلمان حصو گهٽائيءَ ۾ پهراڙين ۾ رهندو هو. جتي اُهو روايتي جاگيرداراڻي نظام جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هو. وٽس فرد جي حيثيت ۾،

سماجي آزادي، فردي راءِ توڙي شهري ۽ رياستي حقن جو ڪوبہ تصور موجود نہ هو. سنڌس علم تائين رسائي نہ هئي. ڪي ٿورا ئي پڙهيا لکيا ماڻهو هئا، اهي بہ مدرسن يا آخوندن وٽ پڙهيا هئا. سنڌ جي شهرن ۾ البت ڪنهن قدر تعليم جو لاڙو موجود هو. انگريز دور ۾ سنڌي هولي‌ءَ کي لپي ملڻ کان پوءِ، تعليم ڪنهن قدر ڦهلي هئي، پر انهيءَ جو لاپ بہ محدود هو. جنهن جو بيان اڳتي ايندو.

اهڙين سماجي حالتن ۾ جويي صاحب جي پرورش ٿي. هُو سنڌ جي ڀهراڙيءَ ۾ هڪ غريب گهراٽي ۾ پيدا ٿيو. يتيميءَ جي احساس مان گذريو. اهڙي پيڙاونت شروعاتي زندگيءَ جا اثر سندس ذهن تي اٽمٽ نموني پيا. جويو صاحب جڏهن ڄمار ۾ پاڻيرو ۽ شعور ۾ اڳيرو ٿيو تہ انهن ئي بنيادي مسئلن جي اپٽار توڙ لاءِ سموري زندگي سوچيندو ۽ پنهنجا خيال اظهاريندو رهيو. جويي صاحبَ، هڪ ئي وقت، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي مقامي، ننڍي کنڊ ۽ عالمي پسمنظر ۾ ڏٺو ۽ پرکيو. انهيءَ زماني ۾ مقامي ۽ ننڍي کنڊ جي سطح تي جيڪي مسئلا موجود يا جاري حالت ۾ هئا، تن کي هن سمجهيو ۽ خالص سنڌ جي فائدي ۾، پنهنجو تاريخي موقف پيش ڪيو. جيڪو اڄ سوڌو "سنڌ جي تاريخي حيثيت جي بحاليءَ جي حقيقي سياسي ڪيس" طور موجود آهي. پاڻ ورهاڱي کان اڳ اهو چيائين تہ ننڍي کنڊ جي سياسي مسئلي جي حل لاءِ ڪوبہ فرقيوار طريقيڪار بي لاپ هوندو. تنهن جي بدران گڏيل هندستان جي شامل رياستن کي انهيءَ اصلوڪيءَ حالت ۾ بحال ڪيو وڃي، جيئن انهن مٿان برطانوي سامراج قبضو ڪيو هو. تاريخ جي انهيءَ فيصلائتي گهڙيءَ مهل، هُن اها ڳالهہ چٽي نموني ڪئي تہ سنڌ جي سياسي آئيندي جو فيصلو سنڌي ماڻهن جي اڪثريتي راءِ جي بنياد تي ڪيو وڃي. مٿن ڪابہ نئين سياسي رٿا نہ مڙهي وڃي، پر کين سياسي صورتحال جي پاڳي پائيوار طور شامل ڪري، پنهنجي آئيندي کي پاڻ طئہ ڪرڻ جو اختيار ڏنو وڃي.

تنهن کان سواءِ، سماجي صورتحال جي چنڊچاڙ ڪندي، جويي صاحب، نہ رڳو مقامي سطح تي، موجود وڏيرڪي يا پوتارڪي سرشتي

ڀ ڦاٽلَ سنڌي ماڻهن جي چوٽڪاري جو چٽو دڳ ڏيکاريو. پر عالمي سطح تي ٿيل علمي ۽ فڪري اڀيرايين کي پڻ سنڌ ۾ عام ڪيو. جيئن: يورپي جاڳرتا، عقليت پسنديءَ، مادييت پسندي ۽ سيڪيولرزم. جويي صاحب جي لکڻين ۾ سنڌ جي آجپي ۽ خودمختياريءَ وارا پهلو گهڻا نمايان ملن ٿا، جن جو اپتارُ جديد سنڌي قومپرستيءَ جي نظريي جي بنياد تي ٿيل آهي. اهڙي ڪم جي ڪري جويي صاحب کي جديد سنڌي قوم پرستيءَ جي بانيڪارن ۾ ڳڻيو ويجي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ لاءِ جيڪي للڪارون پيدا ٿيون، تن کي گهربل موٽ ڏيڻ لاءِ اهو ضروري هو ته سنڌ جي هڪ قوم طور بقا ۽ دفاع لاءِ، سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت، سنڌي تاريخ، تهذيب ۽ سنڌي ادب کي هٿي وٺرائي ويجي. انهيءَ وشال ۽ گوناگون سرگرميءَ وسيلي، سنڌي ماڻهن ۾ قوم هئڻ واري احساس کي برقرار رکجي. اِها وقت جي پڪار هئي، جنهن کي ورنائڻو ۽ جويي صاحب ورنايو. سندس خيال هو ته دنيا جا سڀ فڪر، نظريا ۽ ويچار تڏهن ئي سنڌ ۾ لاڳو ٿي سگهندا، جڏهن سنڌي ماڻهن جي قومي حيثيت برقرار رهندي. ايئن جويي صاحب جي زندگيءَ جو گهڻو حصو سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جدوجهد ۾ گذريو. انهيءَ قوم دوست ۽ محب وطن ڪردار سان گڏ، جويي صاحب پنهنجيءَ ذات ۾ هڪ سيڪيولر ۽ مادييت پسند مفڪر هو. هن پنهنجا ويچار، وڏيءَ اهميت سان، انهن موضوعن تي به پيش ڪيا آهن. جيڪڏهن ورهاڱي کان پوءِ سنڌي قوم جي وجود جي بقا لاءِ للڪارون پيدا نه ٿين ها ته امڪان اهو به آهي ته جويي صاحب جي ڪل ڄمار سيڪيولرزم ۽ مادييت پسنديءَ کي عام ڪرڻ ۾ گذري ها. ورهاڱي اڳ، جڏهن ايجا سنڌي قوم لاءِ گهڻا خطرا پيدا نه ٿيا هئا، تڏهن پاڻ طبقاتي جدوجهد ۽ سيڪيولر فڪر کي عام ڪرڻ ڏانهن گهڻو لڙيل هو.

جويي صاحب جو ڪتاب "سنڌ بچايو - ڪنڊ بچايو. جاگيردار آقائن کان، سرمائيدارن کان ۽ تن جي فرقيوار ذهنيتن کان" سنڌجو اساسي سياسي دستاويز آهي، جنهن ۾ سنڌ جي امتيازي قوم ۽ منفرد پرڳڻي طور مڪمل خاڪو ملي ٿو. انهيءَ ڪتاب ۾ موجود ويزن ۽

فڪرُ اڄ ڏينهن تائين لاڳاپيل ۽ نهڪندڙ آهي. هتي مقصد انهيءَ ڪتاب تي بحث ڪرڻ ناهي، پر اوهان جو ڏيانُ جويي صاحب جي فڪر جي تت ڏانهن ڇڪائڻ آهي. "سنڌ بچايو - ڪنڌ بچايو" ڪتاب جي عنوان ۾ ڄاڻايل آهي ته سنڌ کي اصل ۾ سرمائيدارن ۽ جاگيردارن کان بچائڻو آهي ۽ اهي ٻئي ڏريون پنهنجن مستقل مفادن لاءِ مذهبي فرقيواريت کي استعمال ڪن ٿيون، تنهن فرقيواريت کان به سنڌ ۽ سنڌي قوم کي بچائڻو آهي. ڪتاب جي انهيءَ عنوان ۾ جويي صاحب جي فڪري چونڊ، عملَ ۽ جدوجهد جو اساس موجود آهي. انهيءَ اساس جا ٽي پهلو آهن: سرمائيداريءَ، جاگيرداريءَ ۽ مذهبي فرقيواريت سان وروڌ. چوڻ جو مطلب هيءُ آهي ته جويي صاحب پنهنجي شعورجڻ واري زماني کان ئي اِها ڳالهه طئه ڪري ورتي هئي ته ڪيس فڪري ڪيتر کي ڪهڙي نموني ڪيڙڻو آهي؛ ۽ تنهن مان ڪهڙو لاب اُپائڻو آهي. جويي صاحب جي علم، ڪم، فڪر ۽ شخصيت جي حوالي کان هن تمهيد کي سهيڙجي ته اُها هن طرح ٿيندي ته جويو صاحب جي تصور ۾ هڪ اهڙي سنڌ آهي، جيڪا هڪ ئي وقت پاڻ ۾ سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي، قوم دوستي، مادييت پسندي ۽ حب الوطنيءَ جي آدرشن کي سموهي. سڀ کان اسريل ۽ سڌريل صورت جوڙي چڪي آهي. اهو ئي جويي صاحب جو فڪري تت آهي ۽ اُها ئي جويي صاحب جي خوابن واري سنڌ آهي:

نڪا جهل نہ پلَ، نڪو رائُر ڏيهه ۾،
آڻيو وجهن آهُرين، روڙيا رتا گلَ،
مارو پاڻ امُلَ، مليرون مرڪڻو.
(لطيف)

جويي صاحب کي پنهنجيءَ فڪري پختيءَ اها بصيرت ارپي هئي ته جيڪڏهن وطن، ماڻهو ۽ ٻولي سلامت آهن ته پوءِ باقي ٻيا ڪم ڪرڻ ۽ اُڪلائڻ ۾ سهنجا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن ٻوليءَ جي سلسلي ۾ تحقيق بدران ٻوليءَ جي باري ۾ عملي ڪم کي ترجيح ڏني.

هن ٻوليءَ جي لکت کي سنواريو ۽ سڌاريو. ان جي درست ۽ تز واهپي کي باقاعدي رائج ڪيو. تعليمي نصاب کي سهنجو. دلچسپ ۽ معنا پريو بڻايو. تنهن سان گڏ، جڏهن جڏهن به، سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ واڌاري جي حوالي کان مسئلا ايريا، تن کي هُو پنهنجن هم خيال دوستن ۽ ساٿين وسيلي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هيءُ ڪتاب جهڙوڪ هڪ سلسليوار درپن آهي، جنهن ۾ چٽي نموني ڏسي سگهبو ته سنڌي ٻولي موهن جي دڙي کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪيئن هلندي رهي آهي. خاص طرح انگريز دور کان وٺي ورهاڱي تائين، اُتان کان ون يونٽ جي دور جي شريف ڪميشن تائين، اُتان کان وٺي ٻولي بل جي منظوريءَ ۽ پوءِ انهيءَ کي صحيح نموني لاڳو ڪرڻ ۽ تنهن مان لاڀ پرائڻ لاءِ مختلف ادارن جي قيام تائين، سنڌي ٻوليءَ سفر ڪيئن ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب پڙهي اوهان کي سچ پچ ٻه فخر ٿيندو ته ڪيئن نه هڪڙو ئي ماڻهو پنهنجيءَ سمجهه، صلاحيت، ثابتقدميءَ، لڳاتار محنت ۽ ساڻ جي سهڪار کي سلهاڙي وڏيون ڪاميابيون ماڻي ٿو. هيءُ ڪتاب جهڙوڪ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي امر جيون ڪٿا آهي.

جڏهن ڪنهن قوم، ملڪ يا سماج ۾ رائج ٻوليءَ کان پنهنجا حق کسيا ويندا آهن، تڏهن ردعمل طور، انهيءَ جا ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙ پڙهندڙ انهيءَ غصب ۽ ڏاڍائيءَ خلاف وروڌ ڪندا آهن ۽ تن کسيل حقن جي واپسيءَ لاءِ جدوجهد ڪندا آهن ته اهڙيءَ حالت ۾ ٻولي هڪ سياسي مامرو بڻجي پوندي آهي. ٻوليون، عام طرح، پنهنجن پنهنجن اتهاسڪ پرڳڻن ۾ محفوظ حالت ۾ هونديون آهن. جيڪڏهن اُهي پنهنجي ئي علائقي ۾ پنهنجي اصلوڪي حيثيت وڃائي ويهن ته انهيءَ جو مطلب اهو هوندو آهي ته ڏارين يا اوپرين طاقتن انهن کان سندن آزاد حيثيت کسي ورتي آهي. انهيءَ غلاميءَ واريءَ حالت مان نڪرڻ لاءِ ڪيل هر ڪنهن ڪمَ ۽ ڪنيل هر ڪنهن وک جو واسطو لاڳاپيل ٻوليءَ جي علائقي ۾ موجود حڪمرانيءَ جي پاليسين يا ڪن اٽڻ حالتن ۾ حڪمرانن کي ئي تبديل ڪرڻ سان هوندو آهي. ٻولي هڪ سياسي معاملو ايئن بڻجندي آهي.

انگريزن جي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ کي لپي ملي. اُها دفتري، تعليمي ۽ عدالتي ٻوليءَ طور رائج ٿي. تنهن ۾ ادب لکت ۾ آيو. انهيءَ ۾ علمي توڙي تخيلقي ادب جا ڪتاب ڇپيا. رسالا جاري ٿيا ۽ اخبارون ڪڍيون ويون. امڪان اهو هو ته سنڌي ٻولي، هوريان هوريان، ترقيءَ جون منزلون طئ ڪندي ويندي، پر ورهاڱي جي واقعي انهيءَ جي ترقيءَ اڳيان نيون للڪارون بيهاري ڇڏيون. اِها سنڌي ٻوليءَ جي وڏي پاڻائپ چئبي، جو انهيءَ زماني ۾ نه رڳو جويي صاحب موجود هو، پر علمي، ادبي ۽ فڪري ميدانن ۾ سندس ڪيل ڪم کي ميڙتا ٻه ملي چڪي هئي. تنهنڪري، جويي صاحب ۾ اميدون ٻه هيون ۽ پوءِ ڪيس ذميواري ٻه ملي، جنهن کي هن پنهنجيءَ زندگيءَ جو مقصد بڻايو. هن گهڻي صبر، رڃابنديءَ ۽ مرحليوار اڳتي وڌڻ جي حڪمت عمليءَ سان ڪم شروع ڪيو. هن سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي تدريسي شعبي ۾ مضبوطيءَ سان جوڙڻ، انهيءَ ۾ نئين، ترقي پسند ۽ وطن دوست ادب کي پيدا ڪرڻ، دنيا جي عظيم ادب کي ترجمن وسيلي پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ آڻڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سڌيءَ توڙي اڻسڌيءَ طرح هٿي ڏيندڙ ادارن، ڪمن ۽ عملن لاءِ پاڻ اربي ڇڏيو. سندس اهڙي پاڻ اربڻ مان سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جيڪي فائدا پرايا، تن جي باري ۾ اڳتي ڳالهه ٻولهه ٿيندي. متي ڏنل تفصيل جو مقصد اهو هو ته هن ڪتاب جي سهيڙيندڙ جي حيثيت ۾ اهو ڄاڻائي سگهان ته هن ڪتاب جو نالو "سنڌي ٻوليءَ جو سياسي ڪيس" ڇو رکيو ويو آهي.

هيءُ ڪتاب ٽن پاڳن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي کي "سنڌي ٻولي: تاريخي اهميت، پسمنظر ۽ ڪردار" جو عنوان ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد جي باري ۾ ۽ پڻ ٻوليءَ جي اوسر بابت خيال پيش ڪيا ويا آهن. هن ڪتاب جي ٻئي پاڳي جو عنوان آهي: "سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ، سڪيا ۽ واهپو." هن پاڳي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سماجي، ادارتي ۽ ادبي واهپي جي باري ۾ اهم ۽ بنيادي ڳالهيون ڪيون ويون آهن، جن مان ڪن کي اڳتي هلي، عمل وسيلي، سنڌي ٻوليءَ جي هر سطح تي درست استعمال وسيلي لاڳو ڪيو ويو. اهڙيءَ

علمي ڪرت جو مقصد اهو ئي هو تہ سنڌي ٻوليءَ کي سماج، ادارن ۽ ادب جي هر سطح تي ايترو سگهارو ڪجي، جو اُها هڪ محفوظ حالت ۾ اچي وڃي ۽ پاڻ ئي اوسر جا مرحلا طئ ڪندي رهي. هن پاڳي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عمودي ۽ افقي ذميوارين کي بہ اظهاريو ويو آهي، جن جو پورائو سنڌي ماڻهن، خاص طرح اهڙن فردن کي ڪرڻو هو، جيڪي علم ادب، درس تدريس ۽ ميڊيا سان لاڳاپيل هئا. هن ڪتاب جو ٽيون پاڳو "سنڌي ٻوليءَ جو سياسي ڪيس" آهي. انهيءَ پاڳي ۾ شامل مضمون ورهاڳي کان پوءِ انهن قدمن ۽ فيصلن جي ردعمل ۾ لکيا ويا هئا، جيڪي سڌيءَ ريت، سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قومي، دفتري، تعليمي، علمي ادبي ۽ عمومي واهپي تي اثرانداز ٿي رهيا هئا.

هن ڪتاب جي پهرئين پاڳي "سنڌي ٻولي تاريخي اهميت، پسمنظر ۽ ڪردار" ۾ ٽي مضمون شامل آهن: "ٻولي ڇا آهي؟" "ٻوليءَ جي تاريخ" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي پسمنظر."

"ٻولي ڇا آهي؟" هڪ مختصر مضمون آهي، جيڪو رسول بخش پليجي جي ڪتاب "سندي ذات هنجن" تي لکيل جويي صاحب جي مهاڳ مان اخذ ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾ جويو صاحب روسي اديب ترگينيف جو حوالو پيش ڪندي لکيو آهي: "جڏهن بہ مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو جڏهن بہ پنهنجي ملڪ تي ويڇاريندي منهنجو منُ لرزجي ٿو، تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار، آزاد روسي ٻولي! تون ئي مون کي ڏَيُ ڏين ٿي ۽ مون کي بچائين ٿي. تون نہ هجين، تہ پڪ ئي پڪ، جو ڪجهہ منهنجي وطن تي وَهي رهيو آهي، اُن کي ڏِسي، آءٌ هوند ڏَهي، ٻِنهہ پَٽ اچي پوان: پر ڪو ايئن آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي تہ هڙي عظيم ٻولي عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي مليل هوندي!" انهيءَ تڪري مان اها ڳالهہ چٽي آهي تہ قوم جي عظمت جو اندازو انهيءَ جي ٻوليءَ مان ٿيندو آهي. ٻوليءَ جي جٽادار حالتَ، وطن جي حب سان ٽمٽار دلين لاءِ وڏو آڌت هوندي آهي. ٻوليءَ جي باري ۾ هڪ ٻئي هنڌ جويي صاحب لکيو آهي: "ٻولي آواز جو مها ساگر آهي." انهيءَ "مها ساگر" جا وهڪرا ڪيستائين وڃن ٿا، تنهن جون ڪنڊيون،

ڪنارا ۾ ٻيٽ ڪهڙا ڪهڙا آهن، تن جو انت شمارُ ڏکيو آهي. مجموعي طرح چئجي تہ ٻولي آوازن جو سرشتو آهي يا آوازن جي اهڙي سنوَت يا ترتيب آهي، جيڪا ڪا معنيٰ پيدا ڪندي آهي: يا آوازن جي انهيءَ ترتيب سان، انساني ذهن ۾ ڪو سمجھ پريو تصور پيدا ڪندي آهي. هِتي "انساني ذهن" جو اصطلاح آيو انهيءَ ڪري جو انسانُ پنهنجي ذهن وسيلي ئي ٻوليءَ جو اهڙو معنادار ۽ سمجھ پريو سرشتو پيدا ڪري سگھيو آهي. ايئن بہ آهي تہ ٻيا ساهوارا جانور ۽ پکي وغيره پنهنجن مخصوص ڪُوڪن يا ڪُوڪراٽن، سَر سر توٽي سَرڙاٽن وسيلي هڪ طرح ڀالهائين ٿا، پر اهڙي سرگرمي ڪنهن سَنوريل ترتيب يا نظام جي صورت ۾ ناهي، جيڪا ڪارگر هجي، جنهن ڪي ترقي ونڀائي بہ سگھجي ۽ سِکي سيکاري بہ سگھجي. اهڙيون ڪُوڪُون يا سڏ رڳو جبلتن جي پورائي لاءِ هڪ علامتي بنياد رکن ٿا. انهيءَ ڪري جو وٽن شعور نہ آهي. شعور جي معنا آهي تہ تصور ڪرڻ جي سگھ، پنهنجي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ گھربل جُھد، هڪٻئي جي مدد ڪرڻ، خواهش ڪرڻ، امنگ ڪرڻ، پنهنجي ۽ ٻين جي ٻُري ڀلي جي پروڙ ۽ پُرجھ رکڻ، هڪٻئي جو ضروري طرح ساٿ ڏيڻ، هڪٻئي سان بهتر ورتاءُ رکڻ وغيره. اهڙو شعور رڳو ئي رڳو انسان جو اثاثو آهي: ۽ انهيءَ شعور ٻولي پيدا ڪئي آهي ۽ هاڻي شعور پنهنجين گھڻي ياڳي صورتن کي ٻوليءَ وسيلي اظهاري ٿو. ٻوليءَ ۾ ٻولُ آهي. هڪ ٻول اکر ۽ سُر جو مجموعو آهي. اِهي اکر ۽ سُر يا اکرن تي اعرابون، ملي هڪ لفظ کي خلقين ٿا ۽ لفظَ هڪ خاص ترتيب ۾ پوئجي جملو بڌجن ٿا ۽ جملو معنيٰ ڏئي ٿو. ايئن جملن جي ڏي وٺ ڀالھ ٻولھ کي پيدا ڪري ٿي. ڀالھ ٻولھ ۾ هر قسم جا مامرا سلجن ۽ سلجھن ٿا. ايئن سماج هلن ٿا ۽ ايئن زندگي اڳتي وڌي ٿي. ٻوليءَ ۾ دنيا ۾ جتي ڪٿي، خيالَ، ويچارَ خوابَ، رٽائون، مقصدَ، ڏک، سک ۽ تمنائون وغيره اظهارجن ٿا. انسان پنهنجي شعور جي سگھ سان هر لفظ ۾ هڪ تصور سمايو آهي يا هر تصور کي هڪ لفظ ڏنو آهي. تصور مادي شين نانوَن جو پنڌار آهي. انسان جي مادي دنيا جي چٹني پاسئين جا بہ شيءِ موجود آهي، تنهن لاءِ

انسان هڪ آوازي صورت يا علامت مقرر ڪئي آهي. ايئن انسان جڏهن به ڪو لفظ اچاري ٿو تہ هُن جي پنهنجي توڙي ٻڌندڙ يا ٻڌندڙن جي ذهن ۾ هڪ خاص شيءِ جو تصور ايري ٿو. ۽ هڪ جملو لفظن ۾ سمايل تصورن جي معنادار ترتيب جو مجموعو هوندو آهي. مادي شين کان سواءِ، انساني شعورَ غيرمادي يا تجريدي لقائن جا به نالا تخليق ڪيا آهن، تن ۾ انسان جا جذبا ۽ احساس شامل آهن ۽ مابعد الطبعياتي صورتون به شامل آهن. خوشي، غم، رحم، همدردي ۽ ڳهل وغيره انساني شعور جون داخلي صورتون آهن. تن جو ڪو مادي وجود ناهي، پر انسانُ اهڙن احساسن ۽ جذبن کي خاص سماجي حالتن ۽ وارتائن وسيلي اظهاري ۽ سمجهي ٿو. انهيءَ طرح، هولي نہ رڳو انسان جي ظاهر جي اظهار جو وسيلو آهي، پر ان جي باطن ۾ جاري عمل جو اظهار به آهي. هيءُ هڪ دلچسپ پاسو آهي تہ دنيا ۾ جيڪي ماڻهو آهن، تن پنهنجيءَ پنهنجيءَ سهولت، ماحول ۽ اوسر جي حساب سان، پنهنجي مادي دنيا جي هر ڪنهن شيءِ کي نالو ڏنو آهي ۽ تنهن سان گڏ پنهنجن احساسن توڙي جذبن لاءِ به لفظي علامتون مقرر ڪيون آهن. انهيءَ ڪري، دنيا ۾ هولين جي گوناگونيت موجود رهي آهي. انهيءَ گوناگونيت ۾ ڪنهن قدر هڪجهڙائي ۽ هم آهنگي به آهي. هولين جا پاڻ ۾ اوائلي رشتا به آهن ۽ هڪبئي تي اثر به آهن، تنهن هوندي به، ڪنهن خاص علائقي ۾ اسرندڙ هوليءَ جي تاريخي ۽ ثقافتي پسمنظر جي انفراديت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

هن ڪتاب ۾ ٻيو مضمون "هوليءَ جي تاريخ" آهي. تهذيب جي اوسر جي هڪ خاص ڏاکي تي، دنيا ۾ جتي ڪٿي، هولين کي لکڻ وسيلي محفوظ ڪرڻ جي به گهرج محسوس ٿي. جڏهن انساني سيبيتائن جو اپياس ڪجي ٿو تہ اسان کي اِها حقيقت به هٿ لڳي ٿي تہ اوائلي سيبيتائن ۾ هولين کي لکڻ جو رواج موجود هو. مثال طور سميري هولي، جيڪا اڄوڪي عراق جي اوسي پاسي ۾ ڳالهائي ويندي هئي، اُها لکت ۾ موجود هئي. تنهن کان سواءِ مصري هوليءَ جي به لکت ملي آهي. اِها پاڻ واري ڳالهه ڇٻبي جو سنڌي هوليءَ کي به دنيا جي عالمن مصري

۾ سميري سيپيتائن جي اهڙي سهيوڳي ٻولي قرار ڏنو آهي، جيڪا لکت ۾ موجود هئي. اهڙي ٻولي مهين جي دڙي جي کوٽائيءَ مان مليل سکن، مهرن ۾ ٽانون ٽپن تي موجود ملي آهي. انهيءَ ٻوليءَ کي ٻوليءَ جي وِدوانن توٽي اوائلي آثارن جي ماهرن سنڌو سيپيتائي ٻوليءَ جو سرشتو قرار ڏنو آهي. اڄوڪن ماهرن مان ڪن جو اِهو به خيال آهي ته سنڌي ٻولي ئي اوسي پاسي جي ٻولين جي ماخذ بڻي. انهن ٽن اوائلي ٻولين جي سرشتن کان سواءِ مايا ٻوليائي سرشتو ۾ چيني ٻوليائي سرشتو به قديم چيو ويو آهي. اِهي قديم ٻوليائي سرشتا پاڻ ۾ اُسريا، تن جي شبد پنڌار توٽي لکت ۾ بهتري ايندي رهي. تنهن کان سواءِ، انهن اوائلي سرشتن منجهان جيڪي ٻوليون پيدا ٿيون، اُهي به پنهنجي پنهنجي طور تي ترقيءَ ۾ اوسر جا ڏاڪا طئ ڪنديون رهيون.

ٻوليءَ جو ڳالهائڻ توٽي تنهن جو لکت ۾ اچڻُ ۽ اهڙا انساني ڪرشما آهن، جن انساني زندگيءَ کي اسرڻ ۾ گهڻي مدد ۾ سگهه ارپي. ٻوليءَ جي ايجاد کان پوءِ انساني سماج جي ترقيءَ تڪڙا مرحلا طئ ڪيا. ٻوليءَ انسان کي اها سهولت ڏني ته اُهو اظهار ڪري ته ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا نه ڪرڻ گهرجي. اهو فيصلي جو ڪليو ميدانُ انسان کي ٻوليءَ ڏنو.

سيَ هوندي، ٻوليءَ جو هر اُڇارُ پنهنجي پاڻ ۾ هڪ همه گير لقاءُ آهي. ماهر جڏهن لفظن جي اُچار تي ڳالهائين ٿا ته سچ پچ به اچرج اچيو وڃي ته رڳو هڪ جملي جي اظهارڻ لاءِ انساني نڙي، نڙيءَ جا ڳلڦڙا، ڪاکڙو، ڇپ، وات ۽ وات جا مختلف حصا، ڇپ توٽي نڪ گڏجي ڪم ڪن ٿا ۽ ايئن آوازن ۽ اچارن ۾ لهه چڙهه وسيلي مختلف تاثر پيدا ٿين ٿا. آوازن ۽ اچارن جي هن هڪ معنادار سرشتي کان دنيا جي مختلف زميني ٽڪرن ۽ خطن تي موجود انساني گروهَ هڪئي سان ابلاغ يا رابطي جو ڪم ونڻ ٿا. علامتن جي اها تنظيم انسانَ پنهنجي لاءِ هزارن ورهين جي سپيتائي سفر ۾ پيدا ڪئي آهي ۽ تنهن جي سنيال به ڪئي آهي ۽ تنهن ۾ واڌارو سڌارو به آڻيندو رهيو آهي ۽ انهيءَ ۾ پنهنجا خيال، اُڏما، احساس، ويچار ۽ رڃائون سمائي تنهن جي

تاريخي توٽي ثقافتي حيثيت ۾ اهميت کي ب۾ وڌائيندو آيو آهي. جويي صاحب جو هيءُ مضمون ٻوليءَ جي اهڙي سموري پسمنظر کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ گهٽو اهم آهي. پاڻ لکن ٿا: "ٻوليءَ ۾ ادب جي.... حيثيت ۾ . . . کارج تاريخي طور عام ميجيل آهي- اوائلي مذهبي برادرين (جيڪي جديد قومن جي وجودجڻ جون پهريون جماعت بنديون ليکجن ٿيون) جي ٻولين جي سلسلي ۾، مثلاً اُنهن جون مقدس ٻوليون: سنسڪرت، هيبريو آوستا، پالي، يوناني/لاطيني ۽ عربي وغيره ۾ اُنهن کان پوءِ يا اُنهن سان شامل ۾ همعصر ملوڪيتي يا بادشاهي نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن علائقائي حدبندين ۾ علائقائي ٻولين هر هنڌ اُنهن مذهبي برادرين ۾ سندن مقدس زبانن جي جاءِ ورتي ۽ اُهي لکيت ۾ اچڻ ۾ ماڻهن جون ادبي ۾ علمي ٻولين ٻڌجڻ شروع ٿيون: ۾ سڀ کان وڌيڪ جديد قومي جمهوري نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن قومي رياستون وجود ۾ آيون ۽ اُنهن جون قومي ٻوليون پنهنجي سڃي فڪري ۾ تخليقي معجزي سان قومن جي سڃاڻپ جا بنيادي نشان ٻڌجي پيون، جيئن اڄ اُهي آهن."

يعني قومي ٻولين جو سمورو فڪري ۾ تخليقي ڪم ئي ڪنهن قوم جي سڃاڻپ جي بنيادي اهڃاڻن کي طئ ڪندو آهي. هونءَ ب۾ بابا سائين محمد ابراهيم جويو اها ڳالهه چوندو ۽ لکندو پئي رهيو هو ت۾ هڪ قوم جي ثابتيءَ جا ب۾ اهم اهڃاڻ آهن، هڪُ: گڏجي رهندڙ ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد وٽ پنهنجي الڳ جاگرافي يا طئ ٿيل تاريخي علائقو هجي؛ ۽ ٻيو: وٽن پنهنجي الڳ ٻولي هجي. اِهي ب۾ عنصر هڪ قوم جي جوڙجڪ ۾ بنيادي حيثيت رکندڙ آهن. تن کان پوءِ ئي ٻيا عنصر اهم ڳڻيا وڃن ٿا. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوب شڪ ناهي ت۾ ٻولي دنيا ۾ هر هڪ قوم جي سڃاڻپ جو مُهڙيون اهڃاڻ آهي. ڪو ماڻهو جڏهن ڳالهائيندو آهي ت۾ ٻين ماڻهن کي اِها ڄاڻ ملندي آهي ت۾ سندس تعلق ڪهڙيءَ قوم سان آهي.

جڏهن اسين "قوم" لفظ اچاريون ٿا ت۾ اسان جي ذهن ۾ ماڻهو ايندا آهن، جيڪي هڪ خاص خطي ۾ رهندا آهن، ڪا خاص ٻولي

ڳالهائيندا آهن. تن جو رهڻ ڪرڻُ گڏ هوندو آهي. رسم رواج هڪجهڙا هوندا آهن. تن جي خاص پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب هوندي آهي. "قوم" ۾ شامل "ماڻهو" هڪئي سان رابطي ۾ ايندا آهن. جنهن کي سماجي بين العمل يا لهه وچڑ چئبو آهي. اهڙو گڏيل سماجي عملُ گهڻن ئي ڪمن ڪارين ۾ ورهايلَ هوندو آهي. ڪي ماڻهو هارپو ڪندا آهن. ڪي ماڻهو مزدوري ڪندا آهن. ڪي ماڻهو ملازمتون ته ڪي واپار ۽ ڏنڏو ڪاروبار ڪندا آهن. تنهن کان سواءِ، تن ماڻهن جا گڏيل ڏينهَن، رسم رواج هوندا آهن. جن ۾ اُهي سڀ شريڪ ٿيندا آهن. ڪنهن سماج ۾ فردي، گروهي ۽ اجتماعي عملَ هڪ ٻوليءَ جي موجودگيءَ کان سواءِ ناممڪن آهن. سمورو سماجي وهنوار ٻوليءَ ۾ ئي ٿيندو آهي. تنهن کان سواءِ سماج جو ڪوبه ڪم نه اُڪلائي سگهبو.

هيئن به آهي ته ڪنهن سماج ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون ويندیون آهن. دنيا ۾ اهڙا سماج به آهن. تنهن هوندي به، انهيءَ سماج جي ڪا اصلوڪي ٻولي هوندي، جنهن کي ميتا ڏنل هوندي. اصل ۾ گهڻين ٻولين واري سماجي لقاءَ تي سوچبو ته انهيءَ نقطي تي وڃي رسبو ته تاريخ ۾ گهڻو اڳ انهيءَ خطي ۾ ڪا هڪ ٻولي ڳالهائي ويندي هوندي، پر ڌارين جي حملن، ٻاهرين آبادیءَ جي مقامي آبادیءَ مٿان قبضي يا ڪن قدرتي ڪارڻن جي ڪري، انهيءَ خاص هنڌ تي ٻوليءَ جو فرق پيدا ٿيو هوندو. يا ايئن به هوندو ته هڪ وڏو خطو، وقت هلندي، مختلف ننڍين حصن ۾ ورهائجي ويو هوندو ۽ نتيجي ۾ ڪيترن ئي علائقن ۾ هڪ ئي ٻولي ڳالهائي ويئي هوندي. تڏهن به، دنيا ۾ جيڪي به قومون جتي به آهن، اُتي سندن ڪا هڪڙي ئي ٻولي اڪثريتي هوندي ۽ انهيءَ تي سڀ سهمت هوندا ۽ تنهن سان گڏ اقليتي ٻولين کي پڻ پنهنجا حق ماڻيل هوندا. ڪن حالتن ۾ اِهو به ڏٺو ويو آهي ته اصلوڪا ماڻهو اقليت ۾ اچي ويا آهن ۽ سندن ٻولي به. امريڪا جا ريڊ انڊين ۽ آسٽريليا جا ابارجنيز اهڙا مثال آهن.

ٻوليءَ سان گڏ ماڻهو صدين جون صديون گذارين ٿا، انهيءَ ۾ پاڻ کي اظهاريندا رهن ٿا. نتيجي ۾ ٻولي هڪ قوم جي ڏکن سکن جو

مجموعو بڌجي پوي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن قوم کان پنهنجي ٻولي کسجي ٿي ته تنهن کان اُنهيءَ جو سمورو حافظو ئي کسجي ويجي ٿو. تنهن جو اتهاس، سڀيتا، ثقافت ۽ ادب سڀڪجهه ميسارجي ويجي ٿو. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو دنيا ۾ جتي ڪٿي ٻوليءَ جي اهميت ميجيل آهي، ڇو ته هڪ قوم جي سياسي، معاشي، سماجي، علمي، ادبي ۽ داخلي معاملا ۽ نبيرا ٻولي ئي مثالن ۽ حوالن جي صورت ۾ پاڻ وٽ محفوظ رکي ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ماڻهوءَ ٻوليءَ جي گهرج کي تاريخ جي هر ڪنهن زماني ۾ محسوس ڪيو آهي ۽ انهيءَ وسيلي پنهنجو هٿ جتايو آهي.

ڪنهن زماني ۾ ماڻهو پاڻ اظهاري نه سگهندو هو ۽ اشارن ۽ مختلف بي ترتيب آوازن سان پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ يا ٻئي جي ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اڄ کان ڪي ارڙهن لک سال اڳ ٻولين جي ايجاد ٿي. گهڻن ماهرن جو اِهو به خيال آهي ته اِها ٻولي تخليق ڪرڻ جي صلاحيت ئي هئي، جنهن انسان کي ٻين جانورن کان هوريان الڳ ڪيو. مثال طور دنيا جي مشهور ڏاهي ۽ ٻوليدان نوم چومسڪيءَ پنهنجي ڪتاب "ٻولي ۽ ذهن" جي صفحي نمبر 67 ۽ 68 تي اهو لکيو آهي ته انسان جي ڳالهائڻ جي صلاحيت انوکي آهي، تنهن جو ٻين جانورن جي آوازن سان ڪو تعلق ناهي. پر انسانن جي سوچڻ جي طريقن ۾ هڪ خاص هڪجهڙائي آهي. توڙي جو سندن ٻوليون الڳ الڳ آهن.

نوم چومسڪيءَ جو اهڙو چوڻُ ارتقا جي قانون جي لحاظ کان تحقيق جوڳو ضرور آهي، پر ان امڪان ۾ قبوليت جو اُڪساءُ موجود آهي ته انسان ۾ شروع کان وٺي ڳالهائڻ جي صلاحيت موجود هوندي. انهيءَ صلاحيت کي هُن سڏاريو ۽ پنهنجي وس ڪيو هوندو. شروع ۾، هن لفظن مان جملن جوڙڻ جو مرحلو طئ ڪيو هوندو. پوءِ ڏڪهين ڳالهين ڪرڻ تي قدرت ماڻي هوندي. ايئن ٿيندي، اڄ کان ڪي هڪ يا ٻه لک سال اڳ يا انهن وچ ۾ انساني ٻولي تڏهن هڪ ساخت ۾ آئي، جڏهن انساني نسل جي دماغ جي ڏانچي ۾ تبديلي آئي هوندي. انهيءَ

اندازي جي رعايت سان، اهو چئي سگهجي ٿو تہ انسان پنهنجي ارتقا جو پنڌ هڪ پورهيي ۾ ٻيو ٻوليءَ وسيلي ئي طئ ڪيو آهي. انسان ٻوليءَ جي فائدن کي ڄاڻندي، تنهن کي پٿر، پنن ۽ هڏ جي ٺهيل شين ۾ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن کي تصويرن، علامتن ۽ پوءِ مختصر نشانين ۾ سمايو. تنهنکري، هڪ ٻوليءَ کي انساني ڪوشش جو ڪمال ٻہ ڄاڻجي. ماڻهوءَ پنهنجيءَ سهنجائيءَ لاءِ ٻوليءَ جي ساخت جوڙي.

هن حصي ۾ شامل ٽيون مضمون "سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي پسمنظر" هن پاڳي جو اهم ترين مضمون آهي، جيڪو حقيقت ۾ سراج الحق ميمڻ جي مشهور ڪتاب "سنڌي ٻولي" جو ديباچو آهي. هن مضمون ۾ سراج الحق ميمڻ ۽ جويي صاحب جي راءِ ملي، سنڌي ٻوليءَ جي ٻڌ ٻڌياد لاءِ هڪ قبولڻ جوڳو ۽ دليلن ۾ريو تصور پيش ڪري ٿي. جويي صاحب پنهنجي هن ديباچي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻڌ ٻڌياد جي باري ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون ڪيون آهن. مڙني ڳالهين جو تت هيءُ آهي تہ سنڌي ٻولي، سنڌو تهذيب جي اوائلي ٻولي آهي، جنهن کي جويي صاحب "پروٽو سنڌي" سڏيو آهي. ڪي ٻوليدان ان خيال جا ٻہ آهن تہ اڄ جي ٻولين جي گهڻائيءَ پويان ڪي پروٽو يعني بنيادي يا ماخذي ٻوليون آهن، جن منجهان ٻيون ٻوليون پيدا ٿيون، ساڳيي خيال جي پوئواريءَ ۾ جويي صاحب ٻہ ڄاڻايو آهي تہ سنڌي ٻولي پنهنجي پاڻ ۾ هڪ پروٽو يا ماخذي ٻولي آهي، جنهن منجهان ٻيون ٻوليون ڦٽي نڪتيون.

سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻڌ ٻڌياد ۽ قدامت جي حوالي کان گهڻو ڪم ٿيو آهي؛ ۽ اُهو اوسر جا ڏاڪا ٻہ طئ ڪندو رهيو آهي. گهڻي پاڳي عالمن جو خيال آهي تہ سنڌي ٻولي سنڌو سڀيتا جي اوسر سان گڏ اسري آهي. اها تهذيب مهين جي ڏڻي جي صورت ۾ ايڪائي هزار ورهيه قبل مسيح ۾ عروج تي هئي. تڏهن ٻولي نہ رڳو ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي ٻہ ويندي هئي. مهين جو ڏڙو ۽ هڙپہ جا ماڳ سنڌو سڀيتا جي عروج جا اهڃاڻ آهن. ظاهر آهي تہ انهيءَ عروج کان اڳ ٻہ هڪ

مرحلو آهي، جنهن ۾ اِهي ماڳ اسريا. تنهنڪري اِهو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي ته انهيءَ سيپيتائي سفر جي مختلف مرحلن تي سنڌي ٻولي ٻه اسري رهي هوندي ۽ سنڌو سيپيتا جي ماڻهن جي لڏپلاڻ واريءَ حالت جي ڪري اُها ڦهلي ٻه هوندي. مهين جي دڙي جي ڪوٽائيءَ مان اِها ٻولي مختلف مهرن، سڪن ۽ ٽانون تي اُڪريل ملي آهي. اِها ٻولي تصويري صورت ۾ آهي، جنهن جي پَڇت اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي. پر پاڇ يا پڇت جو اهم ڪمُ "سنڌو لکت جي پڇت" (1994ع) جي عنوان سان فنلئنڊ سان تعلق رکندڙ مشهور سنڌولاجسٽ ۽ اِندولاجسٽ آسڪو پرپولا ڪيو آهي. هن پٽاندر سنڌو لپيءَ يا مهين جي دڙي مان مليل ٻوليءَ جي مائٽي گهٽي ياڳي دراوڙي ٻولين جي خاندان سان آهي. اهڙي نتيجي تي هو مهين جي دڙي ۽ هڙپه مان مليل ڪيترين ئي نشانين کي پڙهڻ کان پوءِ پهتو آهي. آسڪو پرپولا جي اهڙي ڪم کان گهڻو اڳي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جي تعين ڪرڻ جي سلسلي ۾ گهڻو ڪم ٿي چڪو هو. ان سلسلي ۾ شروعاتي ڪمُ جرمنيءَ سان تعلق رکندڙ لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر پروفيسر ارنيسٽ ترمپ ڪيو هو. هن ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر" ڪتاب لکيو جيڪو 1886ع ۾ جنرل آف رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي 21هين جلد ۾ ڇپيو هو. اهو ڪتابُ سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪو آهي. ڊاڪٽر ترمپ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بٽياد واري نظريي جو خالق هو. هن سنڌي ٻوليءَ کي هند - آريائي ٻولين جي ڪٽنب ۾ شامل ڪيو. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تائين، سنڌ توڙي دنيا جي سطح تي عالمن اهو ئي پئي سمجهيو ۽ ڄاتو ته سنڌي ٻولي هڪ هند آريائي ٻولي آهي، جنهن جو ماخذ سنسڪرت جي هڪ پراڪرتي شڪل وراچڊ اپيرنش آهي.

هونءَ ٻوليدانن ۽ لساني ماهرن پوريءَ دنيا جي ٻولين کي مختلف گروهن ۾ ورهايو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ کي جن ٻن گروهن ۾ ڄاڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي، تن ۾ مٿي ذڪر ڪيل هند - آريائي ٻوليائي ڪٽنب کان سواءِ سامي ٻولين جو ڪٽنب ٻه شامل آهي. هند - آريائي ٻولين لاءِ اهو چيو ويو آهي ته اُهي ٻه هزار قبل مسيح ڌاري

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

پکڑجڻ شروع ٿيون هيون ۽ پکڙجي پکڙجي يورپ، ائٽلانٽڪ جي ڪناري ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي اترين ڪنارن تائين وڃي پهتيون. ٻئي پاسي سامي صفت ٻوليون عرب کان شام تائين پکڙيون. سامي ٻولين جي دائري ۾ بابل ۽ اشور جون تهذيبون ۽ اتان جون ٻوليون اچن ٿيون. جڏهن ته عربي ۽ عبراني ٻوليون انهيءَ ڪٽنب جون اهم ٻوليون ڄاڻايون پئي وڃن آهن.

ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي ڪتاب جي تعارف ۾ ڄاڻايو: "سنڌي ٻولي نج سنسڪرتي ٻولي آهي ۽ ٻين سيني ٻولين اتر هندستاني ٻولين جي پيٽ ۾ ٻاهرين اثرن کان ڪنهن قدر آزاد رهي آهي. قديم پراڪرت جي وياڪرڻ جي ماهرن پلي ئي اپيرنش لهجن (جن منجهان سنڌي ٻولي ڦٽي نڪتي) کي سيني کان گهٽ درجو ڏنو هجي. پر جيڪڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ جي سندس پينر ٻولين سان، وياڪرڻي حساب سان، پيٽ ڪريون ته اُها ڪنهن به شڪ کان سواءِ سيني کان متاهين ڏسڻ ۾ ايندي. ان جو قديم پراڪرت سان ويجهو تعلق ٿو ڏسجي." ڊاڪٽر ٽرمپ جي انهيءَ نظريي کي گهڻي وقت تائين مڃيو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي عالمن انهيءَ نظريي جي پوئواري ڪئي. جن ۾ ڪاڪو پيرومل، مرزا قليچ بيگ ۽ علامہ دائود پوٽي جا نالا اهم آهن. جن سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت مان پيدا ٿيل لهجو قرار ڏيڻ واري ڊاڪٽر ٽرمپ جي نظريي کي مڃيو. اهو سلسلو ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تائين هلندو آيو. تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ٻوليءَ جو نظريو پيش ڪيو. جنهن پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو مختصر تعارف" ۾ ڄاڻايو ته سنڌي ٻولي هڪ سامي صفت ٻولي آهي. اها ڳالهه هن آڪٽوبر 1950ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ "سنڌي ادبي ڪانفرنس" دوران پيش ڪيل مقالي ۾ ڪئي هئي. تنهن کان پوءِ هن اهو مقالو وڌيڪ سڌاري سنڌي ادبي بورڊ ياران جاري ٿيندڙ رسالي "مهراڻ" جي جلد ڇهين 1959ع ۾ ڇپايو هو. تنهن پڄاڻا هن "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" نالي ڪتاب 1962ع ۾ ڇپايو. تنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ ڄاڻايو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل

ناهي. هن راءِ گهراٽي جي ملوڪيت ۾ عربن واري زماني کي سنڌي ٻوليءَ جي اوسر وارو زمانو قرار ڏنو آهي، جنهن کان پوءِ سومرن جي دور کي هن سنڌي ٻوليءَ جو تعميري زمانو قرار ڏنو آهي. پنهنجي نظريي جي حق ۾ دليل ڏيندي ڊاڪٽر بلوچ چيو آهي ته چوٿين صدي قبل مسيح کي سنڌي ٻولين وارو زمانو سگهجي ٿو. پر تڏهن سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون ضرور موجود هيون. پر "سنڌي ٻولي، جنهن جي اسان کي علمي ڄاڻ آهي، اُها ايا ناپيد هئي." هن وڌيڪ لکيو آهي ته انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي ٻولين تي آريائي، سامي ۽ دادري ٻولين جو اثر پيو. سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي نظريي ۾ هن چئي نموني لکيو آهي: "آثار قديمہ مان مليل مواد ۽ معلومات جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي قديم ٻولي غالبن کا 'سامي' زبانن جي ست مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو." ڊاڪٽر بلوچ سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرتي ڪٽنب واري نظريي مان ڪڍيو. پر هن سنڌي ٻوليءَ کي "سامي صفت" قرار ڏنو ته اتان هڪ زبردست بحث شروع ٿيو.

ڊاڪٽر بلوچ 1959ع ۾ "مهراڻ" ۾ پنهنجو لاڳاپيل مقالو ڇپايو هو. تنهن جي جواب ۾ سراج الحق ميمڻ به مضمون لکيو هو. تنهن کان پوءِ، لڳاتار ٻن ورهين تائين سنڌي ٻوليءَ جي ٻڌ ٻڌياد تي علمي بحث مباحثو هلندو رهيو. جنهن ۾ تنهن زماني جي گهڻن ئي عالمن حصو ورتو. ايئن چئجي، تڏهن به غلط نہ ٿيندو ته علمي ۽ تحقيقي سرگرميءَ جي لحاظ کان، 1960ع کان 1970ع تائين سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻڌ ٻڌياد تي بحث جو عرصو هو. ڊاڪٽر بلوچ تنهن وقت ۾ هڪ مجيل وڏو عالم هو ۽ سراج الحق ميمڻ ڇوويهن ورهين جو نوجوان هو. اڳتي هلي ٻنهي عالمن پنهنجا پنهنجا مضمونَ ڪتابن جي صورت ۾ ڇپايا. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪو نظريو پيش ڪيو هو، تنهن جو تت مٿي پيش ٿِي چڪو. جڏهن ته سراج الحق ميمڻ پنهنجي مقالي کي ڪتابي صورت ۾ "سنڌي ٻولي" نالو ڏنو. اِهو ئي اهڙو ڪتاب آهي، جنهن کان اڳتي يا مٿي اڄ ڏينهن تائين ڪابہ ٻي ڳالهہ ٿي نہ سگهي آهي. سراج الحق ميمڻ پنهنجي انهيءَ جس جوڳي ڪم ۾ رڳو قديم

آثارن تي نہ پاڙيو. هُو هڪ پڙهيل لکيل نوجوان هو. جنهن کي انگريزي ٻوليءَ تي بہ عبور ماڻيل هو. تنهنکري، هُن دنيا ۾ رائج ٻولين جي لفظن جي جوڙجڪ جي اصولن، صرفي، نحوي ۽ صوتياتي ضابطن آوازن ۽ اُچارن جي سچاڻپ جي باري ۾ تازن نظرين ۽ خيالن کي وڏيءَ جاکوڙ ۽ ڏيان سان پڙهيو ۽ تن منجهان علمي ۽ اصولي بنياد تي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي نظريي جي تعمير ڪئي. هن سنڌي، سنسڪرت توڙي لاڳاپيل ٻين ٻولين جو پيرائتو جائزو ورتو. هُن سنڌي ٻوليءَ جي نحوي ساخت جي خصوصيتن جو امتيازُ باقاعدي پيش ڪيو. جنهن جو هڪ اشارو اڳيئي ڊاڪٽر ترمپ بہ پيش ڪري چڪو هو تہ هيءَ سنڌي زبان سنسڪرت سان لاڳاپيل ضرور نظر اچي ٿي، پر هن زبان ۾ ڪي اصلوڪيون خوبيون اهڙيون آهن، جيڪي سنسڪرت ۾ ڪونهن ۽ نہ رڳو ايترو، پر تفصيلي طرح ڏٺو وڃي تہ هن زبان جو اندروني مزاج ئي جداگاڻو ۽ انفرادي آهي. انهيءَ خال کي سراج الحق ميمڻ سوال ٻڌايو ۽ علمي بنيادن تي تنهن جو جواب پڻ ڳوليو. سنڌ جي هن فخر لائق عالم لڳاتار پنجن ورهين تائين پنهنجي مقالي تي محنت ڪئي. ڪيئي واکاڻ جوڳيون اڳيرايون ڪيون. نتيجي ۾ جيڪا ڳالهہ اڳيان آئي، اُها بلڪل نين حقيقتن تي ٻڌل هئي. اصل ۾ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ نظريو ابتو بينل هو. انهيءَ کي سراج صاحب سبتو ڪيو. جيئن جرمنيءَ جي مشهور فلسفي هيگل جي جدليات لاءِ چيو ويندو آهي تہ اُها ابتي بينل هئي، تنهن کي فلسفي کارل مارڪس سبتو ڪري بيهاريو. بلڪل انهيءَ نموني، سراج صاحب اِهو ڄاڻايو تہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي ئي قديم ٻولي آهي، اُها سنسڪرت مان نہ نڪتي آهي، پر سنسڪرت تنهن جا اثر قبول ڪيا آهن. اِها ڳالهہ هن طرح ثابت ٿي تہ سنسڪرت آرين جي ٻولي هئي. آريا مال مويشي پالينڊڙ هئا. سنسڪرت ڳالهائيندا هئا، پر اُها هڪ ڳالهائي ويندڙ ٻولي هئي، جنهن کي پنهنجي ڪابہ لپي نہ هئي. اڳتي هلي انهيءَ براهمي ٻوليءَ جي لپي اختيار ڪئي، جنهن لاءِ اِهو چيو ويو آهي تہ اُها سنڌي واپارين جي ٻولي هئي ۽ لڪت ۾ موجود هئي. هڪ سڌريل ٻولي هئي. براهمي

ٻوليءَ لاءِ اهو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي تہ اُها سنڌي ٻوليءَ جي شڪل هڪ هئي. سراج الحق ميمڻ صاحب پنهنجي علمي تحقيق مان اِهو ثابت ڪيو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نہ پر سنسڪرت سنڌي ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتي آهي. پنهنجي اهڙي دليل جي جوڙجڪ لاءِ سراج صاحب سنڌو سڀيتا جي شروعاتي زماني جو ٻوليائي تناظر ۾ جائزو ورتو آهي، جنهن مان هن ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو مرڪز سنڌ هو جيڪا پوءِ اوسي پاسي جي علائقن ۾ ڦهلي ۽ ان مان سنسڪرت سميت ڪيتريون ئي ٻيون ٻوليون پيدا ٿيون. اصل ۾ مسئلو هيءُ هو تہ ٻولين جي درجيبنديءَ لاءِ "انڊو يورپين" جو مفروضو جوڙيو ويو هو، پر يورپي ۽ هندستاني علائقن ۾ وڏو فاصلو موجود هو. تنهنڪري اها درجيبندي جڙ اڻ ٺهڪندڙ پئي لڳي. سراج الحق ميمڻ پنهنجيءَ تحقيق مان ثابت ڪيو تہ سنڌي ٻولي سنڌ جي اصلوڪي ٻولي آهي، جيڪا تاريخ جي ڏگهي سفر ۾ سنڌ جي رهواسين ئي پيدا ڪئي. هن انهيءَ ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جي ساخت ۽ لفظن جي خاص بيهڪ ۽ خصوصيتن تي ڪم ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي جداگاٽي حيثيت کي ثابت ڪيو. تنهن کان سواءِ، هن مهين جي دڙي مُهرن تي موجود ٻوليءَ جي پَڙهت جي سلسلي ۾ ڪم ڪيو. هُن ٻولين جي نشانين سان جيڪي لفظن جا اهجاڻ مقرر ڪيا، اُهي لساني اعتبار کان مستند ليکيا ويا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ جڏهن آسڪو پرپولا جي سنڌو لکت جي پڙهت جي حوالي کان ڪيل ڪم کي سراج صاحب جي ڪم سان پيڙهجي ٿو تہ ٻنهي ڪمن ۾ ڪو وڏو فرق محسوس نٿو ٿئي. سنڌي ٻوليءَ کي سامي ٻولي قرار ڏيڻ ۽ ان جي باقاعدي شروعات رڳو يارهين صديءَ کان ڄاڻائڻ واري ڈاڪٽر بلوچ واري نظريي جي انهيءَ ڪم کان پوءِ ڪابہ اهميت نہ رهي. سراج صاحب لکيو: "سنڌي قديم وقت کان نج نبار الڳ ٽلڳ، صرفي ۽ نحوي خوبين سميت اڪيچار لسانياتي خوبين سان مالامال رهندي پئي آئي آهي." ۽ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جي پيٽ ڪندي هن ڄاڻايو: "سنڌي ٻولي جيڪڏهن سنسڪرت جي لفظن جي مرهون

منت آهي ته سنسڪرت تي ته سنڌيءَ جو ان کان به وڏو قرض آهي. سنسڪرت ته هڪ طرح سان سڌي نه، پر اڻ سڌي طرح سنڌيءَ جي ڄائي آهي." تنهن کان سواءِ سراج صاحب جو ئي ڪمال آهي، جنهن سنڌو لکت جي انهن اوائلي اکرن ۽ اچارن جي نشاندهي ڪئي، جيڪي هندستاني ٻولين توڻي ٻولين جي ٻين درجيبندين ۾ موجود نه هئا. اُهي اُچار رڳو سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود هئا ۽ تن کي سنڌي ماڻهو ئي اچاري پئي سگهيا.

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد تي ڪم ڪندي پاڻ عالمن سنسڪرت ٻوليءَ جي نج پٽي تي سوال اٿاريا ته انهيءَ مان پراڪراتون يعني مختلف اوائلي يا فطري ٻولين جا لهجا پيدا ٿيا يا پاڻ سنسڪرت انهن پراڪرتن جي پيداوار آهي. جڏهن اهڙو بحث ڇڙي پيو ته سنسڪرت جي حالت گهٽي ڪمزور نظر آئي. امڪان ظاهر ڪيو ويو ته آرين جي انهيءَ ٻوليءَ کي اهو نالو به هندستانين ڏنو آهي. سنسڪرت لفظ جو مطلب آهي: "صاف ڪيل" يعني چٽبيل ڦوڪيل ٻولي. جڏهن ته پراڪرت جو مطلب آهي فطري عمل مان گذريل ٻولي. تنهنڪري، اهو پڻ چيو ويو ته آرين جي جيڪا به ٻولي هئي، پر اُها مقامي ٻولين سان رلمل ٿي پنهنجي اصل صورت وڃائي ويٺي. يعني قديم پراڪرتون ننڍي کنڊ جي مختلف علائقن جون الڳ ٻوليون هيون، جن کي سنسڪرت جنم نه ڏنو هو، پر اُهي اڳيئي موجود هيون. ڪن عالمن سنڌي ٻوليءَ کي قديم دراوڙي ٻه چيو آهي، پر ايجا اِهو دليلُ پوريءَ طرح مستند نه مڃيو ويو آهي.

اهو مڃيو ويو آهي ته سراج الحق ميمڻ جو پيش ڪيل سنڌي ٻوليءَ وارو نظريو سنڌي ٻوليءَ جو ٻچاءُ ثابت ٿيو ۽ تنهن سان گڏ اُهو بهتر ۽ اسريل مثال به ٻڌيو. سراج صاحب کي انهيءَ اهم ڪم لاءِ جن ماڻهن اتساهيو تن ۾ جويو صاحب به شامل هو. جنهن جو اظهار هن پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي" ۾ ڪيو آهي.

هن ڪتاب جي ٻئي پاڳي ۾ پڻ اهم مضمون شامل آهن، جن منجهان پهريون مضمون آهي: "سنڌيَ ٻوليءَ جو ٻچاءُ." هيءُ مضمون

سنڌي ٻوليءَ جي درست واهپي جي باري ۾ آهي. هن مضمون جو محرڪُ حيدرآباد جي ريڊيي تان هلندڙ هڪ پروگرام "جمهور جو آواز" بڻيو. تنهن ۾ هڪ ڪردار "عارب خان" هو. جيڪو ڪڇهري هلائيندڙ هوندو هو. اهو سنڌ جي جهر جهنگ ۾ ٻڌجندڙ مشهور پروگرام هو. انهيءَ ۾ جيڪا ٻولي واهپائي پئي ويئي، تنهن جي ردعمل ۾ ۽ ريڊيي جي انتظاميه جو ڏيانُ ٻوليءَ جي تز واهپي ڏانهن ڇڪڻ جي خيال کان اهو مضمون لکيو ويو. انهيءَ ۾ جويي صاحب هِن ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته ميڊيا جي اهم ذريعي وسيلي اُها ئي ٻولي واهپي ۾ آندي وڃي، جيڪا عام ماڻهو سمجهن ۽ ڳالهائين ٿا. ڇاڪاڻ ته ريڊيي جا ٻڌندڙ گهٽي پاڳي عام ماڻهو ئي آهن. هن مضمون ۾ ٻيو اهم نقطو اردو يا فارسيءَ جي ڪن خاص لفظن - خصوصي طرح ظرفن، جي عام واهپي جي باري ۾ آهي، جن جا عام مروج سنڌي لفظ موجود آهن. جويي صاحب تن جي نشاندهي ڪئي آهي. ريڊيي تان ڪهڙي ٻولي واهپائي پئي ويئي، تنهن جو نمونو ۽ جويي صاحب پنهنجي هن مضمون ۾ ڏنو آهي:

"هڪڙي ڏينهن 'عارب خان' جي واتان، سندس ٽيٽ ٻهراڙيءَ جي ڍنگ ۾ ٻڌم: 'ادوڙي! اچو ته اتحاد ڪريون. اتحاد سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا.' هاڻي، اسان جا عام ٻڌڻ وارا، جن لاءِ ئي هيءُ پروگرام ٿئي ٿو سي ڇا سمجهندا 'اتحاد' کي ۽ ڪيئن سمجهندا 'مسئلن جو حل ٿيڻ!' اُن جي بدران 'عارب خان' هيئن ۽ چئي ٿي سگهيو ته 'ادوڙي! اچو ته ٻڌي ڪيون. ٻڌيءَ سان سڀ ڳالهيون نبري ويندیون.' 17 جولاءِ 72ع تي ٻئي هڪ پروگرام ۾ هن ريڊئي تان هيئنيان لفظ ڪم ايندي ٻڌم. جيڪي سڀ جا سڀ ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجي ٻوليءَ تي بار بنجڻ کان سواءِ ٻئي ڪهڙي ڪم جا ٿي ٿي سگهيا! انهن جي جاءِ تي اسان جي ٻوليءَ ۾ اڳي ئي ڏاڍا سٺا ۽ سلوڻا لفظ پيا آهن. ڇو نه اُهي اسين ڪم آڻيون. ته جيئن ٻڌڻ وارا ٻڌن ته سمجهي ۽ سگهن!"

مضمون جي انهيءَ مرحلي تي جويي صاحب پنهنجي گهٽي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. پوءِ هن "ٻين ٻولين لفظ" ۽ تن جا سنڌيءَ ۾ متبادل لفظ ڄاڻايا آهن، هن طرح:

اگر بدران: جي، جيڪڏهن
اگرچہ: جيتوڻيڪ
ليڪن يا مگر بدران: پر
لهذا بدران: تنهن،ان، اُن ڪري
ازان سواءِ بدران: تنهن،ان، اُن، کان سواءِ
درين اثنا بدران: تنهن،ان، اُن- وچ ۾
باوجوديڪ بدران:ان هوندي بہ
بهر صورت، بهرحال بدران: ڇا بہ هجي، هر حال ۾
في الحقيقت، حقيقتاً، في الواقع بدران: سچ پچ يا سچي پچي
برعڪس، خلاف بدران: ابتڙ
مختلف بدران: ڌار ڌار، الڳ الڳ، جدا جدا
حتيٰ ڪہ بدران: تان جو
مبادا بدران: متان
بہ اين همہ بدران: تنهن،ان، اُن- هوندي بہ
چونڪہ بدران: ڇاڪاڻ تہ
بنا برين، چنانچہ بدران: انهيءَ ڪري
ورنہ بدران: نہ تہ
بہ صورت ديگر بدران: ٻيءَ صورت ۾
علحده بدران: الڳ، ڌار
علاوه: ڌار
بعد بدران: پوءِ
زير، تحت بدران: هيٺ
مقابلو بدران: ٻيٺ
محض، صرف بدران: رڳو
تاهم بدران: تہ بہ، تڏهن بہ
- وغيره، وغيره.

هوليءَ جي درست استعمال جي حوالي کان، هن مضمون ۾ رهنمائي ڪندڙ نقطا بيان ڪيل آهن، جن مان مٿي رڳو ڪي مثال

پيش ڪيا ويا. باقي نقطا اوهان پڙهندڙن جي ملاحظي لاءِ ڇڏجن ٿا. ايترو ضرور چوٽو آهي ته پنهنجي نحوي بناوت ۾ سنڌي ٻولي هڪ خاص امتياز رکي ٿي. تن منفرد خصوصيتن کي مختلف ويڪرٽي ماپن وسيلي، پيرائتي نموني هن مضمون ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جويي صاحب جو خيال آهي ته جڏهن پنهنجيءَ ٻوليءَ مان سهنجائيءَ سان گهرجون پوريون ٿي سگهن ٿيون ته پوءِ "عارب خان" جي ٿيٽ جي ڪابه گهرجي ناهي. هن وقت سنڌي ٻولي عالمي سرچ انجڻ گوگل جي تسليم ڪيل ٻولين جي درجيبنديءَ ۾ شامل آهي. پڪ سان اهو اعزاز آهي، تنهن هوندي به، ٻوليءَ جي درست واهپي جي سلسلي ۾ مسئلا اُهي ئي "عارب خان" وارا آهن.

هن ياڳي ۾ شامل ٻيو مضمون پڻ پوئين ئي مضمون جي هڪ وڌيڪ ڪڑي آهي، جنهن جو عنوان آهي: "لفظن جو واهپو." هيءُ مضمون 1955ع ۾ مهراڻ جي سرءُ واري شماري ۾ ڇپيو هو.

مٿي تز سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جي ڳالهه ٿي. پر سوال اهو به آهي ته "تز ٻولي" ڇا آهي. اصل ۾ سنڌي ادبي بورڊ ٻاران ڇپجندڙ ميگزين "مهراڻ" جي شروعاتي زماني ۾ اهڙو زبردست ۽ گهٽو سڪل بحث جاري هو. سنڌي ٻوليءَ جي نج واهپي تان ڪيئي انتهاپسند خيال به سامهون آيا، جن جي ڪري جويي صاحب هيءَ لکڻي لکي. هن واضح ڪيو ته جڏهن اسين "نج ٻولي" چئون ٿا ته انهيءَ جو مطلب ڇا آهي. جويو صاحب بورڊ جو سيڪريٽري به هو ۽ مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر به. ورهاڱي کان پوءِ شعوري طرح اِها ڪوشش ٿي رهي هئي ته پنهنجيءَ سنڌي ٻوليءَ جي نج واهپي تي ڌيان ڏجي، ۽ پنهنجين لکڻين توڙي نصاب ۾ تنهن کي پنهنجي اصليت سان جائتو ڪجي. تڏهن سنڌي ٻولي ته پاسائين گهيري ۾ هئي. هڪ پاسي فارسي ٻولي هئي، جيڪا انگريزن جي اچڻ تائين سنڌ جي سرڪاري ٻولي هئي ۽ تنهن کان اڳ وارن زمانن ۾ به اُها سرڪاري ٻولي رهندي پئي آئي هئي. فارسي ٻوليءَ جو ادبي اثر اُسريل هو. ٻيو گهيرو اردو ٻوليءَ جو هو جيڪا ملڪ نهڙ کان ئي قومي ٻولي طور مڃهي ويئي هئي. ٽئين پاسي

انگريزي ٻولي هئي، جيڪا گورن حڪمرانن جي باقيات هئي. انهن ٿنهي ٻولين وچان سنڌي ٻوليءَ جي نج پٽي کي قائم رکڻو هو. اهو هڪ اهم ۽ لازمي ڪم هو جيڪو اُڪلائڻو هو. سنڌي ٻوليءَ جي تز واهپي جي مهم ۾ سنڌي اديب شامل ٿيا. عام روش اها هئي ته ڪنهن به اديب اردو، فارسيءَ يا هندي ٻولين مان هڪ لفظ واهپي ۾ آندو پئي ته هڪدم تنقيد جو طوفان کڙو پئي ٿيو. انهيءَ ڳالهه کي سمجهندي، جويي صاحب ڄاڻايو ته سنڌي ٻوليءَ جي درست واهپي جو مطلب اهو به ناهي ته سنڌي ٻوليءَ مان ڏارين ٻولين جا سڀ لفظ ڪيڏي ڇڏجن. جيڪي عام ٿي چڪا آهن ۽ عام ماڻهن کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچن ٿا ۽ انهن بدران اُهي لفظ ڪتب آڻجن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جا ته آهن، پر متروڪ ٿي چڪا آهن ۽ عام ماڻهن جي ڳالهائڻ ۾ نه آهن. جويو صاحب ٻوليءَ جي جديد اصولن کان واقف هو. تنهنڪري، هن اها ڳالهه چٽي ڪئي ته ٻوليون هڪبئي کي لفظ ڏيندیون ۽ وٺنديون آهن. اهو ٻولين جو مزاج آهي. ٻوليون متحرڪ ۽ تبديل ٿيندڙ حقيقتون آهن. وقت ۽ حالتن پٽاندر تن ۾ لفظ شامل يا داخل ٿيندا به رهندا آهن ۽ تن منجهان متروڪ به ٿيندا رهندا آهن. اُهي ئي ٻوليون پڪڙجي وشال ٿيندیون آهن، جن ۾ جذب ڪرڻ جي سگهه هوندي آهي. تنهنڪري، سنڌي ٻوليءَ جي تز واهپي کي خيال ۾ رکندي، ٻوليءَ جي ڪنورتا جي ور نه چڙهجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج لفظن، جن کي عام ماڻهو سمجهن ٿا، تن کي ادب مان ڪيڏي ڇڏبو ته لکجندڙ ادب جو عام ماڻهن سان لاڳاپو ختم ٿي ويندو ۽ اُهي انهيءَ کي ڪا هي شيءِ سمجهڻ لڳندا. تنهنڪري ٻوليءَ جي واهپي جي سلسلي ۾ عقليت ۽ عمليت پسنديءَ کان ڪم وٺڻو آهي. جويي صاحب جو اهو به چوڻ آهي ته ڏارين ٻولين جي لفظن کي استعمال ڪرڻ مهل اهو خيال رکجي ته تن کي پنهنجيءَ ٻوليءَ جي ويا ڪرٽي ۽ نحوي بناوت جي نسبت سان واهپي ۾ آڻڻو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي درست واهپي جي ڏس ۾ هيءُ هڪ علمي مضمون آهي، جيڪو ٻوليءَ جي لساني، نحوي ۽ ويا ڪرٽي پهلوئن جي چيد ڪري ٿو.

ساڳيي ئي سلسلي ۾ اڳيون مضمون "سنڌي ٻوليءَ جي سکيا" آهي. هيءُ مضمون اصل ۾ تقرير آهي، جنهن کي لفظن جي صورت ڏني ويئي آهي. اِها تقرير پاڻ 1993ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جي هڪ تقريب جي موقعي تي ڪيائون. اديبن ۽ شاعرن جي اهميت جي باري ۾ پاڻ لکيائون:

"شاعرَ، سچا شاعرَ، تاريخ جا فرشتا سڏيا ويندا آهن- تاريخَ بني نوع انسان جِي ۽ پڻ قومن جِي، ۽ فرشتا اِنهيءَ ڪري، جو هو انساني فڪر ۽ جذبي جي پرورش ڪن ٿا، ۽ اِن طرح سڃيءَ انساني زندگيءَ ۽ پڻ قومي زندگيءَ کي معنيٰ ۽ معيار بخشين ٿا. سڃي سچائي، سڃي بلنديِ ۽ سڃي اُجلاڻپ انساني تمدن ۽ قومي تهذيبن جِي، اُنهن کان ملي ٿي ۽ هوئي ان سپ جا ضامن پڻ آهن."

جويو صاحب هر تقريب ۾ گهٽو سوچي ويچاري ڳالهائيندو هو. گهٽي ياڳي، هر تقريب جي نسبت سان ڪو خاص پيغام ٻڌائيندو هو. پر هيءَ تقريرَ تقريب هلندي، هڪ ٻوليءَ جي نقطي کي نظر ۾ رکندي في البديهه انداز ۾ ڪئي ويئي آهي. جويي صاحب جي صدارتي تقرير کان اڳ نالیوارا سنڌي اديب ڳالهائي ويا هئا، جن ۾ "روح رهاڻ" رسالي جو روح روان ۽ نامياروِ ڪهاڻيڪار حميد سنڌي به شامل هو. هن پنهنجيءَ تقرير ۾، وري وري لفظ "قدرون" واهپايو هو جنهن کي نظر ۾ رکي، جويي صاحبَ پنهنجي ڳالهه ٻڌي ۽ رکي. مضمون جي شروعات ۾ محسوس ڪري سگهبو ته جويي صاحبَ حميد سنڌيءَ جو احترام ڪندي، پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائيندي، اديب جي سماج ۾ ڪردار جي باري ۾ ڳالهايو آهي. تنهن کان پوءِ هن اديب جي ٻوليءَ ڏانهن ذميواريءَ جي باري ۾ ڳالهه رکي آهي. تنهن کان پوءِ هن سنڌي گرامر جي ساخت جي باري ۾ پنهنجا ويچار وندڀا آهن. اِهي ويچار ايڏا ڇڻا، پختا ۽ سونهان آهن، جو تن بابت ڪنهن تبصري جي به گنجائش به ناهي. جويو صاحبُ هڪ اعليٰ پايي جو استاد ۽ عالم هو. ڪيس اِها ڄاڻ هئي ته اديب ۽ شاعر ٻوليءَ جا محافظ هوندا آهن، جڏهن اُهي ئي پنهنجيءَ ٻوليءَ جو درست واهپو نه ڪن ته پوءِ اهو مامرو گهٽو ڳٽتيءَ جوڳو آهي.

جويي صاحب سنڌيءَ ۾ مذڪر ۽ مونث توڙي واحد ۽ جمع جي صيغي جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ويڪرڻي بناوت کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

"هِن سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه اسان سڀني کي هميشه ياد رکڻ ڪپي ته اسان جي ٻوليءَ ۾ جملي ڏهه بنيادي آواز آهن. جيڪي اسان جي الف بي جي ٻاونجاهه اکرن مان 49 صحيح اکرن تي زبر، زير ۽ پيش ۽ ٽن علت جي اکرن (الف، واءُ ۽ بي) جي عمل سان اچارجن ٿا. مثلاً: اَ آ اَو اَي، اِ اِي، اُ اُو، او اي، بلڪ نُون غُني جي ملاوت سان اُهي آواز وڌي ويهه آواز ٻڌجن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جو اُهو خاص گڻ آهي ته اُن جي گرامر جا اَڻ ئي ڳالهائڻ جا لفظ -- اسم، ضمير، صفت، ظرف، فعل، حرف جر، حرف جملو، حرف ندا ـ پنهنجين پيڇاڻين ۾ ساڪن نه هوندا آهن، پر اُنهن ويهن آوازن مان ڪنهن نه ڪنهن هڪ ۾ آوازبا آهن: ۽ اُنهن جا اُهي آواز ئي اسان جي ٻوليءَ ۾ لفظن جي اندروني تبديل، گهاڙيٽائي ڦيرو جنهن کي صرفيائي يا صرف وارو ڦيرو يا گردان ٻه چئجي ٿو اُن تبديل، ۽ سندن جنس، عدد ۽ حالتن جو صحيح ڏس يا سيڃاڻپ ڏيندڙ هجن ٿا. هڪڙي مثال طور اسم جي جنس جي ڳالهه ڪبي ته سنڌيءَ ۾ جاندارن توڙي بيجان شين جي نالن، يعني اسان وٽ سيني اسمن جون فقط ٻه جنسون، يعني جنس مذڪر ۽ جنس مونث ئي هوندیون آهن، ۽ اُنهن جي سيڃاڻپ لاءِ اسان وٽ (اسمن جي) پيڇاڻيءَ جا خاص ست آواز (نون غني سان ست ٻيا، جملي 14) آهن. جن ۾ ٽي آواز يعني اُ، اُو ۽ او عام طرح مذڪر جي جنس ۽ چار آواز آ، اَ، اِ ۽ اِي عام طرح مونث جي جنس جو ڏس ڏين ٿا."

ٻاڻ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي آوازن جي ڄاڻ ڏيڻ کان پوءِ اصل مامري ڏانهن اچن ٿا:

"هاڻي اردوءَ ۾ لفظ 'قدر' (۽ ائين 'نسل'، 'غزل'، 'عقل'، 'نظم' وغيره) مؤنث طور استعمال ٿئي ٿو ۽ ان جي عدد جمع جون صورتون هُنن وٽ 'قدرين' 'قدرون' آهن. اسان وٽ اهو لفظ پيش جي پيڇاڻيءَ (اُ جي آواز) سان 'قَدُرُ' ٿو اُچارجي ۽ اِن ڪري اِهو جنس مذڪر جي صيغي

جو لفظ آهي، ۽ جمع جي عدد ۾ پيش پچاڙيءَ بدران زبر پچاڙي (اَ) جي آواز ۾ بدلجي 'قَدُرَ' ٿيندو ۽ جمع جي حالتن لاءِ ٻيءَ صورت ۾ اُن جي 'قَدُرنِ' ٿيندي."

جيڪڏهن ڪو عام ماڻهو 'قدرَ' لفظ کي 'قدرون' اچاري ها تہ شايد ڳالهہ درگذر ٻہ ڪجي ها. پر اديب ۽ شاعر هولين جا امين ۽ امانتدار هوندا آهن. اُهي تنهن جي حفاظت ٻہ ڪندا آهن ۽ انهيءَ کي سانڍڻ سان گڏ وڌيڪ سنواري سڌاري عام ماڻهن تائين پهچائيندا آهن ۽ هوليءَ کي ايندڙ پيڑهين لاءِ ٻہ محفوظ ڪندا آهن. گهرُ، اوڙو پاڙو يا ٻاهريون ماحول، تعليمي ادارا ۽ ادبُ ڪنهن ٻہ هوليءَ جي وڌڻ جا ذريعا هوندا آهن. تن منجهان تعليمي نصاب ۽ ادبُ، هوليءَ جي معيار کي برقرار رکندا آهن. هوليءَ ۾ واڌارا سڌارا آڻيندا آهن. سنڌي هوليءَ جي معياري استعمال جي سلسلي ۾ هيءُ گهڻو اهم مضمون آهي.

اڳيون مضمون 'اسان جي مادري زبان ۽ ان جي تعليم ۾ اهميت' آهي. هيءُ مضمون پڻ هڪ لکِي پڙهيل تقرير آهي، جيڪا جويي صاحب جن 1980ع ۾ سگا جي ڪل سنڌي تعليمي ڪانفرنس ۾ پڙهي هئي. هيءُ مضمونُ 1980ع جي ڏهاڪي تائين سنڌي هوليءَ جي سياسي، قومي، سماجي ۽ تعليمي حيثيت جي ميتا لاءِ ڪيل جدوجهد جو پوتاميل آهي. مضمون ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هوليءَ سان ڪهڙو ورتاءُ رکيو ويو. اردو هوليءَ کي قومي هولي قرار ڏيئي ڪيئن ملڪ ناهيندڙ اڪاين جي هولين کي اقليتي هوليون بڻايو ويو ۽ تن کي ميسارڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي، پر اهڙيءَ ڳنڀير صورتحال ۾ سنڌ جا سڄاڻ اديب ۽ عالم ميدان ۾ ٻينل رهيا ۽ هنن پنهنجيءَ هوليءَ جي بچاءَ ۽ واڌاري تي پنهنجيون سڀ توانايون خرچ ڪيون. انهيءَ جدوجهد جي نتيجي ۾ جيڪي ڪاميابيون مليون، تن جو ٻہ ذڪر ڪيو ويو آهي، تنهن کان پوءِ اڳتي سنڌي هوليءَ لاءِ ڇا ڪرڻو آهي ـ اُها بصيرت پيش ڪئي ويئي آهي. ان لحاظ کان، جيڪو ٻہ ماڻهو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هوليءَ جي سياسي، تعليمي ۽ قومي حيثيت کي برقرار رکڻ لاءِ ڪيل جدوجهد تي جامع نموني ڄاڻڻ

گهري ٿو تنهن لاءِ هيءُ مضمون اهم آهي. مضمون جي پيڙاڻيءَ ۾ جويي صاحب هڪ ٻار لاءِ مادري ٻوليءَ جي حق ۽ تنهن جي اهميت جي باري ۾ يونيسڪو جي هڪ پڌرنامي 'تعليم ۾ مڪاني زبانن جو استعمال' مان هڪ حوالو ڏنو آهي:

" . . . ٻار لاءِ بهترين تعليمي ذريعو سندس مادري زبان آهي. بهترين تعليم شاگردن جي مادري زبان ذريعي ئي ڏيئي سگهجي ٿي . . . تعليم بهترين نموني سان مادري زبان ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي . . . پوءِ پلي ته شاگرد ٻارُ هجي يا بالغُ . . . قومي زبان مادري زبان جي جاءِ نٿي پري سگهي . . . "

هن مضمون ۾ جويو صاحب هڪ ماهر نفسياتدان وانگي ٻار جي ذهني ساخت جي چٽائي ڪري ٿو ۽ ڄاڻائي ٿو ته ٻار لاءِ پنهنجيءَ مادريءَ ٻوليءَ ۾ تعليم ڪيتري اهم آهي. تنهن کان پوءِ هو اُها صورتحال ڄاڻائي ٿو جنهن ۾ ٻار کان پنهنجيءَ مادريءَ ٻوليءَ ۾ تعليم جو حق ڇنو ويندو آهي:

"هاڻي، بلڪل اِنهيءَ پَلِ، جڏهن هن جي نازڪ ۽ نرمل دل دنيا جي نيڪيءَ ۽ گهٽگهرائي جي تَرنگ ۾ پريل آهي، ٻار کي هڪ اهڙي وايومنڊل ۾ آڻي وڌو ٿو وڃي، جيڪو هن جي مادري ٻوليءَ جو وايو منڊل نه آهي! ۽ هڪدم هو ڏسي ٿو ته نه هن کي ڪوئي سمجهي ٿو ۽ نه هو ئي ڪا ڳالهه ٿو سمجهي! هن جي ڪلاس جي ڪمري ۾ جيڪا ٻولي چالو آهي، سا هن جي ٻولي ڪانهي! ٻار کي اوچتو صدمو ٿو رسي- ڏاريائپ جو صدمو ۽ هو سڄو نراسائيءَ ۾ ويڙهجي ٿو وڃي. هن جي ٻولي، جيڪا هن لاءِ هن جو گهر هئي، ۽ اُن پَلَ تائين سڄي هن جي زندگي هئي، اُها هن جي اسڪول ۾ هن جي ڪنهن ڪِر ڪانه ٿي اچي. نتيجي ۾، هو اُن پنهنجي نئينءَ دنيا کان هميشه لاءِ، ذهني طور، جذباتي طور، ڪٽجي ٿو وڃي، ۽ هن جي من ۾ اڪيلائپ جو احساس، نِڪجي وڃڻ جو احساس، بيزاريءَ ۽ غصي جو احساس، پيدا ٿي پوي ٿو- اُن ڏاريائپ واري فضا ۾ ٻار لاءِ اهڙو ڪو خطرو به واقعي ڪونهي ته اُتي ڪو هن تي اُلر ڪندو، هن کي ڏڪ هٽندو يا اهڙو ڪو نقصان

پهچائيندو: پر سچو پچو هڪڙو خطرو هن کي اُتي آهي، ۽ اُهو اِهو آهي ته اُتي هو ڏيان تان لهي ويندو ۽ انهيءَ ڪري هن جو قدر گهٽجي ويندو ۽ هو خسيس لڳندو.“

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ لاءِ ورهاڱي کان پوءِ ڪيل جدوجهد، ماڻيل ڪاميابين، سنڌي ٻوليءَ جي وڌيڪ ترقيءَ جي اپائن ۽ مادريءَ جي ٻوليءَ جي اهميت کي ڄاڻائڻ کان پوءِ جويو صاحب هيءُ مضمون هڪ غير معمولي جملي تي ختم ڪري ٿو:

”تعليم جي سڄي ناڪامي بنيادي طرح ٻوليءَ جي ناڪامي آهي ۽ هر صاحب علم شخص لازمي طرح ٻوليءَ جو صاحب آهي.“

اڳيون مضمون آهي: ”اسان جي مادري زبان ۾ ان جي تعليم ۾ اهميت.“ هيءُ مضمون جويي صاحب جي علم، تعليمي تجربي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي. هن ۾ ٻولي ۽ تعليم جو تعلق بنهه سليس ۽ سهنجي انداز ۾ سمجهايل آهي. ڄاڻايو ويو آهي ته دنيا ۾ جتي به اسڪولن، ڪاليجن يا يونيورسٽين ۾ اصلوڪي مادري ٻولي نه ٿي پڙهائي وڃي ته اُها هڪ خاص حالت آهي، جنهن جو مطلب آهي ته اُنهيءَ سماج، ملڪ يا قوم جا ماڻهو ڪن ڏارين جي غلاميءَ هيٺ آهن. جيڪڏهن اُهي حال ۾ محڪوم ناهن ته گذريل ڪنهن زماني ۾ ضرور غلام رهيا هوندا ۽ ڏارين حڪمرانن جي ڏاري ٻولي وٽن گذريل ويل غلاميءَ جي باقيات طور موجود آهي، يا مٿن جبر جي حڪمراني مڙهيل آهي. جويي صاحب مادري ٻوليءَ جي پوئتي رهڻ جو اِهو ئي ڪارڻ ڄاڻايو آهي. جڏهن هڪ حڪمران پنهنجي ٻولي ڪن محڪومن يا مفتوحن مٿان مڙهيندو آهي ته اُهو هڪ ئي وقت گهڻا فائدا ماڻي رهيو هوندو آهي. هڪ: هو پنهنجيءَ ٻوليءَ کي تعليمي نظام ۾ رائج ڪندو آهي. نصاب ۾ مقامي ماڻهن جي تاريخ، ثقافت ۽ سورمن توڙي عظيم شخصيتن بدران پنهنجيءَ تاريخ، ثقافت ۽ شخصيتن جا سبق داخل ڪندو آهي، جيڪي محڪومن کي علم پرائڻ جي نالي ۾ پڙهڻا پوندا آهن. اهڙيءَ ريت، اُهي محڪوم پنهنجي حقيقي تاريخي ۽ ثقافتي پسمنظر کان اوپرا ٿي ويندا آهن. ٻيو: ڏاري

ٻوليءَ ۾ تعليم پرائمري جي ڪري، محڪوم پنهنجيءَ ٻوليءَ کان پريرا ۽ هوريان هوريان اوپرا ٿي ويندا آهن. ايئن ٿيندي ٿيندي، هڪ ڏينهن کائنئن اها ڳالهه وسري ويندي آهي ته اُهي اصل ۾ ڪير هئا. جويي صاحب هن مضمون ۾ ڄاڻايو آهي ته ڪنهن قوم جي قومي، ثقافتي ۽ سماجي سڃاڻپ سماجي زندگيءَ جي سمورن مامرن ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ جي واهپي ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ تعليم پرائمري جهڙي ڪارائتي عمل وسيلي ئي برقرار رهي سگهي ٿي. جويي صاحب ورهاڱي کان اڳ، سنڌ ۾ انگريز سامراج جي رائج ڪيل تعليمي نظام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت تي عالماڻي نموني روشني وڌي آهي.

هن مضمون کان پوءِ، هن ڪتاب ۾، جيڪو مضمون شامل آهي، اُهو پنهنجيءَ نوعيت ۾ سڀ کان الڳ ۽ اهم آهي. انهيءَ موضوع تي اڄ ڏينهن تائين آڳرين تي ڳڻڻ جيترا مضمون هوندا، پر اُهي، هن مضمون وانگي، علمي ترتيب ۾ اعليٰ، سمپورن، اٿاهه سمجهه ڏيندڙ ۽ هڪ خاص ڳالهه کي پيرائتي نموني سمجهائيندڙ شايد ئي هجن. هن مضمون جو عنوان آهي: "ڪريڪيولم ڇا آهي؟"

هيءُ مضمون انهيءَ دور جو يادگار آهي، جڏهن جويي صاحب سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ جون ڏميواريون سنڀاليون هيون. هيءُ نئون ادارو هو. سنڌي ماڻهن کي انهيءَ اداري جي اهميت جي باري ۾ ٻڌائڻو هو. مضمون ڄاڻائي ٿو ته تاريخي طرح ڪريڪيولم کهڙن مرحلن مان گذريو آهي ۽ نئين زماني ۾ پاڻ کي کهڙو ڪريڪيولم گهرجي، جيڪو اسان جي اجتماعي فائدي ۾ هجي، جيڪو اسان جي وسيع تر عوامي امنگن جي نمائندگي ٻ ڪري ۽ اسان جي ذهني اوسر ٻ ڪري. اهڙن سوالن جي جواب ۾ جويي صاحب انسان جي سماجي تاريخ جو گهڻو ڳوڙهو ڇيڙ ڪيو آهي، جيڪو هر طرح هڪ عالم جي شان وڻان آهي. هيءُ مضمون پنهنجيءَ خاص علمي دائري ۾ هن ڪتاب ۾ شامل مڙني مضمون کان الڳ ۽ منفرد آهي. ٿي سگهي ٿو ته اوهان ٻ جڏهن انهيءَ کي پڙهو ته اوهان کي اهو لڳي ته انهيءَ موضوع تي، انهيءَ طريقي سان، اوهين پهريون پيرو ئي مضمون پڙهي رهيا آهيو.

مضمون جي مُنڊ ۾ "ڪريڪيولم" لفظ جي لغتي معنا کي جاچيو ويو آهي. انهيءَ پرک لاءِ جويي صاحب رڳو "ڪريڪيولم" لفظ جي لغتي معنا تي نہ پاڙيو آهي، پر انهيءَ لفظ جي ماخذ سان رجوع ڪيو آهي ۽ انهيءَ ماخذ مان جيڪي بہ ٻيا لفظ ڦٽي نڪرن ٿا، تن جي معنا کي بہ ڏنو آهي. اهڙيءَ ريت، اهڙي گهڙ پاسائين جائزي کان پوءِ هن "ڪريڪيولم" لفظ جي هڪ وشال معنا طئ ڪئي آهي، جيڪا هن طرح آهي:

"اِن سڀ تفصيل مان ڏسي ٿو سگهجي تہ هلچل، تحريڪ، ڦير گهير، وڌڻ جو رخ، رفتار، ڊوڙ جو پنو، اڳتي وڌڻ- ڊوڙ ۾ يا ريس ۾ وقت جي پڇندڙ رٽ سان سدائين ٻڌيٽ- اِهي ئي 'ڪريڪيولم' جا، يا، تعليمي زبان ۾ چئجي تہ، 'تعليم جي گس يا رستي' جي وصف جا لازمي جزا يا عنصر هئا."

"تعليم جي گس يا رستي" جي وصف جي بنياد ڳولڻ لاءِ جويي صاحبَ، هڪ طرح سان، پوريءَ انساني تاريخ کي اٿلايو پٿلايو آهي. هن "ڪريڪيولم" جي شروعات لاءِ يونان جي 600 قبل مسيح کان وٺي 400ع تائين، جي تاريخ کي چنڊيو چاڻيو آهي؛ ۽ غلامداري دور کان پوءِ جاگيرداري دورَ تنهن پڇاڻا سرمائيداري دورَ ۽ پڇاڙيءَ ۾ اشتراڪي دور دوران ڪريڪيولم جي حيثيت ۽ ڪارج کي بيان ڪيو آهي. هيءُ مضمون بيان ڪري ٿو تہ يونان جي غلامداري سماج ۾ ڪريڪيولم جو مقصد فرمانبردار شهري پيدا ڪرڻ هو. مجموعي طرح، "سٺو شهري" اهو ئي سمجهيو ويندو هو جيڪو پوريءَ طرح رياست جو تابعدار ۽ ٻانهو هجي. جڏهن تہ جاگيرداري دور ۾ "سٺو شهري" هڪ سٺو سردار، سٺو وڏيرو يا سٺو جوڌو هو. جڏهن تہ سرمائيداري دور ۾ "سٺي شهري" جو تصور "سٺي تاجر" يا "سٺي بورجوا" ٽيٺ سان جڙيل هو. تنهن کان پوءِ اشتراڪي دور ۾ ڪريڪيولم وسيلي سٺي شهريءَ کي "سٺي پورهيت" پيدا ڪرڻ سان مشروط ڪيو ويو. جويي صاحب انهيءَ خيال جي حمايت ڪندي لکيو آهي:

"اڄ جي سنڌيءَ تعليم کي 'سنو پورهيت' پيدا ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ جديد سماج جي حوالي سان 'سنو پورهيو' ئي 'سنو شهري' ۽ 'سنو انسان' ٿي سگهي ٿو. 'پورهيو عبادت آهي'- هائو پر رڳو غلام، ڪيت ڪميءَ، هاريءَ يا مزدور لاءِ ئي نہ. پورهيو سڀني لاءِ عبادت آهي ۽ سڀني کي عبادت طور پورهيو ڪرڻ گهرجي. ايئن سمجهجي تہ اُهو سڀني لاءِ فائديمند آهي ۽ ضروري آهي."

جديد سنڌي فڪر جي معمارَ جوبي صاحبَ، سنڌي شهري ۽ سنڌي پورهيت کي پيدا ڪرڻ لاءِ استاد تي وڏي ۾ وڏي ذميواري رکي آهي. هُو ئي آهي، جيڪو "تعليم جي گس يا رستي" يعني ڪريڪيولم جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. تنهن کي سمجهائي ۽ تنهن جي مقصد جو پورائو ڪري سگهي ٿو. پڇاڙيءَ ۾ هيءَ ڳالهہ ڪرٽي آهي تہ هن ڪتاب ۾، خالص نئين ۽ جديد تعليمي طريقيڪار جي تناظر ۾، هيءُ مضمون گهڻو اهم آهي، جيڪو حقيقي ۽ گهربل ڪريڪيولم جو تعين ڪري. تنهن جي اهميت کي اجاري ٿو.

انهيءَ مضمون کان پوءِ "سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جو تعليمي سرشتو" جي عنوان سان مضمون شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو ورهاڱي کان ستت پوءِ لکيل آهي، جنهن ۾ انگريز دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ورنيڪيولر حيثيت ۽ ورهاڱي جي نتيجي ۾ نئين ملڪ جي قيام کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي سرشتي مان ٻاهر ڪڍڻ جي ميرن ارادن کي وائکي ڪرڻ ۽ اهڙي ٻولي دشمن عمل جي علمي بنيادن تي مخالفت ڪرڻ جي باري ۾ آهي. برطانوي دور کان پوئتي پنج هزار قبل مسيح تائين سنڌي ٻوليءَ جو هڪ پسمنظر موجود آهي، تنهن تي ٻہ هڪ نظر وجهجي ٿي. خاص طرح، قديم زماني کان برطانوي دور تائين انهيءَ جي سفر جي ڪهاڻيءَ کي ورجائڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي لساني، صرفيات، نحويات ۽ صوتيات جي ماهرن پنهنجين لاڳاپيل لکڻين ۾ سنڌي لفظن، صوتن ۽ نحوي بناوت جي بنياد تي اِها ڳالهہ ڪئي آهي تہ سنڌي ٻولي سنڌو سڀيتا جي ئي آڳاتي ٻولي آهي. هيءَ ٻولي تاريخ جي ڪيترن ئي لاهن چاڑهن مان

گذري آهي. حملي آورن ۾ قبضيگيرن جڏهن به هن علائقي کي فتح کيو. تڏهن هنن پنهنجن سامراجي، سياسي ۽ انصرامي قاعدن قانونن سان گڏ، پنهنجي هولي به. سنڌ مٿان مڙهي. جنهن جي ڪري تاريخ ۾ سنڌي هوليءَ کي ڪڏهن به سرڪاري سرپرستي نه ملي. حڪمرانن جي هولين وچ ۾ اُها نظرانداز ٿيل حالت ۾، جهڙي تهڙي حال سان، هلندي رهي. انهيءَ ريت اُها حڪمران هولين جا اثر به قبوليندي آئي ۽ موٽ ۾ اڪثريتي آبادي جي هوليءَ جي حيثيت ۾ اُها حڪمرانن جي هولين تي به اثرانداز ٿيندي رهي. ڏاري يلغار جو اهڙو سلسلو آرين جي حملن سان شروع ٿيو ۽ اُهو ئي سنڌي هوليءَ جي ميسارجڻ جو زمانو به چيو ويو آهي. آريا ايران ۽ تنهن کان مٿاهَن علائقن وٽان هندستان ۾ ڪاهي آيا. اِهي رولاڪ ۽ اڻ سڌريل قبيلا هئا ۽ مال مويشي چاريندا ڦرندا وٽندا هئا. کين ساوَن پٽن جي ڳولا هوندي هئي، جتي اُهي پنهنجو مال چاري سگهن. 1500 قبل مسيح ۾ جڏهن اُهي سنڌو درياهه جي ڪناري تي پهتا تہ اتي سنڌو سيبتا اوج تي رسيل هئي. آريا وحشي ۽ جهنگلي هئا. تن سنڌو ڪناري شهري آبادين کي تباهہ برباد ڪيو. هنن جي تباهہ ڪيل آبادين ۾ مهين جي دڙي جي شهر کي به شامل ڄاڻايو ويو آهي. آرين جي حملي مهل مهين جو دڙو پنهنجيءَ سيبتائي ترقيءَ ۾ عروج تي هو. اُتي باقاعدي شهري نظام موجود هو جنهن کي اُتان جي ميونسپالٽي سنياليندي هئي. اُتي وڻج واپار هو ڪاروبار هو ۽ ڪيترائي هنر هئا. چيو ويو آهي تہ آرين اچڻ سان ئي شهري نظام کي تباهہ ڪيو. واپار ۽ ڪاروبار جا مرڪز ڌاهي پٽ ڪيا. هڪ اسريل تمدن کي برباد ڪري ڇڏيو. مقامي ماڻهن خاص طور ميدن يعني مهاڻن ۽ واپارين يعني وٽئن، جيڪي سنڌي ڄاڻايا ويا آهن، آرين سان چوٽون کاڌيون، جن جو ذڪر رِگ ويد ۾ به آهي. اهڙي گهڙو ويڙهہ ڪيترائي سال قائم رهي. مٽي بہ اِها ڳالهہ ٽي چڪي آهي تہ آريا جيڪا هولي ڳالهائيندا هئا، انهيءَ کي ڪابہ لپي نہ هئي. آرين جي ٻانڀڻن پوءِ براهمي هوليءَ کي اسڪرپٽ طور اختيار ڪيو ۽ آرين جون ڳالهيون لکيون. براهمي هوليءَ لاءِ شروع ۾ اِهو ڄاڻايو ويو هو تہ اُها

عبراني ٻوليءَ جو ئي نمونو هئي ۽ سنڌو سڀيتا ۾ ٻاهران داخل ٿي هئي، پر اڳتي هلي ثابت ٿيو ته براهمي ٻولي اصل ۾ سنڌو لکت جي ئي هڪ شڪل هئي. اها ثابتي آرين کان اڳ هندستان جي مختلف علائقن جهڙوڪ تامل نادو ۽ سريلنڪا ۽ ڪيرٿر جابلو پٽيءَ ۾ موجود پٿرن، پنن ۽ مٽيءَ توڙي ٻين ڏاتوئي شين تي موجود اُڪرُن مان ملي آهي.

توڙي جو سنڌو لکت اڃا تائين ڪامل نموني نه پڙهي ويئي آهي، تنهن جو ڪارڻ اِهو آهي ته انهيءَ جي تسلسل ۾ يا تنهن سان ٺهڪندڙ ڪو ٻوليائي سرشتو نه ملي سگهيو آهي. توڙي جو براهمي ۽ سنڌو لکت ۾ هڪجهڙاين کي ٻه پيٽيو ويو آهي. چوڻ جو مقصد هيءُ آهي ته سنڌو لکت جون ڪڙيون، آرين جي حملن کان پوءِ گم ٿيل ٻڌايون ويون آهن. براهمي، سنسڪرت ۽ پالي ٻولين جي چنڊچاڻ مان سنڌي ٻوليءَ جا اصلوڪا لفظ دريافت ٿيا آهن، جنهن مان اهو امڪان چٽو ٿيو آهي ته سنڌي ٻولي، سنسڪرت توڙي پالي ٻولين سان پور وڇوٽ نموني موجود رهي هئي، پر اُها جيئن ته حڪمرانن جي ٻولي نه هئي، تنهنڪري، اُها اسري نه سگهي. اڄ ٻولين جا ماهر سنڌي ٻوليءَ جي صوت، اُچار ۽ ٻول جو ڇيد ڪندي انهيءَ نتيجي تي رسيا آهن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا اچار موجود آهن، جيڪي ڪنهن به هند ـ آريائي يا هند ـ ايراني ست جي ٻولين ۾ موجود ناهن. اهڙو ذڪرُ پيرائتي نموني اڳتي ايندو. آرين جي حملي ۽ سنڌو سڀيتا کي تباهه ڪرڻ واري واقعي کان پوءِ ٻيو وڏو واقعو جنهن سنڌي ٻوليءَ تي پنهنجا گهِرا اثر ڇڏيا، اُهو عربن جي سنڌ تي ڪاهه ۽ فتح هو. سنڌي ٻولي، جيڪا اڳي سنسڪرت، پالي ۽ اهڙين ٻين ٻوليائي سرشتن جي غلبي ۾ رهي هئي، تنهن مٿان عربي ٻوليءَ جا اثر به پيا ۽ اڳتي هلي افغانين جي اچڻ جي ڪري، فارسي ٻوليءَ جا اثر به پيا. اِهي سڀ سرڪاري ٻوليون هيون، جن جي دٻاءَ هيٺ سنڌي ٻولي لڳ ڀڳ ٻن هزار ورهين تائين رهندي پئي آئي هئي. عربن جي فتح مهل به سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جون مقامي سطح تي مختلف لپيون موجود هيون. پر هوريان هوريان، عربي لپي عام ٿيندي ويئي، تنهن جا اڪر ۽ اچارَ پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾

شامل ٿيا. جيئن اڳين حڪمرانن ٻولين جا ٿيندا رهيا هئا، عربيءَ کان پوءِ فارسي سرڪاري ٻولي ٿي تہ اُنهيءَ جا ٻ ٻوليائي اثر سنڌي ٻوليءَ تي پيا. اهڙن مڙني اثرن کان پوءِ ٻ سنڌي ٻوليءَ پنهنجيون اصلوڪيون خصوصيتون ڪڍهن ٻ نہ وڃايون. انهيءَ ڪري جو تنهن جا ڳالهائيندڙ ۽ سنڌي ماڻهو. پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ کي ساڳيي نموني واهپي ۾ آڻيندا رهيا هئا. هنن حڪمرانن جي ٻولين کي پنهنجيءَ ٻوليءَ جي جاءِ نہ ڏني. ٻوليءَ جي ماهرن سنڌي ٻوليءَ جي اُڇارن، لفظن، صوتن توڙي ويا ڪرٽي صورتن ۽ گردانن ۾ امتيازي گڻ ڳولي لڌا آهن. تن مان اِهو ثابت ٿئي ٿو تہ صدين جي نظراندازيءَ ۽ دربدريءَ کان پوءِ ٻ. سنڌي ٻوليءَ پنهنجيون اصلوڪيون ۽ اوائلي خصوصيتون نہ وڃايون آهن. عربن سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ يا رسم الخط ۾ عربيءَ جا اکر شامل ڪيا. اُهي ديني تعليم جي مبلغن کي، مقامي ماڻهن سان سڌي بين العمل ڪرڻ جي مليل سهولت جي ڪري داخل ٿيا. ساڳيي نموني، فارسي حڪمرانن سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجا لفظ شامل ڪيا. ايئن آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ انگريز دور ۾ ٿوري ٿَڪي چڱائي ٿي. 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. هنن پنهنجي انتظامي ڪنٽرول کي مضبوط ۽ برقرار رکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي، محدود پئماني تي، سنڌ جي تعليمي ۽ دفتري ٻولي بڻايو ۽ اهو اصول لاڳو ڪيو تہ جيکو انگريز آفيسر سنڌ ۾ مقرر ٿيندو، تنهن کي سنڌيءَ جي امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻو پوندو. انهيءَ اصول جي ڪري، اِهو لازمي هو تہ سنڌي سيڪارڻ لاءِ ڪو قاعدو ڇاپي پڌرو ڪجي. اهڙي خيال جي پوئواريءَ ۾ سنڌيءَ جو پهريون گرامر ڪئپٽن استئڪ تيار ڪيو ۽ تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ٻ سنڌي گرامر جو قاعدو تيار ڪيو. انهن مڙني قاعدن جي تياريءَ ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ تن مڙني ٻولين کي اڳيان رکيو ويو، جن جا سنڌي ٻوليءَ تي اثر هئا. تنهن سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي صورت تي پڻ ويچاريو ويو. ڊاڪٽر ٽرمپ ٻ اِهو ڇئي جان ڇڏائي تہ سنڌي ٻولي هڪ پراڪرت آهي. پر انهيءَ ۾ ڪي اهڙيون خصوصيتون آهن، جيڪي ٻين هندستاني ٻولين ۾ ناهن. اِها هڪ

غيرمعمولي صلاحيت چئبي ته ڪا ٻولي سائين ٿي هزار سالن دوران لڳاتار ڏارين ٻولين جي گهيري ۾ رهندي به، پنهنجو امتياز برقرار رکي سگهي هجي. اها ڳالهه فخر جوڳي به آهي. توڙي جو گرامر جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائڻ جا لفظ به انگريزي ٻوليءَ جي طور طريقي تي آڏاريا ويا. تنهن هوندي به، انهن اٽن ئي ڳالهائڻ جي لفظن ۾ سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجيون خصوصيتون اڄ به ڇٽيون ۽ نشانبر آهن. انهيءَ جي فعلن جا گردان پنهنجا آهن، مذڪر مونث جا صيغا پنهنجا آهن، انهيءَ ۾ واحد جمع جا قاعدا الڳ آهي، تنهن ۾ ضميرَ، خاص طرح ضميري پيچاڻين، جي استعمال جو گُر پنهنجو آهي، صفت جي واهپي جو انداز پنهنجو آهي. هتي هيءَ ڳالهه به ڇاڪاڻ آهي ته ٻولي لپي يا رسم الخط ناهي هوندي. رسم الخط ٻوليءَ جو رڳو لباس هوندو آهي. اصل ٻولي انهيءَ جي اندر هوندي آهي. انهيءَ نموني ٻوليءَ جا لباس تبديل ٿيندا رهيا، پر لباس ۾ ٻوليءَ جو وجود ساڳيو ئي رهيو. مٿئين سموري بيان مان اها ثابت ٿي ٿئي ته ٻوليءَ جي وگيانين ۽ وِدوانن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي آڪاٽيون ۽ اصلوڪيون امتيازي خصوصيتون ڳولي لڌيون آهن، جن جي بنياد تي اِها ڳالهه چئي ويئي آهي ته اُها پراچين سنڌو سيبيتا جي ٻولي آهي.

انگريزن جو سنڌ ۾ واپاري خيال کان اچڻُ 1758ع کان ونِي شروع ٿيو. اُهو ڪلهوڙن جو دور هو. ايسٽ انڊيا ڪمپني ڏٽي ۾ واپاري ڪوٺي قائم ڪئي. مقامي حڪومت سان مختلف تجارتي معاهدن جي بنياد تي انگريز هتي ئي رهيا. ميرن جي زماني ۾ به معاهدا ٿيا. هوريان هوريان، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۽ ميرن وچ ۾ تلخيون پيدا ٿيون. ڪمپنيءَ اندروني طرح ميرن کي ڪمزور ڪرڻ شروع ڪيو. نيٺ 18 فيبروري 1843ع تي انگريزن سنڌ کي فتح ڪري، تنهن کي پنهنجي برطانوي سامراجي راج سان ملايو. چارلس نيپيئر سنڌ جو فاتح به هو ۽ پهريون گورنر به هو. انگريزن جي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي کان وڏي ۾ وڏو ڪمُ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جو طئ ۽ تيار ٿيڻ ۽ پوءِ دفتري ۽ تعليمي مقصدن لاءِ تنهن کي لاڳو ڪرڻ هو. اهڙي نموني سنڌي ٻوليءَ

جي باقاعدي لپي مروج ٿي. انهيءَ کان اڳ سنڌي هولي عربي، فارسي، ديوناگري، خواجڪي، خداآبادي، گُرمکي وغيره لپين ۾ لکي ويندي هئي. ڪوبہ خاص قاعدو قانون نہ هو جنهن کي جيئن سهولت محسوس ٿيندي هئي، انهيءَ ريت، هولي پيو لکندو هو. سرڪاري هولي فارسي هوندي هئي. مدرسن ۾ عربي ۽ فارسي هوليون پڙهايون ويندیون هيون. تنهنڪري، سنڌي هولي رڳو ڪاروباري ۽ واپاري ماڻهو پنهنجيءَ سهولت واسطي لکندا هئا ۽ عام ماڻهو اُها ڳالهائيندا هئا. تنهن کان سواءِ سنڌي هوليءَ ۾ ٿورو گهڻو مذهبي مواد بہ موجود هو. انهيءَ مواد کي پڙھ عربي ۽ فارسي هولين جي لپين آڏار لکيو ويندو هو. 1853ع ڌاري سنڌي هوليءَ کي لپي بارٽل فريئر جي ڪمشنريءَ واري زماني ۾ ملي. اهڙو بندوبست هڪ خاص انتظامي مقصد هيٺ ڪيو ويو هو. اصل ۾ انگريز سرڪار کي عوام وٽان جيڪي درخواستون ملنديون هيون، اُهي گهڻي ڀاڱي عربي فارسي گاڏڙ سنڌيءَ ۾ هوندیون هيون. تنهن کان سواءِ کين ٽپال بہ فارسيءَ ۾ ملندي هئي. اُها هندو منشي ڳچ ٽئل انداز ۾ پڙهي ٻڌائيندا هئا. انگريزن کي ماڻهن سان لاڳاپي ۾ اڇڻ توڻي سندن ڳالهہ يا مسئلي کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش پئي آئي. تنهنڪري، هنن لپي تيار ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. توڻي جو انهيءَ زماني ۾ سرڪاري هولي فارسي هئي، پر انگريزن ماڻهن جي اڪثريتي هولي سنڌيءَ کي لپيءَ ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙي فيصلي کان پوءِ بہ لپيءَ جي نموني اختيار ڪرڻ تان اختلاف موجود رهيو. تڏهن سنڌ ۾ ڪي مدرسا تہ هئا، پر سنڌي هوليءَ ۾ تعليمي سرشتو موجود نہ هو. اُها رڳو هٿ واٽيا، خوجا ۽ ميمڻ وغيره استعمال ۾ آڻيندا هئا. تنهنڪري، تن جو زور اِهو هو تہ سنڌي هوليءَ کي خداوادي لپي ڏيڻ جي منظوري ڏني وڃي. عوامي سطح تي راءِ ورهايل هئي؛ ۽ سرڪاري عملداريءَ جي سطح تي بہ سمهت پٽو موجود نہ هو. ڪئپٽن جارج استئڪ ۽ ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن وچ ۾ راءِ جو اختلاف موجود هو. استئڪ جو خيال هو تہ سنڌي هولي سنسڪرت سٽ جي هولي آهي، تنهنڪري انهيءَ کي خداوادي لپي ڏجي. انهيءَ ڏس ۾ هن هڪ لپي بہ تيار ڪئي

۾ سنسڪرتي طريقي تي لپيءَ جون مختلف نشانيون ٻه مقرر ڪيون. جڏهن ته رچرڊ برٽن جو اِهو خيال هو ته سنڌي ٻوليءَ کي عربي فارسي انداز ۾ لکڻ جو رواج پراڻن وقتن کان هلندڙ آهي. تنهن ۾ ڪي ٿوريون تبديليون ڪيون ويندیون ته ستت عمل جوڳي لپي ٺهي پوندي. سندس خداوادي يا خدا آبادي طريقي تي اعتراض اهو هو ته اُهو واپاري ماڻهن جي لکڻ جو طريقو آهي، جيڪو ڳجهو آهي ۽ اُها لکت اُهي پاڻ ئي سمجهندا آهن. رچرڊ برٽن جو اِهو ٻه خيال هو ته سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي، جنهن جون نحوي، صرفي ۽ صوتي خصوصيتون الڳ ۽ نرالیون آهن. تنهن کي هرويرو سنسڪرت ست جي ٻولين ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي لپي ڏيڻ وارو معاملو سنڌ ۾ مقرر عملدارن، بمبئي اختياريءَ، تنهن وقت تائين سنڌ جو بمبئيءَ سان الحاق ٿي چڪو هو ڏانهن روانو ڪيو. بمبئيءَ مان لاڳاپيل دفتري ڪارروائيءَ کان پوءِ لپيءَ جي حتمي منظوريءَ لاءِ ڪيئن لنڊن موڪليو ويو هو. ڪيس ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ جي سفارش ڪئي ويئي هئي، پر لنڊن مان فيصلو عربي لپيءَ جي حق ۾ آيو ۽ فيصلي تي ستت عمل جي پڻ هدايت ڪئي ويئي. اهڙيءَ ريت، بارٽل فريئر پنهنجيءَ نگرانيءَ ۾ عالمن جي ڪميٽي ويهاري سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي طريقي جي لپي تيار ڪرائي. سنڌي الفابيٽ پڌري ڪئي. اهڙي فيصلي خلاف سنڌ جي واپاري طبقي احتجاج ڪيو. تنهنڪري، شروع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ديوناگريءَ توڙي عربي - ٻنهي لپين ۾ لکيو ويو. پر سرڪاري سرپرستي وري ٻه عربي لپيءَ کي حاصل هئي. تنهنڪري، انهيءَ کي وڌيڪ زور ونايو ويو. تنهن جو هڪ ڪارڻ اهو ٻه هو ته اُهو طريقو عوامي امنگن سان ٺهڪندڙ سمجهيو ويو. تنهن زماني ۾ سنڌ ۾ تعليم جا مامرا اسسٽنٽ ڪمشنر بي. ايچ. ايلس جي هٿ ۾ هئا، هن انهيءَ مامري کي وڌيءَ هوشياريءَ سان نبيريو. اڄ جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ هڪ اچار وارا وڌيڪ اکر موجود آهن، تن تي لپي ڪميٽيءَ ويچاريو هو. عربي ٻوليءَ جي اکرن کي برقرار رکيو ويو. خيال اهو هو ته جيڪڏهن تن کي الڳ ڪبو ته سنڌي

مسلمان پنهنجا نالا درست صورتخطيءَ ۾ نہ لکي سگهندا. اضافي طرح، عربيءَ، فارسيءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اکرن کي گڏ رکڻ کان سواءِ سنڌي لپيءَ ۾ وسرڳي مامرن تي ٻڌل ويچاري تن کي طئہ ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت، اکرن پ، ٽ، ٺ، جھ، چ، گھ، ڍ، ڏ جون صورتون طئہ ڪيون ويون. وسرڳي مامرا بہ ٻن طريقن سان حل ٿيا. ھڪ: اڳ موجود يا ڄاتل وسرڳي اکرن کي ٽُبڪا ڏنا ويا، جيئن "بھ" کي "پ" ٻڌايو ويو. جڏھن تہ ٻين اکرن ۾ "ھ" جو واڌارو ڪيو ويو. جيئن: "گھ، جھ." ٻيئن وڌن بحثن مباحثن کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي لپي تيار ٿي. خاص طرح اھو دليل ڏنو ويو تہ مڙني وسرڳي لفظن کي "ھ" سان طئہ ڪجي ھا تہ سنڌي ٻوليءَ جي لکت، هندي يا اردوءَ جي لکت کي وڌيڪ ويجھي ٿي پوي ھا. انگريز دور ۾ جا سنڌي لپي مقرر ڪئي ويئي، سا اڄ ڏينهن تائين ساڳيي نموني لکجي پيئي.

تعليمي ۽ دفتري واهپي لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾، سرڪاري سطح تي، رهنمائي ڪندڙ ڪتاب ۽ لغتون تيار ڪرايون ويون. ٻئي پاسي ادبي طرح بہ ڪم ٿيو. سنڌيءَ ۾ ترجمن جو سلسلو شروع ٿيو. اصلوڪيون تخليقون، نظم توڙي نثر ۾، ٻڌ لکجڻ شروع ٿيون. ايئن هوريان هوريان، سنڌي ٻولي سگھ ماڻيندي وئي. توڙي جو لفظن جي صورتخطيءَ جي مامرا بہ موجود ھئا، پر سنڌي عالمن ۽ اديبن جي ڪوششن سان اُهي وقت سان گڏ حل ٿيندا ويا. لفظن جي صورتخطي طئہ ڪرڻ ۾ جويي صاحب جو ڪردارُ سڀ کان اڳيرو رهيو. اهڙو ذڪرُ اڳتي ايندو.

مٿي ذڪر ڪيل مضمون "سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جو تعليمي سرشتو" ۾ جويي صاحب انگريز بينڪيت جي پراڻن حربن کي واڪو ڪيو آهي. اُهي جتي بہ قبضو ڪندا ھئا، اُتي موجود مقامي ٻولين کي هڪ خاص حد تائين ترقي ڏيندا ھئا. اهڙو ڪمُ اُهي انهيءَ ڪري ڪندا ھئا تہ جيئن مقامي ماڻهن کي معمولي تعليمي سرشتي وسيلي معمولي قسم جي ملازمتن جي رعايت ڏيئي. کين اُهو بانور ڪرائجي تہ اُهي سندن ڪيترا خيرُ گُهرندڙ آهن. موت ۾، مقامي غلام ماڻهو

انگريزن جا ٿورائتا رهن ۾ اُهي پنهنجي مٿان ٿيل قبضي کي وساري، انگريزن سان پنهنجي وفاداريءَ کي برقرار رکن. جيڪي هوليون لکت ۾ نه هوندیون آهن، تن کي انگريزيءَ ۾ "ورنيڪيولر" چئبو آهي. يعني اُهي هوليون جيڪي رڳو ڳالهايون ويندیون هجن، پر لکت ۾ نه هجن. انگريزن اهڙين ورنيڪيولر هولين کي هڪ حد تائين ترقي ڏياري، قبضي هيٺ سماجن ۾ پنهنجن وفادارن جا گروهه پيدا ڪندا هئا، جيڪي انگريز سامراجي مفادن لاءِ پنهنجن ئي مقامي ماڻهن کي ڪنٽرول ڪرڻ جو ڪم ڪندا هئا. اهڙو ڪمُ انگريز سامراجي پاليسيءَ جو حصو هوندو هو.

مضمون ۾ جويي صاحب ٻڌايو آهي ته انگريز سنڌي هوليءَ کي "ورنيڪيولر" يعني "غلامن جي هولي" سمجهندا هئا. تنهنڪري، هنن سنڌ ۾ رائج تعليمي سرشتي ۾ پنهنجيءَ هوليءَ جي شان شوڪت کي هر طرح برقرار رکڻ ٿي گهريو. هنن ڪنهن به طرح سنڌي ماڻهن کي انهيءَ چوند ۾ آزاد نه ڇڏيو هو ته اُهي پوريءَ طرح پنهنجيءَ مادريءَ هوليءَ ۾ ابتدائي توڙي اعليٰ تعليم پرائين. انگريزن جو تعليمي سرشتو به واتاوَن هو. سنڌي شاگردُ اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ سدائين انهيءَ منجهيل حالت ۾ رهندو هو ته اڳتي ڪهڙي وات اختيار ڪري، هڪڙي وات پنهنجي مادريءَ هوليءَ واري هئي. انهيءَ وات تي هلي، هڪ حد تائين تعليم پرائي، ڪا معمولي نوڪري هٿ پئي ٿي ۽ بي وات انگريزي هوليءَ واري هئي، جيڪا اعليٰ تعليم تائين وٺي ويندڙ هئي ۽ ڪنهن وڏي انتظامي عهدي تي رسڻ جو رستو هئي. انگريز تعليمي سرشتي ۾ اتڪل رکيل هئي. هيءَ وات کي اختيار ڪرڻ لاءِ هڪ مرحلي تي سنڌي شاگرد کي پنهنجي هولي ڇڏڻي ٿي پئي ۽ حڪمرانن جي هوليءَ ۾ تعليم پرائڻي ٿي پئي. سنڌ ۾ انگريزن جي لاڳو ڪيل تعليمي سرشتي ۾ اها خرابي هئي، جنهن جويي صاحب کي سوچڻ تي مجبور ڪيو. انهيءَ ڪري جو اهڙي به واتائين طريقي ۾، سنڌي ماڻهن جي سوچ ۾، پنهنجي ئي ماءُ جي هولي جي اهميت ڪِري ٿي پيئي؛ ۽ هُنن ۾ حڪمرانن جي هوليءَ لاءِ چاهه ۽ محبت پيدا پئي

ٿي، جنهن سان سندن بهتر زندگيءَ ۾ حيثيت کي جوڙيو ويو هو. جويي صاحب جو چوڻ آهي ته انگريزن وڌيءَ هوشياريءَ سان تعليم جو اهڙو سرشتو ترتيب ڏنو هو. ذڪر هيٺ مضمون ۾ هڪ ارمانُ بہ آهي، احساس بہ آهي ۽ انهيءَ ۾ بيزاري بہ آهي. منجهس اهڙيءَ شدت جي پيدا ٿيڻ جو هڪ اتهاسڪ ڪارڻ بہ هو. جويو صاحب انهيءَ حقيقت کان واقف هو تہ ڪنهن وطن اندر ٻوليءَ جي حيثيت ڪهڙي هوندي آهي. ڪيس اهو بہ احساس هو تہ سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن بہ هڪ واڌائون تعليمي سرشتو نہ قائم نہ ٿي سگهيو هو. اتهاس جي هر ڪنهن زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت، پنهنجي ئي علائقي ۾ پنهنجن ئي ماڻهن ۾ ٻئي درجي واري رهي آئي هئي. سنڌ ۾ ڪڏهن بہ اهڙو سرشتو قائم نہ ٿيو هو جنهن هيٺ سنڌي ماڻهن کي ابتدائي تعليم کان اعليٰ تائين پنهنجيءَ ئي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم پرائڻ جو موقعو مليو هجي. آرين کان عربن تائين، عربن کان ٽالپرن تائين ۽ پوءِ انگريز دور تائين، سنڌي ٻولي ڪڏهن بہ، سنڌي ماڻهن جي وسيع تر آبادي‌ءَ لاءِ اڪيلو تعليم جو ذريعو نہ رهي هئي. جويي صاحب جو اِهو خواب هو تہ سنڌي ٻوليءَ کي اتهاس ۾ مڪمل تدريسي ۽ تعليمي حيثيت ملي، جنهن جي اُها حقدار آهي. دنيا جي آزاد قومن وٽ پنهنجا پنهنجا آزاداڻا ۽ ترجيحي تعليمي نظام قائم ٿيل هئا، پر سنڌي ٻوليءَ کي انگريز حڪمرانن هڪ حد تائين تعليم جو ذريعو بڻائي، غير اهم سمجهي ڇڏي ٿي ڏنو. انهيءَ مسئلي تي اچو تہ پڙهون تہ جويو صاحب ڇا ٿو چوي:

"تعليم جو بہ واڌائون سرشتو ڇا آهي؟ - اسان جا ٻار جڏهن اسڪولي عمر جا ٿين ٿا، يعني جڏهن ڇهہ سال پورا ڪري ستين سال ۾ پير ٿا پائين، تڏهن کين پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيڻو ٿو پوي. چئن سالن کان پوءِ، عمر جي يارهين سال ۾، پرائمري چئن درجن پاس ڪرڻ کان پوءِ کين هڪ بہ واٽي تي بيهي، پنهنجي آئنده تعليم لاءِ، هڪ واٽ جو انتخاب ٿو ڪرڻو پوي. هڪ واٽ کين، ٽن سالن کان پوءِ، عمر جي تيرهين سال ۾، سنڌي فائنل جي امتحان تائين پهچائي ٿي؛ ۽ پي

واٽ ڪين سيڪنڊري تعليم ۾ ان کان پوءِ، ڪاليج جي اعليٰ تعليم ڏانهن وڃي ٿي ويجي. جن پهرين واٽ ورتي، تن لاءِ سنڌي فائينل کان پوءِ، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جو انهيءَ واٽ سان، ڪوبه اڳتي رستو موجود نه آهي. سنڌ جي پرائمري اسڪول ۾ جيڪي به ٻار پڙهڻ ويون ٿا، تن مان گهٽ ۾ گهٽ 90 فيصد ٻار تعليم جي هن پهرينءَ واٽ سان لڳي، وڌيڪ تعليم کان هميشہ لاءِ محروم رهجي ٿا وڃن."

مٿي ڏنل ٽڪري مان اِها ڳالهہ ڇڳيءَ ريت محسوس ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ واري واٽ ستن درجن يعني سنڌي فائنل کان پوءِ بند ٿي پئي ويئي. جويي صاحب پٽاندر اسڪول ۾ داخل ٿيندڙ نوي سيڪڙو ٻار انهيءَ رستي جو محدود تعليمي پنڌ ڪري هڪ هنڌ بيهجي ٿي ويا. رڳو هڪ سيڪڙو سنڌي شاگرد اڳتي هوندا هئا، جيڪي ثانوي تعليم پرائمري جهڙا هوندا هئا. تن مان غريب طبقي جي ٻارن جو تعداد ايتي ۾ لوڻ برابر هوندو. رڳو سَرنديءَ وارن جا ٻار ئي انگريزن جي "شاهاڻي" ۾ مهانگي تعليمي ميدان ۾ پير پائي ٿي سگهيا. جويي صاحب جڏهن اِهو مضمون لکيو هوندو، تنهن وقت، سندس ذهن ۾ ضرور اُهي دوست ۾ ساڻي هوندا، جن سان گڏجي، هن تعليم پرائي هوندي، تن مان ڪيترن کي اڳتي تعليم پرائمري جو شوق هوندو، پر به واٽائين سرشتي جي ڪري اُهي رهجي ويا هوندا. جيڪڏهن کين سهولت ملي ها تہ اُهي پاڻ کي علم سان ڳنڍي، زندگيءَ جي حقيقي معنيٰ کان به واقف ٿين ها ۽ سماج ۾ به ڪجهہ نہ ڪجهہ محسوس ٿيندڙ يوگدان ڏئي سگهن ها. جويو صاحب اڳڻ ئي غريب شاگردن مان هڪ هو جنهن وڌيءَ جاکوڙ، محنت ۽ تعليم دوران هر امتحان ۾ سپ کان وڌيڪ مارڪن کڻڻ تي انعام طور ملندڙ سرڪاري وظيفن ملڻ جي ڪري پڙهي سگهيو هو. جيڪڏهن هُو ڪنهن به مرحلي تي گهٽ مارڪون کڻي ها تہ تعليم پرائمري کان رهجي وڃي ها ۽ سنڌ هڪ عظيم ڏاهي کان محروم ٿي وڃي ها. جويو صاحب ٻڌائيندو هو تہ مئٽرڪ جي امتحان ۾، پوري دادو ضلعي ۾ هُو ٻيو نمبر آيو هو. هو گهڻو مايوس ٿيو انهيءَ احساس کان تہ هو وڌيڪ نہ پڙهي

سگھندو. هُو پنھنجي ڏک کي دور ڪرڻ لاءِ پنھنجي منھن ٻنين ۾ ويھي ڳائيندو ھو. اِھا سندس ۽ اسان جي خوشنصيبي ھئي تہ انھيءَ سال ضلعي ۾ دادوءَ ۾ پھرئين ۽ ٻئين نمبر تي ايندڙ ٻن شاگردن کي اسڪالرشپ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. ايئن جويو صاحب پنھنجي تعليم اڳتي جاري رکي سگھيو. اندازو ڪجي تہ انھيءَ تعليمي سرشتي مان ھڪڙو محمد ابراھيم جويو نڪتو تہ ھن پنھنجيءَ عميق ڏاھپ ۽ وسيع فڪر جي سدا وھندڙ وھڪري سان پيڙھين جي ذھنن ۽ روحن کي سيراب ڪيو ۽ پنھنجي ڇڏيل ڪم جي بنياد تي اڳتي بہ ڪندو رھندو. جيڪڏھن انگريز زماني جو تعليمي سرشتو سھولت پريو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي فائدي ۾ ھجي ھا تہ اھو ڪيترائي محمد ابراھيم جويا پيدا ڪري سگھي ھا ۽ اڄ سنڌ جي صورت ئي ٻي ھجي ھا. اھڙو سمورو فائدو سنڌ کي انھيءَ ڪري نہ مليو جو انگريزن بہ واڳ ڦون سرشتو قائم ڪري، سنڌي ماڻھن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو ھو.

جويي صاحب جو ھيءُ مضمون انگريز تعليمي سرشتي جو ايڪسري آھي. ھن اڳتي ھلي اھا ڳالھ بيان ڪئي آھي تہ جڏھن سنڌي شاگرد پنھنجيءَ ٻوليءَ ۾ سنڌي فائنل ڪري نڪرندا ھئا تہ ھنن جي ڪرڻ لاءِ ڇا ھوندو ھو:

"ٽن ڇئن سالن جي نڪمي زندگي گذارڻ کان پوءِ، فائينل پاس ڪيل نوجوان لاءِ ھڪ نوڪري پرائمري اسڪول جي ماستري آھي. ھيءُ نوجوان استاد، سنڌي فائينل تائين، صحيح معنيٰ ۾ ڪھڑو ۽ ڪيترو علم حاصل ڪري چڪو ھو، تنھنجي ھرڪنھن کي خبر آھي، معمولي انگن اکرن ۽ جاگرافي، تاريخ وغيره جي چند نهايت ھاراٽين ۽ اڪثر غلط ڳالھين کان سواءِ ھن آخر ڪھڙي ڇاڻ پرائي ھئي؟ تنھن کان سواءِ، جيڪي بہ چار اکر ھو پڙھيو ھو، سي بہ ٽن ڇئن سالن جي 'واندڪائي' ۾ سندس دل گھٽي قدر ميسارجي ٽي ويا. پرائمري اسڪولن جا ھڙيءَ لياقت وارا استاد، پنھنجون اھم ترين تعليمي ذميواريون ڪيتريقدر پوريون ڪري سگھندا ھوندا، ۽ ترت

ئي پوءِ ٽريننگ ڪاليج ۾ چونڊجي وڃڻ کان پوءِ، اُتي جي اڌوگابرو تربيت مان. آخر ڪيترو فائدو حاصل ڪري سگھندا هوندا،- انهن ٻالهين کي جڏهن خيال ۾ آڻجي ٿو تڏهن ملڪ جي پرائمري اسڪولن جي تعليم جيئن پوءِ تيئن ڪِرندڙ معيار جو منطق آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي ٿو وڃي."

هيءُ مضمون جويي صاحب ورهاڱي کان پوءِ لکيو هو. تنهن وقت تائين، انهيءَ غلاماڻي ۽ تفريقي انگريز تعليمي سرشتي کي برقرار رکيو ويو هو. جويي صاحب انهيءَ مسئلي ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي ٻڌايو هو ته هاڻي انگريز هليو ويو آهي، تنهنڪري، سنڌ ۾ ابتدائي ڏاڪي کان وٺي اعليٰ تعليم جي ڏاڪي تائين سنڌي شاگردن کي پنهنجيءَ ئي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم پرائڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. هن مضمون جو نتيجو جويي صاحب هن طرح ڪڍيو آهي:

"اسان جي موجوده تعليمي سرشتي جي بنهي واٽن مان ڪاب واٽ اسان جي پڙهيل طبقي جي دلين ۾، سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي ادب لاءِ ڪاب محبت ۽ وابستگي ڪانه ٿي پيدا ڪري. سنڌي فائينل پاس ڪيل نوجوانن جي تعليم ايتري ته مختصر ۽ اٽپوري ٿي ٿئي جو اها کين سنڌي ٻوليءَ جي خوبين ۽ ان جي لافاني ادب جي عظمت سان ڪڏهن به روشناس نٿي ڪري. ثانوي ۽ اعليٰ تعليم يافته نوجوانن کي، سندن علمي ۽ ادبي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾، سندن پنهنجي سنڌي ٻولي ڪاب خاص مدد ڪانه ٿي ڪري."

اوهان رڳو هڪ ماڻهوءَ جو ويزن ڏسو! جڏهن ڪجھ به نه هو. تڏهن هُن سيکجھ لاءِ سوچيو ۽ ٻالهايو پئي. اڳتي، هلي، هُن پنهنجين سوچيل ٻالهين تي وڏيءَ حد تائين عمل به ڪيو ۽ ڪرايو. جن جو مختصر ذڪر ايندڙ صفحن تي ٿيندو. حقيقت ۾، جويي صاحب جو ذهنُ شروع کان ئي ٻوليءَ جي سياسي پهلوءَ ڏانهن هو. سنڌي ٻوليءَ کي صحيح ۽ حقيقي نموني تعليمي نظام ۾ ۽ ادارتي سطح تي رائج ڪرڻ وارو مسئلو سرڪاري پاليسيءَ سان ٻڌيل هو. تنهنڪري، انهيءَ جي نبيري لاءِ حل به سياسي گهربل هو. سنڌ ۾ جنهن جي گُهرَ سپ کان

پهريائين جويي صاحب ڪئي هئي. هُن هڏو مضمون لکي اهو تاثر ختم ڪيو ته انگريز تعليمي سرشتو بهتر هو. جويي صاحب جي پنهنجي تجربي ۽ بصيرت کي آئينو بڻائي انگريز تعليمي سرشتي جي دوغلائپ جو عڪس پَسايو ته ڪيئن نه انهيءَ نظام نه رڳو تعليم کي نقصان پئي رسايو پر تنهن سان گڏ اهو سرشتو مجموعي طرح سنڌي سماج جي اوسر ۾ به رندڪ بڻيل هو.

جويي صاحبَ سنڌي ٻوليءَ جي سڌاري لاءِ، انهيءَ مضمون جي لکڻ کان گهڻو اڳ پنهنجو ڪم شروع ڪري چڪو هو. عام طرح اِها ڳالهه جاڻائي ويندي آهي ته جويو صاحب بمبئي پڙهڻ لاءِ ويو هو ۽ 1942ع ۾ موٽي استاد طور پڙهائڻ لڳو. اِهو هڪ عمومي ۽ اڌورو بيان آهي. ڇاڪاڻ ته جويي صاحب جي بي ٿيءَ واري ڊگري انهيءَ زماني ۾ تدريس جي اسپيشلائيزيشن سمجهي ويندي هئي، جنهن ۾ استادن کي سمجهايو ويندو هو ته اسڪول جو انتظام ڪهڙيءَ ريت هلائڻو آهي. تعليمي سبق ڪيئن تيار ڪرڻا آهن. ٻولي ۽ گرامر کي ڪيئن خيال ۾ رکڻو آهي. انهيءَ ڪري تعليم جي لحاظ کان جويو صاحبُ انهيءَ زماني ۾ اعليٰ ڊگري رکندڙ ۽ سکيا ورتل استاد هو. جويي صاحب پنهنجي اهڙي تجربي جو ذڪر پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ ڪيو آهي. جيڪو سندس ڪتاب "جڙون جنين جيءَ ۾" جي صفحي نمبر 158 کان 159 تائين موجود آهي. جويي صاحب جو چوڻ آهي ته ٻوليءَ کي صحيح ۽ اصولي نموني لکڻ جي سمجهه، طريقو يا ڊگ انگريزي ٻوليءَ جي اصولن منجهان مليو. هن ٻڌايو ته لفظ: "منهنجو" الڳ الڳ ڪري "منهن جو" لکيو ويندو هو. پر ان جي صورتخطي طئ ڪئي سون ۽ ان لاءِ انگريزيءَ جي لفظ "ماءِ" کي اڳيان رکيوسون. ايئن لفظن "تنهنجو" ۽ انهيءَ سلسلي جي ٻين لفظن جي صورتخطي طئ ڪئي سون. تنهن هوندي به، پنهنجيءَ ٻوليءَ جي صحت کي به ذهن ۾ رکيو سون ۽ "هن جو" يا "ڪنهن جو" جي صورتخطي الڳ الڳ ٻيهاري سون، جيڪا انگريزيءَ ۾ گڏ آهي. بهتر آهي ته جويي صاحب جا پنهنجا لفظ هتي ڏجن:

"اسان وٽ عملي طرح سان لفظن جي اچارن لاءِ ڪافي گنجائش موجود آهي معياري بڻجڻ جي. مثال طور، حرف جملو يا حرف جر. مثال لفظ آهي: 'ڪتاب جو صفحو.' ان ۾ 'ب' ۽ 'ج' کي گڏائي 'ڪتابجو صفحو' لکيو ويندو هو . . . ان کي الڳ ڪري لکجي. انهيءَ سان گڏ 'ڪنهن جو' لفظ کي ڳنڍجي نہ. اهو اسان اصول قائم ڪيو. پوءِ اهو سوچيوسين تہ لفظ 'پنهنجو' ۽ 'تنهنجو' جو چا ڪجي! 'تنهن' ۽ 'پنهن' تہ الڳ لفظ نہ آهن. پوءِ اهو اصولي فيصلو ڪيو ويو تہ (لفظ) 'پنهنجو' ۽ 'تنهنجو' گڏ ڪجن. انهيءَ ڪري جو اُهي گرامر ۾ الڳ ناهن. ان طرح 'منهنجو' لفظ بہ آهي، پر جيڪي لفظ پنهنجيءَ معنيٰ ۽ مطلب ۾ جدا حيثيت رکن ٿا ۽ گرامر ۾ بہ نالو اٿن، تن کي ڳنڍيو وڃي ٿو تہ ٺيڪ ناهي.(مثال طور لفظ) 'جنهن جو،' 'ڪنهن جو،' 'تنهن جو . . .' ان طرح لفظ لکڻ ۾ الڳ ڪياسين. بي ٽيءَ جي ٽريننگ ۾ مون جيڪا هوليءَ جي تدريس ۾ اسپيشلائزيشن ڪئي، ان ۾ لفظن کي الڳ تحريري صورت ڏيڻ تي گهڻو زور ڏنو ويو هو."

سنڌي گرامر جي ناهڻ جي سلسلي ۾ جويي صاحب جيڪو ٻيو بنيادي ڪمُ ٻيهڪ جي نشانين کي طئ ڪرڻ هو. ٻيهڪ جي نشانين جي باري ۾ ساڳيي انٽرويوءَ ۾ جويي صاحب چيو آهي:

"ان سلسلي ۾ اسان کي خاص طرح انهيءَ زماني ۾ پنڪچوئيشن جي ضرورت بہ گهٽي محسوس ٿي. ان طرح مون سراج سان ڳالهہ ڪئي تہ هن موضوع تي مضمون لکي وٺي ۽ انگريزيءَ ۾ پنڪچوئيشن تي جيڪو مواد هو اُهي ڪتاب بہ ڏنامانس. توهان کي عجب لڳندو تہ اها پنڪچوئيشن انگريزيءَ ۾ گرامر جي جن اصولن موجب ڪم ٿي اچي، انهن ساڳين اصولن تي سنڌيءَ ۾ بہ ڪم ٿي اچي. سنڌيءَ ۾ ساڳيءَ طرح مرڪب جملا ۽ مرتب جملا بہ ٽين ٿا تہ پنڪچوئيشن جا اُهي ئي اصولَ ۽ قاعدا قانون (عمل ۾) آڻڻ ضروري هئا ۽ آندا ويا. جن لاءِ انگريزي هوليءَ کي ڏسي ڪري اسان کي خيال آيو تہ ان جي پوئواري ڪجي."

جويي صاحب، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن مان "ڪليات حمل" کي اهڙو پهريون ڪتاب قرار ڏنو آهي، جنهن جي بيهڪ جي نشانين تي وڏ ڪان وڏ محنت ڪئي ويئي.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ٿيڻ کان پوءِ جويي صاحب جي بهترين انتظامي عملن مان هڪ هيءُ به هو ته هن ادبي بورڊ مان ڪتابن ۽ رسالن جي ڇپائيءَ لاءِ نوان فونٽ ٺهرايا. ادبي بورڊ وٽ پنهنجو ڇاپخانو هو جتي ڇپائي ٿيندي هئي. تنهن زماني ۾ مونوٽائيپ جو رواج هو. ڇپائيءَ جو ڪمُ وڏي محنت گهرندو هو. هڪڙي ئي ٽائيپ جي مختلف سائيزن ۾ ڇپائي ٿيندي هئي. مونوٽائيپ ۾ رڳو سائيز ننڍي وڏي ڪري سگهبي هئي، جيئن ٻارنهن پوائنٽ، چوڏنهن پوائنٽ، سورنهن يا ارڙنهن پوائنٽ. جويي صاحب اڳيان انگريزيءَ جي ڇپائي هوندي هئي. سندس دل گُهرندي هئي ته سنڌي ٻوليءَ جي ڇپائيءَ ۾ به ورائٽي هجي. پوءِ جويي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي فونٽن ٺهرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هو ڪامياب ٿيو. تنهن زماني ۾ فونٽن کي "ٽائيپنگ فيس" چيو ويندو هو. جويي صاحب اها ڪهاڻي سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي "مهراڻ" لاءِ ڏنل هڪ پينل انٽرويوءَ ۾ ڪئي آهي، سا هن طرح آهي:

"انگريزي ٽائيپ ۾ ورائٽيءَ جي اسان کي خبر هوندي هئي، جو ڪتاب ۽ رسالا پڙهندا رهندا هئاسون. تنهن مان خواهش ٿي ته اسان جي 'سنڌي ٽائيپ' ۾ به ايتري ورائٽي هجي، جيتري انگريزي ڇپائيءَ ۾ آهي. ان ۾ هيڊنگس جيڪي اڇن ٿيون، تن ۾ رومن به آهي، اٽيلڪس به آهي؛ ۽ ٻيا مختلف قسم به آهن. مقصد هو ته تنوع هجي. ان زماني ۾ جيڪي ڪراچيءَ ۾ ٽائيپ تيار ڪرڻ جون فائونڊريز هونديون هيون، سي سنڌيءَ لاءِ روايتي قسم جي هڪ - ڪري ٽائيپ تيار ڪنديون هيون ۽ انهن کان اسان کي ورائٽيءَ جي سلسلي ۾ ڪا موٽ ڪانه ٿي ملي جو مختلف قسم جا فيس (فونٽ) تيار ڪري ميسر ڪري سگهن. ان زماني ۾ سائوٿ نيپيئر روڊ تي ڊان پريس جي ويجهو 'آگي قدم' پرنٽري هوندي هئي. ان جي گجراتي مالڪ احمد جيواجيءَ سان

واقفيت هئي، جيڪو فڪري لحاظ کان هوندو هو حاتم علويءَ جي گروپ جو ۽ حاتم علوي هوندو هو سائين جي. ايم. سيد جي گروپ جو. مون اُن سان ڳالهه ڪئي، جنهن جي مشوري سان ڪراچي ٽائيپ فائونڊريءَ سان رابطو ڪيو ويو. جن اسان سان پرپور سهڪار ڪيو ۽ پهريون پيرو اسان کي ٽائيپ جا گهربل مختلف فيس تيار ڪري ڏنا. جيڪي پرشين ۽ عربيءَ ۾ به رائج هوندا هئا. ان طرح اسان سان هن وڏا وڙ ڪيا ۽ لاڳيتو اسان سان رابطي ۾ رهندو هو. ان زماني ۾ آئون جڏهن آمريڪا ويس ته اُتي هڪ ماڻهو گڏيو. جنهن چيو ته عربيءَ ۾ ٽائيپ نئين پيو نهرايان. جيئن انگريزيءَ ۾ 'يونيفائيڊ' ٽائيپ آهي، چو ته 'ڪمپائونڊ' ٽائيپ ۾ هڪ ئي اکر جون ٽي ٽي چار چار شڪيلون ناهڻيون پون ٿيون. ان طرح مون کي به سندس خيال وٺيو ته سنڌيءَ ۾ به ايئن هجڻ گهرجي. موتي اڇڻ سان ڪراچي ٽائيپ فائونڊريءَ وارن سان ڳالهه ڪيم ۽ خواهش ڪيم ته اڳتي سنڌيءَ ۾ يونيفائيڊ ٽائيپ هجڻ گهرجي. يعني ڪمپائونڊ سنڌي لفظن ۾ هر اکر جي شڪل ساڳي ئي هئڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ دوستن سان به ڳالهه ڪيم، پر مناسب موٽ نه ملڻ جي ڪري اها رٽا اُتي بيهي رهي."

مٿئين ٽُڪري مان ڄاڻي سگهبو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ شروعاتي مختلف فونٽن جي تيار ڪرائڻ ۾ جويي صاحب جو ڪردار هو. اڄ سنڌي ٻولي ڪمپيوٽر تي اڇي وڌي آهي. ٽيڪنالاجي ترقيءَ جي اوج تي آهي. تنهنڪري، ڪيترائي سنڌي فونٽس تيار ڪيا ويا آهن، جيڪي لڳ ڀڳ چار سئو کن ٽيندا، جن جن ماڻهن اهي فونٽس ناهيا آهن، اُهي سڀ جس لهڻن ٿا. تن سنڌي ٻوليءَ کي واقعي به شاهوڪار ڪيو آهي ۽ سندن لاڳاپيل ڪم ۾ وڏيڪ اڳيرائين سان سنڌي ٻولي وڏيڪ سگهاري ٽيندي. پر مٿي جيڪو انٽرويوءَ منجهان ٽڪرو ڏنو ويو آهي، اُهو انهيءَ مقصد سان ڏنو ويو آهي ته مختلف فونٽن جي ناهڻ جو ذڪر ٿئي ته انهيءَ کي رڳو پوين ويهن يا ٽيهن ورهين سان نه ڳنڍجي. پر تنهن جي شروعات تڏهن کان ڪجي، جڏهن اڃا ڪمپيوٽر به نه آيو هو. پر سنڌيءَ ۾ نه رڳو ڪتاب ۽ رسالا ڇپيا هئا، پر تن ۾ فونٽس يا

فيسز جي ورائتي ۾ هوندي هئي. اِهو سلسلو اُتان ڳنڍيڻ گهرجي. جويي صاحب ظاهر آهي ته اِهو ڪم اهڙا ٻيا ڪيئي ڪَمَ ڪنهن به جس لاءِ نہ. پر سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجي محبت جي اظهار طور پئي ڪيا. وسيلن جي اٽاٺ هوندي به، معيار کي هٿ ڪرڻ ۾ اُهو آڇڻُ هڪ وڏو ڪم آهي. تنهنڪري، سنڌيءَ ۾ فونٽن جي تياريءَ جي سلسلي ۾ جويي صاحب جي ڪيل ڪوششن کي نہ سارڻُ هڪ علمي ناانصافي ڇئبي.

ٻئي ٻاڳي جو آخري مضمون "سنڌي ٻوليءَ جو مختصر جائزو" آهي. جيڪو پڻ 1955ع ۾ لکيو ويو آهي. هن مضمون ۾ هڪ اڻ تڻ جو اظهار به آهي. ورهاڳي کان پوءِ زور زبردستيءَ سان ڪرايل لڏپلاڻ جي ڪري، سنڌ مان لڳ ڀڳ اٺ ڏهہ لک سنڌي هندو لڏي ويا هئا، جن جي جاءِ تي هندستان جي مختلف علاقن مان مسلمان مهاجر سنڌ ۾ آيا. اهڙن مهاجرن مان لڳ ڀڳ ٽي لک مهاجر ڪچ، ڪاٺياواڙ ۽ جهونا ڳڙهہ مان لڏي آيا هئا. ڪچي ۽ ڪاٺياواڙي ٻوليون سنڌي ٻوليءَ جي لهجن طور ڳڻيون ٿي ويون. تنهنڪري، جويي صاحب جو خيال هو ته اُهي ماڻهو تاريخي طرح سنڌ سان جڙيل آهن. تنهنڪري، کين سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجائي سنڌ سان ثقافتي طرح رلمل ٿيڻ گهرجي. مسئلو هيءُ هو ته ڪچ، ڪاٺياواڙ ۽ جهونا ڳڙهہ مان لڏي آيل مهاجر اردو ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ لڳا هئا. هنن تاريخي ۽ ٻوليائي بنيادن تي سنڌ سان ڳنڍجڻ بدران پاڻ کي مهاجرن سان ڳنڍيو هو جنهن تي جويي صاحب پنهنجيءَ هرکر کي هن طرح اظهاريو آهي:

"ملڪ جي ورهاڳي کان پوءِ، اٽڪل اٺ لک سنڌي هندو سنڌ کي چڏي، هندستان ويا. ۽ اتان اٽڪل ٽي لک ڪچي، ڪاٺياواڙي ۽ جوناڳڙهي ميمڻ ۽ ٻيا جن جي مادري ٻولي (فقط ڳالهائجڻ جي حيثيت ۾) ڪچي سنڌي آهي، سنڌ ۾ لڏي آيا آهن. انهيءَ دوطرفي لڏپلاڻ، سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ کي اهم ۽ مشڪل مسئلا پيدا ڪيا آهن. جن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ اسان جو فرض آهي. ڪچ جي هڪ عوامي شاعر شري ڪاراڻيءَ، هتان کان اوڏانهن لڏي ويل سنڌين جي آجيان ۾، پنهنجي ڪچي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ گيت چيو آهي. ساڳيءَ ريت

جيڪڏهن ڪچ کان هيڏانهن لڏي آيل پنهنجن سنڌي پائرن جي هتي اسين بہ اهڙي ئي قسم جي آجيان ڪيون، ۽ ان نموني سنڌ توڙي هند جا سڀ نوان ۽ پراڻا سنڌي گڏجي پنهنجي پنهنجي منهن، پنهنجي مادري ٻوليءَ جي خدمت ۾ لڳي ويجون، تہ هوند سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ساهتيہ جو مستقبل نهايت شاندار ٿي سگهي ٿو."

مٿئين ٽڪري مان سمجهي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي عالمن توڙي عام ماڻهن جا منَ ميرا نہ هئا، پر جيڪي لڏي آيا، تن ئي پاڻ کي سنڌين کان الڳ ڪيو. نتيجي ۾، سنڌ جو وجود سدائين آبادياتي وبڇن جي مسئلن جي ور چڙهيل رهيو. مجموعي طرح، هن پاڳي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي، تدريسي، ادارتي، فني ۽ سکياڻي پاسن جا مضمون شامل آهن، جيڪي پنهنجي پاڻ ۾ سڀ جا سڀ ڪمائتا ۽ رهنمائي ڪندڙ آهن.

هن ڪتاب جو ٽيون پاڳو جويي صاحب جي هڪ اداريي سان شروع ٿئي ٿو جيڪو تڏهن لکيو ويو هو. جڏهن ون يونٽ مڙهڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. اوپر ۽ اولهہ پاڪستان جي وچ تي سياسي چڪتاڻ جاري هئي؛ ۽ خاص طرح، اوپر پاڪستان يعني بنگال جي عددي ۽ آبادياڻي اڪثريت سان مقابلي ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان (هاڻوڪي پاڪستان) جي مڙني صوبن کي ملائي ون يونٽ يعني "هڪ صوبو" بڻايو ويو. اِهو هڪ اهڙو فيصلو هو جنهن اولهہ پاڪستان ۾ شامل سنڌ سميت وفاقي اڪاين کان سندن سڃاڻپ کسي ورتي. وقت جي انهيءَ نازڪ موڙ تي جويي صاحب، وقت ۽ حالتن کي نظر ۾ رکندي، وڏيءَ گهرائيءَ سان ۽ علامتن توڙي استعارن سان پنهنجي ڳالهہ لکي. هُن هن لکيو آهي تہ هيءُ وقت آهي جڏهن سنڌين کي وڏ ۾ وڏ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي بچائڻ ڏانهن ڌيان گهرجي. انهيءَ سلسلي ۾، هن لکڻيءَ ۾ ڪي مثال بہ ڏنا ويا آهن. تنهن کان سواءِ پاڪستان جي وحدت اندر ڪثرت کي قبول ڪرڻ يعني اولهہ پاڪستان ۾ شامل صوبن جي تاريخي حيثيت کي قبول ڪرڻ وسيلي هڪ وفاقي، ايجا بہ ڪنفيڈرل، هم آهنگي پيدا ڪرڻ جو پڻ سنيهو

سمايل آهي. هن لکڻيءَ ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته ون يونٽ جي اوچتو ئي گڙڪيل صورتحال ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڏس ۾ جويي صاحب اداريي ۾ لکيو آهي: "1860ع ۾، جڏهن اتليءَ جو ملڪ، فرانس، آسٽريا، اسپين ۽ نيپلس جي گڏيل فوجن فتح ڪيو، تڏهن، اتليءَ جي هڪ لاثاني محب وطن، گئري بالڊيءَ کان پڇيو ته 'هاڻي، اتليءَ جو ڇا ٿيندو؟'- تڏهن جهٽ هن ورندي ڏني ته 'ملڪ منهنجو ويو، ته نيٺ وري پوندو: منهنجي ٻولي شل مون کان نه وڃي!' اڄ، اسان جي حالت گئري بالڊيءَ جي اتليءَ جهڙي ته نه آهي: نه اسان جو ملڪ (سنڌ) ٿو هٿان وڃي، ۽ نه اسان جي (سنڌي) ٻولي ئي ٿي اسان کان کسجي. 'ون يونٽ' اسان جي پنهنجي ملڪ جي هڪ حصي (اولهه پاڪستان) جي 'وحدت' آهي- ٻئي ڪندي، اها 'وحدت' هڪ سياسي ۽ انتظامي وحدت آهي: ۽ انهيءَ نقطه نگاهه کان مغربي پاڪستان ته ڇا پر سمورو پاڪستان، مغرب وارو توڙي مشرق وارو، هڪ ئي 'سياسي وحدت' جو درجو رکي ٿو. ائين برابر آهي ته ملڪ جي هيءَ سياسي وحدت، جيئن ٻن يونٽن جي موجودگيءَ ۾ قائم رهي سگهي ٿي، تيئن ان جي هڪ يونٽ (اولهه پاڪستان) ۾ هڪ کان وڌيڪ صوبن جي موجودگي ۾ ان کي توڙي نٿي سگهي: پر جيڪڏهن اڄوڪن ويهارو ڪن جمهوريت ناآشنا صوبن ۽ رياستن کي ملائي، انهن جو هڪ ئي نظامي مرڪز (ڪنفيڊريشن) قائم ڪيو وڃي ٿو ته ان مان آخر ڪنهن تهذيب، ڪنهن ثقافت، ڪنهن ٻوليءَ ۽ ان جي ادب کي، ڪنهن نقصان جو انديشو ڇو پيدا ٿئي؟ مغربي پاڪستان جي هن خالص 'انتظامي وحدت' جي هيءَ معنيٰ ته هرگز نه آهي ته اتي بلوچ، پٺاڻ، پنجابي ۽ سنڌي ٻولين ۽ ثقافتن جو ڪو مستقل ۽ عليحدو وجود ئي ڪونهي! ائين وسهڻ ۽ ايئن چوڻ ٿيندو جڙ سڄ جي تڙڪي کي ڪاريءَ هينان لڪائي وٽ جي دعوا ڪرڻ."

مطلب هيءُ آهي ته پاڪستان سياسي وحدت (جيڪو اُهو اڳيئي هو) "هڪ کان وڌيڪ صوبن جي موجودگيءَ (۽ سندن حقيقي حيثيت) کي مڃيو، تڏهن به، اُها وحدت (وفاق) نه ٽٽندي." هن ڳالهه مان اهو نياپو

چٽو آهي تہ ون يونٽ هروپرو بہ لاڳو ڪيو ويو آهي. پاڪستان اڳيئي هڪ سياسي وحدت آهي، تہ پوءِ مختلف تاريخي ۽ وفاقي اڪاين کي ميسارڻ جو ڪهڙو جواز آهي. تنهن کان پوءِ جويي صاحب پاڪستان لاءِ هڪ ڪنفيڊرل نظام جي تجويز ڏني آهي:

"پر جيڪڏهن اڃوڪن ويهارو ڪن جمهوريت ناآشنا صوبن ۽ رياستن کي ملائي، انهن جو هڪ ئي نظامي مرڪز قائم ڪيو وڃي ٿو، تہ ان مان آخر ڪنهن تهذيب، ڪنهن ثقافت، ڪنهن ٻوليءَ ۽ ان جي ادب کي، ڪنهن نقصان جو انديشو ڇو پيدا ٿئي؟"

يعني پاڪستان ۾ شامل سيني صوبن ۽ رياستن (ياد رهي تہ پاڪستان ٺهڻ مهل اولهہ پاڪستان ۾ سنڌ، پنجاب، سرحد - خيبرپختونخوا کان سواءِ تيرنهن نوابي رياستون، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير جو هڪ حصو بہ شامل هو.) کي ملائي هڪ نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ هر ڪنهن صوبي ۽ رياست جي تهذيب، ثقافت، ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ تحفظ يقيني ٻڌايل هجي. ملڪ جي ٻن حصن ۾ ورهائجڻ کان پوءِ بہ، جويو صاحب ملڪ لاءِ ڪنفيڊرل تصور جي ڳالهہ ڪندو رهيو هو.

ٽئين پاڻي توڙي هِن پُوري ڪتاب جو سڀ کان اهم مضمون آهي: "اولهہ پاڪستان ۾ ٻوليءَ جو مسئلو." جهڙي نموني "سنڌ بچايو - ڪنڌ بچايو" هڪ اهم بنيادي سياسي دستاويز آهي ۽ تنهن جي محڪم حيثيت مڃي ويئي آهي، تهڙي ئي نموني، هيءُ مضمون آهي. "سنڌ بچايو - ڪنڌ بچايو" سنڌ جي تاريخي حيثيت جي بحاليءَ جي حق ۾ لکيل هڪ شاهڪار ڪتاب آهي. ساڳيءَ ريت، "اولهہ پاڪستان ۾ ٻوليءَ جو مسئلو" سنڌي ٻوليءَ جي دفاع ۾ اهڙو مضمون آهي، جنهن جهڙو مثالُ نہ اڳ موجود هو ۽ نہ پوءِ ملي سگهيو آهي. هيءَ لکڻي ون يونٽ واري زماني ۾ لکي ويئي ۽ ورهاڳي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ سان سلسليوار ٽيل زيادتين جو احاطو ڪري ٿي. خاص طرح، بنگالي ٻوليءَ کي اوير پاڪستان جي ٻولي قرار ڏيڻ کان پوءِ اولهہ پاڪستان جي ڪرتن ڏرتن اردو ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ جي ارادو ڪيو

هو. انهيءَ ارادي کي ماڻ ميڙ ۾ لاڳو ڪيو پئي ويو. جنهن کي جويي صاحب بي نقاب ڪيو. هن ملڪ جي اختيارين مٿان اِها ڳالهه واضح ڪئي ته بنگالي ٻوليءَ کي اوپر پاڪستان جي قومي ٻولي قرار ڏيڻ کان پوءِ اِهو نه سمجهيو وڃي ته پوري اولهه پاڪستان ۾ هاڻي اردو ٻوليءَ کي لاڳو ڪرڻ جائز آهي يا اردو ٻولي پنهنجي پاڻ ئي پوري اولهه پاڪستان جي ٻولي بڻجي ويئي آهي. جويي صاحب اِها ڳالهه چتائڻ ڏيندي چئي آهي ته جهڙي نموني بنگال صوبي جي ٻولي بنگالي آهي ۽ اُها کين پياري آهي، تهڙيءَ ريت، سنڌ صوبي جي ٻولي سنڌي آهي، ۽ اُها سنڌي ماڻهن کي جان کان پياري آهي. جويي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ دليل ڏنا آهن ته اسان جي ٻولي هر طرح اردوءَ کان شاهوڪار آهي. هن اهو به چيو آهي ته جيڪي ماڻهو اردو ٻوليءَ کي مسلمانن جي زبان چون ٿا، تن تي اها ڳالهه واضح هجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ رڳو الڳ الڳ علمن ۽ شعبن تي ڪتاب موجود نه آهن، پر انهيءَ ۾ اسلامي مواد به اردوءَ کان جهجهو آهي. تخليقي ادب، اخبارن، رسالن توڙي ڳالهائيندڙن جي عددي اڪثريت سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت هزارن سالن تي پکڙيل آهي، جنهن جي پيٽ ۾ اردو ٻولي اڃا ڪالهه جائي آهي. تنهن کان سواءِ سنڌي ٻولي پنهنجيءَ جوڙجڪ ۾ اردو ٻوليءَ کان گهڻي شاهوڪار ۽ هڪ اصلوڪي ٻولي آهي. جڏهن به ڪنهن انگريزي اصطلاح کي اردو ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي گهرج محسوس ٿيندي آهي ته اردودان هڪدم فارسيءَ يا عربيءَ ڏانهن ڊوڙ پائيندا آهن. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ کي اهڙن اصطلاحن جي ترجمي لاءِ ڪنهن به ڌاريءَ ٻوليءَ ڏانهن واجهائڻو نه پوندو آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ وٽ لفظن جو پنهنجو ذخيرو اڻ ميو ۽ لامحدود آهي. اُها پنهنجي پورائيءَ جي سگهه ۽ صلاحيت پاڻ ۾ رکي ٿي.

هيءُ مضمون اردو ٻوليءَ جي مڙهيل ۽ ڪمزور حالت کي دليلن سان ثابت ڪري ٿو ۽ تنهن لاءِ اِهو نتيجو ڪڍي ٿو ته اُها نه قومي ٻوليءَ جي اهل ٿيڻ جوڳي آهي، ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ اردو ڳالهائيندڙ رڳو ست سيڪڙو آهن، نه ئي اُنهيءَ ۾ اهڙي صلاحيت موجود آهي جو اُها

انگريزيءَ جهڙي وسيع ۽ زرخيز ٻوليءَ جو متبادل ٿي سگهي ٿي. انگريزي ٻوليءَ جي ساخت پختي آهي. جڏهن ته اردو ٻوليءَ جو ڍانچو ٻين ٻولين جي ڏرن پرزن سان ٻڌل آهي.

هن مضمون جي ڇپجڻ کان پوءِ جويي صاحب کي بنهه گهٽي تڪليف ڏني ويئي. ڪيس سيڪريٽريءَ مان هيڊ ماستر بڻايو ويو ۽ بدلي ڪري هن کي شروع ۾ جيڪب آباد جي هڪ اسڪول ۾ هيڊ ماستر طور مقرر ڪيو ويو. تنهن کان پوءِ ڪيس پنجاب ۽ سرحد (هاڻي خيبر پختونخوا) صوبن جي مختلف شهرن ۾ مقرر ڪيو پئي ويو هو. سنڌ مان تڏجڻ واري اِها حالتَ ساڻس ون يونٽ جي خاتمي تائين برقرار رهي. انهيءَ عرصي ۾ جويو صاحب پنهنجي ڪٽنب کان الڳ رهيو. خطن وسيلي لکپڙهه ڪري پنهنجن ٻچن سان رابطي ۾ رهيو جيڪي تنهن وقت پڙهيا پئي ۽ هنن پنهنجي والد جي ڪوٽ کي شديد نموني محسوس پئي ڪيو. وقت آيو ته اُهي خط به اوهان آڏو پيش ڪبا ته هڪ پيڙهه جي جدائيءَ کي پنهنجن ٻارن ڪيئن پئي محسوس ڪيو ۽ سندن سڀاڇهو پيڙهه کين ڪيئن ڏيندو پئي آيو.

ٿيو هيئن هو ته وفاقي حڪومت ميرپورخاص ۽ خيرپور ۾ به "ڪامپرهينسوِ" يعني جامع اسڪول قائم ڪيا هئا. تن جون گهڻيون شاندار عمارتون بيهاريون ويون هيون. اهڙن اسڪولن ۾ اردو توڙي سنڌي ٻارن کي داخل ڪيو پئي ويو. پر تعليم جو ذريعو سنڌي ٻولي نه، پر اردو ٻولي هئي. جويي صاحب اهڙن جامع اسڪول جي گهرج تي سوال اٺاريو ۽ اهو به نقطو اڀاريو ته سنڌ ۾ سنڌي ٻارن لاءِ سنڌي ۽ اردو ٻالهائيندڙن لاءِ اردو ميڊيم اسڪول موجود آهن ته پوءِ اهڙا اسڪول ڪهڙي قانون ۽ ڪهڙي جواز هيٺ قائم ڪيا ويا آهن. جويي صاحب چيو ته اهڙيون عاليشان عمارتون بيهاري، اوهين ڪوشش ڪري رهيا آهيو ته سنڌي ٻارن کي هرڪائي سگهجي ۽ اُهي پنهنجن موچاري حالت وارن سنڌي ميڊيم اسڪولن کي ڇڏي، عاليشان عمارتن وارن اسڪولن ۾ داخل ٿين؛ ۽ ايئن پنهنجن اسڪولن کان الڳ ٿي، پنهنجيءَ ٻوليءَ کان به پري ٿي وڃن. نه رڳو

هوليءَ کان پرپرا ٿين. پر انهيءَ کي هڪ حقير ۽ غير مراعت يافته هولي بہ پائنئين.

هن مضمون جو ڪمال اِهو آهي تہ اُنهيءَ ۾ ون يونٽ انتظاميہ کي اهو محسوس ڪرايو ويو تہ بنگالي هوليءَ کي قومي قرار ڏيڻ کان پوءِ اهو نہ سمجهيو وڃي تہ هاڻي اردو هولي اولهہ پاڪستان جي سيني سياسي اڪاين جي هولي بڻجي وئي آهي. تنهن کان سواءِ، هن مضمون ۾ جسٽس انوارالحق جو بيان بہ شامل آهي. جنهن هڪ عام جلسي ۾ اها ڳالهہ ڪئي هئي تہ بنگاليءَ جي قومي هولي بڻجڻ کان پوءِ هاڻي اولهہ پاڪستان جي قومي هولي اردو ٿيڻ گهرجي. جسٽس انوار الحق جي لاڳاپيل تقرير جا اقتباس هن مضمون ۾ موجود آهن. اهو بہ هڪ اشارو هو تہ بنگالي هوليءَ کي قومي هولي قرار ڏيڻ کان پوءِ اولهہ پاڪستان سيني وفاقي اڪاين ۾ اردو هوليءَ کي قومي هوليءَ طور لاڳو ڪرڻ کي ڪو وڏو مسئلو نہ پئي سمجهيو ويو. جويي صاحب کي سنڌ مان انهيءَ سموري سازش کي بي نقاب ڪرڻ جي سزا ۾ تڙيو ويو هو.

هيءُ مضمون هڪ طرح سان هزارن جي لشڪر سان ڪنهن اڪيلي جوڌي جي بي جگريءَ سان مقابلي وانگي آهي. اِها ڳالهہ پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ جڏهن جڏهن بہ سنڌي هوليءَ جي دفاع جي ڳالهہ نڪرندي تہ هن مضمون کي سپ کان اول رکيو ويندو. انهيءَ ڪري جو سنڌي هوليءَ جي باري ۾ هن مضمون کان پوءِ جيڪي بہ مضمون لکيا ويا آهن، اُهي، ڪنهن نہ ڪنهن طرح، هن ئي مضمون مان متاثر ٿيل ڏسبا.

اهو ڏينهن بہ ايندو جڏهن سنڌُ وقت ۽ حالتن جي هيٺ مٽاهين مان اُڪري پاڻيري ٿيندي. تڏهن هيءُ مضمون نصاب ۾ شامل هوندو ۽ انهيءَ جا ٽڪرا اهڙي نموني شاگردن توڻي سنڌي هوليءَ ۽ ادب جي چاهيندڙن کي ايئن ياد هوندا جيئن کي وٽندڙ چوٽيون ۽ شعر ياد ڪيا ويندا آهن.

اوهين جڏهن ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي حالتن کي ڏسندا تہ نظارو ئي عجب آهي. هڪ بنيادي اڪائي، جنهن ملڪ جي قيام لاءِ سپ

کان اڳ ٺهراءُ منظور ڪيو. انهيءَ کي ئي وڌ کان وڌ آزاربو ۽ ايذايو ويو. سنڌ گڏيل هندستان جي ورهاڱي ۾ ملڪ جي قيام جي حمايتَ 1940ع واري ٺهراءَ ۾ وچن ڪيل آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جهڙين سهولتن کي نظر ۾ رکندي ڪئي هئي. پر آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي ماٺ بدران، سنڌ ۾ سنڌي ماڻهو پنهنجي سر کي بچائڻ لاءِ جاکوڑ لڳا! ملڪ ٺهڻ سان سخت قسم جي وفاقيت مڙهي ويئي. سڀ خواب پُرندا ويا. ورهاڱي کان ستت پوءِ 1948ع ۾ پاڪستاني وفاق ڪراچيءَ کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو. تنهن کان سواءِ وڏي لڏپلاڻ عمل ۾ آئي. ورهاڱي کان اڳ، ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهو گهٽائيءَ ۾ هئا، پر ڏهه لک سنڌي هندو لڏپلاڻ ڪري هندستان ۾ دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن هليا ويا ته انهن جي عيوض ۾ هندستان جي مختلف علائقن منجهان مسلمان مهاجر آيا، جن جو انگ به ڏهه لک هو. اهڙيءَ ريت، ڪراچيءَ جي آباديءَ جو توازن بگڙجي ويو. مهاجر ڏهه لک ۾ سنڌي پنج لک ٿي ويا. انهيءَ آبادياتي عدم توازن کي بهاني کي بنياد بڻائي، ڪراچيءَ ۾ موجود سنڌي اسڪولَ اردو ميڊيم ۾ تبديل ڪيا ويا. ڇيو ويو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي آهن نه. ته پوءِ سنڌي ميڊيم اسڪول ڇو هجن. تنهن کان سواءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ کي حيدرآباد روانو ڪري، انهيءَ جي جاءِ تي، ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪئي ويئي. يونيورسٽيءَ قيام کان ئي سنڌي ٻوليءَ سان اٺسهپ وارو رويو رکيو. 1952ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي قائم ٿي. 1955ع ۾ ون يونٽ مڙهي، سنڌ کان سندس صوبي واري حيثيت کسي، تنهن کي اولهه پاڪستان جي هڪ يونٽ يعني هڪ صوبي جي انتظام ۾ ڏنو ويو. ستت ئي پوءِ 1957ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحاني پيپر ڏيڻ وارو حقُ سنڌي شاگردن کان کسي ورتو. اڄين لکٽي به انهيءَ پسمنظر ۾ آهي، جنهن جو عنوان "سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ رهندي يا نه؟" هيءَ لکٽي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو هڪ پفليٽ آهي، جنهن جو ترجمو جويي صاحب ڪيو آهي. هتي هيءَ ڳالهه به ياد رکجي ته جويي صاحب پڻ اهڙي مسئلي تي سنڌي شاگردن لاءِ هڪ ٺهراءُ تيار ڪيو هو جيڪو 4

سيپٽمبر 1956ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ کي پيش ڪيو ويو هو. اهو ٿهراءُ هن ڪتاب جي هن ئي پاڳي ۾ موجود آهي. جيئن ته ٻئي لکڻيون هڪٻئي سان جڙيل آهن، تنهنڪري ٻنهي تي هيٺ گڏيل نموني ڳالهه ٻولهه ڪبي.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي ڪيترائي پمفليٽ لکيا. اُهي پنهنجي وقت ۾ تن خاص مسئلن تي سنڌ جي حقيقي موقف طور وڏيءَ اهميت وارا آهن. اهڙن پمفليٽن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڏني ويئي آهي، تنهن هوندي ۽، خيال اهو آهي ته اهڙن پمفليٽن جو انگ اڃا وڌيڪ آهي، جن کي ۽ گڏ ڪرڻ جي گهرج آهي ته جيئن سنڌ جي مسئلن جو اپٽارُ ۽ سنڌ لاءِ ڪيل جدوجهد توڙي اختيار ڪيل موقف هڪ جاءِ تي موجود ٿي سگهن. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ وڏي ڏک پري انداز ۾ پمفليٽ جي شروعات ڪندي، سنڌ جي سورن کي ورڻن تي ورايو آهي. سندس اِهو نقطو اهم آهي ته مهاجر مهمان ٿي سنڌ ۾ آيا، سنڌي ماڻهن کين جيءَ ۾ جايون ڏنيون، پر موت ۾ مهاجر پاڻ کي فاتح سمجهڻ لڳا ۽ سنڌ کي مفتوح ٽيل علائقو. هيءُ پمفليٽ ٻڌائي ٿو ته سنڌ تي آيل عذابن جا ٻه ڪارڻ آهن. هڪ: هندستان جي مختلف علائقن مان سنڌ ۾ لڏي آيل مهاجرَ، جن کي وڏي انگ ۾ ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيو ويو. ۽ ٻيو: ڪراچيءَ کي سنڌ کان کسي ملڪي راڄڌاني بڻائڻُ. نتيجي ۾ ڪراچيءَ مان سنڌ يونيورسٽيءَ کي نيڪالي ڏئي، تنهن جي جاءِ تي ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪئي ويئي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ وري سنڌي ٻوليءَ سان دشمنيءَ تي ڇڪي سندرو ٻڌو.

هن پمفليٽ جي شروعات ۾، 1948ع ۾ وفاقي اسيمبليءَ جي انهيءَ اجلاس جي ڪارروائي پيش ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ ڪراچيءَ کي وفاقي راڄڌاني بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. تاريخ، سياست ۽ سنڌ جي سياست ۾ دلچسپي رکندڙ محققن، شاگردن ۽ عالمن لاءِ هيءُ پمفليٽ ڪارائتو آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ اسيمبليءَ جي ڪارروائيءَ جو رڪارڊ جيئن جو تيئن موجود آهي؛ ۽ جويي صاحب تنهن کي

سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري. ايوان ۾ اٺاريل نقطن کي سمجهڻ ۾ اڃا به سهنجائي پيدا ڪئي آهي.

انهيءَ اجلاس ۾ جيڪي به تقريرون ٿيون، تن ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪسي وفاق جي حوالي ڪرڻ واري ٿيندڙ فيصلي تي شديد ردعمل سامهون آيو هو. اهڙا دليل پيش ڪيا ويا، جن کي پڙهڻ سان اهو سمجهي سگهبو ته ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪسي وفاق جي حوالي ڪرڻ هڪ ظلم ۽ زيادتيءَ وارو فيصلو هو. جنهن تي سنڌ کي اعتراض هئا. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي هن پمفليٽ مان اها ڳالهه به چٽي ٿئي ٿي ته بنگالي، جن سان سنڌي ماڻهو سندن هر ڪنهن مسئلي ۾ ساٿ ڏيندا آيا هئا، تن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪسي وفاق جي حوالي ڪرڻ واري اجلاس ۾ سنڌ لاءِ چٽو موقف نه رکيو هو. ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

"اسان جو وڏو ڀاءُ بنگالي انهن مڙني شين تي اصرار ڪري ٿو جنهن لاءِ بنگال ۽ بنگالي حقدار آهن: ۽ اهي شيون وڏي حد تائين هن ماڻيون به آهن. هو ٻئي وڏي ڀاءُ پنجابي لاءِ ون يونٽ جي عياشيءَ تي هار قبول ڪري ٿو. اها سڀ قومپرستي آهي ۽ ان جي اجازت به آهي ته اها تعريف لائق به آهي. پر جيڪڏهن ننڍو ڀاءُ سنڌي ڪجهه حقن جي تقاضا ڪري ٿو ته اها صوبي پرستي آهي ۽ اها قابل مذمت ۽ سزا جوڳي به آهي!"

مٿئين ٽڪري مان اهو اندازو لڳائي سگهبو ته بنگالي به سنڌ سان گڏ بينل نه هئا، جن کي سنڌين ماڻهن پنهنجي ويجهو پئي پاڻيو ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي ساڃهوندن نه رڳو بنگال جي حمايت پئي ڪئي، پر شيخ ايازِ رشيد پٽي ته بنگال جي نمائنده جماعت عوامي ليگ جا سنڌ ۾ عهديدار به ٿيا ۽ انهيءَ ڏوهه ۾ جيل به ڪاٽيائون.

هن پمفليٽ ۾ ڏنل تقريرون به اهم آهن، پر اصل نقطو سنڌي ٻوليءَ جي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان نيڪالي ئي آهي. ملڪ ٺهڻ کان اڳ ئي اي. بي. اي. حليم کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر بڻايو ويو آهي، جنهن کي تڏهوڪي وزير پير الاهي بخش مقرر ڪرايو هو. هُو 1952ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جو وي سي رهيو. پوءِ ڪيس

ڪراچي يونيورسٽيءَ جو وي سي بڻايو ويو. انهيءَ حليم صاحب سنڌي ٻوليءَ سان جهڙو ويڑ پاليو. تنهن جو مثال ٻيهر ورجايل نہ ڏسبو. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اڄ ڏينهن تائين سنڌي شاگردن کي مسئلا پيش پوندا رهن ٿا. تن جي شروعات حليم صاحب جي پاليسين کان ئي ٿي. انهيءَ حليم صاحب جا سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ويچار ڪهڙا هئا ۽ هن سنڌي ٻوليءَ کان امتحاني پيپرن ۾ لکت واري ٻولي هئڻ جو درجو ڇو کسيو. تن جو بيان پيرائتي نموني هن پمفليٽ ۾ موجود آهي. تنهن کان سواءِ هن سنڌي اسڪول بند ڪرايا. سنڌي ماسترن جون جايون گهٽ ڪرايون. سنڌي شاگردن کي سنڌي نصاب فراهم نہ ڪيو. سنڌيءَ ۾ لکيل پيپرن کي چڪاسڻ جي ذميواري اهڙن استادن کي ڏني، جن جي مادري ٻولي سنڌي نہ هئي. انهيءَ ظلم ۽ ارهہ زورائيءَ کي سنڌي شاگرد ۽ مائٽ سهندا ۽ پوءِ ڪيندا پئي آيا. پر انهيءَ صاحب نيٽ 1957ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کان امتحانن ۾ تعليمي وسيلي هئڻ واري حيثيت کسڻ واري خواهش پوري ڪئي. انهيءَ ڏس ۾ هن جا جيڪي دليل هئا، تن جو ذڪر بہ هن پمفليٽ ۾ موجود آهي.

پهريون دليل هيءُ هو: امتحاني مقصدن لاءِ سنڌي شاگردن جو انگ گهٽ آهي. تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ کي علائقائي ٻولي تسليم نٿو ڪري سگهجي.

تنهن زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو انگ پنج لک هو. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۽ تنهن جي الحاقي ڪاليجن ۾ داخل سنڌي شاگردن جو انگ ويهہ هزار هو. توڙي جو اهو ڪو ٿورو انگ نہ هو. پر مسئلو اهو هو تہ ڪراچي يونيورسٽيءَ جون پاليسيون ئي سنڌي ٻوليءَ ۽ تعليم جي مخالف هيون. جن جي ڪري سنڌي شاگردن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ونڊ کي هڪ جوکم پئي سمجهيو. پر ويهہ هزار شاگردن جو انگ بہ ڪو ٿورو نہ هو.

ٻيو دليل: سنڌيءَ کي ٻوليءَ طور نٿو مڃي سگهجي. تنهنڪري جهڙيءَ ريت پنجابي ۽ پختون اردوءَ ۾ تعليم پرائين ٿا. تهڙيءَ ريت سنڌين کي بہ پرائڻ گهرجي.

هيءَ ڳالهه حقيقتن جي بلڪل ابتڙ هئي، ڇاڪاڻ ته پنجابي ۽ پشتو هوليون اُسريل هوليون نه هيون. سنڌي هولي نه رڳو اسريل هولي هئي، پر جديد اصولن پٽاندر اُها هڪ معياري هولي هئي، جيڪا نه رڳو اسڪولن ۾ رائج هئي، تنهن ۾ دفتري لکپڑهه ڪئي ويندي هئي، پر انهيءَ سان گڏ تنهن ۾ شاهڪار ادب به تخليق ڪيو ويو هو. سنڌي هولي هڪ صديءَ کان وڌي باقاعدي سنڌي ماڻهن جي تعليمي، ديواني، دفتري، ادبي ۽ عدالتي گهرجن جو پورائو ڪندي پئي آئي. اُنهيءَ جي پنجابي ۽ پشتو هولين سان پيٽ نه پئي نڀي. سچ اِهو هو ته ادبي طرح، سنڌي هوليءَ تنهن زماني ۾ اردوءَ کان به اڳيري هئي. سنڌي هوليءَ ۾ هزارين ڪتاب موجود هئا، رسالا هئا. تنهن کان سواءِ تنهن زماني جي ميڊيا جي حساب سان سنڌي هوليءَ ۾ اخبارون نڪري رهيون هيون. اهڙي چٽيءَ حقيقت تي اکيون پوري ڪو چوي ته سنڌي هڪ هولي ئي ناهي يا معياري هولي ناهي ته اهڙو چوڻُ ڏينهن کي رات قرار ڏيڻُ هو.

ٽيون دليل: سنڌي هوليءَ ۾ الڳ امتحاني پيپرن جي چپائيءَ جي ڪري يونيورسٽيءَ تي معاشي بار پئجي رهيو آهي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاندار عمارت سنڌ جي هئي، جيڪا تعليمي مقصد لاءِ ڏني ويئي هئي، پوءِ به رڳو امتحاني پيپرن جي چپائيءَ تي ايندڙ ٻن چئن هزار رپين جو خرچ "معاشي بار" هوا آهي ڪا انصاف جي ڳالهه! اُها سنڈُ جنهن وفاق کي ڪراچيءَ ۾ پنهنجيون نهيل ۽ تيار ٽيل شاندار عمارتون ڏنيون، جن جو طئه ٽيل ڪرايو ڪڍهن به وفاق سنڌ کي نه ڏنو. ايتري تائين جو وفاقي حڪومت وٽ ورهاڳي کان پوءِ ڪوبه پئسو نه هو. اُها پنهنجا مامرا سنڌ جي ڏنل قرض مان هلائيندي رهي هئي، اُهي قرض به وفاق اڄ ڏينهن تائين سنڌ کي ادا نه ڪيا آهن. پر سنڌي هوليءَ ۾ امتحاني پيپرن کي چپائڻ معاشي بار هوا اندازو لڳائجي ته هڪ سکيو ستابو صوبو ڌاري آبادي کي مسلماني جذبي هيٺ جيءَ ۾ جايون به ڏئي، پنهنجيون ملڪيتون، جائدادون، ڪاروبار ۽ اثاثا به وندي، پر موٽ ۾ انهيءَ صوبي کان پنهنجي راڄڌاني به کسي وڃي ۽ راڄڌانيءَ مان سنڌ جي نالي واري

يونيورسٽيءَ کي نيڪالي ملي. ۽ تعليمي ادارن مان سنڌي ٻوليءَ کي ٻه تڙيو وڃي ته اوهين ڇا ٿا سمجهو ته ناشڪري، بي شرمي، انصافي يا بيواجبي ٻه ڪيترا نه ننڍڙا لفظ آهن!

اهو ئي احساس هو جنهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي قلم کي جنبش ڏني ۽ ساڳيي ئي ارمانَ جويي صاحب کان اُهو نهراءُ لکرايو جيڪو ڪتاب جي هن ئي ياڳي ۾ "ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌي ٻولي" جي عنوان سان شامل ڪيو ويو آهي. اهو نهراءَ لاڳاپيل مسئلي جي حوالي کان پنهنجو پاڻ ئي گهڻو نشانبر آهي، تنهنڪري انهيءَ مان هيٺيون ٽڪرو اوهان جي ملاحظي لاءِ جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو:

"سنڌي زبان کي ٻه، انگريزي ۽ اردو زبانن وانگر، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ امتحاني زبان جي حيثيت ۾ برقرار رکيو وڃي.

"آئيندي، يونيورسٽي امتحانن ۾ سوالن جا پرچا، انگريزي ۽ اردو ترجمي سان گڏ، سنڌي ترجمي سان ٻه ڏنا وڃن.

"سنڌي زبان ۾ ڏنل جوابن جون ڪاپيون، فقط انهن ممتحنن کي ئي ڏسڻ لاءِ ڏنيون وڃن، جي سنڌي زبان کان چڱيءَ طرح واقف هجن.

"ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٻين سيني ملڪي ۽ غير ملڪي زبانن لاءِ قائم ٿيل شعبن سان گڏ، سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ ٻه هڪ جدا شعبو قائم ڪيو وڃي.

اسان، ڪراچيءَ جي اٽڪل پنج هزار شاگردن جو هڪ احتجاجي جلوس ونڊي، 9 سيپٽمبر 1956ع تي، ڪراچي يونيورسٽيءَ ٻاهران پهچي، انهن سيني ساٿين جي نمائندن جي حيثيت ۾، اوهان اڳيان مٿيون نهراءُ عرض رکيوسين؛ مٿئين نهراءُ ڏانهن اوهان جي ذاتي توجهه ۽ شخصي دلچسپيءَ لاءِ گذارش ڪري، وڌيڪ اهو ٻه عرض ڪيوسين ته اوهان مهرباني ڪري يونيورسٽي سنڊيڪيٽ کي ٻه اسان جي هنن واجبي مطالبن تي همدرديءَ سان غور ڪري هن بي انصافي دور ڪرڻ ۽ سنڌي شاگردن جي بنيادي حقن کي محفوظ رکڻ لاءِ سفارش ڪندا.

اوهان ان وقت پنهنجيءَ گفتگوءَ جي دوران اسان کي مشورو ڏنو هو ته اسان پنهنجن مطالبن جي تائيد ۾ هڪ يادداشت به پيش ڪريون. ته جيئن يونيورسٽي سنڊيڪيٽ کي هن مسئلي تي نظرثاني ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي.

اسان ان وقت به اهو عرض ڪيو هو ۽ هينئر به پنهنجو واحد ۽ فيصلہ ڪن دليل اهو ڏيون ٿا ته جيئن گذريل نون سالن کان سنڌيءَ کي امتحاني زبان جو درجو حاصل رهيو آهي. تيئن آئيندي به ڪيس اها حيثيت حاصل رهڻ گهرجي."

مٿي ڄاڻايل پنهي لکٹين جي وچ ۾ هڪ مختصر مضمون آهي: "ته هوليائي سرشتو." اِهو مضمون هونءَ مختصر آهي، پر ڇپجڻ کان پوءِ انهيءَ سنڌ جي ساڃهوند طبقي ۾ وڏي ٻڪاني تي بحث پيدا ڪيو. واقعو هيئن آهي ته پ پ پنهنجي 1988ع واري حڪومتي دور ۾ هڪ ڏهراڻ منظور ڪيو هو ته پرائمري سطح تي مادري هولين سان گڏ انگريزي هولي به پڙهائي ويندي. انهيءَ ڏهراڻ تي عمل نہ ڪيو ويو هو. پر نئينءَ هزاريءَ جي ايندي ئي، دنيا نوان هدف مقرر ڪيا. ۽ تن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ عالمي امدادي ۽ فنڊ ڏيندڙ ادارا حرڪت ۾ اچي ويا. تن ٽين دنيا جي ملڪن کي سڌارڻ واسطي ڳرين رقمن وارا تعليمي پراجيڪٽ آڇيا. جن تي اُهي غريب ۽ ترقي ڪندڙ ملڪ هرکجي پيا. تن ۾ پاڪستان به شامل هو. انهن ڊونر ايجنسين لاءِ گنجائش ڪيڻ لاءِ انهيءَ پراڻي ڏهراڻ کي ٻيهر جياريو ويو ۽ سنڌ جي تعليم کاتي سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو مادري هولين سان گڏ انگريزيءَ کي به لاڳو ڪرڻ جو حڪمنامو جاري ڪيو. جنهن کي جويي صاحب "ته هوليائي سرشتو" قرار ڏنو.

جويي صاحب هن مضمون ۾ اهڙي ڳالهہ ڪئي هئي، جيڪا هو گذريل ساڍن پنجن ڏهاڪن کان ڪندو آيو هو. ته ٻار کي پرائمريءَ جي پنجن درجن تائين تعليم پنهنجيءَ مادري هوليءَ ۾ ڏني وڃي. اها هڪ مستند ڳالهہ هئي، جنهن تي اڳي ڪوبہ اختلاف موجود نہ هو. تنهن کان سواءِ، اهڙي اصول کي گڏيل قومن جي اداري به مڃيو ۽ لاڳو

ڪرايو هو تنهنڪري اُهو اصول هڪ عالمي قدر بڻجي ويو هو. پر هن ڀيري سرڪار جي حڪمنامي جاري ٿيڻ کان پوءِ سرڪاري لانڙين ۾ درباري ادبين انهيءَ سهمتي نقطي کي تڪراري بڻايو. اِهو چيو ويو ته نئين زماني سان وک ۾ وک ملائي هلڻ لاءِ انگريزي ٻوليءَ کي پرائمري سطح کان لاڳو ڪرڻ ضروري آهي. اهڙي موقف رکندڙن مان گهڻا اهڙا به هئا، جن جي پنهنجي انگريزي سٺي هئي، پر پرائمريءَ جا پنج درجا پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ ۾ ئي پڙهيا هئا، پر ڪين سرڪار کي خوش ڪرڻو هو. اهڙيءَ ريت، هن مضمون کي هڪ مسئلو بڻايو ويو. چيو ويو ته انگريزي هڪ عالمي ٻولي آهي، جيڪا هر سنڌي ٻولي ٻار کي اچڻ گهرجي، جيڪا هڪ بينڪي ذهنيت هئي. جويي صاحب مضمون ۾ اها ڳالهه به نه چئي هئي ته انگريزي ٻولي نه پڙهائي وڃي. هن لکيو هو ته اُها پاڙهي وڃي، پر هڪ خاص تعليمي ڏاکي تي - چهين درجي کان، ته جيئن مُهڙيان پنج درجا ٻار پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ ۾ پڙهي، جيڪو سندس حق آهي ۽ اهڙو حق ٻارن لاءِ تاريخ جي ڏگهن بحثن کان پوءِ مقرر ڪيو ويو هو. سنڌ جي ساڃهوند طبقي ۾ موجود مخصوص ۽ محدود شرارتي فردن انهيءَ ڳالهه کي ڳالهوڙو بڻايو ۽ اخبارن ۾ خبرن ۽ مضمونن وسيلي هڪ طرح جنگ ڇڙي پيئي. تنهن کان پوءِ هر ڪنهن ادبي پروگرام ۾ انهيءَ نقطي تي ڳالهه ٻولهه جڙ معمول بڻجي وئي. ڪن موقعن تي ڇڪتاڻ جو تاثر به ملیو. مطلب اهو هو ته جويي صاحب جي ڳالهه نه ميڙي آهي. بهرحال، اڄتي هلي اهو موقف سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ ئي بيٺو. جويي صاحب جو اهو به چوڻ هو ته هن معاملي جي نوعيت ۽ نزاڪت کي سمجهجي. ملڪ جي وس وارن وس ڪيا هئا ته سنڌ اندر اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ تي اردو ٻوليءَ کي لاڳو ڪيو وڃي. جڏهن سندن اهڙي خواهش پوري نٿي ته هنن انگريزي ٻوليءَ کي ميدان تي لاٿو آهي ته جيئن سنڌي ماڻهو انهيءَ جي رعب ۾ اچي، پنهنجيءَ ٻوليءَ تان هٿ کڻي وڃن. جويي صاحب جو اهو خيال هو ته سنڌي ٻوليءَ سان ساڙ ۽ نفرت ۾، اهڙي پاليسيءَ کي عمل آڻڻ وارن کان اها به ڳالهه وسري ويئي ته اهڙي عمل مان رڳو سنڌي ٻوليءَ کي ئي نه، پر اردو

هوليءَ کي بہ شديد نقصان رسڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ اردو پڙهندڙ شاگردن کي پڻ، پرائمريءَ جي سطح کان اردوءَ سان گڏ انگريزي پڙهڻي پوندي. اهڙيءَ ريت، ڏونہ ايجنسين جي هدفن جي پورائي ۾ سنڌي توڙي اردو هوليون ڳالهائيندڙَ هوريان هوريان، پنهنجين مادري هولين کي وساري ويهندا.

اهو هن مختصر مضمون جو پسمنظر آهي. ڳالهيون ڪَٿيون منيون ئي سهي، پر نتيجي ۾ جويي صاحب جي موقف کي ميڙتا ملي. مٿي پاڻ جن بہ مضمونن تي ڳالهہ هولهہ ڪري آيا آهيون، تن ۾ گهڻائي اهڙن ليکن جي آهي، جيڪي مختلف وقتن تي سنڌي هوليءَ سان ٿيندڙ ناانصافين، هوليءَ بابت غلط پاليسين ۽ نامناسب روين جي عالماڻي موٽ آهن. هيءُ مضمون بہ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي. نئين هزاريءَ تائين ۽ ويندي زندگيءَ جي پيچاڻن ڏينهَن تائين جويو صاحب سنڌي هوليءَ جي باري ۾ هر طرح خبروار رهيو ۽ پنهنجو وقتائتو موقف پيش ڪندو رهيو. سنڌي هوليءَ جو دفاعُ سندس بي مثال ۽ ڪامياب زندگيءَ جو بنيادي جز هو. هن ڪتاب جو نالو "سنڌي هوليءَ جو سياسي ڪيس" انهيءَ لحاظ کان نهڪندڙ آهي جو جويي صاحب سدائين حڪومتي پاليسين کي سنڌي هوليءَ جي فائدي ۽ نقصان جي ساهميءَ ۾ توربو ۽ جتي بہ ڪاڻ يا کوٽ محسوس ٿي تہ انهيءَ جي نشاندهي بہ ڪئي ۽ انهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ عملي ڪوششون بہ ڪيون.

اڳئين مضمون تي ڳالهائڻ کان اڳ، جويي صاحب جي سنڌي هوليءَ کيل ڪن خاص ڪارنامن جو مختصر احوال ڏجي ٿو. جويي صاحب سنڌيءَ هوليءَ جو پهريون باقاعدي ٽائيپ رائيٽر تيار ڪرايو جنهن جو ثبوت هيٺيون خط آهي، جيڪو انگريزيءَ ۾ هو پر اوهان جي سهولت لاءِ انهيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پيش ڪجي ٿو:

خيرپور ڊويزن جي انسپيڪٽر آف اسڪولز جو دفتر.
نمبر: ڊي او / ـاي بي 72/71 خيرپور تاريخ: 27 مارچ 1971ع

منهنجا پيارا جناب حسن علي
وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد

1954ع ۾ جديد بنيادن تي سنڌي ٽائيپ رائيٽر جي ٺهرائڻ جي رٽا کي سنڌي ادبي بورڊ پاران مدد ڏني ويئي هئي. اِها رٽا ڪِي بورڊ، اکر جي ڊيزائين، ٽائيپ فيس وغيره جي حتمي مرحلي تائين پهتي هئي، پر تڏهن ون يونٽ جي ٺهڻ جي ڪري اُها رنڊجي وئي. آئون ٽائيپ رائيٽر لاءِ ڪي بورڊ ۽ اکرن جي ڊيزائين جي رٽابنديءَ لاءِ ذاتي ۽ ڪامل نموني ڏميوار هوس. اِن ڪم لاءِ مون رقم جي صورت ۾ محنتاڻي جي نه گُهر ڪئي، نه اهڙي اميد رکي ۽ نه ئي ڪو ٽڪو پئسو انهيءَ مد ۾ ٠ اصل ڪيو. اهو پيار جو پورهيو هو جيڪو مون سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ثقافت جي خدمت کي خيال ۾ رکندي، خاص ڏميواريءَ جي جذبي کان متاثر ٿِي ڪيو هو.

انهيءَ رٽا کي پوءِ تڏهوڪي وائيس چانسيلر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جي ڪوشش ۽ اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ يونيورسٽيءَ پنهنجايو. مون ۽ محترم تمنائيءَ گڏجي اکرن جي ڊيزائين کي حتمي صورت ڏني ۽ ٽائيپ رائيٽر لاءِ ڪي بورڊ جي منصوبي بندي ڪئي. مشين ٺاهيندڙن ۽ يونيورسٽيءَ جي وچ تي ٽيل معاهدي، جيڪو تمنائي طئہ ڪرايو هو، ۾ تجويز اِها هئي تہ جڏهن مشين ٺهڻ جي آخري مرحلي تي هوندي، آئون آخري گهڙين ۾ ٽائيپ جي ترتيب جي گهرجن کي ڏسڻ لاءِ يورپ ۾ ڪارخاني جو دورو ڪندس ۽ اکرن جي همواريءَ ۽ سٽن جي سڌائيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ چڪاسيندس ۽ ان ۾ مشين ٺاهيندڙن جي فني مهارت کي تجربي مان گذاريندس، ۽ ٽپال توڙي ٽيليفون وسيلي ساڻن نقطي، نقطي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪري، کين مشين ٺاهڻ جي اجازت ڏينداس. هنن تفصيلن ۾ رٽا جي هن پهلوءَ کي بيان ڪرڻ پويان، البت منهنجو ڪوبہ ذاتي غرض ناهي."

مٿي ڏنلَ جويي صاحب جي پنهنجي ئي خط مان اها ڳالهہ بنهہ چٽي آهي تہ سنڌيءَ ۾ پهريون باقاعدي ٽائيپ رائيٽر هن ئي ٺهرايو هو جنهن جو نالو "المصطفيٰ" رکيو ويو هو.

تنهن کان سواءِ، جويي صاحب جي جٽادار ادارتي ڪارنامن کي ڏسجي ۽ ڳٽ ۾ آڻجي تہ سنڌي ادبي بورڊ جي عمارت بہ انهن مان هڪ آهي. سنڌي ادبي بورڊ شروع ۾ ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيو ويو هو. جويي صاحبَ تنهن جي سيڪريٽريءَ طور چارج اتيئي سنڀالي هئي. هن وقت جيڪا سنڌي ادبي بورڊ جي عمارت موجود آهي، اها بہ جويي صاحب جي نگرانيءَ ۾ ئي جڙي راس ٿي هئي. اهم ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ ادبي بورڊ لاءِ ڏهن ايڪڙن جي زمين بہ جويي صاحب ئي سنڌ يونيورسٽيءَ کان خريد ڪئي هئي. انهيءَ سلسلي ۾، جويي صاحبَ، سائين جي. ايم. سيد صاحبَ، جيڪو تنهن وقت ۾ تعليم جو وزير هو، کي هڪ خط لکيو هو، جيڪو ڪتاب "سڌ پڙاڏو" ۾ شامل آهي. اهو ڪتابُ سائين جي. ايم. سيد ۽ جويي صاحب جي هڪٻئي ڏانهن لکيل خطن جو مجموعو آهي. جويو صاحب لکي ٿو:

"محمد ابراهيم
سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي.
13 مارچ 1958ع
محترم سائين!
السلام عليڪم،

هن گڏ بورڊ جي عمارتن جي سلسلي ۾ جيڪو خط ڊي پي آءِ لاهور ڏانهن لکيو اٿم، تنهن جو نقل اوهان جي مطالعي لاءِ موڪليان ٿو.

هن خط ۾ هيٺيون ڳالهيون لکيو اٿم:

1. بورڊَ ڏهن ايڪڙن جي زمين سنڌ يونيورسٽيءَ کان حاصل ڪئي آهي.
2. عمارتن تي ڪل خرچ 20 لک روپيا لڳندا.
3. تعمير جملي ٽي سال کائيندي.
4. تعمير جي پهرئين مرحلي لاءِ گورنمينٽ بورڊ کي ڏهہ لک روپيا هن سال ڏئي، ۽ باقي رقم ٻن سالن ۾ منظور ڪري."

هيءُ خط هتي انهيءَ ڪري شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن اِها ڳالهه رڪارڊ تي رهي ته جويو صاحب رڳو ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر ئي نه هو. پر انهيءَ سان گڏ هو هاڻوڪي ادبي بورڊ جو اڌيندڙ پڻ هو. هن پنهنجين ڪوششن وسيلي ادبي بورڊ کي ادارتي شڪل ۾ ڏني ۽ اتان علمي ادبي تحريڪ شروع ۾ ڪئي، پر تنهن سان گڏ، ادبي بورڊ جي عمارتي ۽ ڍانچائي صورت ۾ سندس ئي ذهن جي پيداوار آهي.

ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو ئي مثال ونو. سائين جويو صاحب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي قيام لاءِ پرپور ڪوشش ڪئي ۽ تنهن ۾ ڪامياب ٿيو. ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جويي صاحب جي بنهه ذاتي ڪوششن جو نتيجو آهي. ايتري تائين بورڊ جي هاڻوڪي عمارت به جويي صاحب ٺهرائي آهي، پر ڏسبو ته اڄ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ ڪٿي به جويي صاحب جي تصوير به نه لڳل هوندي. ماڻهو پنهنجو ڪم ڪري ٿا ويڃن، پر اِها پوين جي ذميواري هوندي آهي ته اُهي پنهنجن محسنن کي ياد ڪن. اڄ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ اربن جي بجيٽ تي ڪم ڪندڙ ادارو آهي. اُهو لکن جي انگ ۾ هر سال ڪتاب ڇپائي ٿو. پر انهيءَ اداري کڏهن به اداري جي بنياد وجهندڙ کي جس ۽ خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ نٿهي هڪ تقريب به نه ڪوٺائي آهي. ساڳيو حالُ سنڌي ادبي بورڊ جو آهي. ٻيو ته ڇڏيو، پر جويي صاحب کين پنهنجي ذاتي لائبريري مفت ڏني، تنهن جي صحيح نموني سار سنڀال به نه ٿي لڌي وڃي. اڄ سنڌ ۾ اُهڙو اڇي ڪالُ پيو آهي، جو اسان جا ليکڪ سڳورا ذاتي لائبريرين جا، ڪنهن نه ڪم جا، ڪتاب سڻ ڪار کي وڪڻي رهيا آهن ۽ منافعو ڪمائي رهيا آهن. جن کان سرڪار لائبريري نه پئي خريدي، سي سرڪار تي خار کايو وينا آهن. سندن پارو لهي ئي نٿو. کهڙو وقت اڇي ويو آهي! خير، ڳالهه پئي ڪئي سون سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جي. سنڌ ٽيڪسٽ جو قيام هڪ ائڪٽ هيٺ 1970ع ۾ عمل ۾ آيو. انهيءَ جي قيام لاءِ سموري لکپڙهه ۽ ڇڪ جويي صاحب ئي ڪئي: ۽ اُها به اڪيلي سِر ئي! جويو صاحب

پنهنجن مضمونن ۾ اهڙين ڳالهين کي لکڻ پسند نه ڪندو هو. پر سندس انٽرويوز ۾ اهڙين ڳالهين جو ذڪر اچي ويو آهي، جنهن جي ڪري ڳالهه رڪارڊ ٿي اچي ويئي آهي. ٻيءَ صورت ۾ هن جي حصي جو ڪريڊٽ شايد رهجي ويجي ها. وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا موجود آهي، ۽ آن لائين به موجود آهي. انهيءَ ۾ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي داخلا به آهي ۽ تفصيل به آهي، پر بي پرواهيءَ جي اِها حد آهي، جو اُنهيءَ ۾ جويي صاحب جو ذڪر به ناهي ته ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڪو سندس ئي ڪوششن جو نتيجو هو. اسان وٽ اِها حالت آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، متان پري جي ڳالهه هجي، پر سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي پنهنجي ويب سائيٽ موجود آهي. بورڊ جي قيام جي سلسلي ۾ ايترو ڄاڻايل آهي ته اُهو فلاڻي سال ۾ فلاڻي ائڪٽ هيٺ ٺهيو ۽ بس! ڪنهن پتوڙيو، ڪنهن پورهيو ڪيو، ڪنهن اُن کي سنواريو، ڪنهن هڪ هڪ ڪتاب جي هڪ هڪ سٽ لکي، اِها ڳالهه ڪنهن کي به ياد ناهي. جويي صاحب پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو آهي:

"آئون ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو باني آهيان ۽ اٺ ڏهه سال اُن جو سيڪريٽري ۽ چيئرمين به رهيو آهيان. بورڊ جي اِها عمارت پڻ مون ٺهرائي هئي. جيئن ته ون يونٽ جي زماني ۾، اولهه پاڪستان جو جيڪو ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاهور هو اُتي مون کي سنڌ حڪومت پنهنجو اسپيشل ڊيوٽي آفيسر ڪري موڪليو هو. ۽ انهن مون کي اُتي وري سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ اسپيشل ڊيوٽي آفيسر ڪري ڇڏيو. اُهو بلوچستان به (ٽيڪسٽ ۾) مون هنن کان شامل ڪرايو ته بلوچي ٻولي به شروعات کان پڙهائي وڃي. جيئن سنڌ ۾ سنڌي ٻولي شروعات کان پڙهائي وڃي ٿي. بلوچستان ۾ بلوچي ۽ پختونخوا ۾ پشتو ٻولي پڙهائي وڃي. پچاڙيءَ جو آئون پرنسيپال ٿي ويو هوس پشاور ۾، مون کي بدلي ڪيو هئائون. سرڪار مون کان ناراض ٿي هئي ('اولهه پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو' مضمون لکڻ جي ڪري). مون کي سيڪريٽريءَ مان بدلي ڪري، جيڪب آباد هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ڪيائون. وري

ڏون سان ڪاوڙيا تہ اُتان بدلي ڪري لاهور رکيائون. سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ جو مون تي ٽپو لڳل هو. انهيءَ ڪري هنن مون کي 'آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي فار سنڌ' رکيو. پوءِ هِتي (سنڌ ۾) آيس ۽ جڏهن ون يونٽ ٽُٽو تہ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ مون ئي ٺهرايو. باقاعدي خط و ڪتابت ڪري سنڌ حڪومت کي اها ڳالهہ قبول ڪرايم. انهيءَ زماني ۾ غلام مصطفيٰ شاهہ (سنڌ يونيورسٽيءَ جو تڏهوڪو وائيس چانسيلر) منهنجو دوست هو. اسين ٻئي ڇٽا گڏجي وزيراعليٰ رسول بخش تالپر وٽ وياسين. اُتان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاءِ اسان کي سنڌ جي حصي ۾ پئسا مليا، جن مان اُها بلڊنگ مون ٺهرائي ۽ سيڪريٽري ۽ اُتي آئون ٽيس." (ص: 229، "جڙون جنين جيءَ ۾.")

جويي صاحب، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاءِ جيڪو ڪم ڪيو آهي، انهيءَ جو ڪاٿو ئي نہ لڳايو ويو آهي، جنهن جو ارمانُ هن پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪيو:

"سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ منهنجيون لکڻيون آهن ۽ تصنيف ۽ تاليف آهي، انهيءَ تي ضرور نوٽيس ونڊو پوندو ڪڏهن نہ ڪڏهن. جيڪو اڻاهہ ڪمُ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ ڪيم تہ اُن جي ڳڙ ۽ ڪانہ ٽي. ڇا ڇا نہ ڪيم. ٽيڪسٽ بورڊ ۾. سنڌيءَ ۾ هر ٽيڪسٽ بڪ جيڪو هو، ان کي مان ايڊٽ ڪندو هوس. پنڪچوئيشن ۾، اسپيلنگز ۾ ۽ گرامر جي سلسلي ۾ ڪتابن تي محنتون ڪيون." (ص: 170، حوالو: "جڙون جنين جيءَ ۾.")

جويي صاحب ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ۾ جيڪو پورهيو ڪيو، سو هر طرح سجايو هو، پر الڳ نموني يا خصوصي طرح ڇپ ۾ ناهي آيو. پاڻ ۽ جيڪي ڪتاب پڙهيا، تن جي ايڊيٽرن جي ڏڳهي فهرست ۾ جويي صاحب جو نالو لکيلُ ڏسبو هو. جنهن مان اِها اندازو نہ ٿو ٿِي سگهي تہ هُن کهڙو ۽ ڪيترو ڪم ڪيو هو. کهڙا ۽ ڪيترا ڪتاب لکيا يا ايڊٽ ڪيا، کهڙن ۽ ڪيترن ڪتابن تي بيهڪ جون نشانيون ڏنيون يا کهڙا سبق لکيا. جويو صاحب جيئن تہ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو باني هو، تنهنڪري، اندازو آهي تہ شروعاتي نصاب گهڙي ياڳي هن ئي تيار

ڪيو هوندو. پاڻ استاد هو ۽ شروع کان ونڊي سنڌي ٻوليءَ کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ ڪندو آيو هو. وٽس اهڙو ويزن ۾ موجود هو ته سنڌي ٻارن جي گهرج سارُو نصاب ڪيئن هئڻ گهرجي. جويي صاحب جي ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاءِ ڏنل تدريسي، تعليمي ۽ علمي خدمت جي حوالي کان باقاعدي تحقيق جي گهرج آهي. مٿي جيڪو اقتباس پيش ڪيو ويو آهي، تنهن ۾ جويي صاحب پاڻ اهڙي خواهش کي ۾ اظهاريو آهي.

ٽيڪسٽ بورڊ جي قيام جي انهيءَ تفصيل کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو قيام کي ڏسجي. اهو ادارو ۾ جويي صاحب جي ڪوشش جو نتيجو هو. 1972ع جي ٻولي بل کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي صوبائي ٻولي هجڻ واري حيثيت کي باقاعدي صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪوششون ٿيندیون رهيون. ملڪي وفاق 1979ع ۾ آئين جي آرٽيڪل: 251 هيٺ نيشنل لئنگويج ڪميشن قائم ڪئي هئي. تنهن کي بنياد بڻائي، جويي صاحب، پنهنجي سات جي ساٿين ۽ هم خيالن سان ملي، ساڳئي ئي انداز جو ادارو سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ جوڙائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. هوريان هوريان، انهيءَ ڳالهه ۾ مطالبي جي صورت ڏاري ۽ پوءِ ۾ تحريڪ بڻي، جنهن جي سرواٽي جويي صاحب ڀئي ڪئي. جويي صاحب، سائين غلام مصطفيٰ شاهه سان گڏجي، ۾ استدعا سنڌي جي سينئر وزير مير رسول بخش ٽالپر ۽ تعليم ۽ صحت جي وزير سيد غوث علي شاهه کي پيش ڪئي.

اُها استدعا هن ڪتاب ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي قائم ڪرڻ لاءِ ۾ استدعا (1983ع)" جي عنوان سان شامل ڪئي ويئي آهي. انهيءَ استدعا جو مسودو پڻ جويي صاحب تيار ڪيو هو، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي:

"هن معاملي ۾، جنهن کي اسين پاڪستاني ملت جي مستقبل لاءِ ۾ بيحد اهم معاملو سمجهون ٿا، اسين سنڌ صوبي جا هيٺ صحيح ڪندڙ ليکڪ، شاعر، فنڪار، استاد، شاگرد ۽ عام سمجهه رکندڙ ننڍا وڏا ماڻهو سڀ پوريءَ ذميداريءَ سان گُهر ٿا ڪريون ته ۾ 'ڪل-

پاڪستان هولي ڪميشن' مقرر ڪئي وڃي، جنهن تي سيني هولين جي مفادن کي خالص علمي نقطي نگاهه کان هڪ جيت ي نمائندگي حاصل هجي، تہ اِها پاڪستان ۾ هولين جي مسئلي تي غور ۽ فڪر ڪري، ان بابت پوري پوري پڇا ڳاڇا ڪري ۽ هڪ جامع رپورٽ پيش ڪري، جنهن تي ڪل- ملڪي پيماني تي آئيني، انتظامي ۽ تعليمي طور عمل ٿي سگهي."

نيشنل لئنگويج ڪميشن جي قيام جي پوئواريءَ ۾ 1972ع جي هولي ائڪٽ جي مقصدن تي عملدرآمد ڪرڻ جي آئيني بندوبست کي خيال ۾ رکندي "سنڌي لئنگويج اٿارٽي" جي فوري قيام جي گهر ڪئي ويئي. اُهو ائڪٽ سنڌ جي قانونساز اسيمبليءَ، صوبائي هوليءَ جي حيثيت سان سنڌي هوليءَ ۾ تدريس، ان جي واڌاري ۽ واهپيءَ لاءِ منظور ڪيو هو. حڪومت کان اپيل ڪئي ويئي تہ اُها انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجين ذميوارين کي نيائي ۽ مٿي بيان ڪيل 1972ع جي هولي ائڪٽ کي ڪامياب نموني لاڳو ڪرڻ جي ڏس ۾ ضروري مالياتي، انتظامي ۽ انصرامي اپاءَ وٺي ۽ ايئن ڪري.

اهڙيءَ استدعا تي جن سڃڻن جون صحيحون موجود آهن، تن ۾:

1. سيد غلام مصطفيٰ شاهه، 2. پير حسام الدين راشدي، 3. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، 4. مسٽر محمد ابراهيم جويو، 5. علي احمد بروهي، 6. مسٽر ايار گل، 7. مسٽر تنوير عباسي، 8. ڊاڪٽر در محمد پنهاڻ، 9. پير شاهه راشدي، 10. مسٽر خادم حسين عباسي، 11. پروفيسر بدرالدين اڇڻ، 12. مسٽر مومن علي شاهه، 13. مسٽر نعمت الله پٹو (شڪارپور)، 14. نقش نايار منگي (شڪارپور)، 15. آزاد جتوئي، 16. مسٽر گر ڏنو پنجابي (شڪارپور)، 17. انور فقير هڪڙو (شڪارپور)، 18. فاروق احمد موريار (شڪارپور)، 19. مسٽر غلام حسين پٹو، 20. ڊاڪٽر غلام علي الانا، 21. مسٽر نثار احمد چنا، 22. مسٽر خان محمد پنهور، 23. مسٽر مختيار احمد سومرو، 24. ڊاڪٽر سليمان شيخ، 25. مسٽر غلام رسول ميمڻ، 26. پروفيسر ايار قادري، 27. مسٽر محمد بخش سومرو، 28. مسٽر غلام رسول ميمڻ، 29. مسٽر امداد علي ايڊو، 30. مسٽر

محمد اسحاق، 31. مسٽر عين العابدين، 32. مسٽر سڪندر ڪوسو، 33. مسٽر شيخ عزيز، 34. مسٽر نصير اعجاز، 35. مسٽر خدا بخش سومرو، 36. مسٽر مهرالله سومرو، 37. ڊاڪٽر خدا بخش، 38. مسٽر خليل موريائي (شڪارپور)، 39. مسٽر اشفاق احمد منگي، 40. مسٽر عبدالسلام، 41. مسٽر نياز پنهور، 42. مسٽر خير محمد ڪوکر، 43. مسٽر عبدالسلام، 44. مسٽر هدايت الله آخوند، 45. مسٽر شوڪت حسين شورو، 46. مسٽر عبدالقادر جوٽيجو، 47. مسٽر قاضي خادم، 48. مسٽر امداد حسيني، 49. مسٽر استاد بخاري، 50. مسٽر شمس الدين جوٽيجو، 51. مسٽر عبدالرحمان شيخ، 52. مسٽر مهتاب احمد جوٽيجو، 53. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، 54. مسٽر عبدالرحمان شيخ ۽ 55. مولانا عزيز الله ٻوهيو.

هن سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه ٻه رڪارڊ تي آڻڻ ڪپي ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي قيام ڪان پوءِ سرڪار پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ اداري جي چيئرمين طور سراج الحق ميمڻ ڪي مقرر ڪيو ويو هو. پر سراج صاحب اهو عهدو رڳو انهيءَ ڪري نه قبوليو هو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري لاءِ ورتل سندن ڪوششن ۽ جدوجهد مان اهو مطلب نه ورتو وڃي ته انهيءَ اداري جو قيامُ عهدي ماڻڻ لاءِ هو. جڏهن سراج صاحب انڪار ڪيو ته تنهن ڪان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو هو. هن ئي ڪتاب ۾ جوبي صاحب جو اُهو مضمون به شامل آهي، جيڪو پاڻ 1994ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي قيام واري تقريب ۾ پڙهيو هئائون. انهيءَ تقريب جي صدارت تڏهوڪي سنڌ جي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه پئي. مضمون هو عنوان آهي: "سنڌي ٻوليءَ ڏانهن سنڌي قوم جون ذميواريون." موقعي جي مناسبت سان لکيل هيءُ مضمون مڙني ڪاميابين جو احاطو ڪري ٿو. جيڪي انهيءَ ڏهاڙي تائين ماڻيون ويون هيون. لاڳاپيل مضمون مان هڪ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

"مقصد لاءِ انگريز دور جي سال 1940ع ۾ اسان جي مهربان ۽ مانائتن بزرگن سنڌي ادب جي باضابطه ترقيءَ لاءِ هڪ مرڪزي

صلاحڪار بورڊ قائم ڪيو. 1949ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اسان جي محترم ۽ محبوب بزرگن سنڌي ادب لاءِ هڪ اعليٰ اختيار رکندڙ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي قائم ڪئي. جنهن 1951ع ۾ وڏي سنڌي ادبي بورڊ جي باوقار ۽ باعمل اداري جو روپ ورتو. 1989ع ۾ خصوصي طور تعليمي تدريس ۽ سرڪاري ڪارج جي استعمال جي دائري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سُڌاري لاءِ سنڌي لئنگويج ڊولپمينٽ بورڊ جي قيام جي تجويز منظور ٿي. جنهن 1990ع ۾ موجوده سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ (سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري) جي صورت ورتي. ۽ اڄ اسان جي هن عظيم اداري جي عمارت جي بنياد جو پٿر سنڌ جي وزيراعليٰ، اسان جي وزير ۽ عزيز دوست سيد عبدالله شاهه صاحب جن نصب ڪيو آهي. اسان لاءِ سڄ پڄ هيءُ موقعو بيحد هڪ مبارڪ موقعو آهي. جنهن تي اسين جيتري خوشي ڪريون. اسان لاءِ اُها عين مناسب آهي."

جويو صاحبُ انيڪ ادارن جو باني رهيو. ڪيترن ئي علمي ادبي جو ميمبر پڻ رهيو. اهو تفصيل گهٽو آهي. انهيءَ ڪري متي رڳو سندس سنڌي ٻوليءَ جي ادارن جي قيام لاءِ ڪيل اهم ڪوششن جو ئي ذڪر ڪيو ويو آهي.

1981ع ۾ سنڌي ساهت ڪانفرنس ٿي هئي. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ٻهراڙ پيش ڪيا ويا هئا. اُهي جويي صاحب تيار ڪيا هئا. جيڪي پڻ هن ڪتاب ۾ "سنڌي ساهت ڪانفرنس" جي عنوان سان لکڻيءَ ۾ موجود آهن. پيش ٿيل ٻهرائن ۾ ڄاڻايل مسئلن منجهان گهٽا ايڏا تائين لاڳاپيل آهن. جن لاءِ آواز اٿارڻ جي گهرج محسوس ڪئي ويئي آهي. الميو اهو به آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ لاءِ اونو رکندڙ لکندڙن پڙهندڙن جي انگ ۾ گهٽتائي ٿي رهي آهي. ٻوليءَ، تعليم ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ سوچڻ جي روايت ڏينهون ٻوءِ لاڙ ۾ آهي. متي ڄاڻايل مضمون ۾ موجود مطالبن کي ڏسبو ته تن ۾ سنڌ ۾ خانگي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائڻ وارو ٻهراڙ به موجود آهي. تنهن کان سواءِ ڪراچيءَ جي مختلف علاقن ۾ هلندڙ اسڪولن ۾، ٻولي بل هيٺ، اردو

ڳالهائيندڙن کي سنڌي لازمي مضمون پڙهائڻو آهي، جنهن تي عمل نہ پيو ٿئي. ساڳيي نموني، سنڌ اندر هلندڙ مختلف تعليمي اسڪيمن ۾ رڻائن هيٺ هلندڙ اسڪولن ۾ بہ سنڌي نٿي پڙهائي ويڃي.

انهيءَ حساب سان، ذڪر هيٺ لکڻيءَ مان هڪ اِهو احاطو ٿو ٿئي تہ 1972ع جي ٻولي بل جي منظوريءَ کان پوءِ 1981ع تائين سنڌي ٻوليءَ کي ڪهڙا مسئلا اڳيان آيل هئا، جن کي حل ڪرڻو هو. اُهو دور ضياءُ الحق جي آمريت جو هو. پر تنهن کان اڳ جمهوري دور ۾ سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي پابندي وڌي ويئي هئي، جيڪا ڪانفرنس منعقد ٿيڻ تائين برقرار هئي. اهو مسئلو بہ چٽو ڪيو ويو آهي. ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان نشر ٿيندڙ پروگرامن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پروگرامن کي وقت نہ ملندو هو. نہ ئي نشرياتي ادارن ۾ سنڌي ماڻهن کي حقيقي تناسب ۽ حصي جي لحاظ کان ملازمت ۾ رکيو ويندو هو. بالغن جي تعليم جو ڪوبہ جوڳو انتظام نہ هو. انهيءَ طرح اِهي نهراءَ اسان اڳيان سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وسيع عنصر وارو گهڻ پاسائون منظرنامو پيش ٿا ڪن، جن مان گهٽا عنصر يا مسئلا ايجا سوڌو واسطيدار آهن ۽ اهڙن نقطن تي، اڄ بہ، ڏيان ڏيڻ جي گهرج آهي.

هن ڳاڻي ۾ ڪي ٻيا بہ اهم ليک موجود آهي، جن مان "آسان سنڌي قاعدو" بہ هڪ آهي. واقعو هن طرح آهي تہ ٻولي بل کي سنڌ ۾، پنهنجي پوري متن سان، لاڳو ڪرڻ لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڀاران سال 1973ع ۾ هڪ 48 صفحن تي ٻڌل ڪتابچو ڇپايو ويو هو، جيڪو سنڌ جي اردو ميڊيم اسڪولن ۾ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کي چوٿين ڪلاس کان پڙهڻو هو. جويي صاحب پنهنجي علمي بصيرت سان ۽ تعليمدان هئڻ جي حيثيت ۾ انهيءَ قاعدي جو تنقيدي جائزو ورتو آهي، جنهن مان اِها ڳالهہ پڻ واضح نموني محسوس ڪري سگهجي ٿي تہ ڪيس رڳو اِهو اُلڪو نہ هو تہ سنڌي شاگرد ئي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي صحيح نموني پڙهن، پر سندس ڏيان انهيءَ ڳالهہ تي بہ هو تہ ٻولي ائڪٽ جي پوئواريءَ ۾ غيرسنڌين لاءِ جيڪو سنڌي لازميءَ جو قاعدو پڙهايو ويڃي. اُهو بہ اهڙو هجي جو اُهي ٻار، جن جي مادري ٻولي سنڌي

ناهي. پڻ سنڌي ٻولي سهنجائيءَ سان پڙهي سگهن. پڪ سان، سنڌي پارن لاءِ سنڌي ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهڻ واسطي مقرر ٿيل آسان اردو قاعدي جو تنقيدي جائزو اهڙيءَ طرح ڪنهن به اردودان نه ورتو هوندو ته سندن ٻولي سنڌي شاگردن کي اسڪولن ۾ ڪيئن پڙهائي وڃي ٿي. اِهو مضمون ۽ اهڙا ڪي ٻيا مضمون اوهان جي ملاحظي لاءِ ڇڏيندي. پچاڙيءَ ۾ بن اهم مضمونن جو ذڪر ڪجي ٿو. ٻنهي مضمونن جو لاڳاپو "ٻولي ڊرافٽ ڪميٽيءَ" سان آهي. اها ڪميٽي 22 جنوري 2010ع تي سائين محمد ابراهيم جويي جي سربراهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران جوڙي ويئي هئي، جنهن کي "سنڌي ٻولي - قومي ٻولي" جي سِري سان هڪ ڪيس تيار ڪرڻو هو. ڪميٽيءَ جي جُڙڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ جو انگريزيءَ ۾ ڊرافٽ جويي صاحب تيار ڪيو. ۽ انهيءَ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ به ترجمو ڪيو. اهڙو مسودو پچاڙڪي نظرثانيءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ٻولين جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان منعقد ڪرايل سيمينار ۾ تڏهوڪي وزير سسئي پليجو کي پيش ڪيو ويو. جنهن سيمينار جي صدارت پئي ڪئي. سسئي پليجو اهو نيڪ ارادو ظاهر ڪيو هو ته هوءَ تيار ڪيل مسودو سنڌ اسيمبليءَ ۾ منظوريءَ لاءِ پيش ڪندي. تنهن کان پوءِ انهيءَ کي قومي اسيمبليءَ مان منظور ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪندي. اِهو هڪ تاريخي موقعو هو. ڇاڪاڻ ته پهريون ڀيرو سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ جي ڏس ۾ هڪ باقاعدي اڳيرائي ڪئي ويئي هئي. هيءُ مامرو علمي نوعيت جو هو. انهيءَ ڪري جو سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ لاءِ ملڪي دستور جي فقري 251 ۾ شامل شقن ۾ تبديلي ڪرڻي هئي. جويي صاحب پنهنجيءَ علمي قابليت سان اهڙيون ترميمون تجويز ڪري، مسودو تيار ڪيو هو. جنهن تي ڪميٽيءَ جي سڀني ميمبرن پنهنجي راضپي کي اظهاريو هو. انهيءَ ڊرافٽ ۾ اها ڳالهه چٽي نموني چئي ويئي ته ملڪ ۾ هينڊڙاڪاين جي ٻولين - سنڌي، بلوچي، پنجابي ۽ پشتو کي قومي ٻوليون قرار ڏنو وڃي، جڏهن ته اردو ٻوليءَ کي رابطي جي ٻولي

قرار ڏنو ويڃي. پنهنجي قيام کان وٺي، ملڪ ۾ لين جي بحران ۾ رهندو آيو هو. انهيءَ مسئلي جي ڪري، اوپر پاڪستان جي جدائي ۾ عمل ۾ آئي. پر هن مسودي کان اڳ، ملڪي سطح تي ڪوبہ اهڙو مسودو پيش نہ ٿيو هو جنهن ۾ پاڪستان ۾ موجود ۾ لين جي ڳنڀير مسئلي جي نبيري لاءِ عمل جوڳو حل موجود هجي. هن مسودي تي ٻڌل مضمون "سنڌي ۾ لي-قومي ۾ لي: هڪ ڪيس" جي عنوان سان ڪتاب جي پيڃاڻيءَ ۾ ڏنو ويو آهي.

پر معاملو هن طرح آهي تہ سنڌ اسيمبليءَ ۾ اهڙي مسودي جي پهچ ۾ اُتان منظور ٿي، ملڪي ايوانن ڏانهن حتمي منظوريءَ لاءِ وڃڻ اڳ ئي قومي اسيمبليءَ ۾ نواب يوسف ٽالپر ۾ مارئي ميمڻ هڪ ٻيو مسودو پيش ڪيو، جنهن ۾ ڇئن اڪاين سان گڏ ملڪ ۾ ڳالهائجندڙ وڏيڪ پنجن ۾ لين - يعني ڪل نوَن ۾ لين کي قومي ۾ لين جي درجي ڏيڻ جي رٽ پيش ڪئي ويئي. انهيءَ رٽ جي ويچار ۾ ضروري سفارشن لاءِ قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ هڪ اسٽينڊنگ ڪميٽي جوڙي ويئي. انهيءَ ڪميٽيءَ "قومي ۾ لي" جي مسئلي کي وچڙائي ڇڏيو. جويي صاحب جو ٻيو مضمون انهيءَ پسمنظر ۾ لکيل آهي تہ اصل مقصد ڪهڙو هو ۾ عمل نموني ڪهڙي نموني ٿي رهيو هو. انهيءَ مضمون جو عنوان آهي: "قومي تشڪيل ۾ اهميت رکندڙ ماءُ ۾ لي." انهيءَ مضمون ۾ جويي صاحب هڪ واضح واٽ ڏني آهي. سندس چوڻ آهي تہ حقيقي ۾ گهربل تقاضا اها ئي آهي تہ ملڪ ناهيندڙ اڪاين جي ۾ لين کي قومي ۾ ليون قرار ڏنو ويڃي. جيڪڏهن اهڙين مک ۾ اڪثريتي ۾ لين سان گڏ ڪن وڏيڪ ۾ لين کي بہ قومي ۾ لين جي درجيبنديءَ ۾ شامل ڪبو تہ انهيءَ جي ڪري پوري ملڪ ۾ لساني ڇڪتاڻ پيدا ٿي پکڙجي سگهي ٿي. جيڪي ۾ ليون رهجي ويندیون، اُهي اها گُهر ڪندیون تہ سندن ۾ ليءَ کي بہ قومي قرار ڏنو ويڃي. جويي صاحب اهڙي ڪنهن بہ امڪاني صورتحال کان بچڻ لاءِ هڪ واضح حل پيش ڪيو آهي. ڄاڻايل مضمون ۾ سندس خيال آهي تہ ملڪ ناهيندڙ آئيني اڪاين جي اڪثريتي ۾ لين کي قومي ۾ ليون

قرار ڏنو وڃي. جيستائين تن اکاين اندر موجود ٻين اقليتي ٻولين جو تعلق آهي تہ تن جي ذميواري هر ڪنهن صوبي کي ڏني وڃي. هر هڪ صوبو پنهنجي پنهنجي صوبي اندر اڪثريتي ٻوليءَ کان سواءِ ڳالهائجندڙ ٻولين جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪوششون ونڊي. سندس چوڻ هو تہ هڪ ئي وقت گهڻين ٻولين کي قومي ٻولين جي درجي ڏيڻ سان، ٻولين وارو بحرانُ حل ٿيڻ بدران وڌيڪ بگڙجندو.

مٿي بيان ڪيل سموري ڳالهہ ٻولهہ جي بنياد تي اِها ڳالهہ پڪ سان چئي ٿي سگهجي تہ جويي صاحب سنڌي ٻوليءَ جو سياسي ڪيس نہ رڳو وڏي عالماڻي انداز ۾ پيش ڪيو، پر اُهو ڪنهن بہ ڊپ ڊاءَ ۽ دباءَ کان سواءِ وڙهيو بہ. ڪيس سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي روشن خيال ادب کي هٿي ڏيڻ جي ڪري ون يونٽ جي دور ۾ ادبي بورڊ تان هٽايو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي دفاع ۾ مضمون "اولهہ پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو" لکڻ جي ڪري، ڪيس سنڌ بدر ڪيو ويو. سنڌ کي هڪ ترقي پسند، سيڪيولر ۽ پاڻيري سماج بڻائڻ لاءِ هن جيڪي ڪجهہ لکيو ۽ ڳالهايو، انهيءَ جي بدلي ۾ مٿس فتوائون بہ جاري ڪيون ويون. انهن مڙني تڪليفن کان پوءِ بہ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ، ترقيءَ ۽ ڪاميابين لاءِ هن سوچڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو.

سنڌي ٻولي اڄ جنهن بہ حد تائين محفوظ حالت ۾ آهي، انهيءَ جو جس، گهڻي ڀاڱي، جويي صاحب جي ڀاڱي ۾ وڃي ٿو. هُن نہ رڳو سنڌي صورتخطيءَ کي طئ ڪيو ۽ معياري سنڌي ٻوليءَ کي نصاب توڙي ادب ۾ رائج ڪيو، پر انهيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي لڳاتار واڌاري لاءِ ادارن جي تشڪيل کي ضروري سمجهيو. مٿي اهڙن ادارن جو پوتاميل ڏنو ويو. انهيءَ ريت، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽين کان وٺي علمي ادبي ادارن جي قيام تائين ۽ ادارن جي قيام کان وٺي ادب جي تخليقجڙ تائين ۽ ادب کان وٺي ابلاغي ذريعن تائين، هن سنڌي ٻوليءَ کي ڦهلائي، انهيءَ جي هر هنڌ تي موجودگيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجو محب وطن يوگدان پيش ڪيو. هيءُ ڪتابُ انهيءَ لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ لاءِ جويي صاحب جي سرانجام ڏنل خدمتن جو احاطو بہ ڪري ٿو. پر

انهيءَ سان گڏ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش مسئلن کي ٻه بيان ڪري ٿو. ٻ سنڌي ٻوليءَ کي مليل ڪاميابين جو ٻه وچور پيش ڪري ٿو. آئون سمجهان ٿو ته جويي صاحب جي سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ لکيل هنن لکڻين جي هڪ هنڌ اچڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي هر ڪنهن پهلوءَ کي سمجهڻ ۾ سهنجائي ٿي پئي آهي.

محسن جويو
حيدرآباد
7 مارچ، 2021ع

سنڌي بوليءَ جو سياسي ڪيس

پاگو پهريون

سنڌي بولي

تاريخي اهميت، پسمنظر ۽ ڪردار

ٻولي ڇا آهي؟

ٻولي، آوازُ- دانهن ۽ دانهن جو جواب- ٻوليءَ جا لفظ. ٻوليءَ جون ڳالهيون، زندگيءَ جي وڏي وَٽُ آهن. ۽ اُن لاءِ وڏو آڳَتُ آهن. بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن. رُوسي اديب تَرگينيف (83-1818ع)، جنهن پنهنجيءَ عمر جو سڄو اڌ عرصو ڪنهن طرح بي وطنيءَ ۾ گذاريو هو، پنهنجي روسي ٻوليءَ لاءِ هڪ موقعي تي چيو هو: "جڏهن به مان شڪ ۾ ويڑهجي ويان ٿو، جڏهن به پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي منهنجو منُ لرزجي ٿو تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار، آزاد روسي ٻولي! تون ئي مون کي ڏُڌ ڏين ٿي ۽ مون کي بچائين ٿي. تون نه هجين، ته پڪ ئي پڪ، جو ڪجهه منهنجي وطن تي وَهي رهيو آهي، اُن کي ڏِسي، آڏ هوند ڏَهي، ٻِنهه پَٽ اڇي پوان: پر ڪو ائين آخر ڪيئن ٿو ڇي سگهي ته هڙڻي عظيم ٻولي عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي مليل هوندي!"

اسين به پنهنجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڇئي سگهون ٿا ته اُها اسان جو ڏَڏُ آهي، آڳَتُ آهي. ۽ اسان جا شڪ ۽ نراسايون دور ڪري ٿي. ۽ جيڪا ٻولي اسان کي اڄ "سنڌي ذات هجن" جهڙو نثر ڏيئي سگهي ٿي ۽ اُن جهڙي پرک ڏيئي سگهي ٿي، اُها ٻولي ڪيئن نه عظيم هوندي! ۽ نيٺ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته هڙڻي عظيم ٻولي عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي ملي هجي!

- م. ا. ج.

("سنڌي ذات هجن" آڪٽوبر، 1983ع جي مهاڳ تان کنيل)

ھوليءَ جي تاريخ

ھوليءَ ۽ ادب جي .... حيثيت ۾ ... ڪارج تاريخي طور عام مڃيل آھي- اوائلي مذھبي برادرين (جيڪي جديد قومن جي وجودجڻ جون پھريون جماعت بنديون ليڪجن ٿيون) جي ھولين جي سلسلي ۾، مثلاً: اُنھن جون مقدس ھوليون: سنسڪرت، ھيبريو اَوستا، پالي، يوناني/ لاطيني ۽ عربي وغيره ۽ اُنھن ڪان پوءِ يا اُنھن سان شامل ۽ ھمعصر ملوڪيتي يا بادشاھي نظامن جي سلسلي ۾، جڏھن علائقائي حد بندين ۽ علائقائي ھولين ھر ھنڌ اُنھن مذھبي برادرين ۽ سندن مقدس زبانن جي جاءِ ورتي ۽ اُھي لکيت ۾ اچڻ ۽ ماڻھن جون ادبي ۽ علمي ھوليون ٻڌجڻ شروع ٿيون، ۽ سڀ ڪان وڌيڪ، جديد قومي جمھوري نظامن جي سلسلي ۾، جڏھن قومي رياستون وجود ۾ آيون ۽ اُنھن جون قومي ھوليون پنھنجي سڃي فڪري ۽ تخليقي معجزي سان قومن جي سڃاڻپ جا بنيادي نشان ٻڌجي پيون، جيئن اڄ اُھي آھن.

قومي زندگيءَ ۾ قومي ھوليءَ جي اِن اھميت ۽ اِن ڪارج جي ڳالھ ڪندي، تاريخ ۽ سماجيات جي ھڪ عالم چيو آھي تہ "جيئن محبوب جي ڏسڻ لاءِ عاشق جي اک آھي، ھُن جي پنھنجي اک، اصلي اک، تيئن محب وطن لاءِ ھولي آھي- سڃيءَ ھُن جي قوم جي تاريخ کان ھُن کي مليل، ھن جي پنھنجي اصلي ھولي، مادري ھولي. اُن پنھنجيءَ ھوليءَ وسيلي، جا ھو جڻ سان ٻڌي ٿو ماءُ جي ھنج ۾ سکي ٿو ۽ قبر تائين ساڻُ نِئي ٿو ھو گذريل وقتُ ياد ڪري ٿو. سھيوڳي سنگ ۽ رفاقتون خيال ۾ آڻي ٿو ۽ پنھنجا ھو آئيندي جي وقتن جا خواب لھي ٿو."

ٻوليءَ ۽ ادب جي اِها زندگي بخش روح افزائي ۽ اِها اُنهن جي مسيحائي هر محب وطن فرد ۽ خاص طرح محب وطن قومي شاعرن ۽ اديبن جي واسطي سان قوم لاءِ سدا موجود، سدا زنده ۽ تر و تابنده رهي ٿي. سنڌي ٻولي ۽ اُن جو ادب تہ اِنهيءَ طرح سنڌي قوم جي پنهنجي جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻڻ جي ارادي ۽ جدوجهد جي تاريخ جا محفوظ طومار يا رڪارڊ آهن ۽ ائين ئي، خاص طور جديد قومي سنڌي ادب لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اُهو سڄي جو سڄو اڇوڪي دور جو، خصوصًا 1947ع جي تقسيم برصغير ۽ اُن جي نتيجي ۾ سنڌ جي قومي ورهاڱي ۽ سنڌي قوم کي جنهن سياسي ۽ سماجي صورتحال سان دوچار ٿيڻو پيو، اُن جو اُهو شعوري ردعمل ۽ پورو ۽ سچو تفصيل آهي.

("راج گهات چنڊ،" نومبر 1987ع، جي پيش لفظ تان کنيل)

سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي پسمنظر

(ديباچو، "سنڌي ٻولي")

هيءَ مضمون محترم سراج جي لکيل ڪتاب 'سنڌي ٻولي' - عظيم پبليڪيشنس، حيدرآباد، سنڌ 1964ع - جي مهاڳ طور پيش ٿيل آهي. هن مضمون جي مواد ۾ ترتيب لاءِ هيئين ڪتابن تان مدد ورتل آهي:

1. E. H. Sturtevant, An Introduction to Linguistic Science, New Haven: Yale University Press, 1947.
2. Holger Pedersen, Linguistic Science in the Nineteenth Century, Cambridge, Mass, Harvard University Press, 1931.
3. Leonard Bloomfield, Language, New York, 1933.
4. Kenneth L Pike, Phonetic, Ann Arbor, Mich. : University of Michigan Press, 1943.

- م. ا. ج.

سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته 'جي چلهه تي سي دل تي' - انساني لاڳاپن ۾ هيءَ ڳالهه ته شايد عام طرح صحيح به هجي، پر ٻيا ڪيترا معاملا آهن، جن ۾ ڳالهه مرڳوئي ان جي ابتڙ معلوم ٿي ٿئي. جيڪي چيزون انسان کي بنهه ويجهڙيون هونديون آهن، تن ڏانهن ان جو ڌيان اڪثر ڪونه ڇڪبو آهي: مثلاً "ساهه ڪٽڻ" آهي، "هلڻ" آهي - انهن ڏانهن عام طرح ڪنهن جو به خاص ڌيان ڪونه ٿو وڃي. ٻولي به اهڙين ئي ويجهڙين شين مان هڪ ويجهڙي ۽ هميشه ساڻ رهندڙ شيءِ آهي.

ڪڏهن ڪڏهن سو ماڻهوءَ جو خيال ٻوليءَ ڏانهن ضرور ڇڪبو آهي: جڏهن ان جي ٻن همر- معنيٰ جملن يا ترڪيبن- مثلاً "رت ڳاڙهو آهي" يا "رت ڳاڙهي آهي" منجهان هن کي سوچڻو پوندو آهي ته ڪهڙي ترڪيب صحيح آهي ۽ ڪهڙي غلط. پر اهڙين حالتن ۾ به هن جي اکثر هڪ ئي روش هوندي آهي: يا ته هو ڏوڙي وجي اڳيان لکيل ۽ ڇپيل ڪتاب ڏسندو آهي يا وري هڪدم ڪنهن نه ڪنهن لغت کي وجي ڦولُيندو آهي: ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ جي سلسلي ۾ سندس اکثر عقيدو هيءُ هوندو آهي ته اڳين عالمن ۽ اديبن ٻوليءَ جي اهڙن مسئلن متعلق دائمي ۽ آخرين فيصلا ڏئي ڇڏيا آهن. عام طرح ته ڪتابن ۽ لغتن ڏانهن رجوع ٿيڻ جي به هو ڪا ضرورت محسوس ڪانه ڪندو آهي. ڇاڪاڻ ته گرامر جا عام قاعدا ۽ اصول، "فاعل،" "مفعول، "عدد،" "جنس،" "زمان" وغيره متعلق- هن جي سامهون هوندا ئي آهن، جن جي آڏار تي هو سمجهندو آهي ته ٻوليءَ جي اهڙن مونجهارن کي هو آسانيءَ سان حل ڪري سگهي ٿو. پر حقيقت ۾ اهڙن سِڌن سَنون ۽ ساڳئي وقت ڪُتل ويچارن وسيلي ٻوليءَ بابت ڪابه بنيادي تحقيقات ممڪن نٿي ٿي سگهي. شايد سؤ يا ڏيڍ سؤ سال مس ٿيا آهن، جو ٻوليءَ بابت مطالعي ۽ فڪر جو اهو آسان ۽ ٻاراڻو انداز ڇڏي ڪري، ڪن عالمن ۽ مفڪرن نج علمي ۽ تحقيقاتي بنيادن تي انهيءَ ڏس ۾ سوچڻ ۽ ويچارڻ شروع ڪيو آهي. ٻوليءَ جي صحيح ۽ ڪارائتي مطالعي جو لازمي شرط هيءُ آهي ته پهريائين ان متعلق عام عقيدن کي يا ته بنهه نظر انداز ڪيو وڃي، يا گهٽ ۾ گهٽ انهن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت کي هميشه سامهون رکيو وڃي، ۽ اهڙيءَ طرح اُن مسئلي جي ڏري پرزي جانچ پڙتال، خالص عقل جي روشنيءَ ۾ ۽ نُوس حقيقتن جي بنياد تي ئي ڪئي وڃي.

قديم يونانين روزمره جي واقعن ۽ بنهه رواجي ڳالهين تي هڪ عجيب ۽ بي خوف انداز ۽ اورچائيءَ سان سوچيو ۽ ويچاريو ۽ ساري دنيا عام طرح ۽ مغربي دنيا خاص طرح اڄ به اُنهن جي عظيم احسانن کي پَئي ڳائي ۽ انهن مان پنهنجي فڪر جا رستا روشن ڪري. پر اڄ

انهن اوائلي يوناني مفڪرن جي ٻڌايل نتيجن تي جيڪڏهن ڪو بنهه ڳنڍ ٻڌي ويهي رهي، تہ هوند علمي نقطہ نگاهہ کان اهڙي ماڻهوءَ کي شايد ئي "سڌريل انسان" سڏي سگهبو. مثلاً 5 صدي قبل مسيح جو يوناني فيلسوف، هيروڊوٽس، پنهنجي ڪتاب "تاريخ" (جلد 2، باب 2) ۾ مصر جي هڪ بادشاهہ، سامينٽيڪس، جي ڳالهہ ٿو ٻڌائي تہ ان بادشاهہ کي هڪ پيري اچي خيال ٿيو تہ معلوم ڪجي تہ دنيا ۾ سڀ کان پراڻي هولي ڪهڙي هئي- سو ڇا ڪيائين جو ٻن نون ڄاول ٻارن کي هڪ ٻوڙي ۽ گونگي شخص جي سنيال هيٺ، هڪڙي جهنگ ۾، ڇڏي ڏنائين. سندس خيال هو تہ ٻي عام هولي، جو هي ٻارَ ڪنين نہ ٻڌندا، سو هو آخرڪار جيڪو پهريون لفظ وات مان ڪيندا، سوئي لفظ انسان جي پهرينءَ هوليءَ جو پهريون لفظ هوندو! چنانچہ هنن ٻارن نيٺ هڪڙو لفظ وات مان ڪڍيو- ۽ اُهو هو "بيڪوس،" جيڪو فِرِجَين هوليءَ جو لفظ هو ۽ معنيٰ هيس "ماني". بس، اُنهيءَ تجربي جي بنا تي اعلان ڪيو ويو تہ "فرجين" هولي انسان جي پهرين هولي هئي. هيرو ڊوٽس جي نظر ۾ بہ اهو تجربو فيصلہ ڪن هو- ڇو تہ سندس خيال ۾ ماڻهوءَ جي گهُر "ماني" ئي ٿِي ٿي سگهي! پر افسوس، جو هيرو ڊوٽس بادشاهہ جي هن تجربي کي بيان ڪندي، ان جو هڪڙو تفصيل هيءُ بہ بيان ڪري ٿو تہ ان گونگي ٻوڙي شخص وٽ رڍن ۽ ٻڪرين جو ڌڻ بہ ساڻ هو. رڍون ۽ ٻڪريون تہ ظاهر هو تہ سواءِ "ب ي ي ب ي ي" جي ٻيو ڪو آواز ڪونہ ڄاڻن، تنهنڪري انهيءَ سوچ ٻڌاندر تہ وڌيڪ صحيح ڳالهہ هيءَ ليکي سگهبي تہ دنيا ۾ پهرين هولي رڍن ۽ ٻڪرين ئي ڳالهائي!

افلاطون پنهنجي هڪ ڊايالاگ، بعنوان "ڪرٽيلس" ۾ لفظن جي اصليت تي بحث ڪندي، هڪڙو سوال پيش ڪيو آهي: ڇا شين ۽ شين جي نالن وارن لفظن جو باهمي تعلق فطري آهي، يا اُهو انسانن جو هٿراڏو ناهيل ۽ روايتي تعلق آهي؟ بس اتان ئي هولي وگيان ۾ "لاڳاپي" (Analogy) ۽ "نيارائي" (Anomaly) جو اختلاف شروع ٿيو. "لاڳاپي" جا حامي چوڻ لڳا تہ هولي هڪ فطري (يعني قدرت

طرفان عطا ڪيل) چيز آهي ۽ منطقي ۽ پيمائتي آهي، ۽ رڳو انسانُ غير منطقي ۽ اڻ پيمائتو آهي- ۽ "نيارائيءَ" جا حامي، جن جو انهيءَ ڳالهه سان اختلاف هو، پنهنجي طرفان ٻوليءَ جي بيهڪ ۽ ڏانچي ۾ ٻي قاعدگيون ۽ ڏنگاريون ڏڏايون ڳولينداِ ۽ ٻڌائيندا رهيا. "لاڳاپي" جي حامين جو خيال هو ته لفظن جي شڪل ۽ بناوت مان سندن اصل ۽ حقيقي معنيٰ لهي سگهجي ٿي- ۽ ان مطالعي کي هنن "علم اشتقاق" سڏيو. "اشتقاق" جو لفظ اڄ به عام استعمال ۾ آهي- جيتوڻيڪ هاڻي ان جو مفهوم قدري مختلف ليکيو وڃي ٿو.

قديم يونانين پنهنجي ٻوليءَ جو خوب مطالعو ڪيو. پر اهو سڄو سندن هن نظريي تي ٻيڻل هو ته سندن ٻوليءَ جي ڏانچي ۾ انساني فڪر جا همه گير اظهاري نمونا موجود هئا. چنانچه هنن گرامر جا عام قاعدا ۽ اصول وضع ڪيا ۽ انهن کي علمي ويس ڏنو. پر ظاهر آهي ته اهي قاعدا فقط هڪڙيءَ ٻوليءَ تائين ئي محدود هئا. ٻيءَ صديءَ ق.م. ۾ ٻيونيسس ٿرئڪس، ۽ ٻيءَ صديءَ بعد مسيح ۾ اپالونيس ڊسيولس انهيءَ ئي فلسفيانه تعميمي پيرايي ۾ پنهنجا پنهنجا گرامر پيش ڪيا. ٻوليءَ جي جزئياتي مطالعي طور، هومر جي "اِليڊ" ۽ "آڊيسي" ڪتابن جي جيڪا هڪ ٻئي يوناني عالم، آرسٽارڪس (144-216 ق.م)، تفصيلي چنڊچاڻ ڪئي، سا پڻ پنهنجي وقت جي نهايت قابل قدر ڪوشش هئي. بهرحال هنن يوناني عالمن جيڪي ٻولي وگيان جي ميدان ۾ هڪَ پاساوان ۽ مخصوص نتيجا پيش ڪيا، سي ارڙهين صديءَ تائين بحال ۽ قابل غور رهيا. ان کان پوءِ عالمن اُنهن خيالن کي چڏڻ شروع ڪيو. ۽ اِهو عام ويساهه ته ٻولي سنئين سڌي ۽ جيئن آهي تيئن خدا جي عطا ڪيل ذات آهي، ان جي بدران ٻوليءَ جي ابتدا متعلق ٽئين قسم جي سوچ ويچار ۽ تحقيق شروع ٿي، ۽ هلندي هلندي، ان بابت هيٺيان نظريا پيش ڪيا ويا:

(1) ماڻهن جيڪي پنهنجي چوڌاري عام آواز ۽ شور ٻڌا. تن جي نقل ڪرڻ جي هنن ڪوشش ڪئي، ۽ ائين ٻولي شروع ٿي. هِن کي "هُوهُو" يا "وُووُو" (the bow vow) جو نظريو سڏين ٿا.

(2) ماڻهن پنهنجي ماحول ۾ جڏهن ڪي خاص ۽ ڏينگائتا آواز ٻڌا، تڏهن اهڙا آواز ازخود ڪيڙ شروع ڪيائون. ۽ ائين ٻولي شروع ٿي. هِن کي "ٽڙ ٽڙ" (گهنڊ جِي) يا "ڊم ڊم" (the ding dong) جو نظريو سڏيو ويو.

(3) ماڻهن پنهنجن اندروني اڌمن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ خودبخود آواز- ڪاوڙ جا، عجب جا، خوشيءَ جا، ڊپ جا وغيره- ڪيڙ شروع ڪيا، ۽ ائين ٻولي شروع ٿي. هِن کي "آهه آهه" يا "واهه واهه" (the pooh pooh) جو نظريو سڏيو ويو. ٻئي پاسي يوناني عالمن جي علم اشتقاق بابت جڳ- مشهور فرينچ فيلسوف، والٽيئر (1694ع- 1778ع)، انهيءَ حد تائين چئي ڏنو ته "اشتقاق هڪ اهڙو علم آهي، جنهن ۾ حروف علت جي ڪا اهميت ڪانهي ۽ حروف صحيح به ڪنهن خاص شمار ۾ ڪونه ٿا رهن!"

اُنهيءَ وچ ۾، رومن لوڪن پنهنجي لئٽن ٻوليءَ جا پڻ گرامر مرتب ڪيا، پر انهن کي يوناني ٻوليءَ جي ئي گرامر جي سانچي ۾ ٺهڪائي پيش ڪيائون. چوٿينءَ صديءَ ۾ ڊونيٽَس نالي، ۽ ڇهين صديءَ ۾ پريسيان نالي، لئٽن ٻوليءَ جا به گرامر نويس پيدا ٿيا، جن جا گرامر سڄي وچولي زماني ۾ حرف آخر طور شمار ۽ استعمال ٿيندا رهيا. اُنهيءَ سڄي دور ۾، جڏهن لئٽن ٻولي، ڳالهائجڻ جي حيثيت ۾، بدلجي سدلجي 'Romance' يعني ڏيهي يوروپي ٻولين، جهڙوڪ رومينين، فرينچ، اٽالين وغيره جا روپ ونڻي رهي هئي، ٻوليءَ جي تحريري صورت اُهائي ڪلاسيڪي لئٽن واري اختيار ٿيندي رهي.[1] يورپ جي اڪثر ملڪن ۾، انهيءَ زماني جا عالم رڳو ڪلاسيڪي لئٽن جي ئي مطالعي ۾ مشغول رهيا. هن صورتحال جا نشان اڄ ڏينهن تائين مغرب جي اڪثر يونيورسٽين ۾ موجود ڏسجن ٿا، جن جي نصاب ۾ ڪلاسيڪي لئٽن هڪ مضمون طور اڄ به موجود آهي. وچولي زماني جي عالمن لئٽن گرامر جا ڪي نوان اصول، مثلاً اسم ۽ صفت جو فرق، وغيره ڳولي ڪڍيا، پر جيڪا تحقيق ۽ جيڪو مطالعو ڪلاسيڪي لئٽن ٻوليءَ جو اڳيان گرامر نويس پيش ڪري چڪا هئا، تنهن جي مثال کي

هو پوءِ ٻہ پھچي ڪونہ سگھيا۔ڇاڪاڻ تہ سندن زماني ۾ ٻولي، ڳالھائجڻ جي حيثيت ۾، پنھنجو روپ ڪافي بدلائي چڪي ھئي، ۽ ھو ڪلاسيڪي لئٹن جي بيھڪ ۽ بناوت کي ئي انساني ڪلام جو عين منطقي ۽ مثالي ماڻ ڪري شمار ڪندا رھيا. ھنن عالمن جي پيرويءَ ۾، ڪيترن نسبتاً جديد زماني جي عالمن پڻ گرامر جا ڪتاب لکيا، جن ۾ ھنن، پنھنجي پنھنجي پسند ۽ واسطي پٽاندر، لئٹن توڙي ٻين ٻولين جي بناوت کي منطق جي عالمي اصولن جو مظھر ۽ امتيازي مثال ڪري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اھڙي گرامر جي ڪتابن مان سڀ کان وڌيڪ مشھور "Grammaire Generale et Raisonnee" نالي ڪتاب آھي، جو فرانس جي پورٽ رايل شھر جي ھڪ خانقاھ ۾ سنہ 1660ع ۾ لکيو ويو. ٻولين بابت ھن قسم جو محض فلسفيانہ طرز جو خيال اوڻيھين صديءَ تائين قائم رھيو. 1801ع ۾، گالفريد ھَرمن نالي ھڪ جرمن عالم ساڳئي قسم جو ھڪ گرامر جو ڪتاب[2] تيار ڪيو. جنھن ۾ ھن رڳو ھيءَ ڳالھہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ دنيا ۾ جيڪڏھن ڪا عالمانہ ٻولي موجود ھئي، تہ اھا فقط لئٹن ٻولي ئي ھئي.

مطلب تہ وچولي دور جي مغربي عالمن لاءِ ڏيان لائق ڪا ٻولي يا زبان فقط لکيل ڪلاسيڪي لئٹن ٻولي ھئي: ٻيءَ ڪنھن ٻوليءَ ۾ سندن دلچسپيءَ يا ان جي مطالعي جو علمي دنيا ۾ خاص ڪو نشان ڪونہ ٿو ملي. جڏھن يورپ ۾ سجاڳيءَ جو دور آيو، تڏھن البت يوناني ٻوليءَ جو وري ڪجھہ قدر چرچو ٿيو ۽ صليبي لڙاين سبب عربي ۽ ھيبريو ٻوليون پڻ عالمن جي مطالعي ھيٺ اچڻ شروع ٿيون. ساڳئي وقت، ھيءُ زمانو عام تلاش ۽ کوجنا جو زمانو ھو. ڪيترائي ڏورانھن ملڪن تان موتندڙ مسافر ڪنھن قدر اتان جون ٻوليون سکي واپس پنھنجن پنھنجن ملڪن ڏانھن موتندا ٿي رھيا، ۽ پڻ عيسائي پادرين ھٿان مذھبي ڪتابن جا والاريل ملڪن جي ٻولين ۾ ترجما ٿيڻ شروع ٿيا. انھن ٻولين جي گرامرن ۽ لغتن ناھڻ جون پڻ ڪنھن حد تائين ڪوششون ٿيڻ شروع ٿيون. اسپين جي پادرين 1500ع کان پنھنجي

تبليغ جي ڪم سان گڏوگڏ ڪيترين اصلوڪين "آمريڪي" ٻولين ۾ فلپائين جي ٻولين تي ڪافي ڪتاب لکيا. پر پادرين جي انهن ڪتابن کي ٻولي وگيان جي دائري ۾ اڄ ڪا خاص اهميت ڪانه ٿي ڏني ويجي. هڪ ته هنن پادري عالمن کي ڏارين ٻولين جي آوازن سڃاڻڻ جي ڪا خاص تربيت حاصل ڪانه هئي. تنهنڪري هو انهن ٻولين کي صحيح صورت ۾ قلمبند ڪري ڪين سگهيا، ۽ ٻيو ته، تڏهوڪي دستور موجب، هو پڻ مختلف ٻولين جي گرامرن کي لئٽن ٻوليءَ جي گرامر جي سانچي ۾ ئي پلٽائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. جنهنڪري محنت جي زبان سان گڏ انهن ٻولين متعلق ڪيتري وقائتي معلومات پڻ جديد ٻولي وگيانين کان گويا هميشه لاءِ گم ٿي ويئي.

دنيا ۾ وڻج واپار جي واڌاري ۽ ملڪان ملڪ ماڻهن جي اڇ وڇ سبب بهرحال ڪيترين ئي ڄاتل سڃاتل ٻولين جا گرامر ۽ لغتون ٺهڻ شروع ٿيون. ارڙهين صديءَ جي آخر ڌاري ٻولي وگيان جي ترقيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته روس جي مهاراڻي ڪئٿرين جي چوڻ تي يورپ ۽ ايشيا جي 200 ٻولين جي هڪ تقابلي شبد مالها[3] تيار ٿي، جنهن ۾ 285 لفظ گڏ ڪيل هئا. هن ڪتاب جي پي ايڊيشن 1791ع ۾ شايع ٿي، جنهن ۾ وڌيڪ 80 ٻوليون، جن ۾ ڪي آفريڪي ۽ "آمريڪي" ٻوليون به هيون، شامل ڪيون ويون. هن تقابلي شبد مالها جي ترتيب ڪجهه هن ريت هئي:

انگريزي	ڊچ	جرمن	ڊئنش	سئيڊش وغيره
مَئن (Man)	مان	مان	مانق	مان
هَئنڊ (Hand)	هانت	هانت	هانق	هاند
فُٽ (Foot)	وُٽ	فُس	فوقز	فوت
فِنگر (Finger)	وِنگَر	فِنگَر	فِينگڤَر	فِنگر
هَائوُس (House)	هوِئيس	هائُوس	هُقس	هُوس

ٻئي طرف ڪن عالمن پنهنجين ٻولين جي آڳاٽين لکيتن ڏانهن ڏيان ڏنو. هن ڏس ۾ انگريزي ٻوليءَ ۽ ٻين قريبي ٻولين مثلاً فرسين، ڊچ،

جرمن، اسڪاٽنڊي نيوين ۽ گوٿڪ وغيره جي مطالعي تي فرئنسيڪس جونس (1589ع-1677ع) نالي هڪ ٻولي وگياڻيءَ وڏي محنت صرف ڪئي. جارج هائيڪس (1642ع- 1715ع) نالي ٻئي هڪ عالم گوٿڪ ۽ اينگلو سئڪسن ٻولين جو هڪ گرامر[4] تيار ڪيو ۽ پٽ انگريزيءَ ۽ ٻين قريبي ٻولين جي قديم صورتن متعلق هڪ متفرق معلومات جو ذخيرو[5] شايع ڪيو.

ارڙهين صديءَ جي هنن عالمن جي ٻولين بابت معلومات مجموعي طور هيئن بيان ڪري سگهجي ٿي: (1) ٻوليءَ جون گرامري خصوصيتون عام طرح هنن رڳو فيلسوفي انداز جي تميمي صورت ۾ بيان ٿي ڪيون. ۽ ٻولين جي پنهنجي پنهنجي الڳ بناوت ڏانهن هنن ڪو خاص ڌيان ڪونہ ٿي ڏنو. بلڪ اهڙن فَرقن ۽ تفاوتن کي هنن لئتن ٻوليءَ جي گرامر جي سانچي ۾ ڍڪائي. مرڳوئي لٽي ٿي ڇڏيو. (2) ٻوليءَ جي آوازي صورت تي ويچار ڪرڻ بدران، ان کي رڳو لکيل الف ــ ب جي نشانين سان ئي لاڳاپيل سمجهيو ٿي ويو. (3) ڇاڪاڻ تہ هو اها ڳالهہ محسوس ڪونہ ٿي ڪري سگهيا تہ ڪلاسيڪي لئتن ٻوليءَ جو استعمال محض هڪ مصنوعي ۽ خالص علمي مشق جي حيثيت کي وڃي رسيو هو. تنهنڪري هو هن ڳالهہ کي چنبڙيا رهيا تہ ٻولي فقط پڙهيل ۽ باخبر ماڻهن جي خاص استعمال سبب ئي محفوظ رهِي ٿي سگهِي، ۽ رڳو عام ماڻهو، جيڪي سندن نگاهن ۾ ڇت هئا، ان کي بگاڙيندا ۽ بدلائيندا ٿي رهيا. پنهنجي انهيءَ عقيدي ماتحت، هي گرامر جا عالم پنهنجي مرضيءَ موجب ٻولين جا عجيب غريب قاعدا مرتب ڪندا رهيا، جن جو بنياد سندن خيال ۾ منطق تي ٻيٺل هو، جنهن ۾ اختلاف جي ڪا گنجائش ڪانہ هئي. هنڙن اٽڪورن غلط خيالن سبب هي عالم گهربل حقيقتن ۽ ٺوس مواد جي موجود هوندي- مثلاً قديم ٻرلين جون لکيتون، جهنگلي قبيلن جي اڻ تراشيل ٻولين بابت معلومات، جديد ٻوليون ۽ انهن جون اپياشائون، ۽ سڀ کان وڌيڪ، ساڳيءَ ٻوليءَ مثلاً لئتن، جديد رومانس ٻولين، اينگلو سئڪسن ۽ جديد جرمئنڪ ٻولين جي تدريجي اوسر بابت شهادتون، وغيره-

انهن سمورين حقيقتن ۾ ان سڄي مواد کي استعمال ڪرڻ کان هو قاصر رهيا. جيتوڻيڪ سنڌن علم ۾ هيءَ ڳالهه هئي ته ڪن ٻولين جي هڪٻئي سان مشابهت آهي، تنهن هوندي ب انهن مشابهتن جي مطالعي کان هو حذر ڪندا رهيا. ڇاڪاڻ ته سنڌن نظريي موجب اهي مشابهتون محض اتفاقي بگاڙي جو نتيجو هيون ۽ بس. سنڌن ذهن ۾ جو هيءُ خيال ويٺل هو ته لڳ ٻوليءَ ۾ ڪا ڦير گهير ڪانه آئي هئي ۽ اها جيئن اصل هئي تيئن ئي وڻن موجود هئي. تنهنڪري هو ائين سمجهڻ لڳا ته ٻيون آس پاس جون ٻوليون ئي، اتفاقي بگاڙ سبب، هڪٻئي منجهان ڦٽي نڪتيون هيون. منجهائن گهڻن هيبريو (عبراني) کي منڌ جي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ٿي، پر ڪن جي راءِ ان کان الڳ هئي. ائنٽورپ جي رهواسيءَ، گورو پيس بيڪانس، جو پاڻ ڊچ هو، پنهنجي وطني حب جو مظاهرو ڪندي، هيءُ ظاهر ڪيو ته لڳ ڪان سواءِ يورپ جون ٻيون سڀ ٻوليون ڊچ ٻوليءَ منجهان نڪتل هيون!

تقريباً اُنهيءَ زماني ۾، يعني ارڙهين صديءَ جي آخر ڌاري، يوروپي عالمن کي پاڻنيءَ جي گرامر جي سُڌ پيئي. سنسڪرت جي گرامر جو هيءُ ڪتاب ڪنهن مخصوص مفروضي بدران، حقيقتن ۾ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ مرتب ٿيل هو. ۽ ان جي وسيلي يوروپي عالمن جي سامهون ٻولين جي تقابلي مطالعي جا امڪان پڌرا ٿيا. پاڻنيءَ جي گرامر ٻوليءَ جي ڇيد جو اصول سيکاريو. جنهن موجب ٻولين جي ترڪيبي جزن جي ڀيٽ سان سنڌن هڪجهڙايون، جيڪي هونئن لڳ ۽ ڏکيل رهن ٿيون، سي پوري پروسي سان ليڄي سگهيون ٿي. سڀ کان اول ٻولي وگيان جي ماهر، وليم جونس (1746ع- 1794ع)، هيءَ وضاحت پيش ڪئي ته لڳ، سنسڪرت، انگريزي، فارسي وغيره ڪنهن هڪ ئي قبل از تاريخي ٻوليءَ جون الڳ الڳ صورتون هيون. سندس چوڻ موجب "سنسڪرت، يوناني ۽ لڳ ۾ ايتري ته ويجهي مشابهت آهي، جو اها محض ڪنهن اتفاق جو نتيجو نٿي سگهي؛ بلڪ ان مان اهو انومان ڪڍي سگهجي ٿو ته اهي ٽيئي ٻوليون ڪنهن هڪڙيءَ منڌ واريءَ ٻوليءَ منجهان ڦٽيون آهن، جيڪا شايد اڄ ڪٿي

موجود ڪانهي، ۽ گوٽڪ (جرمئنڪ) ۽ ڪليٽڪ ٻوليون ٻہ شايد ان ساڳيءَ ئي منڊ واريءَ ٻوليءَ مان نڪتل آهن."[6] وليم جونس جي انهيءَ بيان کان پوءِ يوروپي ٻولي وگيانين جيڪو هند-يوروپي ٻولين جو تقابلي مطالعو ڪيو آهي، سا واقعي هڪ نهايت ڏل دائڪ ڪوشش ثابت ٿي آهي. وليم جونس جو هيءُ چوڻ تہ جرمئنڪ ٻولين جو لئٽن، يوناني وغيره ٻولين سان تعلق آهي، سچو ثابت ٿي چڪو آهي، ۽ ساڳيءَ طرح سندس اهو اندازو ڪيلٽڪ ٻولين (آئرش، ويلش، ڪارنيش، وغيره) بابت پڻ صحيح ثابت ٿي چڪو آهي. فارسي، الباني، هِٽي ۽ پڻ ڪيتريون مشرقي ٻوليون، جن جون بنهہ مختصر لکيتون ئي موجود هيون، سي پڻ هند-يوروپي سٽ منجهان ثابت ٿي چڪيون آهن.

جيڪڏهن ڪا ٻولي ڪنهن وڏيءَ ايراضيءَ ۾، يا لڏپلاڻ سبب، گهڻين الڳ الڳ ايراضين ۾ ڦالهائي وڃي ٿي، تہ ان ٻوليءَ ۾ جدا جدا هنڌن تي جدا جدا انداز ۽ نموني سان ڦير گهير واقع ٿيندي. ان ڦير گهير جو نتيجو هيءُ نڪرندو تہ مختلف مگر لاڳاپيل ٻوليون وجود ۾ ايندیون- مثلاً اٽالين، فرينچ، پورچوگيز، رومينين، ڪئٽالين، اسپئنش ۽ ٻيون رومانس ٻوليون، جن کي هڪ ئي سٽ يا گروهہ جون ٻوليون سڏي سگهبو. ساڳيءَ ريت ٻين لاڳاپيل ٻولين جي ٽولن کي پڻ، مثلاً 'هند-پاڪستاني،' سِلاو ۽ ٻين اهڙين ٻولين جي ٽولن کي، جن ۾ پڻ ساڳئي قسم جون هڪجهڙايون موجود ڏسبيون، ساڳئي ئي طريقي سان پيدا ٿيل سڏي سگهبو. هيءُ هڪ خالص تاريخي اتفاق آهي، جو اسان وٽ ٻوليءَ جو اوائلي تحريري رڪارڊ موجود نہ آهي. هنن اصلوڪين اڻ لکيل ۽ هن وقت غير موجود ٻولين کي ٻولي وگيان ۾ پروٽو سلاوڪ، پروٽو جرمئنڪ، پروٽو اِنڊڪ وغيره نالا ڏنا ويا آهن. ان کان پوءِ جڏهن ٻولين جي هنن ٽولن جي وچ ۾ اهڙيون ڪي هڪجهڙايون ڏسجن ٿيون، جيڪي محض ڪنهن اتفاق جو نتيجو نٿيون ٿي سگهن، تڏهن اسين انهن کي هڪ ئي مُک سٽ (هند-يوروپي) جون ٻوليون شمار ڪري ٿا سگهون. ۽ وليم جونس جي چوڻ

موجب، اها پختي راءِ قائم ڪري سگھون ٿا تہ اهي سيٻيئي ٻوليون ڪنهن هڪ ئي قبل از تاريخي ٻوليءَ منجهان اُسريل آهن، جنهن هڪڙي بنهہ شروعاتي ٻوليءَ کي ٻولي وگيان ۾ اڄ پروٽو هند-يوروپي ٻولي سڏيو وڃي ٿو.

هند-يوروپي ٻولين جي سلسليوار ٻيٽ جي شروعات سنسڪرت، يوناني، لئٽن، فارسي ۽ جرمئنڪ ٻولين جي فعلي گردانن جي ٻيٽ سان ٿي، ۽ جرمن عالم، فرئنزباپ، سنہ 1816ع ۾ هڪ ڪتاب،[7] شايع ڪيو، جو ان سلسلي جو هڪ بنيادي ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. 1819ع ۾ هڪ ٻئي جرمن عالم، جيڪب گِرم، پنهنجي ڪتاب جو ٻيهريون جلد، ۽ ٽي سال پوءِ، 1822ع ۾، ان جو ٻيو جلد پڌرو ڪيو، جن ۾ هن جرمئنڪ ۽ ٻين هند-يوروپي ٻولين جي وچ ۾ "صحيح حرفن" (consonants) جي آوازي مشابهت تي هڪ تفصيلي بيان پيش ڪيو، جنهن ۾ جيتوٽيڪ بنيادي طرح ٻولين جي تاريخ جو ئي ورنن ڪيو ويو هو پر ان آوازي مشابهت يا هم آهنگيءَ جي ٻيءَ طرح بہ هڪ وڏي اهميت هئي. ان مان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي تہ، جيئن انساني عمل جي ٻين دائرن ۾، تيئن ٻوليءَ جي طويل اوسر ۾، آوازن جو پيدا ٿيڻ ۽ ان ۾ ڦير گھير جو واقع ٿيڻ پڻ هڪ قسم جي باقاعدگيءَ ۽ ترتيب سان عمل ۾ اچي ٿو.

سنہ 1833ع ۾ مٿي ذڪر ڪيل جرمن عالم، فرئنزباپ، هند-يوروپي ٻولين جي تقابلي گرامر جو هڪ تفصيلي ڪتاب[8] پيش ڪيو، جيڪو ٻولي وگيان ۾ وڏيءَ اهميت جو ڪتاب شمار ٿئي ٿو. انهيءَ سال ساڳيءَ ئي اهميت وارو هڪ ٻيو ڪتاب[9] پڻ هند-جرمئنڪ ٻولين متعلق اشتقاق جي موضوع تي شايع ٿيو، جنهن جي اشاعت سان ٻولي وگيان ۾ لفظ "اشتقاق" جي آخرڪار هڪ صاف ۽ واضح معنيٰ مقرر ٿي. يوناني عالمن وٽ هن لفظ جو مطلب هيءُ هوندو هو تہ لفظن جي صورت ۾ متعلقہ شين سان سندن نسبت جو مطالعو ڪيو وڃي. پر هاڻي ان جي معنيٰ هيءَ مقرر ٿي تہ ڪنهن لفظ جي تاريخ جو اهڙيءَ ريت مطالعو ڪيو وڃي، جو ٻوليءَ ۾ ان جون پراٽيون

صورتون ۽ ٻين لاڳاپيل ٻولين ۾ ان جون اهي صورتون جيڪي سندس اصل صورت جا ڏار ڏار روپ يا نمونا آهن، اُهي ظاهر ٿي سگهن. انهيءَ لحاظ کان انگريزي لفظ مَدَر (ماءُ=) جو اشتقاق نائين صديءَ جي پراڻيءَ انگريزي لفظ مُودر آهي، جيڪو پراڻيءَ نارس ٻوليءَ جي لفظ مُزبر، پراڻيءَ فِرسين جي مُدير، پراڻيءَ سئڪسن جي مُدار، پراڻيءَ جرمن جي موئوتير (جيڪو نقل آهي پروٽو جرمن جي مُدير مان) سان لاڳاپيل آهي. هن لفظ جون اهي جرمئنڪ صورتون وري سنسڪرت جي لفظ ماتا، اويستا (پراڻي پارسيءَ) جي ماتا، پراڻي آرمينين جي مِيِيَر، قديم يونانيءَ جي ميِيتيَر، البانيءَ جي موتِر (هتي لفظ جي هن صورت جي معنيٰ آهي "پيٽ،" جنهن مان ڏسي سگهجي ٿو ته ڪيئن هڪ قديم اصل وارو لفظ معنيٰ ۾ ڦري ٿو). لٽئن جي ماتير، پراڻيءَ آئرش جي ماثِر، پراڻيءَ سِلاوڪ جي ماتِي، لٽونين جي موتي (هتي هن جي معنيٰ آهي "زال"- جيڪو البانيءَ ۾ معنيٰ جو ڦيرو ڏنوسون، هي ان جو ٻيو مثال آهي) سان لاڳاپيل آهن. هن لفظ جون اِهي مڙيئي صورتون هڪ ئي منبع واريءَ يعني پروٽو هند- يوروپيءَ جي گهڙيل يا فرض ڪري ورتل لفظ "ماتير" مان نڪتل شمار ڪيون وڃن ٿيون. ياد رکڻ گهرجي ته، مثال طور ڪنيل، هن لفظ جون اصلوڪيون صورتون ڪا هروپرو پراڻي يا وڌيڪ صاف معنيٰ اسان کي ڪانه ٿيون ڏسين.

هڪ ڳالهه ته صاف آهي ته ڪي ٻوليون هڪٻئي سان ايتريقدر ته مشابهت رکن ٿيون، جو ان کي محض ڪنهن اتفاق جو نتيجو سڏي نٿو سگهجي. هنن مان ڪي مشابهتون ته واقعي اهڙيون آهن، جيڪي رڳو ٻوليءَ جي عام خصوصيتن سبب ئي ائين ڏسجن ٿيون. مثلاً آواز، پد، لفظ، جملا وغيره-اهي ئي ته هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ موجود آهن، ۽ اهي خصوصيتون هر ٻوليءَ جي بنياد لاءِ گويا سِرن ۽ گاري جو ڪم ڏين ٿوين. ٻيون بہ اهڙيون خصوصيتون، مثلاً اسم-نما لفظ ۽ فعل-نما لفظ، جيتوڻيڪ سيني ٻولين ۾ مشترڪ نہ آهن، پر اُهي ايتريقدر ته اڪثر ٻولين ۾ موجود آهن، جو ان سبب انهن ٻولين ۾ ڪنهن نہ ڪنهن لاڳاپي جو انومان ضرور ٿئي ٿو. ساڳئي وقت ڪي مشابهتون ته ٻولين

۾ اهڙيون پڻ آهن، جي واقعي صرف اتفاق جو نتيجو آهن. مثلاً جديد يوناني ٻوليءَ ۾ لفظ "ماتِي" (=اک) ذري گهٽ ملايائي ٻوليءَ جي لفظ "ماتا" جهڙو آهي، جنهن جي معنيٰ پڻ "اک" آهي. بهرحال، هنن ٻنهي ٻولين جي اوسر جي جيڪا ڇاڻ موجود آهي، تنهن مان ڇڻي سگهون ٿا تہ منجهن اها مشابهت محض اتفاقي آهي. ملايائي ٻوليءَ ۾ لفظ "ماتا" ان جي قديم ترين مثالن ۾ پڻ جيئن جو تيئن موجود آهي. پر جديد يونانيءَ جو لفظ "ماتِي" نڪتل آهي قديم يونانيءَ جي لفظ "اَم ماتِيئون" مان، جيڪو نڪتل آهي سنسڪرت اصل "اَمما" (اک) منجهان. ساڳيءَ طرح ٻيون اهڙيون مشابهتون پڻ آهن، جيڪي ثابت ٿيل آهي تہ اڌاري طور ورتل آهن. مثلاً سنڌيءَ جو لفظ "ڪتلي" انگريزيءَ جي "ڪيتل" مان، يا انگريزي لفظ پيچ (Peach) فرينچ جي "پِيش" مان، جيڪو وري پراٿيءَ لئٽن جي اصطلاح "پرسڪا فروتا" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ايراني ميوو". هڪڙا لفظ يا انهيءَ قسم جا ٻيا، خاص ٻين ٻولين کان اڌارا ورتا ويندا آهن تہ جيئن ڪنهن سيٻيتا ۾ نون عنصرن جي داخلا سبب ٻوليءَ جون پيدا ٿيل ضرورتون پوريون ٿي سگهن. انهيءَ قسم جي اڌارڻ کي ٻوليءَ جي سهل پسندي سڏي سگهجي ٿي: ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڪو سيٻيتائي عنصر اڌارو ونجي، تڏهن ان جو نالو بہ ان سان گڏ ڪٽي ٿو ونجي. البت اهڙين سيٻيتائي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻولي خالص پنهنجا لفظ بہ گهڙي ٿي، جنهن جو مشهور مثال آمريڪا جي ريڊ انڊين قبيلن ۾ ملي ٿو جن جڏهن ريل جي انجڻ ڏٺي، تڏهن ان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سڏيائون "لوهائون گهوڙو". سنڌيءَ ۾ پڻ ان جا مثال ملن ٿا، جيئن تہ "آگ گاڏي" وغيره.

جڏهن ائين ٿو چئجي تہ ٻولين ۾ مشابهت يا هڪجهڙائي سندن لاڳاپي يا سهنڊ سبب آهي، تڏهن ان جو مطلب هيءُ ٿئي ٿو تہ اهي ٻوليون ڪنهن هڪڙيءَ آڳاتيءَ ٻوليءَ جون پوءِ پيدا ٿيل صورتون آهن. مثلاً اڇوڪي بنگالي ۽ اڇوڪي سنڌي ڪنهن هڪڙيءَ آڳاتي ٻولي مان نڪتل چئي سگهجن ٿيون. پراٿي زماني جي ڪنهن بہ خاص وقت

جي نقطي تي آڻر ركي، ائين نٽو چئي سگهجي تہ اِجهو هتان اها نسبتاً اصلوڪي ٻولي هِنن يا هُنن ہن يا چئن نين ٻولين جي صورت ۾ ورهائجي ويئي. يا اِجهو هن وقت كان اڳوڪي سنڌي ٻولي وجود ۾ آئي يا اِجهو هتان اڳوڪي بنگالي ٻولي شروع ٿي. مجموعي طور ٻوليءَ جي منڌ ۽ قبل از تاريخي دور كي هٿ ڪرڻ لاءِ ٻولي وگيانين جي جاكوڙ ۽ كوجنا كنهن گڏيل ۽ پروسي جهڙي نتيجي تي اڃا كانہ پهتي آهي. ٻولي هڪ سدا وهندڙ درياءُ آهي، ۽ سندس رخ بدلائڻ جا، سندس سموري طئي ٿيل اكٽ رستي تي، كي بہ كليل ۽ هڪ هنڌاوان نشان كونہ ٿا ملي سگهن. ڪهڙين حالتن ۾ ٻولي پنهنجا رخ بدلائي ٿي، صرف اها ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿي ۽ بيان ڪري سگهجي ٿي. ساڳيءَ ٻوليءَ ڳالهائڻ وارا ماڻهو خاص طرح ان جي لكيل صورت ۾ اڇڻ كان اڳ، جڏهن ٽولن ٽولن ۾ ورهائجي، جاگرافيائي طور هڪٻئي كان علحده ٿي وڃن ٿا، ۽ منجهن ڪو جماعتي سٻنڌ ڪونہ رهي، تڏهن پنهنجي پنهنجي خاص ماحول ۽ الڳ الڳ روزمره جي ضرورتن پٽاندر سندن ٻوليءَ ۾ آوازن ۽ اچارن، لفظن جي ذخيري، ساڳين لفظن جي الڳ معنائن ۽ پڙ اهڙين ڪيترين ئي ڳالهين ۾ علحدگي ۽ اختلاف اُپري ٿو. ۽ جيترا جيترا اهي ٽولا پنهنجي پنهنجي نئين ماحول ۾ پنهنجو پنهنجو اندروني ۽ باهمي سٻنڌ قائم ڪري، پنهنجي پنهنجي تاريخ جا ڪي دور گذارين ٿا. ايتريون ئي صورتون سندن اصلوڪي ٻولي اختيار ڪري وٺي ٿي. انهيءَ ڪري، ماڻهن جي ڪنهن خاص تعداد جو هڪڙي ڪا خاص ٻولي ڳالهائڻ هڪ اهڙي تہ عظيم ۽ انتهائي گنڀير حقيقت آهي، جنهن جي اهميت جو اندازو ثقافتي توڙي سياسي ميدانن ۾ پوريءَ ريت لڳائي ئي نٽو سگهجي. ٻولي ئي آهي، جنهن جي بنياد تي قوم جو مخصوص مزاج ۽ علحده وجود نهي ٿو ۽ قائم رهي ٿو. سَون، هزارن بلڪ لكن سالن جي تاريخي پس منظر ۾ ئي ٻولي پنهنجي مستقل ۽ علحده صورت اختيار ڪري ۽ قائم ركي سگهي ٿي. قومون پڙ پنهنجي تاريخ ۾ ايتريون ئي قديم آهن، جيتريون سندن علحده علحده ٻوليون.

جڏهن ڪا قوم پنهنجي شخصيت کان باخبر ٿيندي آهي، تڏهن ان جو پهريون ڏيان پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن ويندو آهي. اسان جي عزيز دوست، محترم سراج صاحب، جو هيءُ ڪتاب ['سنڌي ٻولي'] ان نوع جي هڪ اهم ڪوشش آهي. لائق مصنف هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ تي پنهنجو مطالعو پيش ڪيو آهي، جنهن مان هن جي جذبي ۽ هن جي محنت جو اندازو پڙهندڙ پاڻ ئي لڳائي سگهندا. سنڌي ٻوليءَ بابت ڪن عام ۽ ڪن خاص راين کي هن ڪتاب ۾ رد ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ لاءِ ايجا به ائين چوڻ ته اها يارهين يا بارهين عيسوي صديءَ ڏاري پيدا ٿي، جديد ٻولي وگيان جي روشنيءَ ۾ هڪ نهايت ڪَسي ۽ بي بنياد راءِ ڇڻي سگهجي ٿي. عربيءَ جو سنڌيءَ تي اثر پڻ صرف هن حد تائين مڃي سگهجي ٿو ته ٻنهي ٻولين هڪٻئي کان اڌارا لفظ ورتا آهن-سنڌيءَ وڌيڪ ۽ عربيءَ گهٽ. ۽ اِها صورتحال ٻولين جي سهل پسنديءَ جي اصول مطابق عين ممڪن به آهي ۽ اٽل پڻ. ان کان وڌيڪ هيءُ چوڻ ته سنڌيءَ کي حرف علت (vowels) (سي به اکري صورت ۾ نه، پر آوازي صورت ۾!) عربيءَ کان مليا، يا عربي صرف نحو جا قاعدا سنڌيءَ ڏيوليا، وغيره-اهڙو آهي، جو ان لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ "بَنڪ" آهي، سوئي ڪم آڇجي ته سونهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ قائم ڪيل اهڙن هڏاڏو مفروضن کي سراج صاحب پختن دليلن سان رد ڪيو آهي. لائق مصنف هن ڳالهه جي مڃڻ کان به انڪاري آهي ته سنڌي ڪا سنسڪرت جي ڄائي آهي. ان باري ۾ سندس راءِ هيءَ آهي ته (هاڻوڪي) سنڌي توڙي سنسڪرت (۽ ٻيون اڪثر هند-پاڪستاني ٻوليون) سڀيئي ڪنهن هڪڙيءَ ساڳيءَ آڳاتيءَ (اوائلي) ٻوليءَ مان نڪتل آهن. جنهن کي پڻ هو "سنڌي" سڏي ٿو، پر جنهن لاءِ هو شايد "پروٽو سنڌي" يا "پروٽو- اِنڊڪ" (يا "پروٽو هند-يوروپي") لفظ استعمال ڪرڻ وڌيڪ موزون سمجهندو. ان آڳاتيءَ ٻوليءَ متعلق سندس راءِ آهي ته اها اصل هتي سنڌو ماڻريءَ ۾ ئي پيدا ٿي، ۽ سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو ئي پوءِ ان کي هند-پاڪستان جي ٻين حصن ۽ ان کان ٻاهر ٻين ملڪن ڏانهن پاڻ سان کڻي ويا، جتي اهي ماحول کان

ٻاهر ٻين ملڪن ڏانهن پاڻ سان کڻي ويا. جتي اها ماحول جي تبديليءَ ۽ نين ضرورتن سبب الڳ الڳ ٻولين جي صورت اختيار ڪري ويئي-بلڪل اهڙيءَ ريت، جيئن ڪجهه ٻوءِ واريءَ منزل تي رومن لوڪن جي لئٽن ٻوليءَ مان، اڳتي هلي، خود ان ملڪ جي اٽالين ٻولي ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جون ٻوليون ڦٽي نڪتيون، جن کي رومانس ٽولي جون ٻوليون چيو وڃي ٿو. لائق مصنف ان آڳاٽيءَ ٻوليءَ جا تحريري نشان موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي مهرن ۾ موجود سمجهندي، انهن مهرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ جيڪي پڙهٽيون هو قائم ڪري سگهيو آهي، تن مان هو اهو نتيجو ٿو ڪڍي ته اسان جي (هاڻوڪي) سنڌي ٻولي سڌيءَ طرح ان آڳاٽيءَ ٻوليءَ جي اسريل ۽ ترقي يافته صورت آهي. پنهنجي ٻوليءَ جو ايڏو قديم ۽ ايڏو عظيم اصل معلوم ڪري، هر سنڌيءَ کي خوشي ٿيندي ۽ ان تي اسان مان هر ڪو بجا طور فخر محسوس ڪري سگهي ٿو- ڇاڪاڻ ته سنڌيءَ جي عظمت ۽ شان کان الڳ اسان جي ڪا عظمت، اسان جو ڪو شان ڪونہ آهي.

- م. ا. ج.

20 اپريل، 1964ع، حيدرآباد، سنڌ

حوالا

ا. لفظ "رومان،" "رومانوي ادب،" پهريائين هر انهيءَ ادبي پيشڪش لاءِ استعمال ٿيو، جيڪا لئٽن ٻوليءَ بدران انهن رومانس (يعني ڏيهي) ٻولين ۾ لکي ويندي هئي.

2. De Emendanda Ratione Graecae Grammaticae (1801).

3. Linguarium totius orbis Vocabularia Comparativo-St: Petersburg, 1786-89 edited by P. S. Pallas.

4. Institutiones grammaticae Anglo-Saxonicae et Moeso-Gothicae, Oxford. 1689.

5. Linguarum thesaurus, Oxford, 1705.
6. "Asiatic Researches," Calcutta, 1788. (1:422)
7. Franz Bopp: "Uber das Konjugations Systeme der Sanskritsproche," 1816- Franfurt an main.
8. Vergleichende Grammatik des Sanskrit, Zend, Greichischen, Lateinische, Litthauischen, Gotischen und Deutschen Sprochen.
9. H. F. Pott: "Etymologische der Indo-Gremanischen."

پاگو ٻيو

سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ سکيا ۽ واهپو

سنڌي زبان لاءِ مفرد ٽائيپ

شروعات کان ونڊي. انسانن هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ٽن طريقن سان پئي ڪئي آهي: اشارن سان، آواز رستي، ۽ لکڻ سان. هنن ٽن طريقن جا اعليٰ ترين جمالياتي روپ آهن. "ناچ، راڳ ۽ نقاشي." اظهار خيال جي انهن ٽن طريقن لاءِ، اسان کي معلوم آهي تہ، جيئن جيئن انهيءَ دائرہ ۾ انسانن جون انفرادي ۽ اجتماعي ضرورتون وڌنديون رهيون، تيئن تيئن هو انهن طريقن کي سلسلہ وار سڌارينداء هڪ ٻئي پنيان سکندا ۽ استعمال ڪندا ويا. اها بہ اسان کي خبر آهي تہ اظهار خيال جا اهي ٽي ئي طريقا، هن وقت پڻ، اسان وٽ گڏوگڏ استعمال ٿي رهيا آهن؛ جيتوڻيڪ سندن موجوده صورت سندن اوائلي صورت کان صفائيءَ، حسن ۽ نزاڪت ۾ گهڻي مختلف آهي.

ساڳيءَ طرح، لکڻ جو هنر، جيڪو اظهار خيال جو بهترين ۽ مفيد ترين طريقو ثابت ٿيو آهي، سو پڻ ارتقا جي ٽن مُکيہ مخصوص منزلن مان گذريو آهي: (1) اشڪال نويسي (2) خطاطي ۽ (3) طباعت يا ڇپائي. لکڻ جا اهي ٽي طريقا پڻ، انسانن جي جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ انفرادي ۽ اجتماعي ضرورتن مطابق، سلسلہ وار سڌري، هڪ ٻئي منجهان ڦٽي نڪتا آهن. هي پڻ ظاهر آهي تہ رفتار، ۽ وقت توڙي محنت جي بچت جي لحاظ کان، لکڻ جي هنن ٽن طريقن مان پوئين کان پويون طريقو—يعني طباعت، سڀ کان زياده فائده وار ۽ بهترين طريقو آهي.

لکڻ جي انهن ٽنهي طريقن کي، جيڪڏهن الڳ الڳ غور سان ويهي جانچبو ته معلوم ٿيندو ته منجهائن هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو مخصوص فني اصول ۽ پنهنجو پنهنجو مخصوص فني طريقيڪار آهي. مثلاً اشڪال نويسي، لکڻ جو اهو اوائلي طريقو آهي، جنهن جو هرهڪ جزو ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جي شڪل يا تصوير ظاهر ٿو ڪري، جيڪا شڪل هڪ خاص آواز، لفظ يا (ڪن حالتن ۾) هڪ اهڙي پوري خيال کي ادا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿي، جيڪو خيال لکڻ جي ٻين ٻن طريقن ۾ هڪ سڄي ساري جملي، يا فقره (پئراگراف) ۾ ئي ادا ڪري سگهبو آهي. اڄوڪن ڪتابن ۾ پڙ ڪٿي ڪٿي تصويرون، خاڪا ۽ نقشا ڏنا ويندا آهن ته جيئن انهن معرفت پيش ڪيل خيالن جو صاف اظهار ٿي سگهي: تصويرن ۽ نقشن جو اهو استعمال "اشڪال نويسيءَ" جو هڪ مثال آهي، جنهن کي اسين، ڪن محدود ۽ مخصوص مقصدن خاطر، اڄ ڏينهن تائين ڪم ۾ آڻيندا ٿا رهون.

لکڻ جو هي ابتدائي طريقو، جنهن ۾ سندس مخصوص فني اصول مطابق انسان کي جيترا آواز، پد، لفظ يا خيال ظاهر ڪرڻا ٿي پيا، اوتريون ئي لامحدود تصويرون استعمال ڪرڻيون ٿي پيون. ظاهر آهي ته اظهار خيال لاءِ اهڙو آسان ۽ ڪار آمد طريقو نه هو جو گهرج مطابق تيز رفتاريءَ سان ۽ عام طرح استعمال ٿي سگهي. تنهنڪري لکڻ جي انهيءَ مشڪل ۽ عام رواج ۾ نه اچڻ جهڙي (اشڪال نويسيءَ واري) طريقي جي جاءِ تي هڪ ٻيو نسبتاً زياده آسان ۽ ڪار آمد، طريقو ايجاد ٿيو، جنهن کي "خطاطي" چيو ٿو وڃي؛ ۽ ان جو بنيادي فني اصول هيءُ قائم ٿيو ته ڳالهائڻ ۾ جيڪي به مختلف لفظ استعمال ٿين ٿا، تن کي ٻڌڻ ۾ آوازن پتاندڙ مختلف جزن ۾ ورهايو وڃي، ۽ هر هڪ آواز لاءِ هڪ خاص، مستقل نشان يا حرف اهڙو رٿيو وڃي جو لکڻ وقت هر حالت ۾، ان آواز جي ئي ترجماني ڪري انهيءَ اصول مطابق، "اشڪال نويسيءَ" جي مختلف ۽ بي شمار شڪلين جي مختصر ترين خاڪن مان ئي حرفن جو هڪ اهڙو آسان ۽ محدود مجموعو پيدا ڪيو ويو (جنهن کي عام طرح "الف-ب" يا حرف تهجي ٿو چئجي)،

جن جي مدد سان هاڻي سموري ٻولي تحريري صورت ۾ پيش ڪري سگهجي ٿي. "الف-ب" جا موجوده آسان، مختصر ۽ عام استعمال ۾ اچڻ جهڙا حرف "اشڪال دوشيءَ" جي مختلف شڪلين مان ئي سڏري نڪتا آهن، تنهن جي ثابتي هيءَ آهي ته جنهن حرف کي اڄ "الف" جي نالي سان ٿو سڏجي، ۽ جنهن کي يوناني ٻوليءَ ۾ الفا (Alpha) ٿو چئجي، تنهن جو اهو نالو يعني "الف" (Aleph) اصل ۾ هيبريو ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڏڪو"؛ ساڳيءَ طرح "ب" اصل ۾ لفظ "بيت" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "گهر"؛ ۽ "ج" (جيمر) اصل ۾ لفظ "جيل" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اُٺ". ياد رکڻ جهڙي حقيقت آهي ته "الف-ب" اصل ۾ سامي قومن جي ايجاد آهي: يورپي ٻولين ۾ اڄ به ان کي "الفابيٽ" (Alphabet) ٿو سڏجي.

"الف ب" جي ايجاد ٽيڻ يعني "خطاطيءَ" جي رواج ۾ اچڻ کان پوءِ، لکڻ ۽ پڙهڻ جو هنر جيڪو "اشڪال نويسيءَ" واري زماني ۾ لازمي طرح ٿورڙن شخصن يا ڪٽنبن جي مخصوص ۽ هڪ هٿيءَ واري ملڪيت بنجي چڪو هو، سو هاڻي، نسبتاً زياده آسان هُئن سبب، وڌيڪ ماڻهن جي هٿن تائين پهچڻ لڳو. تاريخ جي هيءَ ثابت ٽيل حقيقت آهي ته شروعات ۾ "خطاطيءَ" جو طريقہ ڪار هيءُ هو ته لفظ جو هر هڪ حرف الڳ الڳ لکيو ويندو هو. خود عربي زبان جون اوائلي لکيتون هن ڳالهه جو فيصلہ ڪن دليل آهن. هتي "اشڪال نويسيءَ ۽ خطاطيءَ" جي هيءَ هڪ مشترڪ خصوصيت ياد رکڻ جڳائي ته لکڻ جي هنن ٻنهي طريقن ۾ لکڻ جو اوزار يعني قلم ڪٽي ڪهڙو به استعمال ٿئي-پوءِ اهو پٿر جو، لوهہ جو يا ڪاٺ وغيره جو ٿهيل ڇو نہ هُجي-بهرحال انهيءَ اوزار کي هلائڻ لاءِ اشڪال نويسي توڙي خطاط کي محض پنهنجو هٿ ئي ڪم ۾ آڻڻو ٿو پوي، ۽ هن جو هٿ شڪل ڪيڻ يا حرف لکڻ وقت نقطي به نقطي ليکو ڪيندو، ليکي سان گڏ اڳتي چرندو ٿو رهي. هٿ جي رفتار هونئن به محدود آهي، ويتر جو لکڻ وقت حرف حرف کان پوءِ، لفظ لفظ کان پوءِ، ۽ حرف جي هر هڪ نقطي لاءِ قلم کي متي کڄجي ۽ روڪجي، سو انهيءَ نموني لکڻ ۾ رفتار جو

ويتر سست ٿيڻ لازمي آهي. هوڏانهن، "الف-ب" جي ايجاد ٿيڻ سبب لکڻ پڙهڻ جو هنر، جو اڳي کان زياده، عام ٿيڻ لڳو ۽ ان سان گڏ انساني علم جي ذخيري ۾ مجموعي طرح جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اضافا ٿيندا رهيا، تنهنڪري لازمي طرح لکيل ڪتابن جي گهرج پڻ آهستي آهستي وڌڻ لڳي. جنهن گهرج کي، ظاهر آهي ته، ويچارا خطاط ۽ خوش نويس، خطاطيءَ جي مٿي بيان ڪيل ابتدائي طريقءَ ڪار معرفت، ڪنهن به صورت ۾، پورو نٿي پئي ڪري سگهيا. ڪتابن جي تقاضا زياده ۽ ڪتابن جا قلمي نسخا پيدا ٿيڻ گهٽ: تنهن ڪانسواءِ هي مشڪلات هيءَ جو امير طبقو هن ميدان ۾ پڻ، پنهنجي امتيازي شان کي قائم رکڻ لاءِ، طلب ڪري اعليٰ ترين نقش و نگار سان جڙيل ۽ نفيس ترين سونهري ۽ خوش خطيءَ ۾ لکيل ڪتابن جي، جن تي ويتر محنت ۽ وقت زياده خرچ ٿئي: سو هن صورتحال کي مُنهن ڏيڻ لاءِ خطاطن هي حل مناسب ڄاتو ته، پنهنجي هٿ جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ حرفن کي الڳ الڳ لکڻ بدران هڪ ٻئي سان ڳنڍي لکيو ويڃي، حرفن جي لفظن ۽ دندانن کي جيترو ٿي سگهي اوترو قلم جي هڪ ئي گهڪي سان ادا ڪيو ويڃي، هر هڪ حرف جي مستقل انفرادي صورت بدلائي، لفظ جي ابتدائي، درمياني ۽ انتهائي سنڌ کي خيال ۾ رکي، اهڙيون هڪ کان زياده صورتون ڏنيون ويڃن جو وقت ۽ محنت جي بچت ٿئي ۽ قلم کي ڪاغذ جي سئين سڌي ۽ لسي مٿاڇري تي ڊوڙڻ لاءِ گهٽي ۾ گهٽي رفتار حاصل ٿي سگهي. هن ئي سلسلي ۾ "خط شڪسته" جي ايجاد وجود ۾ آئي. (خط شڪسته ۾ وقت ۽ محنت جي بچت ۽ رفتار جي حاصل ڪرڻ جو ايترو ته بيجا لحاظ رکيو ويو جو خود "الف-ب" ۽ "خطاطيءَ" جي بنيادي افاديت ئي مرڪوز ختم ٿيڻ تي اچي ٻيٺي: نتيجو هيءُ نڪتو جو خط شڪسته ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جو هنر عام ماڻڻ جي وس کان نڪري، ٻيهر چند شخصن يا خاندانن جي مخصوص ۽ هڪ هٿيءَ واري ملڪيت بنجڻ تي اچي ٻيٺو).

وقت جي علمي تقاضائن کي پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾، "خطاطيءَ" جي افاديت کي وڌائڻ لاءِ، جيڪي مٿي بيان ڪيل جتن

کيا ويا. سي جڏهن هڪ طرف ٻجاءِ فائدي ڏيڻ جي نقصان پهچائڻ لڳا، ۽ ٻئي طرف خود پنهنجي رڪيل مقصد ۾ پڻ ناڪام ٿيڻ لڳا. يعني جڏهن علم جي عام ڦهلاءَ سبب ڪتابن جي تقاضا ايترو ته وڌي ويئي جو خطاطيءَ معرفت ان جو ڪنهن به صورت ۾، پورو ٿيڻ ناممڪن ٿي پيو. ۽ انهيءَ سبب خود علم جي آئيندہ عام ڦهلاءَ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيڻ لڳي. تڏهن "ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي" واريءَ چوٽيءَ مطابق، انسانن لکڻ جي مشين ايجاد ڪئي، ۽ اهڙيءَ طرح لکڻ جو هي ٽيون طريقو يعني طباعت يا ڇپائي، جيڪو اڳئين ٻنهي طريقن کان هڪ وڏيڪ سڌريل ۽ فائدي وارو طريقو آهي، وجود ۾ آيو.

طباعت پنهنجي ابتدائي، ڪچي ڦڪي روپ ۾ جيتوڻيڪ پهريائين چين ۾ ايجاد ٿي، پر ڇاپي جي مشين ۽ متحرڪ ٽائيپ جي ايجاد جو ڪمال وري به يورپ جي ئي حصي ۾ آيو: ۽ اُهي به شيون يعني ڇاپي جي مشين ۽ متحرڪ ٽائيپ موجوده فن طباعت جا بنيادي ۽ لازمي جزا آهن.

طباعت جا مخصوص فني اصول پڻ به آهن: (1) "الف-ب" جو هر هڪ حرف سڄو سارو، جيئن آهي تيئن، هڪ ئي وقت، پنهنجي مڪمل صورت ۾ لکجي (ڇپجي) ٿو. اها خصوصيت ٽائيپ جي آهي، جا هڪ قسم جو گويا ٽپو آهي، جيڪو جڏهن ڪاغذ تي ٿو هٽجي تڏهن مٽس اکريل سڄو حرف ڪاغذ تي لڳي هڪدم ظاهر ٿي ٿو ٻيهي: (2) ڇپائي لاءِ مليل مواد هڪ پيرو ٽائيپ ۾ جڙجي ڇاپي جي مشين تي پهتو ته پوءِ ان جي نقل يا نسخا، جيترا به ضرورت ۾ هُجن اوترا، ان مشين تان لکائي (ڇپائي) سگهجن ٿا ۽ هر هڪ نقل جي ڇپجي ملڻ تي اوترو ئي وقت لڳندو، جيترو گويا هڪ خطاط کي سامهون مس ڪيڙيءَ ۾ قلم ٻوڙڻ مهل لڳندو آهي.

ظاهر آهي ته طباعت ۾ مشڪل ۾ مشڪل ۽ اهم ترين مرحلا فقط اُهي به آهن، يعني هڪ ته حرفن جي ٽائيپ ٺهي، ۽ ٻيو ته ڇپڻ لاءِ مليل مواد اُن ٽائيپ ۾ جڙجي مشين تائين پهچي. هاڻي، جيڪڏهن انهن ٻن منزلن تي، وقت ۽ محنت جي گهٽي سيڙپ ٿيندي ته ظاهر آهي

تہ ڇاپخاني ۾ ڇپائيءَ جي رفتار اُن حد تائين، لازمي طرح سست رهندي هيءَ بہ ظاهر آهي تہ جيترا "الف-ب" جا حرف هوندا اوترائي انهن جا ٽائيپ وارا ٻيا نهندا. ۽ جيترا گهٽا ڪنهن ٻوليءَ جا ٽائيپ حرف هوندا اوترو ئي گهٽو وقت، تڪليف ۽ مونجهارو انهن جي جڙت ۾ پيش ايندو.

يورپ جي ماڻهن، جيڪي عملي طرح فن طباعت جا گويا پهريان موجد هُئا، هنن ڳالهين کي خيال ۾ رکي، هڪدم سمجهي ورتو تہ جيڪڏهن هو پنهنجي ٻولين جي خطاطيءَ واري صورت، طباعت ۾ پڻ، قائم ٽا رکن تہ کين "الف-ب" جي هر هڪ حرف لاءِ، لفظ جي شروعاتي، درمياني ۽ آخري سنڌ کي خيال ۾ رکي، هڪ کان وڌيڪ ٽائيپ ناهڻي ئي پوي، جنهن جو لازمي نتيجو هي نڪرڻو هو تہ لکڻ جي هن نئين، ترقي يافتہ طريقي جا سمورا ممڪن فائدا کين حاصل ئي ڪين سگهن ها. تنهنڪري هنن طباعتي رسم الخط لاءِ سنئون سڌو، مستقل ۽ منفرد "الف-ب" کي ئي پسند ڪيو، جنهن جو مفيد نتيجو هي نڪتو جو کين خطاطيءَ جي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ ڪثير التعداد حرفن بدران، طباعت ۾ فقط اوترائي مستقل حرف استعمال ڪرڻا پيا جيترا حرف ٻوليءَ جي اصل "الف-ب" ۾ موجود هُئا. فن طباعت لاءِ اهڙيءَ طرح مفرد ٽائيپ استعمال ڪرڻ سان ئي يورپ جون زبانون پهريائين ٽائيپ جي نهايت آسان ۽ تيز رفتار هٿائين جڙت (Hand Composition) سان روشناس ٿيون، ۽ تنهن کان پوءِ جلد ئي سندن طباعت تنهان ٿي آسان ۽ تيز تر ڪلائين جڙت ۾ (Mechanical Composition) جنهن ۾ مانو ٽائيپ، لينو ٽائيپ، ٽيلي پرنٽر ۽ ٽائيپ رائٽر وغيره جهڙيون معجزه نما رفتار واريون مشينون اچي وڃن ٿيون، ممڪن ٿي سگهي.

ڪافي محنت کان پوءِ، اسانجون پنهنجون مشرقي زبانون جڏهن فن طباعت سان روشناس ٿيون، تڏهن هڪ تہ اسان جي ملڪن ۾ تعليم اڃان ايتري عام ڪانہ ٿي هُئي جو گهٽي کان گهٽن ڪتابن جي اسان کي فوراً ضرورت درپيش هُجي ۽ ٻيو تہ تڏهن ٽائيپ ڍالڻ جون ۽

ڇاپي جون مشينيون ايترو تہ اعليٰ ۽ ڪار آمد ترقي يافتہ صورت اختيار ڪري چُڪيون هيون جو اسان جي هولين لاءِ گهربل ڪثير تعداد مخلوط ٽائيپ جي حرفن ٺاهڻ يا انهيءَ مخلوط ٽائيپ ۾ گهربل رفتار ۽ نزاڪت سان ڇپائي ڪرڻ ۾ في الحال ڪا خاص مشڪلات ڪانہ ٿي پيدا ٿي. ساڳئي وقت خطاطيءَ سان اسان جون ڪي تاريخي ۽ جذباتي وابستگيون پڻ پيدا ٿي چُڪيون هيون. تنهنڪري ان زماني ۾ اسان جو هن مسئلي ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ويو تہ فن طباعت ۾ پڻ خطاطيءَ جو مخلوط رسم الخط قائم رکڻ سان. هڪ طرف خود خطاطيءَ جي مخصوص حسن ۽ نزاڪت کي خيرباد چئي رهيا آهيون. ۽ ٻئي طرف فن طباعت ۾ جيڪي مفيد ممڪنات پوشيده آهن، تن کان پڻ هميشہ لاءِ پاڻ کي محروم بنائي رهيا آهيون. طباعت معرفت مخلوط رسم الخط کي محفوظ رکڻ واري انهيءَ ڪوشش جو مثال هيءُ آهي تہ هڪڙو ماڻهو موٽر ڪار خريد ڪري، ۽ پوءِ اُن ۾ ڪٽي پنهنجي اصلوڪيءَ گهوڙي گاڏيءَ وارا ٻہ پلا گهوڙا جوتي: پاڻ پوءِ ٽپ ڏيئي چڙهي ويهي رهي موٽر ۾ ۽ مشين کي ڪٽي چالو ڪري: نتيجو جيڪو نڪرندو سو ظاهر آهي: يا تہ موٽر ڊوڙي گهوڙي کي چپي ڪندو پورو. يا تہ ان جي آخرين رفتار اوتري ئي وڃي رهندي جيتري اڳيان ڊوڙندڙ ٻن گهوڙن جي: گهٽي ۾ گهٽو فائدو هي پوندو تہ گهوڙن تان موٽر جي گهلڻ جو بار لهي پوندو ۽ سندن رفتار ڪنهن حد تائين اڳي کان ڪُجهہ زياده تيز ٿيندي. بس!

هن وقت صورت حال هوبهو اها ئي آهي جا مٿي بيان ڪئي ويئي آهي. يعني طباعت ۾ تہ اسان اصلوڪي مخلوط رسم الخط جي حسن ۽ نزاڪت ئي قائم رکي سگهيا آهيون. جا ڳالهہ ڪنهن بہ ڪتاب جي هڪ عام قلمي نسخي ۽ هڪ مطبوعہ نسخي کي گڏوگڏ ڏسڻ سان هر ڪنهن تي ثابت ٿي سگهي ٿي. ۽ نہ وري اسان لاءِ ٽائيپ جي موجوده صورت ۾ ممڪن ئي آهي تہ طباعت ۾ اجائي سيڙپ واريءَ انتهائي محنت طلب، مهانگيءَ ۽ غلطين سان پريل موجوده هٿائين جڙت (Hand Composition) بدران، اسان تيز رفتار صاف ۽ سهانگيءَ ڪلائين

جڙت (Mechanical Compostion) کي استعمال ۾ آڻي سگھون. تنھن کان پوءِ جنھن زبان ۾ 200 کان 700 تائين طباعتي حرف ھُجن، تنھن لاءِ ڪو مفيد ۽ ڪار آمد ٽائيپ رائيٽر ناھي سگھجي. سو ڪلائين فن جي ناممڪنات منجھان آھي. پر ڪنھن صورت ۾ جيڪڏھن ان زبان لاءِ ڪو ٽائيپ رائيٽر ٺھي به وڃي، تہ به ھڪ تہ ان جي قيمت انتھائي ڳري، ۽ عام جي قوت خريد کان ٻاھر ٿيندي ۽ ٻيو تہ اھو ٽائيپ رائيٽر ايڏو تہ اجايو وڏو ۽ گھڻ پرزائون ٿي پوندو جو ان تي ٽائيپ جي تکي ۾ تکي رفتار بس اوترو ئي وڃي ٻيھندي جيتري ھڪ تيز رفتار ۽ ماھر خطاط جي ٿي سگھي ٿي.

اسان جي سنڌي زبان ۾ 'الف-ب' جا حرف 52 آھن، مگر سندس موجوده طباعتي رسم الخط ۾ 216 جدا جدا حرف وڃي ٿا ٿين. تنھن کان پوءِ، جيڪڏھن ھن 216 حرف مان ھر ھڪ کي جدا جدا علامتون، يعني زير، زبر ۽ پيش ڏيئي، ٽائيپ گھرائجي تہ اسان وٽ ھوند جملي 600 کن ٽائيپ جا حرف اچي ٿين.

عربي، پارسي ۽ اردو ھولين جي حالت، جن جو رسم الخط ساڳيو اسان جي ھوليءَ جھڙو آھي، تقريباً ساڳي آھي. ھن صورت حال ۾، ھر ڪو سمجھي سگھي ٿو تہ ھڙي رسم الخط واري ڪا ھولي، جنھن جو جديد طرز تي ڇپجڻ، ۽ ٽائيپ ٽيڻ ناممڪن ھُجي، سا ھاڻوڪي زماني جي بي شمار علمي ۽ ادبي گھرجن کي ڪڏھن به پورو ڪري ڪين سگھندي. ظاھر آھي تہ جيڪڏھن اسان کي پنھنجي سنڌي ھولي، دنيا جي زنده ھولين جي قطار ۾ آڻڻي آھي تہ انھيءَ لاءِ اسانجي سامھون ٻيو ڪوبہ چارو ڪونھي، سواءِ ھن جي تہ سندس موجوده طباعتي رسم الخط ۾ مناسب تبديلي ۽ اصلاح آڻيون، يعني سندس موجوده مخلوط رسم الخط کي فقط ھڻ سان لکڻ ٽائين محدود ڇڏي ڪري، سندس طباعت لاءِ نئين منفرد ٽائيپ رائيٽر، جا ئي ڇپائيءَ جي مخصوص ڏانو جي آھي، فوراً اختيار ڪريون.

سنڌي طباعت ۾ منفرد ٽائيپ رائيٽر استعمال ڪرڻ جي معنيٰ ھيءَ ٿيندي تہ:-

(1) هاڻوڪي عربي رسم الخط سان اسان جي ساڳي وابستگي قائم رهندي.

(2) هاڻوڪي گڏيل ٽائيپ ۾ ڇپيل سڀ ڪتاب پڙهڻ ۾ ايترو ئي آسان رهندا جيترو هاڻي آهن.

(3) عربي، پارسي ۽ اردو ٻولين جي تحريري صورت سان اوترو ئي قريب رهنداسون جيترو هاڻي آهيون.

(4) ڇپائيءَ لاءِ انگريزيءَ وانگر ننڍي کان ننڍي مقدار واري ٽائيپ نهي سگهندي، جنهن ڪري اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون جو مواد اوترو ئي ڏيئي سگهبو جيترو هن وقت انگريزي اخبارن ۾ ڇپجي ٿو. هڪ ڪرائون سائيز جي صفحي تي موجوده 12 ٽائيپ مخلوط ٽائيپ ۾ فقط 22 ستون ماپن ٽيون، ساڳيءَ سائيز جي مفرد ٽائيپ ۾ 28–34 ڪن ستون ماپي سگهنديون: يعني ڪتابي ڪم ۾ اڪثر 40 کان 50 في صديءَ تائين ڪاغذ جي بچت ٽيندي.

(5) هر هڪ حرف جي موجوده ٽن يا چئن مختلف صورتن (ابتدائي، درمياني ۽ مستقل) جي بدران فقط هڪ ئي صورت قائم رهندي، جنهنڪري هٽائين جڙت ۾ پڻ تيز رفتاري ۽ آساني پيدا ٽيندي.

(6) ڪلائين جڙت يعني ٽيلي پرنٽنگ، لينو پرنٽنگ وغيره ممڪن ٽي سگهندي.

(7) ڪار آمد ٽائيپ رائيٽر نهي سگهندو جنهن ڪري سرڪاري توڙي تجارتي لکپڙهه سنڌيءَ ۾ ڪري سگهبي، ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ سنڌي زبان کي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت آسانيءَ سان حاصل ٽي سگهندي.

(8) لکڻ ۽ پڙهڻ جو سکڻ ۽ سيکارڻ بيحد آسان ٽي پوندو، جنهن ڪري ٻارن توڙي بالغن جي ابتدائي تعليم جلد عام ٽي سگهندي.

(9) هٿ سان لکڻ جو طريقو ساڳيو ئي رهندو جو هاڻي آهي.

(10) ڇپائيءَ ۾ لفظن جو هر هڪ حرف الڳ الڳ لکبو جيئن هينيان لفظ هاڻي ٻه لکجن ٿا:

آزادي- وزارت- ورزش- رازو- واڌارو- اورچ وغيره وغيره.

(سنڌي "الف-ب" جا 11 حرف هاڻي بہ اهڙا آهن، جي لکڻ ۾ نہ تہ هڪ ٻئي سان ڪڍهن ملن ٿا ۽ نہ ئي وري پنهنجي پويان ايندڙ ڪنهن ٻئي حرف سان ئي ملندا آهن: مثلاً

ا، د، ڊ، ڏ، ذ، ر، ڙ، ز ۽ و.

باقي رهيل 41 حرفن مان اڪثر حرفن کي مفرد ٽائيپ ۾ اهڙي شڪل ڏيئي سگهجي ٿي جو لفظ ۾ سندن الڳ الڳ لکجڻ ڪري ان جي مخلوط يا گڏيل صورت تي ڪو خاص اثر نہ پوي.)

سنڌي هوليءَ ۾ ان جي عام ۽ ادب جي ترقيءَ جا خواهشمند حضرات، اُميد آهي تہ، هي ٻڌي خوش ٿيندا تہ متئين مضمون ۾ جنهن مفرد ٽائيپ جي تجويز پيش ڪئي ويئي آهي، تنهن جو هڪ ابتدائي مڪمل خاڪو سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾، تيار ڪيو ويو آهي: ۽ انهيءَ خاڪي مطابق، ٽائيپ ٺاهڻ جي هڪ مقامي ڪارخاني (ڪراچي ٽائيپ فائونڊري، سائوٿ نيپر روڊ ڪراچي) ۾ گهربل مفرد ٽائيپ تيار پڻ ڪرائي ويئي آهي. هن ٽائيپ جي ڇپائيءَ جو نمونو هتي پوين ٻن صفحن ۾، پڙهندڙ حضرات جي مطالعي ۽ تپاس لاءِ، پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن هو صاف ان کي مٿي بيان ڪيل اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏسي ۽ جانچي، ڪنهن مناسب ۽ صحيح راءِ تي پهچي سگهن.

آخر ۾ گذارش آهي تہ تجويز ٿيل مفرد ٽائيپ جو هيءَ پيش ڪيل نمونو بنهہ هڪ ابتدائي خاڪو آهي، تنهنڪري ان کي فقط انهيءَ ئي حيثيت سان ڏسڻ گهرجي. ظاهر آهي تہ هن خاڪي ۾ اهڙيءَ هر ڪنهن قسم جي درستيءَ ۽ اصلاح جي ضرورت موجود آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان اُن جي حسن ۽ نزاڪت، پڙهڻ ۾ آسانيءَ ۽ تيز رفتاريءَ ۽ عام شڪل ۽ بيهڪ ۾ سنجيدگيءَ ۽ با ضابطگيءَ کي زياده کان زياده انداز ۾ حاصل ڪري سگهجي.

29 جولائي، 1954ع

ڪراچي سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ

سڌريل ۽ سجاڳ قومون هميشہ پنهنجي ٻوليءَ کي صاف، سليس ۽ صحيح صورت ۾ قائم رکڻ جي کوشش ڪنديون آهن. ڪابہ اهڙي قوم دنيا ۾ ڪانہ ٿي رهي، جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ، گرامر يا محاوري جي ڪنهن غلط يا نامناسب استعمال کي قبولي سگهي يا سهي سگهي. ڪابہ اهڙي قوم ڪٿي ڪانہ لهندي، جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جي ڪنهن سهڻي ۽ سولي لفظ کي ڇڏي، ان جي جاءِ تي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جي لفظ کي ڪم آڻڻ ۾ خوش ٿئي يا فخر ڪري. علمي ۽ فني ضرورتن جي خيال کان، ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجا ڪرڻا پون ٿا، پر اهڙا لفظ هرڪا ٻولي پنهنجي گرامر جي اصولن موجب بنهہ پنهنجا بڻائي پوءِ پاڻ وٽ رکي ٿي.

سنڌي قوم پڻ گهڻي وقت کان پنهنجي وطن جي آزاديءَ، سالميت ۽ خوشحاليءَ جي جدوجهد سان گڏوگڏ پنهنجي ٻوليءَ کي اِنهيءَ ريت صاف، سليس ۽ صحتمند رکڻ لاءِ پنهنجي وس آهر پرپور کوشش ۾ رڌل رهي آهي. سنڌي ٻولي گذريل ڪيترين صدين کان هڪ نہ ٻيءَ حڪمران ٻوليءَ جي تهذيبي دٻاءَ هيٺ رهندي پئي آئي آهي ۽ هن وقت پڻ ساڳيءَ طرح اهڙي ئي هڪ دٻاءَ هيٺ آيل آهي. عربيءَ، فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جي تهذيبي آڪرائيءَ جا اثر سنڌيءَ ۾ اڄ بہ گهڻيءَ حد تائين موجود ڏسي سگهجن ٿا. اڙدوءَ جو حڪماني درجو پڻ ساڳيءَ ريت بلڪ وڌيڪ اُگريءَ حد تائين اڄ سنڌيءَ تي پنهنجو اثر ڏيکاري رهيو آهي. اڙدو پريس، ريڊيو، ٽيليويزن، سئنيما، اسڪولي ۽

ڪاليجي تعليم ۾ عام ڪتاب ۾ انهن سان گڏ اڙدوءَ جي قومي درجي جو تاب ۾ زور سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ وڏو خطرو ثابت ٿي رهيا آهن. اِهو سنڌيءَ جي اديبن، شاعرن، صحافين، استادن ۾ بين عام پڙهيل ماڻهن جو فرض آهي ته هو پنهنجي ٻوليءَ جو بچاءُ ڪن ۾ اُن جي ڊال بنجي، اُن جي صحت، سادگيءَ ۾ اصليت کي قائم رکن.

وڏي ڏک جي ڳالهه آهي، جو اڄ اسان جي ٻولي اسانجن پنهنجن ئي هٿن سان بگڙي ۾ ڪمزور ٿي رهي آهي. هن ڳالهه ۾ اسان کي خود اڙدوءَ جي تاريخ مان سبق ونڊ گهرجي. اڙدو ٻولي اصل ۾ ته هندي ٻولي ئي آهي، پر ان ۾ فارسي ۾ عربيءَ جي لفظن جي ايتري ته پرتي ڪئي ويئي، جو هوءَ پنهنجي اصلوڪي صورت وڃائي، ٻولي ئي ٻي ٿي پيئي. ايتري تائين، جو اُها عام جي سمجهه ڪان نڪري ۾ ڪائنئ بنهه الڳ ٿي، رڳو ٿورن اميرن جي محلن ۾ حاڪمن جي درٻارين جي ٻولي بنجي ويئي. پنهنجي اصليت ۾ خانداني شانَ وڃائڻ ڪان پوءِ اها ساڳي ٻولي هاڻي رڳو مُنهن مٽي پٽڻ، جهيڙي ڪرڻ ۾ وات هٽڻ ۾ ئي پوري آهي. اِها سڄي ويڌن هن ٻوليءَ سان ڪيئن ٿي؟ رڳو هن طرح، جو اُن ۾ بنهه ٿورا ڪي اصلوڪا لفظ (ضمير، فعل ۾ حرف جر) جيئن جا تيئن ڇڏي، اسم، صفتون، ظرف، حرف جملا وغيره عربيءَ ۾ فارسيءَ جا ايترا ته گهٽا آندا ويا، جو هوءَ سڃاڻپ ڪان ئي ڇڏهي ويئي ۾ بدلجي بنهه هڪ نئين ٻولي ٿي پيئي. اڄ ڪيترين سنڌي اخبارن، رسالن ۾ ڪتابن ۾ اڙدوءَ جي اثر ۾ ورتل لکيتن کي ڏسي ۾ ريڊيو تان توڙي جلسن ۾ شهري ۾ عام پڙهيل ماڻهن جون اهڙي ئي نوع واريون تقريرون ٻُڌي، پنهنجي ٻوليءَ سان پڻ اهڙي ئي ڪنهن حشر ٿيڻ جو ڊپ ونئي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر دائودپوتي مرحوم هڪ ڀيري سنڌيءَ ۾ اڙدوءَ کي پيٽيندي، ڏاڍي ڀروسي سان چيو هو ته "اڙدوءَ ۾ 'دل' مذڪر ۾ 'ڪتاب' مؤنث آهي، جنهن ۾ ڪوبه منطق ڪونهي، ۾ سنڌيءَ ۾ ان جي ابتڙ، 'دل' مؤنث ۾ 'ڪتاب' مذڪر آهي، جائي ڳالهه سچي به آهي، سمجهه ڀري به آهي." ڀر، افسوس جو تازو مون هڪ نامياريءَ روزانيءَ سنڌي اخبار ۾ اڙدوءَ وانگر "ڪتاب" کي مؤنث ۾ "دل" کي مذڪر جي صيغي ۾ ڪم

آندل پڙهيو. اهڙيءَ ريت "توجهُ"، "دليل"، "تاکيد"، "اُمنگ"، "نظمُ"، فريادُ، دادُ" ۽ ٻيا ڪيئي لفظ، جي پڌري پٽ اسان وٽ مذڪر آهن، اڄ اسان جي ڪن اخبارن ۽ رسالن وغيره ۾ مؤنث وانگر پيا لکجن، ۽ هوڏانهن، مثال طور، لفظ "ستيا" کي مذڪر وانگر ڪم آندو پيو وڃي- "ستيا ناس ٿي ويو!" ۽ اِئين اڙدوءَ جي اثر هيٺ، ڪيترائي اسان جا لفظ مذڪر بدران مؤنث ۽ مؤنث بدران مذڪر ۾ ڪم ايندا رهن ٿا، ۽ اسان جي ٻوليءَ کي بنيادي ڏڪ لڳندو رهي ٿو.

ڪيترائي فارسيءَ ۽ عربيءَ جا لفظ آهن، جيڪي اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ بنهه ٻيءَ معنيٰ ۾ قبوليا آهن. جيئن لفظ "تمام" آهي. هيءُ لفظ اڙدوءَ ۾ "سپ، سپيئي يا سپني" جي معنيٰ ۾ صفت طور ڪم اچي ٿو ۽ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ظرف طور. ان جي معنيٰ "ڏاڍو، ڏاڍا" جيئن "تمام چگو، تمام سٺا" وغيره آهي. پر اڄ اسان جا ڪيئي لکندڙ ۽ تقرير ڪندڙ صاحب پنهنجا سٺا ۽ سولا صفاتي لفظ "سپ، سمورا، مڙيئي، هڙئي" انهن جو سڌو سنواٽو استعمال ڇڏي، لکندا ۽ چوندا وتن: "تمام پئسا خرچ ٿي ويا! تمام مڇر مري ويا! تمام هو هيئن ٿي ويو ۽ تمام هيءُ هونئن ٿي ويو!" انهيءَ نموني جو هڪ لفظ "منصوبو" به آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ "سازش" جي مطلب سان ڪم اچي ٿو، پر ان کي اسان جا اڙدوءَ جي وَتَ ۾ آيل ڪيترا ليکڪ "رٽ" يا "رٽا" جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندا رهن ٿا. ساڳي حالت بين ڪيترن اهڙن لفظن، جيئن ته "هلاڪ يا هلاک" ۽ "اتفاق" جي آهي. "هلاڪ" سنڌيءَ ۾ "ڪڪ، تنگ يا بيزار" جي معنيٰ ۾ ۽ "اتفاق"، "حادثي يا واقعي" جي معنيٰ ۾ ڪم اچن ٿا. پر اڙدوءَ جي پيروي ڪندي، اڄ اسان جا ڪيترا ليکڪ هنن لفظن کي "مرڻ" ۽ "ٻڌيءَ" جي معنيٰ ۾ ٻيا لکن- چي: "هڪ ڏڪ سان ست مڪيون هلاڪ ٿي ويون! اتفاق سان سپ ڪجهه ٽئي ٽوا!" هاٿي جي انهن جملن ۾ "هلاڪ ٿي ويون" بدران لکجي "مري ويون" ۽ "اتفاق" بدران "ٻڌي" لکجي. تِراهي ڪيڏا نه سمجهه پريا ۽ وٽندڙ جملا ٿي پون!

سنڌيءَ ۾ حرف جملي يا ظرف جا لفظ اهڙا ته سهٽا ۽ سٺا موجود آهن، جو انهن کي ڇڏي، فارسيءَ يا عربيءَ جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ

ڪم آڻڻ نہ رڳو ضروري نہ آهن، پر پاڻ سان ڳ پنهنجي هوليءَ سان وڌي جُٹ ڪرڻي آهي: مثال لاءِ۔

جي، جيڪڏهن بدران اگر

جيتوڻيڪ = اگرچہ

پر = ليڪن يا مگر

تنهن،اِن، اُن ڪري = لهٰذا

تنهن،اِن، اُن، کان سواءِ = ازان سواءِ

لتنهن،اِن، اُن۔ وچ ۾ = درين اثنا

اِن هوندي بہ = باوجوديڪ

ڇا بہ هجي، هر حال ۾ = بهر صورت، بهرحال

سچ پچ يا سچي پچي = في الحقيقت، حقيقتاً، في الواقع

ابتڙ = برعڪس، خلاف

ڌار ڌار الڳ الڳ، جدا جدا = مختلف

تان جو = حتيٰ ڪ

متان = مبادا

تنهن،اِن، اُن۔ هوندي بہ = بہ اين همہ

ڇاڪاڻ تہ = چونڪ

انهيءَ ڪري = بنا برين، چنانچہ

نہ تہ = ورنہ

ٻيءَ صورت ۾ = بہ صورت ديگر

الڳ، ڌار = علحده

ڌار = علاوه

پوءِ= بعد

هيٺ = زير، تحت

ڀيٽ = مقابلو

رڳو = محض، صرف

تہ بہ، تڏهن بہ = تاهم -وغيره، وغيره.

حيدرآباد جي ريڊئي تان، هر روز "جمهور جو آواز" ٻڌايو وڃي ٿو.

اُن پروگرام ۾ نيٺ هِراڙيءَ جي هڪ ڇڪي مڙس جي ڪردار طور "عارب خان" پنهنجي اوطاق ۾ ڪچهريءَ ۾ سرواڻ ٿي ويهندو آهي. هن پروگرام ۾ هڪڙي ڏينهن "عارب خان" جي واتان، سندس نيٺ هِراڙيءَ جي ڊنگ ۾ ٻڌم: "ادوڙي! اچو تہ اتحاد ڪريون، اتحاد سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا." هاڻي، اسان جا عام ٻڌڻ وارا، جن لاءِ ئي هيءُ پروگرام ٺئي ٿو سي چا سمجهندا "اتحاد" کي ۽ ڪيئن سمجهندا "مسئلن جو حل ٿيڻ!" اُن جي بدران "عارب خان" هيئن ٻہ چئي ٿي سگهيو تہ "ادو ڙي! اچو تہ ٻڌي ڪيون، ٻڌيءَ سان سڀ ڳالهيون نبري ويندين."

17 جولاءِ 72ع تي ٻئي هڪ پروگرام ۾ هن ريڊيائي تان هيئنيان لفظ ڪم ايندي ٻڌم. جيڪي سڀ جا سڀ ٻين هولين جا لفظ پنهنجي هوليءَ تي بار بنجڻ کان سواءِ ٻئي ڪهڙي ڪم جا ٿِي ٿي سگهيا! انهن جي جاءِ تي اسان جي هوليءَ ۾ اڳي ئي ڏاڍا سڻا ۽ سلوٽا لفظ پيا آهن، جو نہ اُهي اسين ڪم آڻيون، تہ جيئن ٻڌڻ وارا ٻڌن تہ سمجهي ٻہ سگهن! ـ هيٺ انهن لفظن جي لسٽ ڏجي ٿي:

باشندا=رهواسي، بخوبي آگاهہ ٿيا=چڱيءَ ريت يا پوريءَ طرح واقف ٿيا، معيار زندگي=زندگيءَ جو معيار يا پڌ، فلاحي مملڪت= عام پلي جي حڪومت، باهمي تعلقات=هڪٻئي جا لاڳاپا، احترام=عزت، تعمير=اڏاوت (تعمير ڪرڻ، اڏڻ)، ذي هوش، ذي فهم=هوش وارو، فهم وارو ڏاهو، خبردار، جيب خرچي=ڪيسي جي خرچي، تعاون=سهڪار، ترقي يافتہ=ترقي ڪيل، ايجاد ڪيون آهن=ناهيون آهن، خبرن تي مشتمل پروگرام=خبرن تي ٻڌل پروگرام، فرصت جا اوقات= واندڪائيءَ جون گهڙيون، تعليم جو فروغ=تعليم جو واڌارو، اعتماد= پروسو، ضروريات=گهرجون، تعلق رکن ٿا=لاڳاپو رکن ٿا، سرمايو= موڙي، دشواري=تڪليف، ڏکيائي، يڪجهتي=ٻڌي، جذبہ قرباني= قرباني جو جذبو، جذبہ خدمت=خدمت جو جذبو، خيالات=خيال، حاضر خدمت=خدمت ۾ حاضر، ترويج=واهپو، استحڪام=جڙاءُ، وقفو =ساهي، مهلت=وڇوٽي، نافذ رهيو=لاڳو رهيو، وغيره وغيره.

هڪڙي مشهور رسالي جي ايڊيٽر صاحب هڪ پيري "پڙاڏي" بدران "صداي باز گشت" جي فارسي ترڪيب ڪم آندي. ڏاڍي نوڙت سان چيومانس ته "ياءِ، جيڪڏهن لفظ 'پڙاڏو' اسان جي هوليءَ مان ائين نڪري ويو. ته "پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين!" وارو شاه صاحب جو املهه بيت ڪيئن ڪير سمجهي سگهندو!" ايڊيٽر صاحب ڳالهه ڪي سمجهيو ۽ مجيو. پر عمل ايڏا به هِن نُڪتي تي گهٽو گهٽ ٽئيس ٿو!

اسان جا ڪيترا عربيءَ جي اثر ۾ ورتل ليڪڪ وڏي شوق سان عربي اسمن جا عربي جمع پنهنجن مضمونن ۾ لکڻين ۾ ڪم آڻين ٿا. سنڌيءَ جو لاڳاپو عربيءَ سان گذريل 1200 ورهين کان به گهڻي عرصي جو آهي. ايتري ڊگهي لاڳاپي کان پوءِ به اسان جي هوليءَ بنهه ڳاڻ ڳڻين عربي اسمن جا ئي عربي جمع قبوليا آهن. جيئن ته احوال، افعال وغيره. پر اُهي به هوءَ پاڻ وٽ واحد جي صيغي ۾ ڪم آڻي ٿي. اِن جي ابتڙ سنڌيءَ جي مٿي ذڪر ڪيل نامياري ادبي رسالي جي هڪ مهتممي نوٽ ۾ ئي مون هيٺيان 12 عربي جمع ڪم آندل ڏٺا: جذبات، احساسات، خيالات، تصنيفات، تاليفات، ڪمالات، تعلقات، واقعات، معاملات، تخليقات، امڪانات، اختيارات! جيڪڏهن ڪنهن هڪڙيءَ ڳالهه ۾ اڙدوءَ کي سندس اصل کان ۽ پڻ عام ماڻهن کان ڳڻي الڳ ڪري بيهاريو ۽ بنهه هڪ ڏاري صورت ڏيئي ڇڏي، ته اُها اِهائي عربي جمع جي صيغن جي اُن ۾ بيجا ۽ اڻ مَڻي پرمار هئي. اِنهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان کي پنهنجي هوليءَ کي بنيادي طرح سندس اصل صورت ۾ قائم رکڻو آهي ته جيئن ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم فارسيءَ جي معاملي ۾ اُن لاءِ چئي ويو ته ان کي فارسيءَ جي اضافت جي ترڪيب کان پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي، تيئن عربيءَ جي معاملي ۾ وري اُن کي هن عربي جمع جي صيغي جي استعمال کان بچائڻ گهرجي. اِهي سمورا عربي اسم اسان کي پنهنجي سنڌي جمع جي صورت ۾ پاڻ وٽ ڪم آڻڻ کپن ۽ نه سندن اصلي عربي جمع جي صورت ۾.

ضمير مبهم جا لفظ ڪو ڪا، ڪي، ۽ ڪِي ۽ انهن سان گڏ ظرف جا انڪاري لفظ ڪونہ، ڪانہ، ڪين ۽ ڪِين، اسان جا ڪيترا ليکڪ اهڙيءَ طرح ڪم آڻين ٿا، جڙ سنڌي سندن مادري هولي ئي ڪانهي. هڪ تہ "ڪو" مذڪر لاءِ ۽ "ڪا" مؤنث لاءِ، "ڪي" مذڪر، مؤنث ٻنهي لاءِ جمع ۾ ۽ "ڪِي" ڪنهن بيجان شيءِ لاءِ "ڪجهہ" جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ لفظ آهن. ٻيو تہ انڪاري لفظ "ڪونہ" ساڳيءَ طرح مذڪر واحد لاءِ، "ڪانہ" مؤنث جي لاءِ، جمع جي صيغي ۾، ۽ "ڪِينَ" رڳو "ڪِي" ضمير سان ڪم اچي سگهن ٿا- جيئن تہ:

ڪو ڪونہ ايندو.
ڪا ڪانہ ايندي.
ڪي ڪين ايندا/اينديون.
ڪِي ڪِين ٿيندو/گهرجي.

اسان جا ڪيترا ليکڪ اڄ لفظ "ڪونہ" مذڪر ۽ مؤنث ٻنهي لاءِ ڪم آڻيندا رهن ٿا. جيئن چون: (ڪو) چوڪرو ڪونہ آهي/ڪونهي ۽ وري هيئن ٻہ چون: (ڪا) چوڪري ڪونہ آهي/ڪونهي! ظاهر آهي تہ "چوڪريءَ" لاءِ "ڪونہ آهي" يا "ڪونهي" چئي ڪِين سگهبو مؤنث واحد جي اِن صيغي ۾ لفظ "ڪا" ۽ "ڪانہ" ئي ڪم آڻڻ صحيح ٿي سگهن ٿا.

اسان جي پڙهيل پينرن ۾ وري هڪ عجيب خيال پيدا ٿيل ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ هڪ ٻئي سان يا سندن زيردست پينرون يا سندن مرد پائر ساڻن جيڪڏهن مؤنث جع جي صيغي ۾ ڳالهائيندا- جيئن تہ "اوهانِ چا پيون ڪريو؟ اوهان ڪڏهن آيون آهيو؟ اوهان هاڻي ڪيڏانهن ويندیون؟" وغيره وغيره- تہ اِها سندن بي عزتي آهي يا سندن شان ۾ گستاخي چئجي! تنهنڪري هنن سان ڳالهائبو تہ چئبو: "اوهان چا پيا ڪريو؟ اوهان ڪڏهن آيا آهيو؟ اوهان هاڻي ڪيڏانهن ويندا؟" وغيره وغيره. جڙ هو مرد آهن ۽ عورتون نہ آهن! هيءُ اهڙو هڪ ڪل جهڙو غلط ۽ هاڃيڪار خيال آهي ۽ هوليءَ جو هيءُ هڪ اهڙو اڻ گهڙيو ۽ بدزيبو استعمال آهي، جنهن کي جيترو جلد ڇڏي سگهجي اوترو سڻو.

سنڌيءَ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ، اسم ۽ صفتون، فارسيءَ ۽ عربيءَ مان آيل آهن، جن جي پڇاڙي ننڍيءَ 'ه' سان ٿئي ٿي- جيئن نقشه، ضلعه، ديوانه، دروازه وغيره. هاڻي، سنڌيءَ جي هڪ خصوصيت هيءَ آهي ته ان جي ڪنهن به لفظ جو پويون پد ساڪن نڪو ٿئي، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ايندي ئي اهي لفظ ڦري نقشو (واحد، حالت فاعلي)، ضلعو، ديوانو، دروازو وغيره ٿي ويا ۽ پوءِ عدد ۽ حالت پٽاندر انهن جو گردان لازمي بنجي ويو. جيئن نقشا، (جمع، حالت فاعلي)، نقشي (واحد، حالت جري ۽ اضافت)، ضلعا، ضلعي، ديوانا، ديواني، دروازا، دروازي، وغيره. بجاءِ اِن جي جو ههڙن فارسي ۽ عربيءَ جي لفظن کي پنهنجي ٻوليءَ جي انهن آوازي قاعدن موجب اُچارجي ۽ لکجي، اسان جي ڪيترن ليکڪن خود ڪيترن سنڌي لفظن کي زور ڪري، ننڍيءَ هه وارن انهن فارسي ۽ عربي لفظن جي سانچي ۾ وجهي، انهن جو صيغن پٽاندر گردان ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي! - جيئن: چنو چنا، چني بدران چون ۽ لکن چنڊ، ڀٽو ڀٽا، ڀُٽي بدران رڳو ڀٽ، ٽنبو، ٽنبا، ٽنبي بدران رڳو لکن ٽنبه، ٽاٽو ٽاٽا، ٽاٽي بدران رڳو ٽاٽا هيءَ سنڌي صورتخطيءَ جي توڙي سنڌي صرف جي هڪ اهڙي غلطي آهي، جو اُن مان ٻوليءَ جو ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾ ڏاڍو دکدائڪ بگاڙو ٿي رهيو آهي، جنهن کي روڪڻ تمام ضروري آهي.

اڄڪلهه دڪانن، آفيسن، بسن ۽ لارين، رستن جي پٽرن ۽ ريلوي اسٽيشنن وغيره تي سنڌيءَ ۾ نالا ۽ پار پتا لکيا پيا وڃن، پر جتي جتي لکڻ وارا غير سنڌي يا اڌ پڙهيل سنڌي آهن، اُتي هِنن بوردن تي اِهي سنڌي لفظ ۽ عبارتون غلط ٻوليءَ ۽ غلط صورتخطيءَ ۾ لکيون پيون وڃن- جيئن ته هڪ سرڪاري اسپتال ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل ڏٺم: "شعبو ڪان، ناڪ، حلق"، "شعبو امراض زنانو"، "اوقات مريض سان ملاقات"، ٻئي هنڌ ڏٺم: "ديرپا قوت"، ٽئين هنڌ هڪ بس تي لکيل ڏٺم: "اباوڙو جي لاءِ". جو هڪڙ گهرجي ها "اباوڙي جي لاءِ" يا رڳو "اباوڙي لاءِ". جتي جتي، جنهن جنهن سنڌيءَ جي گهٽگهري، پوڙهي توڙي جوان، جو وس پُڄي ته هن کي گهرجي ته پڌري پٽ اهڙيون لکيل چُڪون، پيار ۽ سهڪاري اُمنگ هيٺ درست ڪرائي ڇڏي.

سنڌي هولي گرامر جي خيال کان، گھٽ‌ي‌ءَ حد تائين، هڪ پوري قاعدي واري هولي آهي. اُن جا اسم، ضمير، صفتون، ظرف ۽ فعل هميشہ عدد، جنس ۽ حالت سان گڏ پنهنجي صورت بدلائين ٿا، لفظن جو هي‌ءُ ڦيرو يا گردان سڀني هولين ۾ سندن پنهنجي پنهنجي گرامر جي قانونن هيٺ ٿئي ٿو. سنڌي هولي‌ءَ ۾ پڻ هي‌ءُ گردان لازمي طرح ڪرڻو پوي ٿو. افسوس جو اسان جا ڪي ليکڪ، ٻين هولين جي اثر هيٺ، پنهنجي هولي‌ءَ جي بنيادي ڳالھ کان بيخبر يا لاپرواھ ٻڌجي ويل ڏسجن ٿا. هتي رڳو هڪ اخبار جي ٽن لاڳيتن پرچن منجھان هن قسم جي لاپرواهي‌ءَ جا مثال ڏجن ٿا. جن مان سمجھي سگھبو تہ اسان جي هولي‌ءَ ۾ ڪيتري‌ءَ حد تائين پنهنجن جي ئي هٿان بگاڙو اچي چڪو آهي ۽ اچي رهيو آهي:

تاريخ 1972.3.7**ع جي پرچي مان**

(1) **سنو** پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ کوٽائي شروع.

(2) **رستو** بند ٿيڻ سبب مل بند.

(3) گورنر کي **ٽر جو دورو** ڪرڻ جي اپيل

(4) **ريڊيو** ٻڌڻ تان جھيڙو.

(5) پنجن ڏينھن **جو دورو** ڪرڻ بعد رپورٽ

تاريخ 1972.3.8**ع جي پرچي مان**

(6) سنڌ ۾ ڪاغذ جا **چارڪارخانا** قائم ڪرڻ جون رٿائون زير غور

(7) سنڌي زبان ۽ ثقافت **جو پيپر** شامل ڪرڻ جو حڪم

(8) سپاهي مسافرن **جو قيمتي** سامان ڦرڻ جي الزام ۾ گرفتار

(9) نوڪرين لاءِ **درخواستون** ڏيڻ کان پوءِ انٽرويو

تاريخ 1972.3.9**ع جي پرچي مان**

(10) حڪام طرفان مري ويلن **جو تعداد** ظاهر ڪرڻ کان انڪار

(11) هارين کان **قبضو** ڇڏائڻ لاءِ پوليس پھتي

(12) مولانا ... بنا معاوضي **زمينون** حاصل ڪرڻ تي اعتراض ڪيو.

(13) زرعي پيداوار جي وڪري جو **بندوبست** ڪرڻ لاءِ زرعي ادارو قائم.

(14) تعلقي **جا بنيادي مسئلا** حل ڪرڻ تي غور.

حالت جريءَ يا اضافت جي حالت ۾ سنڌيءَ جي اسمن ۽ صفتن جا لفظ هيٺينءَ ريت آهن:

(الف) واحد جي صيغي ۾ اَ، اِ ۽ آ ۾ پڇاڙين جي صورت ۾ ڪوبہ ڦيرو ڪونہ ٿيندو. جيئن: ڪَٽ تي، پِٽ تي، راجا کي، وغيره

(ب) واحد جي صيغي ۾ اُ ۾ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ اُ ڦري اَ جي صورت ونڊندو. جيئن: گلَ تي، پَٽَ تي.

(ج) واحد جي صيغي ۾ او ۾ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ او ڦري اي جي صورت ونڊندو. جيئن دلي تي، ڪٽولي تي.

(د) واحد جي صيغي ۾ اِي، اُو ۽ اُون ۾ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ لفظ جي آخر ۾ 'ءَ' آواز وڌائبو. جيئن: ماکيءَ کي، منوءَ کي، مرونءَ کي، وغيره.

(هـ) جمع جي صيغي ۾ ئون، يون، اون، اِي، آ، اَ، اُو جون پڇاڙيون ڦري ئن، ين، ن جي صورت ونڊنديون- جيئن ته بلائون، پتيون، ڪٽون، ڏوبي، بلائن کي، پتين تي، ڪٽن تي، ڏوبين کي، گُلَ، دلا، منُو، گلن تي، دلن تي، منن کي.

مٿي جيڪي 14 مثال ڏنا ويا آهن، انهن ۾ پاڻي، رستو، دورو، ريڊيو، پيپر، سامان، درخواستون، تعداد، قبضو، زمينون، بندوبست ۽ مسئلا سڀ اسم آهن. جيڪي حالت اضافت ۾ آهن ۽ انهن مان هر هڪ جي پٺيان حرف جر يا حرف اضافي "جي"، ڳجهو ٻيئل آهي. انهيءَ ڪري اُهي پنهنجي صفتن ۽ انهن جي اڳيان آيل حرف اضافت جي لفظن سميت پنهنجي صورت ڦيرائيندي. جيئن:

(1) **سٽي پاڻيءَ** حاصل ڪرڻ لاءِ کوٽائي شروع.

(2) **رستي** بند ٿيڻ سبب مل بند.

(3) گورنر کي ٽر **جي دوري** ڪرڻ جي اپيل

(4) **ريڊئي** ٻڌڻ تان جهيڙو

(5) پنجن ڏينهن جي **دوري** ڪرڻ بعد رپورٽ
(6) سنڌ ۾ ڪاغذ جي چئن **ڪارخانن** قائم ڪرڻ جون رڪاوٽون زير غور.
(7) سنڌي زبان ۽ ثقافت جي **پيپر** شامل ڪرڻ جو حڪم
(8) سپاهي مسافرن جي **قيمتي** سامان ڦرڻ جي الزام ۾ گرفتار
(9) نوڪريءَ لاءِ **درخواستن** ڏيڻ کان پوءِ انٽرويو
(10) حڪام طرفان مري ويلن جي **تعداد** ظاهر ڪرڻ کان انڪار
(11) هارين کان **قبضي** ڇڏائڻ لاءِ پوليس پهتي.
(12) مولانا ... بنا معاوضي **زمينن** حاصل ڪرڻ تي اعتراض ڪيو.
(13) زرعي پيداوار جي وڪري جي **بندوبست** ڪرڻ لاءِ.
(14) تعلقي جي بنيادي **مسئلن** حل ڪرڻ تي غور

هولي قومن جي طبيعت جو آئينو ٿئي ٿي. مثال طور، اڙدو هڪ واترادي ۽ گهڙ- ٻالهاڻو هولي آهي. ۽ سنڌي هڪ مانيٽي ۽ ٿور- ٻالهاڻو هولي آهي. هڪ جو خاص گڻ زبان درازي ۽ اُپ ۾ تراريون هڙڻ آهي، ۽ هيءَ جو خاص گڻ نماڻائي ۽ نرم هولڻ آهي. تنهنڪري سنڌي جيڪڏهن اڙدوءَ جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، تہ نہ رڳو پنهنجو شانُ وڃائيندي، پر اڙدوءَ سان اُن جي لفاظيءَ ۽ نقاليءَ ۾ مٺ بہ پئجي ڪانہ سگهندي ۽ التو اِنهيءَ ڪوشش ۾ پاڻ کي ڏنو ڪندي. ڏاڍي گهٽي ڏک جي ٻالهہ آهي، جو اسان جا ڪي هرڪ هارئا دوست اڙدوءَ جي اِنهيءَ درباري ڏيک ۽ ماڙيچاٽي مَڪ چڪ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايترا تہ ونجي ٿا وڃن، جو مثال طور، حيدرآباد ريڊئي جي اُنهيءَ ساڳئي مٿي ڇاڻايل "جمهور جي پروگرام" ۾ مون پنهنجن ڪنن سان اهڙن دوستن کي چوندي ٻڌو. "ادا عارب خان! بجا ٿا فرمايو!" ("سچ ٿا چئو!" نہ)، "ادا، هاڻي ٻڌاءِ خَبرُون!" ("خبَرون" نہ)، "تَيار ٿيو" ("تِيار نہ)، "خَيال ڪريو" ("خِيال" نہ)، (اُميد آهي..."، ("اُميد" نہ)، "درميان" (نون غُني سان) ("درميانُ" بہ نہ ۽ "وچ ۾" بہ نہ) — بنهہ ايتري تائين، جو "عارب خان" چوي تہ "ادوڙي، خوش آهين! چگو پلو جوڙ متاروا!" تہ هن کي جواب ڏين: "عارب خان، عنايتون، ڪرم فرمايون، ذره

نوازيون!" سنڌيءَ ۾ خبرون پڙهندي، جيڪر سُر ۾ آواز منجهائڻ ڪي اختيار ڪن ٿا، سو سڃيءَ سنڌ جا ماڻهو ٻڌي پنهنجن ريڊين ڪي جيڪي سڌيون ٻڌائين سڀائين ٿا، سي ريڊئي وارا پاڻ تہ ڪونہ ٿا ٻڌن، پر هن مضمون جا پڙهندڙ ڇڪيءَ ريت ڄاڻن ٿا، اسان جي هنن دوستن کي ياد رکڻ گهرجي تہ ٻولي لکجڻ ۾ پڙهجڻ کان گهڻو وڌيڪ ڳالهائجي ٿي. هر ٻولي پنهنجي خاص ڍنگ ۾ لهجي ۾ ڳالهائبي آهي. ڳالهائڻ ہ هڪ لطيف فن آهي- شاندار. وڏو ۾ تمام ڏکيو. اُن جي ترنم ۾ لئي کي هڪڙو کهرو آواز هڪڙواڻ سهائيندڙ اُچار ہ ڏکوئي ۾ ختم ڪري سگهي ٿو. عربي ۾ فارسي لفظ ڪٽي، اسان اُنهن جي اصلوڪن اُچارن کي پاڻ وٽ قائم رکڻ لاءِ ٻڌل نہ آهيون. جيئن اڙدو سمجهي ٿي تہ هوءَ ٻڌل آهي. مون، خاص طرح، اسڪولن ۾ ڪاليجن جي جلسن ۾ پنهنجن ڪيترن ڏاهن ۾ اتساهي نوجوانن کي ڏٺو آهي تہ ميڙ ۾ ڳالهائيندي، هو عربي ۾ فارسي لفظن جي ڳولا ۾ ۾ اُنهن کي هروپرو سندن "صحيح" اُچارن سان ڪم آڻڻ جي ڪوشش ۾ ايترا تہ مُنجهي پون ٿا، جو بنهہ رواجي خيال ہ پنهنجا ظاهر ڪري نٿا سگهن. هيءَ ڪيتري نہ ارمان ۾ عجب جي ڳالهہ آهي، جو ڏارين ٻولين جي ڏِڻ ۾ اُنهن جو تاب اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جو پورو فائدو ہ ونڻ نہ ڏئي! جڏهن سنڌ جو امر شاعر لفظ "بغير" کي "بگر" ڪري ڪم آڻي سگهي ٿو "ڪونهي ڪميٽيءَ جو بگر تو بلو"- اسين خَبرَ، اُميدَ، تِيارُ، خِيالُ، سُوالُ، خَتَمُ، وغيره، وغيره ڇو نہ چئون؟ اسين سنڌي برابر مانيٽا ۾ ٿور- ڳالهائو آهيون، پر ائين ہ ٿيڻ نہ ڪجي تہ پنهنجن چپن تي، اڙدوءَ جي نقالي ڪندي، عربي ۾ فارسي لفظن ۾ اُنهن جي اُچارن جون مهرون هڻي، بنهہ گونگا بڻجي ويهي رهون. يا شهري يا علمي بڻجڻ جي شوق ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي ايترو بگاڙي ڇڏيون، جو ٻولي تہ ٻولي، پر خود پنهنجي عامَ کان ئي ڪٽجي الڳ ٿي ويون!

اڄ جي نئين دور ۾ ٻوليءَ ۾ ادب جي بچاءَ ۾ واڌاري جو وڏي ۾ وڏو ۾ ڪامياب ۾ ڪامياب وسيلو ان ٻوليءَ جي پڙهائي آهي، جيڪا اسڪولن، ڪاليجن ۾ يونيورسٽين ۾ ٿئي ٿي. تمام گهڻي

افسوس جي ڳالهه آهي، جو اڄ اسان جي پرائمري اسڪولن کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي ادب جي پڙهائيءَ تي پورو ۽ مناسب ڌيان ڪونه ٿو ڏنو وڃي. اُن جا سبب ڪٽي ڪيترا به هجن ۽ ڪمڻا به هجن، پر اِنهيءَ حالت کي هڪدم بدلجڻ گهرجي ۽ اسان جي تعليمي مرڪزن ۾ اسان جي مادري ٻوليءَ جي پڙهائي کي ايتري ئي اوليت ۽ اهميت ڏيڻ ۽ ڏيارڻ گهرجي، جيتري ڪنهن آزاد ۽ سڌريل ملڪ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اُن جي مادري ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي ملي ٿي. ۽ اِن ۾ ڪوبه ٻيو نصابي ڪم- جيئن حساب، انگريزي، سائنس، وغيره- سنڌيءَ تي آڪرو ٿيڻ نه گهرجي. سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي هيئن اسان جي تعليم ۾ پهرين جڳهه ملي، ان لاءِ وڏي ۾ وڏو فرض اسان جي سنڌي استادن جو آهي، جيڪي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي پاڙهڻ تي مقرر ٿيل آهن. هڪ ته هو پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي پوريءَ طرح پڙهن ۽ سمجهن ۽ ان جي ادبي ۽ علمي خزاني کان وڌ ۾ وڌ واقف ٿين، ٻيو ته پنهنجن شاگردن کي اُن جي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ڪم آڻڻ لاءِ پنهنجي وس آهر وڌ ۾ وڌ تيار ڪن. اُن لاءِ نصاب ۾ به ڪجهه ڦيرو اچڻ گهرجي، پر سڀ کان وَڌ دلي چاهُ ۽ ڀرپور پورهيو ئي کين توڙي سنڌن شاگردن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ڏانهن پنهنجن فرضن ۽ ذميدارين جي پوري ڪرڻ لاءِ تيار ڪري سگهندو.

سنڌي ٻولي جنهن خطري هيٺ آهي، اُهو اِن مان ئي پڌرو آهي ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي صوبائي ٻولي بنجي، اُن لاءِ سنڌ اسيمبليءَ کي بل پاس ڪرڻو پيو. ۽ پوءِ اُن گناهه لاءِ ابوجهه ۽ صلح پسند سنڌي عوام کي ڪيترائي ڪونڊر ڪهائڻا پيا، ۽ اُن جي پنهنجي سرڪار کي چاچا نه سهڻو پيو ۽ چا چا نه مڃڻو پيو! هاڻي، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ جيڪي بورڊ ۽ ائڪيڊميون ٺهيون آهن، جڏهن اُهي ٺهن ۽ بن سالن ۾ يا ٻارهن سالن ۾ جڏهن ٻوليءَ ۾ اُهو ڪجهه واڌارو ٿئي، جيڪو هڪ آبرومند قومي ٻوليءَ ۾ سچ پچ ٿيڻ گهرجي، اُن لاءِ ڪي ڀرپور تجويزون جُڙن ۽ انهن تي عمل ٿئي، سوين هزارين ڪي علمي ۽ ادبي

ڪتاب لکجن. ترجما ٿين. ڇپجن ۽ پڙرا ٿين. سنڌ جا سڀ رهواسي سنڌي سکن. سنڌي پڙهن ۽ لکن- تڏهن چئي سگهبو ته سنڌ ۾ ٻولي پنهنجي پوري ۽ حقي درجي تي پهتي ۽ اُن لاءِ اسان جي وڏن جون ۽ اسان جون سڀ قربانيون. جيڪي ڏنيوسين ۽ اڳتي ڏيندا سين ۽ سڀ محنتون. جيڪي ڪيون سين ۽ اڳتي ڪنداسين. سڀ سوليون ۽ سجايون ٿيون.

جيڪڏهن ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن کي قبولڻ ۽ قائم رکڻ جو سوال رکو ايترو آهي ته ٻين ٻولين جا لفظ کنيا وڃن ۽ پنهنجي ٻوليءَ جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ. بلڪ وڌيڪ سچيت ۽ سهٽا لفظ چڌيا وڃن- ته ائين هرگز هرگز نه ٿيڻ کپي. ائين ڪرڻ سان ٻولي پنهنجو بنياد بچائي ته نه سگهندي. پر پنهنجي بنياد سان پنهنجو سيپيتائي لاڳاپو به بحال رکي نه سگهندي. جڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي ڳالهه وڃي اهڙيءَ حد تي پهچي. تڏهن اُن ٻوليءَ کي پاڻ وٽان ڏاريان لفظ زوريءَ به ڪيڊي ڦٽا ڪرڻا پوندا. هڙو عمل. جنهن ۾ ڏاريان فاسد لفظ ڪوشش ڪري ڪيڏا پون ۽ پنهنجا بي گناهه نڪتل لفظ واپس آڻڻا پون. دنيا جي سيني سڌريل ۽ سجاڳ قومن کي. پنهنجي قومي سجاڳيءَ جي پهرينءَ منزل تي. پنهنجي پنهنجي قومي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ. لازمي طرح اختيار ڪرڻو ئي پيو آهي. ساڳيءَ ريت. سنڌي ٻوليءَ جي اها واڌ به ڪڏهن واڌ ڪانه چئي سگهبي. جنهن مان. مثال طور. شاهه جي ٻوليءَ جا لفظ گم ٿيندا ٿيندا بنهه گم ٿي وڃن. ايتري تائين. جو ڪو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ پڙهندڙ شاهه جو رسالو پڙهي ته پڙهي نه سگهي ۽ ٻڌي ته سمجهي نه سگهي. ايتريءَ قيمت تي ڪنهن ٻوليءَ جي "ترقيءَ ۽ سڌاري" کي ڪهڙي حساب ۾ ڪو ترقي ۽ سڌارو چئي سگهندوا هن خيال کان. اڄ اسان تي واجب به آهي. ۽ بنهه جائز پڻ. ته پنهنجي "اسڪولي" ۽ "علمي" ٻوليءَ جي ڪجهه ڇانگ ڪريون. ته جيئن ان ۾ اوتري قدر. بلڪ ڪجهه وڌيڪ. تازو ٿوتهڙو ٿئي. ٻوليءَ جي هيءَ ضروري ڇانگ هرڪو اسان جو لائق اديب ۽ شاعر پنهنجي سچيتائيءَ ۽ فني پختائيءَ سان

پنهنجي منهن بہ ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي پياريءَ هوليءَ لاءِ آب حيات مثل هيءُ بنهہ ضروري عمل، ڪنهن رٽائتي ۽ سلسليوار طريقي سان، اسان جا سڃاڻ مقبول عام علمي ۽ ادبي ادارا پڻ هٿ ۾ کڻي سگهن ٿا.

[ع1973]

ٻوليءَ جو واهپو

لفظن جي چونڊ

ٻولي، آواز جو هڪ مهاساگر آهي. ان ۾ لفظن جي موتين جا ٻندار ڀريا پيا آهن. اديب ۽ ليکڪ اهي سڃاڻ ۽ ساڃاهه وارا غواص آهن، جيڪي هن جي بحر بي پايان مان رڳو املهه ۽ عين گهرج وارا موتي چونڊي ٻاهر ٿا آڻين. ۽ پوءِ انهن مان ويهي پنهنجي ادب جون مالهائون ٿا پوئين. لفظن جي اها چونڊ ۽ جائيتي جڙت ئي آهي، جيڪا هڪ اديب جي عبارت کي امتياز ٿي بخشي. ياد رکڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ٻوليءَ جو هر لفظ پس منظر ۾ معنائن جي هڪ دنيا پاڻ وٽ رکي ٿو: ۽ جڏهن کو لفظ ڳالهائجي ٿو يا ٻڌجي ٿو لکجي ٿو يا پڙهجي ٿو تڏهن اهو پنهنجي انهيءَ سموري دنيا سميت اچي ٿو اسان جي سامهون بيهي. لفظ جي انهيءَ دنيا کي سمجهبو تڏهن ئي ان جو صحيح ۽ وزنائتو استعمال ڪري سگهبو. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي مقبول عام اديبن، هميشه ڏارين ٻولين جي غير ضروري لفظن، اصطلاحن ۽ ترڪيبن، ۽ خود پنهنجن ٻولين جي ڳرن ۽ غير مانوس لفظن کي استعمال ڪرڻ کان انتهائي پرهيز ڪئي آهي: ۽ ان جي عوض هنن هميشه ڏنل واڌل، سنوان سڏا، عام فهم ۽ سادا سودا لفظ ڀئي ڪم آندا آهن. کنهن ڳالهه يا لکت جو اثر بنيادي طرح ته هونئن به ان جي فڪر ۽ معنيٰ تي مدار ٿو رکي: ڳالهه ۾ هوندو کي به کين، رڳو ٻلهيون هونديون گهنتريون ۽ لفظن جون ڦلبنديون، ته اهڙين مداحن تي

ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ايڏا موهت ٿين ته ٿين. باقي ڪري ڪوٽي ڇاڻڻ پرکڻ وارا ته پَڪَ ئي پَڪَ ٻيهر انهن کي ٻڌي اتي جو اتي اڇلڏو ڪري ڇڏيندا! ڪم علمي ۽ ذهن جي اڻ هوند، وڌن وڌن ۽ ڏکين ڏکين لفظن، فارسيءَ جي لاڳيتين ترڪيبن، ۽ عربيءَ جي ڇڪ ڇڪان وارن اچارن ۽ ان جي صرف- نحو جي پابندين جي غلافن ۾ ڪڏهن ٻه لکي ڪين سگهندي! تنهنڪري، هي جو سنڌي ٻوليءَ لاءِ تحرڪ اُٽيو آهي ته نج سنڌي ڳالهائڻ ۽ لکڻ گهرجي، تنهن ڏانهن اسان جي محترم اديبن کي گهرجي ته جوڳو ڌيان ڏين، ان جي اصلي اهميت کي سڃاڻن ۽ سندس بنيادي مقصد کي سمجهن: اڄ اسان جا پڙهندڙ محض لفظن جي گورک ڌندي ۾ ڦاسڻ لاءِ تيار نه آهن، ۽ نه وري رڳو انهن جي ظاهري ڏيک ويک ۽ رعب تاب تي ٻنيلجي يا دهلجي وهي رهڻ وارا آهن. اڄ اسان جي پڙهندڙن کي اهو ادب گهرجي جيڪو سندن زندگيءَ جي حقيقتن جي ترجماني ڪري، جيڪو کين زندگيءَ جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جون راهون ڏسي، ۽ جيڪو وٽن اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ پهچي، جنهن ٻوليءَ کي هو ٻڌي سگهن، سمجهي سگهن ۽ هنئين سان هنڌائي سگهن.

ٻولين جي ڏي وٺ

اسان جا لکندڙ هتي هي سوال اٽاري سگهن ٿا ته "ڇا، اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترو ذخيرو موجود آهي،جو اسان جي مڙني ادبي ۽ علمي ضرورتن جي پورائي ٿي سگهي؟" جواب ۾ عرض آهي ته ان ڳالهه جو دارومدار "ضرورت" جي مخصوص نوعيت تي آهي: خالص ادبي ضرورتن يعني شعر و شاعري، افسانه نويسي ۽ تنقيد وغيره لاءِ، ۽ پڙ ٻين انيڪ علمي ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ به ايتروئي ذخيرو موجود آهي، جيترو دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين ۾.- فرق رڳو هيءُ آهي ته هنن ۾ خالص علمي اصطلاحن جو انداز نسبتاً زياده آهي. علمي اصطلاح انهن ٻولين ۾ ڪي اصل کان موجود ڪونه هئا: جيئن جيئن اُهي ٻوليون جدا جدا علمن جي جديد ترقي يافته صورتن

سان روشناس ٿيندیون ويون، ۽ جيئن جيئن سندن سماجي پس منظر، جاگيرداري دور مان نڪري صنعتي دور ڏانهن وڌندو ويو تيئن تيئن وايو منڊل نين نين ضرورتن سارو انهن ٻولين ۾ نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح پڻ داخل ٿيندا ويا. ٻين ٻولين وانگر اسان جي ٻولي ۾ آئنده اهي نوان علمي لفظ ۽ اصطلاح ڪجھ پنھنجو پاڻ مان پيدا ڪري، ڪجھ ٻين ٻولين کان گھري، هٿ ڪري سگھي ٿي. سيئي ٻوليون اهڙي قسم جي ڏي وٺ هميشہ ٿيون ڪن: ان کان سواءِ، سندن سامهون ٻيو ڪو چارو ۽ ڪونهي، تنهنڪري، جيڪڏهن اسان جي ٻوليءَ ۾ وقت سر ٻين ٻولين کان ڪي لفظ هٿ ڪيا تہ ان ۾ ڪوبہ اهم ڪونهي- خود کائنس ۽ تہ ٻين ٻولين ڪي لفظ کنيا آهن! پر، هيءَ تہ نيٺ ۽ شانائتي ڳالھ نہ ڇئبي، جو پنھنجي هڙ ۾ موڙيءَ هوندي ۽ ڪشتو ڪٽي ٻين جي دران ۾ڙَ ڪبي وتجي! اسان کي يقين آهي تہ جيڪڏهن اسان جا شاعر ۽ اديب پنھنجي ٻوليءَ جي اصلي خزانن کي جاچيندا، سندس اوائلي ادب جو پورو مطالعو ڪندا، پنھنجن اڳين شاعرن ۽ اديبن جي لافاني تخليق کي پنھنجي لاءِ مشعل راھ بنائيندا، ۽ وڏي ڳالھ تہ پنھنجي ٻوليءَ جي سدا حيات، عظيم ۽ اڪٹ سرچشمن يعني سنڌي عوام سان پنھنجا جيئرا جاڳندا ۽ قريبي ناتا قائم رکندا، تہ پوءِ ھو ڏسندا تہ نازڪ کان نازڪ جذبن، لطيف کان لطيف امنگن ۽ مشڪل کان مشڪل خيالن کي بيان ڪرڻ لاءِ ۽ سندن ٻوليءَ ۾ لفظن جي ڪا اٽاٽ ڪانهي.

'نج' سنڌي لفظ

نج سنڌي ٻوليءَ جي استعمال ڪرڻ جي صلاح ٻڌي، ڪن دوستن کي چرچو سُجھي ايندو آهي، ۽ وينا تاڙيندا آهن تہ صلاح ڏيندڙ حضرت ڪٽي ڪو ڏارينءَ ٻوليءَ جو لفظ ڪم آٽي تہ ڪو مزو لڳي! ظاهر آهي تہ هيءَ طعنيبازي ۽ هڪ ٻئي کي شھ ڏيڻ واري هيءَ روش درست نٿي سڏي سگھجي. مطلب هي هرگز نہ آهي تہ سمورا ڏاريا لفظ ٻوليءَ مان چونڊي چپوٽي، هڪ هڪ ڪري، ٻاهر ڦٽا ڪري

ڇڏجن! دنيا جي ڪابہ ٻولي جيڪڏهن اهڙي ريت پنهنجي "اصل نسل" ۽ "خالص خاندان" جي رُڄ پڻيان ڊوڙندي ٿي آخر ۾ سواءِ سڃاڻپ کان ئي نڪري ويڙ، يا بنهہ ختم ٿي ويڙ جي اُن لاءِ ٻيو ڪو مستقبل ئي نہ رهندو! تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا جيڪي لفظ داخل ٿي چڪا آهن، نہ فقط اهي جيئن جو تيئن ان ۾ هميشہ موجود رهندا، پر آئندي پڙ اسان جي ٻولي اهڙيءَ ريت ڏارين ٻولين سان لفظن، اصطلاحن، ۽ بيان ۽ فڪر جي طريقن جي ڏي وٺ ڪندي ئي رهندي، ٻوليءَ جي "نج" استعمال مان، جيئن متي اڳي ئي عرض ڪري آيا آهيون، مراد فقط هيءَ آهي تہ هڪڙو تہ پنهنجي هوندي سُوندي ٻين جي اڳيان هٿ نہ ٽنگيو ويڇي، ۽ ٻيو تہ جڏهن ضرورت آهر ڏارين کان امداد حاصل ڪئي ويڇي، تڏهن ان امداد سان گڏ ڏارين جي غلاميءَ جا ڳڻ پنهنجي ڳچيءَ ۾ نہ وڌا وڃن. ٻولين جو اصول آهي تہ ڏارين ٻولين جا لفظ هو هميشہ پنهنجن شرطن تي پاڙ وٺ قبول ڪنديون آهن، ۽ خاص پنهنجن طبيعتن پٽاندر ئي اهڙن ڏارين لفظن کي هو پاڙ وٺ ڪُپائيندون آهن. هرڪا ٻولي جڏهن بہ ڪو ٻاهران لفظ هٿ ڪندي آهي، تڏهن ان لفظ جو استعمال هوءَ پنهنجي قاعدي ۽ قانون موجب ڪندي آهي- صورتخطيءَ ۾، اُچار ۾، لهجي ۾، گرامر جي صورتن ۾ ان لفظ تي حڪومت نئينءَ ٻوليءَ جي هلندي آهي. لسانيات يا ٻاشاوگيان جو اهو هڪ بنيادي اصول آهي، جيڪو اسان جي سنڌيءَ سان بہ ايترو ئي لاڳو آهي، جيترو دنيا جي ٻين سيني ٻولين سان: تنهنڪري، جيڪڏهن ڪو فارسي، عربي، انگريزي يا ٻيءَ ٻوليءَ جو فدائي اسان کي چوندو تہ هن يا هن ٻوليءَ جا لفظ سنڌي ٻولي فقط تڏهن حاصل ڪري ٿي سگهي، جڏهن انهيءَ ٻوليءَ جا قاعدا ۽ دستور پڙ انهن لفظن سان گڏ پنهجي مٿان عائد ڪري، تہ اسين انهيءَ حضرت کي چونداسين تہ "جيڪڏهن تنهنجي ٻوليءَ جا لفظ انهن ئي شرطن تي ملڻا آهن تہ پوءِ 'اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني'- اسان کي انهن شرطن تي اهي لفظ بنهہ کپن ئي ڪونہ!"....تہ "نج" سنڌي لفظن ۾ اهي لفظ، ويندي خالص علمي اصطلاحن تائين، پڙ اچي وڃن ٿا، جن کي

سنڌي ٻولي پنهنجي مهر هٺي پنهنجو بنائي ٿي ڇڏي- پوءِ اهي لفظ ۽ اصطلاح کٽي کهڙيءَ به ٻيءَ ٻوليءَ جا هجن! اسان کي يقين آهي ته اسان جي محترم شاعرن ۽ اديبن کي "نج" سنڌي لفظن جي انهيءَ دائري ۾ جنهن جي وصف مٿي عرض ڪري چڪا آهيون، پنهنجي هر ادبي ۽ علمي ضرورت لاءِ، گهرج سارو لفظ هر وقت موجود ملندا.

[مهراڻ :سرءُ، سال 1955ع]

سنڌي ٻوليءَ ۾ سکيا

سنڌي ادبي سنگت جا دوستؤ، پياريون پينرون ۽ پيارا ڀائرؤ!

آءٌ سمجهان ٿو ته وقت تمام گهٽو گذري چڪو آهي، ۽ اُهو وقت اسان لاءِ سڀلو به گذريو آهي- خاص ڪري جيڪي ٻه مضمون پڙهيا ويا ۽ اسان ٻڌا، هڪڙو **تاج جويي** جو ۽ ٻيو **غلام حسين رنگريز** جو. اُهي ڪيڏيءَ نه سنجيدگيءَ سان، ذميداريءَ سان ۽ ڪيڏي نه شوق ۽ هيج سان هو پنهنجو وقت ڏيئي، اسان لاءِ لکي آيا هئا! آءٌ پنهنجي پاران ۽ اوهان جي پاران کين مبارڪباد ڏيان ٿو. ۽ تهدل سان پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪريان ٿو.

هتي هڪ مُکُ ڳالهه جيڪا مون کي ڏسڻ ۾ آئي، سا تنقيد جي باري ۾ هئي، اديبن ۽ نقادن جي باري ۾ هئي. اديب ۽ نقاد جا، فنڪار ۽ پارکوءَ جا، ٻاڻ ۾ جيڪي ڳانڍاپا آهن، سي تمام گهٽي زماني کان ونڊي ۽ هر هنڌ قرب جا به آهن ۽ دوريءَ جا به آهن. اُهي هڪٻئي تي جَڪَ ۽ ساڙ به کائيندا آهن ۽ هڪٻئي سان پنهنجون خوشيون ۽ سهمتون به ونڊيندا ۽ ورهائيندا آهن، هڪٻئي سان اختلاف به ڪن ٿا ته سندن ٻاڻ ۾ رابطا به قائم آهن. نقاد ۽ فنڪار جو اديب ۽ ادب جي پارکوءَ جو اهو جيڪو دو-رخيءَ وارو تعلق آهي، سو جُڳن کان هلندو پيو اچي، بلڪ اِن سلسلي ۾ هو هڪٻين لاءِ لازم ملزوم آهن. ان ۾، ٻاڻ ۾ اُنهن جي دوستيءَ ۽ دشمنيءَ جي ڳالهه ڪانهي. اهو هڪڙو دستوري واسطو آهي. جيڪو تخليق جي دنيا ۾ هلندو آيو آهي ۽ هلندو رهي ٿو. اُن تي ڪاوڙ ڪرڻَ، يا ڪنهن کي طبيعت ۾ ناراض ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي.

اصل ۾ هر سوچيندڙ ۽ سرجيندڙ ماڻهو پنهنجو نقاد پاڻ آهي. ۽ اديبُ، شاعرُ يا فنڪارُ سڀ کان پهريون نقاد پنهنجو پاڻ آهي. اِن طرح اديب جو پهريون اختلاف يا نبيرو پنهنجي پاڻ سان آهي.

اِن سلسلي جو انگريزيءَ ۾ هڪڙو قول آهي:

A good writer is he who knows what to erase and what to substitute...

يعني "سنو اديب يا ليکڪ اُهو آهي، جيڪو ڄاڻي ٿو ته پنهنجيءَ لکڻيءَ منجهان ڪهڙا لفظ يا جملا ڪيڏي ڇڏي ۽ ڪهڙا اُنهن جي جاءِ تي ٻيا وجهي..." ۽ اِئين اديبُ فقط تڏهن ڪري سگهندو. جڏهن هو پنهنجو جيڪو شاهڪار پيدا ڪري ٿو اُن کي ورائي ورائي ڏسي ۽ بهتر کان بهتر بڻائي. جيڪڏهن هو شاعر آهي ۽ هُن کي پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪو لفظ يا اصطلاح ۽ خيال نٿو وڻي ۽ اُهو هو ڇڏي ڏئي ۽ اُن جي جاءِ تي ٻيو ڪو لفظ، اصطلاح يا خيال آڻي ٿو ته اُن ۾ ڪيس ڪو عار محسوس نٿو ٿئي، بلڪ سندس وڏي دلچسپي ۽ خوشي ئي اُنهيءَ ڪوشش ۽ ڪاوش ۾ هوندي اهي. اِن ڪري وڏو ۽ سچو اديب گهٽي قدر صرف اُهو چوائي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي محنتڪاريءَ جي ائين پرک ۽ چنڊچاڻ پاڻ ڪري سگهي ۽ ڪندو رهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُر ڪاموڏ جي هڪڙي سِٽ آهي ته "هيري هٽ وڏائين، ويهي ساڻين وچ ۾!" نوري جام تماچيءَ جي علامتي قصي جي هڪ وائيءَ جي اِها سِٽ بلڪ اُن جي وراٽيءَ واري اِها خاص سِٽ آهي. هيءُ اسان جو سماج گويا 'ساڻين جو سماج' آهي: اسين سڀ هڪ طرح 'ساڻي' آهيون: سماج ۾ ۽ اسان ۾ سوين خرابيون آهن. ڪوڙ آهن، بريون ڳالهيون ۽ ڪيئي گندگيون آهن. پر اديب ۽ تخليق ڪار جيڪو آهي، سو هِتان هُتان سچا 'هيرا' چونڊي ڪٽي ٿو. چونڊي چونڊي سنيون ڳالهيون ڪيڏي پنهنجون ڪري ٿو ۽ اسان کي ڏئي ٿو. ائين ماڻهوءَ جو هيءُ جيڪو مغز آهي، انسان جو هيءُ جيڪو ذهن آهي، تنهن ۾ به الاهي خيال اچن ٿا ـ ڪي چڱا خيال ته ڪي بُرا خيال اٽن ٿا. جذبا به ڪي ڪچا ڪي

پڪا، ڪي اَدنيٰ ڪي اوچا، ڪي گدلا ۽ ميرا، ڪي نرمل نِرويا ۽ صاف ٿين ٿا.

اُنهن منجهان 'هيري هٽ وڏائين، ويهي ساٿين وچ ۾' وانگر هو ڏسي ڏسي، سنا سنا جذبا قبولي ٿو ڪثيف جذبا ڇڏي ڏئي ٿو ڪومل ۽ لطيف خيال ۽ امنگ اُتان هو ڪٽي ٿو ۽ پنهنجيءَ تخليق ۾ آڻي جڳ جي آڏو رکي ٿو. ائين هو ڪا ڳالهه پيش ڪري ٿو ته اڳواڻ ئي ڪيس اِن جي پَڪَ هوندي آهي ته هو جيڪا شيءِ ڏيئي رهيو آهي، سا ڏيڻَ جهڙي شيءِ آهي، ۽ جيڪڏهن اها ڏيڻ جهڙي شيءِ ناهي ته هو پاڻ ئي اُن کي رد ڪري ڇڏيندو آهي. انگريزيءَ جي اديب، ٽامس ڪارلائل کي اوهين ڄاڻندا هوندا، نه ته به اوهان هُن جو نالو ٻڌو هوندو. اوڻيهين صديءَ جي انگلينڊ جو هو تمام هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. تنهن فرينچ انقلاب تي جيڪو جڳ مشهور هزار ڪن صفحن جو ڪتاب لکيو آهي، 'دي فرينچ ريوولیشن- اي هسٽري'، سو ٿي دفعا هُن کي ورائي ورائي لکڻو پيو هو. اهڙيءَ طرح اڪثر ليکڪ ۽ شاعر جڏهن شاعري ڪن ٿا يا ڪو مضمون وغيره لکن ٿا ته ائين ڪونهي ته قلم کڻي جيڪا شيءِ پهرئين پيري لکجي ويئي، سا ئي منديءَ تي تڪ ٿي ويئي! ساڳيءَ طرح هي جيڪي راڳي آهن- جيئن موهن پڳٽ آهي، جنهن اڄ اسان جي آڏو ڳايو- تن کان پڇي ڏسو ته اُهي جڏهن به ڪو راڳ پيش ڪن ٿا ته سڀ کان پهرين پاڻ ئي اُن تي جهومن ٿا ۽ خوش ٿا ٿين، جيڪڏهن ڪو راڳي پنهنجي راڳ مان پاڻ خوش نه ٿو ٿئي، ته هن کي پڪ هوندي آهي ته سندس ٻڌڻ وارا به اُن مان خوش ڪونه ٿيا آهن.

ان ڪري اديبُ، لکڻهارُ شاعرُ، مصنفُ سڀ کان پهرين پنهنجو نقاد پاڻ آهي، ۽ پوءِ ٻين جي اڳيان پنهنجي تخليق کي هو پيش ڪري ٿو. ۽ پوءِ هُن جا ٻڌندڙ يا پڙهندڙ واهه واهه ڪن ٿا ته هو وڌيڪ خوش ٿئي ٿو ۽ جي واهه واهه نٿا ڪن، بلڪ هن جي چگّيءَ شيءِ کي پسند نٿا ڪن، بلڪ غلط نموني ۾ پنهنجي ناپسند جو نشانو بڻائين ٿا، ته هو ناخوش به برابر ٿين ٿا، پر دلڪُش يا مايوس ڪونه ٿا ٿين. اهڙيءَ طرح

اديب ۽ نقاد جي وچ ۾ جيڪو تعلق آهي. سو هڪ ئي وقت رنج ۽ خوشيءَ جو هوندو آهي، پر اِن ۾ هُنن جي دوستيءَ ۽ دشمنيءَ جي ڪا ڳالهه ڪانه آهي: بشرطيڪ ٻنهي جي مُرادَ واريءَ مان سونَ ڪيڙ جي ۽ پٿرن مان هيرن کي ڳولڻ ۽ سڃاڻڻ جي آهي.

مون کي اوهان سان ٻي به هڪڙي ڳالهه ڪرڻي آهي. سا هيءَ آهي ته هِتي منهنجي محترم دوست حميد سنڌيءَ پنهنجيءَ تقرير ۾ هڪڙو لفظ **'قدرون'** استعمال ڪيو ۽ وري وري استعمال ڪيو. آءٌ حميد سنڌي صاحب جو تمام گهڻو احترام ڪندو آهيان. هو پنهنجو پيارو دوست اهي، ۽ سٺو اديب آهي. هيءَ جيڪا آءٌ ڳالهه ڪريان ٿو سا اسان جي ٻين اديبن سان به لاڳو ٿي سگهي ٿي، جيڪي شعوري يا لاشعوري طور، ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾، ائين لفظن جو غلط استعمال ڪن ٿا. هيءُ لفظن جو غلط استعمال اسان تي گهڻي قدر اردو ٻوليءَ جي بيجا اثر جو نتيجو آهي. اِهو مسئلو اسان لاءِ پنهنجيءَ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ اسمن، خاص طرح ٻين ٻولين مان آيل اسمن جي جنس ۽ عدد جي صيغن جي پنهنجن قاعدن جي پيرويءَ يا عدم پيرويءَ جو مسئلو آهي.

هِن سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه اسان سيني کي هميشه ياد رکڻ ڪپي ته اسان جي ٻوليءَ ۾ جملي ڏهه بنيادي آواز آهن. جيڪي اسان جي الف بي جي ٻاونجاهه اکرن مان 49 صحيح اکرن تي زبر، زير ۽ پيش ۽ ٽن علت جي اکرن (الف، واءُ ۽ يي) جي عمل سان اچارجن ٿا. مثلاً: اَ آ اَو اَي، اِ اِي، اُ اُو، او اي، بلڪ نُون غُني جي ملاوت سان اُهي آواز وڌي ويهه آواز ٻه ٻڌجن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جو اُهو خاص گڻ آهي ته اُن جي گرامر جا اَڻَ ئي ڳالهائڻ جا لفظ- اسم، ضمير، صفت، ظرف، فعل، حرف جر، حرف جملو، حرف ندا- پنهنجين پچاڻين ۾ ساڪن نه هوندا آهن، پر اُنهن ويهن آوازن مان ڪنهن نه ڪنهن هڪ ۾ آوازبا آهن: ۽ اُنهن جا اُهي آواز ئي اسان جي ٻوليءَ ۾ لفظن جي اندروني تبديل، گهاڙيٽائي ڦيرو، جنهن کي صرفيائي يا صرف وارو ڦيرو يا گردان ٻه چئجي ٿو اُن تبديل، ۽ سندن جنس، عدد ۽ حالتن جو صحيح ڏس يا سڃاڻپ ڏيندڙ هجن ٿا. هڪڙي مثال طور اسم جي جنس جي ڳالهه ڪبي ته سنڌيءَ ۾

جاندارن توڙي بيجان شين جي نالن، يعني اسان وٽ سيني اسمن جون فقط ٻہ جنسون، يعني جنس مذڪر ۽ جنس مونث ئي هونديون آهن، ۽ اُنهن جي سچاٽپ لاءِ اسان وٽ (اسمن جي) پڇاڙيءَ جا خاص ست آواز (نون غني سان ست ٻيا، جملي 14) آهن. جن ۾ ٽي آواز يعني اُ، اُو ۽ او عام طرح مذڪر جي جنس ۽ چار آواز آ، اَ، اِ ۽ اِي عام طرح مونث جي جنس جو ڏس ڏين ٿا.

هاٽي اردوءَ ۾ لفظ 'قدر' (۽ ائين 'نسل'، 'غزل'، 'عقل'، 'نظم' وغيره) مؤنث طور استعمال ٿئي ٿو ۽ ان جي عدد جمع جون صورتون هُنن وٽ 'قدرين'، 'قدرون' آهن. اسان وٽ اهو لفظ پيش جي پڇاڙيءَ (اُ جي آواز) سان 'قَدُرُ' ٿو اُچارجي ۽ اِن ڪري اِهو جنس مذڪر جي صيغي جو لفظ آهي، ۽ جمع جي عدد ۾ پيش پڇاڙيءَ بدران زبر پڇاڙي (اَ) جي آواز ۾ بدلجي 'قَدُرَ' ٿيندو ۽ جمع جي حالتن لاءِ ٻيءَ صورت ۾ اُن جي 'قَدُرن' ٿيندي. ائين انگريزيءَ جا ٻيا لفظ آهن. فون يا ٽيليفون، بورڊ، فائيل، بُڪ يا نوٽبڪ، پروپوزلُ وغيره، جي اسان وٽ ڪڏهن ڪڏهن اردوءَ جي پيرويءَ ۾ مؤنث طور ڳالهائجن ۽ لکجن ٿا، جا ڳالهه بلڪل غلط آهي، ۽ جمع جي عددي صورت ۾ ته خاص طرح اسان لاءِ اچارجڻ ۾ مصيبت بنجي ٿا پون. جيئن فونون، ٽيليفونون، بوردُون، فائيلون، بُڪُون، نوٽبڪون، پروپوزلون وغيره جون غلط ڪان سواءِ ڏکيون ۽ ڪِلَ جهڙيون صورتون ٿي پون ٿيون.

اسان وٽ هيءَ اردوءَ ۽ انگريزيءَ جي اسمن کي مؤنث ۾ استعمال ڪرڻ جي مصيبت (اردوءَ جي ئي پيرويءَ ۾) ايتري عام ٿي ويئي آهي، جو دل چويم ٿي ته بنهه هڪ عام قاعدي طور اوهان کي چوان ته هر اهڙي انگريزيءَ يا اردوءَ جي اسم کي جيڪو اردوءَ وارا مؤنث ۾ ڪم ٿا آڻين، پڇاڙيءَ ۾ اُو، اؤ ۽ او جا آواز (جيئن مناسب لڳن تيئن) ڏيئي، پهرينءَ پسند طور ته مذڪر ۾ ئي استعمال ڪريو ۽ جمع جي عدد لاءِ اُنهن جي اُ کي آ ۾، او کي آ ۾ ۽ اُو کي ساڳيو اُو رکي ڏسندا ته اُها عدد جمع مذڪر جي صورت ۾ اوهان کي ڏاڍي مناسب ۽ سنڌيءَ جي قاعدي سان ٻ ۽ مزاج سان ٻ ٺهڪندڙ لڳندي. جيئن قدرُ- قدرَ نسلُ -

نسلَ، غزلُ - غزلَ، عقلُ - عقلَ، نظمُ - نظمَ وغيره ۾ فونُ- فونَ، ٽيليفونُ- ٽيليفونَ، بوردُ- بوردَ، فائيلُ- فائيلَ- بُڪُ- بُڪَ، نوٽبڪُ - نوٽبڪَ، پروپوزلُ - پروپوزلَ وغيره وغيره.

گرامر جي هِن ڪجهہ پيچدار فني ڳالهہ کي هِتي ڇڏي اوهان کي هيترو ٻڌائڻو اٿم تہ تازو سنڌي ادبي بورڊ وارن مرزا قليچ بيگ جو سنڌي گرامر جو ڪتاب ڇاپيو آهي، جيڪو پهرين اسان چئن پاڳن ۾ الڳ الڳ جلدن ۾ آندو هو (جيئن اصل ۾ اُهو هو)، پر هاڻي هنن اُن کي هڪڙي ئي جلد ۾ پڌرو ڪيو آهي (جا هڪ طرح بهتر صورت ۾ آهي). توهين مهرباني ڪري اُهو گرامر جو ڪتاب ونو ۾ پڙهو. جيڪي سنڌي استاد آهن، تن کي ۽ اُهو ڪتاب ونڻ گهرجي، گهوٽي پيئڻ گهرجي، تہ جيئن اُهي پنهنجن شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي گهاڙيٽن جي پوري تعليم ڏئي سگهن.

اهڙيءَ طرح، رسالن ۾ اخبارن جي ايڊيٽرن جي ميزن تي پڻ اِن ڪتاب جون ڪاپيون موجود هجڻ کپن. ولايت ۾ تہ هر پبلشر وٽ ڪونہ ڪو ٻوليءَ جي صحت جو ڄاڻو ايڊيٽر هوندو ئي آهي، ۽ اُتي تہ پروف ريڊنگ جو ۽ تمام گهڻو خيال رکيو ويندو آهي. آءٌ اوهان کي وري ۽ ورجائي چوان ٿو تہ اردوءَ جي تذڪير ۽ تانيث ۾ عددن جي روايتن تي ۽ اردوءَ جي گرامر جي ٻين اصولن تي هرگز نہ هلو. پُلجي ڪري ۽ نہ هلو. چو تہ اوهان جي ٻوليءَ جون اِهي روايتون ۽ اِهي اصول پنهنجا آهن ۽ بلڪل اُهي پڌرا، سڌا، سادا، پڪا ۽ پورا آهن، ۽ وڌي ڳالهہ تہ پنهنجي مادري زبان جا وارث ۽ اُن جي بحاليءَ، بقا ۽ اصليت جا ضامن ۽ پاڻ اوهين ئي آهيو.

شاعريءَ جي سلسلي ۾ مون کي عرض هيءُ ڪرڻو آهي تہ اسان جو دوست مولانا غلام محمد گرامي اوهان کي سدا ياد رکڻ کپي، ۽ پوري احترام ۽ محبت سان ياد رکڻ کپي، سو جڏهن 1948ع جي آخر ۾ آءٌ نئين کان حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ بدلي ٿي آيو هوس، تہ اُتي پاڻ سنڌي ادب جو مضمون پاڙهيندا هئا. مون کين صلاح ڏني تہ سنڌي ادب جي قاعدن ۽ اصولن جي باري ۾ ڪو ڪتاب لکجي، جنهن تي پوءِ پاڻ

هڪڙو ڪتاب 'ادبي اهجاڻ' جي نالي سان لکيائون. جنهن ڪتاب ۾ ادب بابت ٻڌائيندي چيو اٿن تہ: "زبان انسان جي ترجمان آهي، ۽ ٻولي انسان جي ترجماني آهي. هر ڪنهن هنر ۽ فن لاءِ عالمن ڪي خاص اصول ۽ قاعدا بنايا آهن. تيئن ڳالهائڻ جا بہ آداب ۽ قانون آهن." انسان جي ترجماني لاءِ ٻوليءَ جون بہ صورتون آهن، هڪ نثر ۽ ٻي نظم.

"اُنهن بن نمونن ۾ هڪ انسان پنهنجا خيال ۽ رايا ٻين لاءِ بيان ڪري ٿو. نثر جو مطلب آهي تہ ٽڙيل پکڙيل موتي، ۽ نظم جي معنيٰ آهي، پُوتلَ ۽ سنواريلَ موتي."

سو شاعر جيڪو آهي، سو پنهنجن جذبن کي، پنهنجن خيالن کي ۽ پنهنجي پوري فڪر ۽ پيغام کي تمام پُوتلَ ۽ سنواريل لفظن ۾ پوري سليقي سان يڪجا ڪري ماڻهن جي اڳيان پيش ڪري ٿو. جيڪو هُن جو فرض ٿئي ٿو تہ هوائين ڪري.

ڪالهہ مون کي ايار جو سُوڌيل سنواريل تازو سنڌيڪا اڪيڈميءَ جو ڪتاب 'ڏيئا ڏيئا لات اسان' مليو آهي، جيڪو سنڌيءَ جي نون شاعرن جي شاعريءَ جو انتخاب آهي. اُنهن تي پاڻ هڪ سو چاليهن صفحن جو مقدمو لکيو اٿن. انهيءَ ڪتاب ۾ هڪڙي هنڌ شاعرن جي باري ۾ لطيف جي بيت جي ست ڏيئي، ٻڌايو اٿن تہ شاعرَ پنهنجيءَ قوم جي باري ۾، پنهنجيءَ ٻوليءَ جي باري ۾ ۽ اُنهن جي تاريخ جي باري ۾ ڪيڏو وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. اُن ڪتاب جو ٽڪرو پڙهي، پوءِ اوهان کان آءٌ موڪل ونندس. پر اُن کان اڳ اوهان کي اِهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ مون پاڻ بہ هڪڙي هنڌ شاعرن بابت سندن اُنهيءَ اهميت ۽ درجي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي تہ "شاعرَ، سچا شاعرَ، تاريخ جا فرشتا سڏيا ويندا آهن- تاريخ بني نوع انسان جي ۽ پڻ قومن جي، ۽ فرشتا اِنهيءَ ڪري، جو هو انساني فڪر ۽ جذبي جي پرورش ڪن ٿا، ۽ اِن طرح سڄيءَ انساني زندگيءَ، ۽ پڻ قومي زندگيءَ، کي معنيٰ ۽ معيار بخشين ٿا، سڄي سڃائي، سڄي بلنديءَ ۽ سڄي اُجلائپ انساني تمدن ۽ قومي تهذيبن جِي، اُنهن کان ملي ٿي. ۽ هوئي ان سبب جا ضامن پڻ آهن."

"دنيا جي سيني قومن وانگر، سنڌي قوم پڻ پاڻ واري آهي، جو هُن وٽ پنهنجا اهڙا شاعر موجود آهن ـ ڪلاسيڪي دور جا به ۽ جديد دور جا به...."

'ڏيئا ڏيئا لات اسان' جو مقدمو لکندي، هڪ هنڌ پهرين اياز لطيف سائينءَ جي هيءَ ست ڏني آهي:

"اڄ پڻ ڪِنجهو ڪِنجهه، وادوڙڪي مَنهَين!"

۽ پوءِ چيو اٿس: "اِها ڪِنجهو ڪِنجهه سنڌ ۾ اَبَدُ آبادَ کان [يعني شروع کان] آهي، وادوڙڪا مَنهنَ ايڏا تائين چنگهي ۽ ڇِڪي رهيا آهن!"

وري لطيف سائينءَ جي هي سِٽَ لکي اَٿن:

"ويڇ ورائي ٻانهَن، چوري چاڪ نهاريا."

۽ لکيو اٿن ته 'اها صدا صدين کان سنڌ جي سَنڈَ سَنڈَ کي چيري، اسان جي ڪنن ۾ اڄ به گونجي رهي آهي. شاعري اِئين اُڇانگ ڏيئي، صدين ٽپي ويندي آهي. ۽ زمان ۽ مڪان جي پابند نہ رهندي آهي. ڪلهه، اڄ ۽ سياڻي هڪ ئي سِٽَ ۾ منجمند ٿي وڃن ٿا ۽ شاعريءَ تي پيغمبريءَ جي مهر هڻن ٿا.

"سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي شاعري ويجهي ماضيءَ ۾ خليفي نبي بخش جي سر ڪيڏاري ۾ به ملي ٿي، ۽ اُن سان به سنڌ پنهنجي ماضيءَ، حال، مستقبل لاءِ ڪرڙيءَ جي ميدان جو روپ ونڌي، اسان جي سامهون اڄ به بيٺي آهي..."

سنڌيءَ جا اديب پائرو! اوهان مان گهڻن اِن طرح ڪرڙيءَ جي ميدان بابت خليفي نبي بخش جي شاعريءَ جي اها سِٽ ضرور پڙهي هوندي، ۽ اوهان شاهه جون ٻيون به اهڙيون سِٽون پڙهيون هونديون- جيڪي سِٽون سنڌ جي ماضيءَ، حال، ۽ مستقبل تائين محيط رهن ٿيون. ۽ اِهي اِئين تڏهن رهن ٿيون، جڏهن شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي هوليءَ کي چنڊي چاڙي صاف، اُجرو ڪري، پنهنجو اعليٰ فڪر ۽ بلند جذبو اُنهيءَ ۾ آڻي، اصل ائين، جو موتين جا داڻا پوئي، سوڌي ۽

سنواري، اسان جي اڳيان پيش ڪن ٿا، ۽ پوءِ اسين اُنهن کي ٻڌون ٿا ۽ پڙهون ٿا ۽ ڳايون ٿا ۽ پنهنجي هنئين سان هنڌايون ٿا. جيسين اسان جي سنڌي ٻولي ۽ اسان جا اهڙا سنڌي شاعر موجود آهن، تيستائين اسان کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو لوڏو لهرِ ڪانهي- ۽ اسان جي سنڌي قوم سدائين جيئندي، سنڌي ٻولي سدائين جيئندي، ۽ اُنهن سان ئي اسين ۽ اوهين سڀ جيئنداسين.

عزيزو، موڪلاڻيون ڪِينهن- سنڌي سدائين گڏ!

[ع 1993]

اسان جي مادري زبان ۽
ان جي تعليم ۾ اهميت

"تعليم جي سڃي ناڪامي بنيادي طرح ٻوليءَ جي ناڪامي آهي."

"هر صاحب علم شخص لازمي طرح ٻوليءَ جو صاحب آهي."

-بي اختيار يا ڪم اختيار معاشري جي آڏو پنهنجي بنيادي حقن جي حفاظت لاءِ فقط ۽ رستا موجود رهن ٿا: پهريون پاڻ کي بااختيار رکڻ يا زياده بااختيار بنائڻ لاءِ جدوجهد ۽ قرباني: ۽ ٻيو "تانسين ٻڳي سان ئي ٻير، جانسين رتو راس ٿئي." يعني تنهن وچ ۾ حالتن پٽاندر، جو ڪجهه پنهنجي بهتريءَ لاءِ ممڪن ٿي سگهي، اُن تي عمل ڪرڻ.

سنڌي معاشري جو پڻ، ٻين زنده انساني معاشرن وانگر، هڪڙو اهم ۽ بنيادي حق پنهنجي زبان جي حفاظت ۽ فروغ آهي- جو تہ اُن تي ئي سندس سڃيءَ بلڪ پوري وجود ۽ اُن جي افاديت جو دارومدار آهي.

اقوام متحده جي منشور ۾ ملڪن جي لساني اقليتن جو وجود تسليم ٿيل آهي، ۽ سندس بنيادي انہ 'اني حقن جي دستاويز ۾ لساني اقليتن جي ٻولين ۽ تهذيبن جي بچاءُ جو واعدو ٿيل آهي. هم مذهب انساني اجتماع ۾ لساني اقليت جو وجود قائم رهي ٿو. ختم ڪونہ ٿو ٿئي، هم مذهب اڪثريت بہ هم مذهب اقليت مٿان ڏاڍ ۽ اُن جي حق تلفي ڪري سگهي ٿي.

آزاديءَ کان پوءِ ڪجهه جذباتي ٽُرنگ ۾ ۽ ڪجهه گروهي مفاد جي ڇڪ سبب، اسلام سان گڏ اردوءَ کي پاڪستان جي نظرياتي

اِساس جي هڪ عنصر طور اڳيان آڻيندي، ڪافي ٻولين کي ۾ خاص طرح سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي ۽ تهذيبي حيثيت کي نظر انداز ڪيو ويو، بلڪ اُن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

ڪراچيءَ ۾ سنڌي پرائمري ۽ ثانوي اسڪولن جو ڪافي تعداد ۾ بند ٿيڻ ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان امتحاني ٻوليءَ طور سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي يڪطرفي ترديدَ ـ اِن سلسلي جا ڪافي ڳرا ۽ مهلڪ قدم هئا.

اُن کان پوءِ وقت بوقت، بلڪ مرڪزي حڪومت جي هر تبديليءَ سان تعليمي ڪميشنن جا انعقاد شروع ٿيا، ۽ هر پيري "مادري ٻوليءَ" جي اصطلاح کي "قومي ٻوليءَ" جي پُرڪشش ۽ رعبدار اصطلاح سان ڏيکيندي، اردوءَ کي سڄي ملڪ ۾ تعليم جي ذريعي طور رائج ڪرڻ جون ڪوششون ٿيندیون رهيون- جنهن جي نتيجي ۾ پڻ سنڌ ۾ سنڌيءَ جي محڪم بيئل تهذيبي اهميت ۽ تعليمي درجي کي ڏڪ لڳڻ جا امڪان اڃندا ۽ نقصان پهچڻ جا انديشا سامهون ايندا رهيا.

1958ع ۾ پهرئين مارشل لا جي دوران، قومي يڪجهتيءَ جي مفاد ۾ سنڌ جي اسڪولن ۾ سنڌ جي صوبائي حڪومت طرفان عمل ۾ آندل مساويانه فارمولا کي ختم ڪري، اردوءَ کي يڪطرفي فوقيت ڏياري ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي معاشري ۾ تهذيبي طور گروهي تفريق ۽ امتياز جي صورت پيدا ٿيڻ جا آثار اُپري اڳيان آيا، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اُن جا هاڃيڪار نتيجا پڻ نمودار ٿيا.

تنهن وچ ۾، ۽ پوءِ گهٽي وقت تائين، قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جا ٻولين جي آئيني حيثيت جي سلسلي ۾ فڪر ۽ عمل جون ڪيئي متضاد صورتون اڃنديون رهيون، ۽ ڪافي ڪشمڪش کان پوءِ، جنهن ۾ ڪيتريون ئي ناڪاميون ۽ نامناسب ڳالهيون واقع ٿيندیون رهيون، نيٺ 1973ع جي آئين ۾ مسئلي جي هڪ صورت ملڪي سطح تي، ۽ ان جي آڏار تي خاص طرح سنڌ ۾ صوبائي سطح تي، طئي ٿي، جنهن جي منصفانه تعميل جو سوال ايڏا بـ التوا جي حالت ۾ موجود آهي.

هن سڄي عرصي ۾ سنڌي معاشري جي باخبر، ذميدار ۽ حساس حلقن طرفان پنهنجي ٻوليءَ جي وجود جي تسليميءَ ۽ اُن جي تهذيبي ۽ آئيني مفاد جي حفاظت لاءِ مناسب پيشقدمي ٿيندي رهي، ۽ پنهنجي هن بنيادي انساني حق جي دفاع ۽ بحاليءَ لاءِ گهربل جدوجهد ۾ سنڌي معاشري جي ڪاب اهڙي اهم شخصيت، ڪوب ادارو يا جماعت ڪانهي، جنهن پنهنجي وس آهر پورو پورو حصو نه ورتو هجي. هزارين پترا، سوين ڪتابچا، ڪيئي ڪتاب، عرضداشتون، ليک، ٺهراءَ ۽ عرض ناما شايع ٿيا، ۽ تقريباً هر مرڪزي حڪومت آڏو اديبن، عالمن ۽ تعليمدانن جا وفد پيش ٿيندا رهيا، جن مان هڪ هڪ جو ذڪر لازم ته آهي، پر هن موقعي تي، خاص طرح وقت جي تنگيءَ جي خيال کان، مناسب نٿو لڳي. البت، اُن سلسليءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان 9- نومبر 1962ع تي **"يوم سنڌي زبان"** جي ملهائڻ ۽ وسيع پيماني تي دستخطي مهم ۽ ان جي طوماري دستاويز جي تياريءَ، ۽ 1960ع ۾ **"سنڌي زبان سوسائٽيءَ"** جي قيام ۽ اُن سوسائٽيءَ پاران 1962ع ۾ هڪ تفصيلي عرضداشت جي تياريءَ ۽ تڏهوڪي صدر پاڪستان، فيلڊ مارشل محمد ايوب خان کي وفد جي صورت ۾ ان جي پيش ڪرڻ جي ڳالهين جو هن موقعي تي، فقط يادگيريءَ طور، ذڪر ڪري ڇڏڻ مناسب ٿو معلوم ٿئي.

هيتري ساري لاڳيتي، بي خوف ۽ بي لوث اجتماعي جدوجهد جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ اسان جي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي حيثيت هِتي اسان وٽ اُهائي قائم آهي، جيڪا آزاديءَ کان اڳ اُن جي هئي- يعني:

(1) ابتدائي ۽ ثانوي اسڪولن ۾ ڏهين ڪلاس تائين اسان جي مادري ٻولي اڀياسي مضمون ۽ آهي ۽ ذريعو تعليم ۽ آهي.

(2) ڪلاس چوٿين کان 12 ڪلاس تائين غير سنڌي ذريعي تعليم وارن شاگردن لاءِ سنڌي لازمي اڀياسي مضمون جي حيثيت رکي ٿي- جيئن سنڌي ذريعي تعليم وارن شاگردن لاءِ اردو لازمي اڀياس مضمون آهي.

(3) ٻارهين ڪلاس کان پوءِ (سنڌ يونيورسٽيءَ) جي بي. اي جي تعليمي سطح تائين پڙ اسان جي مادري زبان اپياسي مضمون ۽ آهي ۽ اڪثر نصابي ڪورسن لاءِ تعليم جي ذريعي طور پڙ تسليم ٿيل آهي.

(4) ايم. اي جي سطح جي تعليم سنڌيءَ ۾ (بحيثيت اپياسي مضمون جي) سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ پڙ ڪراچي يونيورسٽيءَ وٽ سنڌيءَ جي ذريعي تسليم ٿيل آهي.

(5) سنڌ يونيورسٽيءَ وٽ سنڌي ٻولي ۾اڪتوريت آف فلاسافيءَ جي سَنَدَ لاءِ تحقيقي مضمون جي ٻوليءَ طور تسليم ٿيل آهي.

(6) صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن وٽ ملازمتن لاءِ مقابلي جي امتحانن ۾ سنڌي بحيثيت هڪ مضمون جي ۽ پڙ ڪن محدود حالتن ۾ امتحاني ٻوليءَ جي، ۽ مرڪزي پبلڪ سروس ڪميشن وٽ پي. سي. ايس جي اعليٰ ملازمت لاءِ مقابلي جي امتحان ۾ فقط بحيثيت هڪ مضمون جي تسليم ٿيل آهي.

(7) اسان جي مادري ٻولي، اردوءَ سان گڏ (جنهن کي آئيني طور مرڪزي حيثيت ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو ۽ مليل آهي) سنڌ صوبي جي سرڪاري زبان طور تسليم ٿيل آهي.

هڪ مرڪز پسند وفاقي طرز حڪومت ۾، وفاق جي هڪ اڪائيءَ جي حيثيت ۾، جيڪا اڪائي مطلق ۽ مستقل اقليت ۾ هجي، اسان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ان حيثيت تي خوش هجڻ جا ڪافي سبب آهن. ائين برابر آهي تہ اُها اُن جي اصلوڪي حيثيت هئي ۽ اُن حيثيت کي اسين وڏي اجتماعي جدوجهد کان پوءِ تسليم ڪرائي يا قائم رکي سگهيا آهيون، ۽ اُن لاءِ اسان کي وري وري جدوجهد پئي ڪرڻي پيئي آهي ۽ آئنده ۾ شايد ائين ٿئي- جنهن لاءِ اسان کي واقعي تيار ۽ رهڻ کپي: ڇو تہ "زندگيءَ جي نعمتن لاءِ دائمي سجاڳيءَ جي قيمت" ڏيڻي ئي آهي، ۽ اُن سلسلي ۾ اسين پوريءَ طرح فقط تڏهن مطمئن ۽ بي خوف ٿي سگهون ٿا، جڏهن تعليم جو شعبو خالص صوبائي اختيار ۾ هجي ۽ اُن ۾

مرڪز جي دخل اندازيءَ جو امڪان نہ رهي- ۽ اِهو پاڻ کي يعني سنڌي معاشري کي وڌيڪ بااختيار بنائڻ جي مسئلن مان هڪ مسئلو آهي. جنهن لاءِ هيٺن ۽ اقليتي معاشرن کي جدوجهد ڪرڻ ۽ قربانين ڏيڻ جي ضرورت رهي ٿي. بهرحال، هن وقت ائين به برابر آهي ته اسان جي هوليءَ جي انهن تهذيبي ۽ تعليمي حيثيتن مان ڪي گهٽي قدر ڪاغذ تي ئي موجود آهن ۽ عملي طور اِنهن سڀني حيثيتن جو شرف اُها پوريءَ طرح ايجا ماڻي نہ سگهي آهي، ۽ اُن لاءِ گهٽيءَ حد تائين حڪومت جي انتظامي چرخي ۽ اُن جي ڪن خاص پرزن جي عدم توجهي، سرد مهري ۽ خصومت ئي ذميدار آهي- ۽ جنهن لاءِ پڻ متاثر ٿيل معاشري تي جدوجهد ۽ قرباني جو فرض لازمي طور عائد ٿئي ٿو.

هنن سڀني ڳالهين کان پوءِ، هِن سلسلي ۾ اسان کي پاڻ ۾ سوچڻو آهي ته موجوده حالتن ۾، جڏهن اسان جي معاشري ۾ اسان جي مادري هوليءَ جي تسليم ٿيل تهذيبي ۽ تعليمي حيثيت ايڏي حوصلہ افزائي آهي، تڏهن اُن جو پنهنجي اُنهيءَ حيثيت سارو معاشري ۾ قدر ۾ ٿئي ۽ اُها عملي طور پنهنجو اُهو درجو ماڻي ۾ سگهي، ۽ اُن جي وسيلي، تعليم ۽ تهذيب جي دائري ۾، خود اسان جو معاشرو ۾ اُهو فروغ ۽ اُها پنهنجي صلاحيت حاصل ڪري سگهي، جيڪا اُن کي هڪ زنده ۽ باوقار معاشري جي صورت ۾ حاصل هئڻ گهرجي- اُن سڀ لاءِ اسين پاڻ ڇا ٿا ڪري سگهون، ۽ پنهنجي ڪوشش ۽ عمل سان ڪيتري قدر ۽ ڪهڙيءَ طرح پنهنجي هوليءَ جي ان مڃيل حيثيت کي حقيقي صورت ڏيئي سگهون ٿا؟

منهنجي خيال ۾ اسين هِن سلسلي ۾ هيٺيان اقدام ڪري سگهون ٿا:

(1) اسان جا اديب ۽ عالم انفرادي طرح ۽ اسان جا علمي ۽ ادبي ادارا، پنهنجن پنهنجن سونپيل ۽ هٿ ۾ کنيل فرضن ۽ ذميدارين جي تعميل طور، هارهين ڪلاس کان مٿي هر اهڙي تعليمي نصاب جا ڪتاب، جنهن لاءِ سنڌي هولي اِيياسي مضمون يا تعليمي ذريعي طور

تسليم ٿيل آهي. لکي سگهن ٿا. لکائي سگهن ٿا. ۽ ڇپائي ۽ شايع ڪرائي سگهن ٿا.

هن سلسلي ۾ ٻارهين ڪلاس جي تعليمي سطح تائين گهربل درسي ڪتابن جي لکائڻ، ڇپائڻ ۽ موجود رکڻ جي سرڪاري ذميداري سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ تي عائد ٿيل آهي، جنهن کي پورو ڪرڻ اُن جو منصبي فرض آهي، ۽ اُن کي ۾ سندس ناڪاميءَ جي حالت ۾ اُن کان پوري پوري جواب طلبي ڪرڻ اسان استادن ۽ مائٽن جو به فرض آهي ۽ اُهو اسان جو حق به آهي.

حڪومت جي تعليمي ۽ ثقافتي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ اسان جا پنهنجا دردمند ۽ باهمت عملدار، پنهنجي پنهنجي دائري اختيار ۾، ۽ وٽن موجود حڪومتي وسيلن آهر، هن ڪتابي ميدان ۾ يعني انهن جي تياريءَ، اشاعت ۽ استعمال جي سلسلي ۾ ڪافي ڪجهه ڪري سگهن ٿا.

(2) اسان جا استاد ۽ تعليمي ادارن جا منتظم ۽ سربراهه، پرائمري تعليمي سطح کان وٺي يونيورسٽيءَ جي تعليمي سطح تائين سنڌيءَ جي تعليم ڏانهن خصوصي توجهه ڏيئي سگهن ٿا- جيئن اڀياسي مضمون طور اُن جي پڙهائي ۽ ذريعي تعليم طور اُن جو استعمال، جديد کان جديد طريقن سان، بهتر کان بهتر نموني ۽ دل جي پوري ذوق ۽ ڪامل ذهني صلاحيتن سان، عمل ۾ آڇي سگهي.

(3) انهيءَ حقيقت جي مدنظر ته اڄ سان وٺ خاص طرح وڏن شهرن ۾، سنڌي ذريعي تعليم وارن اسڪولن ۽ اسان جي ٻارن لاءِ مادري زبان جي بنيادي تعليمي سهوليتن جي سخت اٽاٽ آهي، اسان کي حڪومت جي ذميدار اختياريءَ وارن کان هڪ طرف پنهنجي اِن بنيادي حق وٺڻ جون پنهنجي پنهنجي منهن توڙي جماعتي طور گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن، ۽ ٻئي طرف اسين "پنهنجي مدد پاڻ ڪريو" جي اصول تي عمل ڪندي، پنهنجي محلي ۾ پنهنجن ٻارن لاءِ ٻاراڻا ڪلاس، پرائمري اسڪول ۽ پڻ هاءِ اسڪول قائم ڪري ۽ هلائي سگهون ٿا.

(4) اسين پنهنجي محلي ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ سنڌي ڪتابن جا مرڪز، لئبررين ۽ پڙهائي گهرن جي صورت ۾ قائم ڪري ۽ هلائي سگهون ٿا.

(5) اسان کي، وس پڄندي، ڪڏهن ب پنهنجن ٻارن کي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي ٻاراٽي ڪلاس يا پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرڻ نه گهرجي. مجبوريءَ کان ڪنهن ٻار جي حالت ۾ جيڪڏهن ائين ڪرڻو ب پوي، تہ گڏوگڏ ڪم از ڪم پنهنجي گهر ۾ پنهنجي اُن غريب ٻار کي اسين پاڻ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾، يعني اُن جي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾، پڙهڻ لکڻ ب سيکاري سگهون ٿا.

اسان کي انساني نفسيات ۽ تعليمي فلسفي جو هيءُ بنيادي اصول هميشہ ياد رکڻ گهرجي ـ جيڪو اقوام متحده جي تعليمي، تهذيبي ۽ سماجي بهبود جي اداري (يونيسڪو) هيٺين لفظن ۾ قلمبند ڪري، دنيا جي سڀني زبانن متعلق ۽ سڀني ماڻهن جي عام اطلاع لاءِ شايع ڪرايو آهي:

"... ٻار لاءِ بهترين تعليمي ذريعو سندس مادري زبان آهي. بهترين تعليم شاگردن جي مادري زبان ذريعي ئي ڏيئي سگهجي ٿي... تعليم بهترين نموني سان مادري زبان ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي...پوءِ ڀلي تہ شاگرد ٻارُ هجي يا بالغُ... قومي زبان، مادري زبان جي جاءِ نٿي پري سگهي..." (يونيسڪو طرفان نومبر 1951ع ۾، "تعليم ۾ مڪاني زبانن جي استعمال" تي پئرس ـ فرانس ۾ سڏايل سڃيءَ دنيا جي وڏيءَ تعليمي ماهرن جي ڪانفرنس جا فيصلا ۽ سفارشون.)

يونيسڪو جي تعليمي ماهرن جا اِهي فيصلا انساني نفسيات جي هيٺ بيان ڪيل هڪ بنهہ بنيادي ۽ اَٽل حقيقت تي ٻڌل آهن:

ٻار جي تعليم شروع ڪرڻ وقت ڪنهن جي ڪهڙي ب نيت هجي، پر اُن نيت ۾ ٻار جي خود پنهنجي ڪاب دلچسپي ڪانہ هوندي آهي. مائٽن کي، سماج کي ۽ حڪومت کي اُن وقت پنهنجون پنهنجون الڳ الڳ مرادون ۽ نيتون ٿي سگهن ٿيون، جيڪي ڪجهہ متضاد ۽

ڪجھ موافقت ۾ ٻہ هوندیون آهن، پر اُنھن جي ڪنھن ٻہ نيت سان خود ٻار جي **شعور** جو اتفاق يا واسطو ڪونہ هوندو آهي.

جڏهن مائٽُ ٻار کي ٽن سالن جي عمر ۾ ڪنھن ٻاراٽي ڪلاس ۾ يا ٻہ سال پوءِ پرائمري اسڪول ۾ ويهاري ٿو تڏهن خود ٻار جو پنھنجو فطري اتساھ يا دلچسپي ڪهڙي هوندي آهي؟ فقط هڪ: ۽ اُها هيءَ تہ هو پنھنجي دنيا کان **واقف** ٿئي، ۽ اُن واقفيت مان **مزو** ماڻي يا **فائدو** وٺي ـ ڇاڪاڻ تہ اُها واقفيت کيس پنھنجي اُن دنيا تي قابض ٿيڻ يا هجڻ جو **شعور** ۽ **خوشي** ڏئي ٿي. سندس هن ڇاڻ جي اتساھ جي پوري ڪرڻ لاءِ ٻار وٽ پنھنجا پنج حواس تہ آهن ئي، پر اُن لاءِ هن کي تنھن وچ ۾ ٻي ٻہ هڪ حاصلات، فطرت جي هڪ تحفي طور هٿ اچي ويندي آهي ـ ۽ اُها هوندي آهي، هن جي **ڳالهائڻ** جي اٽڪل، يعني هن جي **مادري ٻولي**، هيتر و وقت، هو گهر ۾ پنھنجي مائٽن جي محفوظ پناھ هيٺ رهيو تنھنڪري هو نہ ڪنھن کان ڏڃي ٿو نہ ڪنھن جو پاڻ ئي منگهرو آهي، ۽ ٻنھ هڪ ٻي ميار معصومَ وانگر پنھنجي مائٽاٽي پناھ گاھ مان نڪري، پنھنجي چوڌاري موجود شين کي ڏسي ٿو ۽ پنھنجي دنيا کي ڪجھ وڌيڪ وسيع ڪرڻ گهري ٿو.

هاڻي، بلڪل اِنهيءَ پَلِ، جڏهن هن جي نازڪ ۽ نرمل دل دنيا جي نيڪيءَ ۽ گهٽگهرائي جي تَرنگ ۾ پريل آهي، ٻار کي هڪ اهڙي وايومنڈل ۾ آڻي وڌو ٿو وڃي، جيڪو هن جي مادري ٻوليءَ جو وايو منڈل نہ آهي! ۽ هڪدم هو ڏسي ٿو تہ نہ هن کي ڪوئي سمجهي ٿو ۽ نہ هوئي کا ڳالھ ٿو سمجهي! هن جي ڪلاس جي ڪمري ۾ جيڪا ٻولي چالو آهي، سا هن جي ٻولي ڪانهي! ٻار کي اوچتو صدمو ٿو رسي ـ **ڊاريائپ** جو **صدمو** ۽ هو سڄو **نراسائيءَ** ۾ ويڙهجي ٿو وڃي. هن جي ٻولي، جيڪا هن لاءِ هن جو گهر هئي، ۽ اُن پَلَ تائين سڄي هن جي زندگي هئي، اُها هن جي اسڪول ۾ هن جي ڪنھن ڪِر ڪانہ ٿي اچي. نتيجي ۾، هو اُن پنھنجي نئينءَ دنيا کان هميشہ لاءِ، ذهني طور، جذباتي طور، ڪٽجي ٿو وڃي، ۽ هن جي من ۾ اڪيلائپ جو احساس، نڱجي وڃڻ جو احساس، بيزاريءَ ۽ غصي جو احساس، پيدا ٿي پوي

ٿو- اُن ڏاريائپ واري فضا ۾ ٻار لاءِ اهڙو ڪو خطرو ۽ واقعي ڪونهي ته اُتي ڪو هن تي اُلر ڪندو. هن کي ڏڪ هٽندو يا اهڙو ڪو نقصان پهچائيندو: پر سچو پچو هڪڙو خطرو هن کي اُتي آهي، ۽ اُهو اِهو آهي ته اُتي هو ڏيان تان **لهي ويندو**. ۽ انهيءَ ڪري هن جو **قدر گهٽجي ويندو**، ۽ هو **خسيس لڳندو**.

اسان سيني کي، جن کي پنهنجن ٻارن جي تعليم جي اهميت جو احساس آهي، ياد رکڻ کپي، ته "اسڪول جي دنيا ۾ جيڪي ۽ شغل، دلچسپيون ۽ ڪم ڪار ٿين ٿا، انهن ۾ هڪ هڪ ڪان ۽ سيني کان وڌيڪ اهم شيءِ اُتان جي ٻولي آهي: ۽ اُها ئي هڪ شيءِ آهي، جيڪا اُن اسڪول جي دنيا ۾ هرڪو ٻار پاڻ سان ڪٽي وڃي ٿو. ڪلاس روم ۾ موجود اُنهي هڪڙي بنيادي سچ، اُنهيءَ هڪڙيءَ بنيادي حقيقت جو اسان سيني کي احساس هئڻ کپي، ۽ اُن هڪڙي ننڍڙي سچ ۽ اُنهيءَ هڪڙيءَ ننڍڙيءَ حقيقت سان اسان سيني کي انصاف ڪرڻ کپي: ۽ اسان جي ٻار جي تعليم جي سموريءَ ڪاميابيءَ جو دارومدار اُنهيءَ **هڪڙيءَ ڳالهه** تي آهي- جو ته "**تعليم جي سڄي ناڪامي بنيادي طرح ٻوليءَ جي ناڪامي آهي**" ۽ "**هر صاحب علم شخص لازمي طرح ٻوليءَ جو صاحب آهي.**"

[25 اپريل 1980ع، سنڌ گرئجوئيٽس ائسوسئيشن جي ڪل سنڌ تعليمي ڪانفرنس، حيدرآباد، جي موقعي تي پڙهيل تقرير]

تعليم جو مؤثر ذريعو مادري زبان آهي

پهرين هولي، جا ٻار ٻڌي ٿو سمجهي ٿو سکي ٿو ۽ ڪم ٿو آڻي، سا هُن جي ماءُ جي ٻولي آهي.

اوسين تائين تہ تعليم لاءِ ماءُ جي ٻوليءَ ئي نہ رڳو مؤثر، سڀ کان مؤثر، پر واحد ذريعو سمجهي وڃي ٿي ۽ مڃي وڃي ٿي.

اُن کان پوءِ ٻہ دنيا جي آزاد ۽ مهذب انساني معاشرن ۾ هر هنڌ، ۽ سڃيءَ انساني تاريخ ۾ اڄ تائين، تعليم جي نہ فقط مؤثر، پر سڀ کان سستي ۽ سڀ کان آسان ذريعي طور ماءُ جي ٻولي ئي قبولي وئي آهي ۽ استعمال ٿيندي آئي آهي.

فقط ٻاهران آيل مذهب ۽ ٻاهر جا فاتحَ ۽ حاڪمَ ئي مڪاني طور رائج ماءُ جي ٻوليءَ جي اها حيثيت ۽ اِهو حق ۽ اُن جي اِها لياقت قبولڻ کان انڪاري رهيا آهن ۽ انڪار ڪن ٿا ـ ۽ اُن ۾ هر طرح اُنهن جا بالادستي ۽ استحصالي مفاد موجود هجن ٿا.

غيرمادري زبان ذريعي تعليم ورتل قومون يا معاشرا سدائين متعلقہ مادري زبان وارين 'تعليمي' قومن يا معاشرن جا غلام، تابع ۽ محتاج رهيا آهن ـ اقتصادي، سياسي ۽ سماجي طور ـ سڏا سنوان ۽ ظاهر ظهور يا اڻ سڌي ۽ اڻ لکائتي نموني.

اهڙن زيردست ۽ تابع معاشرن ۾ جڏهن تعليم لاءِ ٻوليءَ جي ذريعي جي ڳالهہ ڪجي ٿي، تہ تعليم جي سڃي سماجي مانڊاڻ يا ساج سٽاءَ (Mechanism) کي نہ، پر فقط اُن جي رسمي پهلوءَ کي خيال ۾ رکي پوءِ اُها ڳالهہ ٿي ڪجي- جو تہ اسڪولن، ڪاليجن،

يونيورسٽين، ڪتابن، اخبارن، ريڊيين ۽ ٽيليويزنن، ۽ ڏارينءَ ٻوليءَ جي مذهبي واعظن ۽ مبلغن ۽ اُن جي اهڙن ٻين حڪومتي يا بالادستي واسطن کان علاوه ۽ انهن کان بلڪل دور رهي ڪري، ماڻهن جو باقي سڄو پنهنجو وقت پنهنجي مادري زبان جي سماجي فضا ۾ ئي رهڻ ٿئي ٿو ـ ۽ اُهو سڄو وقت ۽، لساني طور ان سڄي پنهنجائپ جي فضا سان تعلق دوران، کين پنهنجي مادري زبان ۾ ئي حِسي تربيت ۽ ذهني تعليم ملندي رهي ٿي. بالادست ۽ استحصالي مفاد کي دراصل اها عين فطري ۽ قدرتي صورتحال ٻه ڏکي لڳندي آهي، جو ته اُن ۾ هو زيردست معاشري يا قوم کي پنهنجي گرفت مان انيڪ نمونن ۾ آجو ٽيندي ڏسي ٿو ـ يا ڪم از ڪم، محڪوم قوم جي اُن غير رسمي تعليم جي دائري ۾ هو پاڻ کي ڪمزور ٿو محسوس ڪري، ۽ اِنهيءَ ڪري اُن محاذ تي هو پاڻ کي ڪٽي ٻه موجود نٽو ڏسي، ۽ اِنهيءَ ڪري بي اطمينان، ناخوش بلڪ غصي ۾ پريل رهي ٿو. ۽ پنهنجي اِها بي اطميناني، ناخوشي ۽ ڪاوڙ پوءِ هو ائين ظاهر ڪندو آهي، جو هو تابع معاشري يا قوم جي زبان جي استعمال ۽ اثر کي بلڪل ختم نه، ته ٻه وڏ ڪان وڏ ۽ هر طرح گهٽائڻ ۽ محدود رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اُن ڪوشش ۾ پهريون نشان اُن جي اڳيان اِهو هوندو آهي ته ڪنهن طرح زيردست معاشري جي ٻوليءَ کي رسمي تعليم جي ذريعي جي حيثيت ۽ عمل کان محروم رکيو وڃي ـ ـ ريجهه راز ۽ ماڻ ميڙ ۾، نه ته زوران زوريءَ ۽ حڪما حڪميءَ ٻه، بلڪ ٻنهي طريقن جي گڏيل ڪاريگريءَ ۽ ڪارستانيءَ وسيلي.

رسمي تعليم جي ميدان يا سرشتي ۾ ٻوليءَ جي حيثيت يا اهميت جي ڳالهه ٿي ڪجي، ته اُن لاءِ ٻوليءَ جي ٽن ڪارجن کي خيال ۾ رکڻو پوي ٿو: (1) تدريس جي ذريعي (Medium of teaching) جو ڪارج ـ ابتدائي، ثانوي ۽ اعليٰ تعليم لاءِ (2) تدريس جي هڪ مضمون (A subject of teaching) جو ڪارج؛ ۽ (3) اَڻ ـ اڪرائيءَ (Illiteracy) جي خاتمي لاءِ ذريعي جو ڪارج.

تدريس جي هڪ **مضمون** طور ڪنهن ٻوليءَ جي تعليم کي اُن حد تائين ۾ اُن نوع جي ئي اهميت ملندي، جيتري ۾ جهڙي اهميت اُن کي تدريس جي **ذريعي** طور سڄي تعليم جي سرشتي ۾ مليل هوندي. جيڪڏهن تدريس جي ذريعي جو ڪارج اُن کي ابتدا کان وٺي اعليٰ تعليمي درجي تائين ادا ڪرڻو آهي، تہ خود اُن جي پنهنجي تدريس يا سکيا جو اهتمام (هڪ مضمون جي صورت ۾) اُن ئي معيار يا درجي جو ۾ اُن ئي سطح مطابق ڪرڻو پوندو ـ ـ جيئن انگريزن جي دور ۾ اسان وٽ، خاص طرح انگلش ميڊيم تعليم جي متوازي سرشتي ۾ موجود هوندو هو، يعني سڄي سٽاءَ ۾ سڄو زور ابتدا کان اعليٰ سطح تائين، انگريزيءَ جي پڙهائيءَ تي؛ ۽ ڪا ٻوليءَ ثانوي طور پاڙهڻ ۾ ايندي هئي تہ اُها بہ فرينچ، لئٽن، جرمن وغيره ـ ـ نہ سنڌي، نہ اردو ۽ نہ وري محڪوم رعايا جي ٻي ڪا ٻولي، دنيا ڄاڻي ٿي تہ اُنهيءَ خاص ۽ متوازي انگلش ميڊيم سرشتي تعليم جا پڙهيل امير نسل جا، يا ائين انگريزي پڙهي نئينءَ مان ڪي امير بٽيل، خاص شخص ئي هوندا هئا، جيڪي انگريزي سامراج جي عملداري سرشتي جا هٿي اسان وٽ معتبر ۽ معتمد سُتونَ يا ٿنيا هوندا هئا، ۽ اُهي 'عام رعايا' جي ڪا ٻولي پڙهندا يا سکندا بہ هئا تہ اُها بہ فقط پنهنجي عملداريءَ جي ڏينهن ۾، ۽ سا بہ رڳو پنهنجي آقائن جي مفاد ۾ پنهنجي عملداريءَ جي فرضن ۽ ذميدارين جي ڪامياب ادائگيءَ لاءِ. انگريز سامراج، ملڪ جي سڄيءَ سياست کي لڳ ڀڳ اُهڙن ئي انگريزي پڙهيل 'دانشورن' هٿان آخر تائين پنهنجي ضابطي ۾ رکيو ۽ پوءِ جنهن حال ۾ ۽ جنهن صورت ۾ اسان جي هيءُ دنيا هو ڇڏي ويا، اُها اڄ بہ گهٽي قدر سندن ئي پنهنجي عالمي مفاد جو رنگ ۽ روپ اختيار ڪيو بيٺي آهي. تدريس جي هڪ مضمون طور ٻوليءَ جي تعليم، بين ڳالهين کان علاوه، ماڻهوءَ ۾ تخليقي ۽ اظهاري صلاحيتن کي وڌائي ٿي ۽ اُن حد تائين هن جي من ۾ خود پنهنجي لاءِ ۽ اُن ٻوليءَ جي 'معاشري' لاءِ عزت ۽ قدر جو جذبو ۽ايار ي ٿي ۽ پختو ڪري ٿي ـ ۽ جيڪڏهن اُها ٻولي ڪنهن پر ماڻهوءَ جي پنهنجي مادري ٻولي نہ آهي تہ، ردعمل طور، هن جي من ۾

پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ ۾ اُن جي وسيع ۾ عام معاشري لاءِ، جيڪو هن جو پنهنجو اصل معاشرو آهي، بنهه ڏکار نہ. تہ بہ هتڪ، ننڍول ۾ لاغرضائيءَ جا رخ اڪثر ايرن ٿا. ۾ اُن سان گڏ، جيڪڏهن هن کي سندس ذاتي ۾ طبقاتي مفاد بہ اُن طرح يعني اُن ڏارينءَ ٻوليءَ جي معرفت، سِڌ ٿيندي ڏيکاري ڏين، تہ پوءِ تہ هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجي جنمي ۾ اصلي معاشري کان پوري بيگانگي اختيار ڪرڻ ۾ انهن جي مفادن جي زبان کي نہ رڳو خاموشيءَ سان برداشت ڪرڻ بلڪ اُنهن کي پنهنجن هٿن سان پاڻ قربان ڪرڻ کان بہ ڪين گسندو. انهيءَ ڪري ئي مهذب ۾ آزاد معاشرا پنهنجي تعليمي سرشتي ۾ خود پنهنجي مادري زبان جي تعليم لاءِ بلڪل بنيادي ۾ مرڪزي حيثيت مقرر ڪندا آهن ۾ اُن تعليم کي اُن سرشتي جي اعليٰ کان اعليٰ سطح تائين خصوصي اهميت ڏيندا آهن.

اڻ اکرائيءَ جي خاتمي لاءِ، يعني اڻ پڙهيل بالغن، مردن ۾ عورتن جي تعليم لاءِ، ماءُ جي ٻوليءَ کي اڄ، پوري پوري تجربي کان پوءِ، دنيا ۾، پست کان پست معاشرن لاءِ بہ، واحد، سَستي ۾ سَستو ۾ آسان ۾ آسان ذريعو تسليم ڪيو ويو آهي.

ساڳيءَ ريت، ابتدائي تعليم لاءِ پڻ، عالمي پئماني تي، ۾ سماجي ۾ انساني مفاد جي سيني حلقن ۾ - پوءِ اُهي سياسي نوع جا هجن، مذهبي نوع جا هجن يا تهذيبي نوع جا هجن - اتفاق راءِ سان، مادري زبان کي ئي واحد، سَستي ۾ سَستو ۾ آسان ۾ آسان ذريعو تسليم ڪيو ويو آهي.

بالغن جي تعليم توڙي ابتدائي تعليم لاءِ ڪا مادري زبان ذريعي جو ڪم ڏيئي سگهي، اُن لاءِ سڀ کان اول جا ضروري ڳالهہ، بطور شرط جي مڃي ويئي آهي، اُها آهي اُن زبان جي رسم الخط يا لپيءَ جي موجودگي. ٻيو ان سان لاڳاپيل، ضمني شرط اُن لاءِ اهو ضروري مڃيل آهي تہ اُن لپيءَ ۾ لکيل پڙهائيءَ جو اڳ تيار ٿيل مواد موجود هجي، ۾ ٿيون، تہ وڌيڪ پڙهڻ، ۾ پڙهائيءَ کي جاري رکڻ لاءِ شايع ٿيل ۾ شايع ٿيندڙ مواد بہ ڪافي ڪنهن انداز ۾ موجود هجي، ۾ چوٿون تہ پڙهائي

لاءِ تعليمي طور لائق ۽ پڻ تربيت ياتل استاد ۽ موجود هجن. هنن ڳالهين سان گڏ، مالي وسيلا، پڙهائيءَ لاءِ عام گهرج جون شيون آهن ۽ ڪنهن خاص زبان جي پڙهائيءَ لاءِ ئي فقط لازم نه هوندیون آهن. اِنهيءَ ريت ڏٺو ويندو ته اُن عام ضرورت جي ساز سامان سان گڏ ڪنهن خاص زبان جي تدريس لاءِ جن ڳالهين جي خصوصي ضرورت آهي - يعني ليپيءَ جي، ڪتابن جي ۽ استادن جي - تن جو فوراً (يعني ڪنهن مقرر ڪيل، خاص مدت ۾) موجود ڪرڻ اهڙو ڪو مشڪل مسئلو ڪونهي، جيڪو وقت جي حڪومت حل نه ڪري سگهي: بشرطيڪ اُها اُن مسئلي کي، پنهنجي هڪ فرض منصبيءَ طور حل ڪرڻ گهري ۽ اُن لاءِ عالمي طور مڃيل ۽ آزمايل اصول اختيار ڪري ۽ طريقا عمل ۾ آڻي. دنيا ۾، خاص طرح ٻيءَ عالمي جنگ کان پوءِ، جڏهن سوين ملڪ مغربي سامراجيت جي بيڙيءَ اِشڪنجي مان آزاد ٿي، خودمختيار ۽ مستقل وطن جو درجو حاصل ڪري چڪا آهن - مثلاً آفريڪا جي 'اونداهي' ڪنڊ جا ڪيترا ملڪ - تن جي ڪوڙئين بلڪ سوين مادري زبانن جي تعليم لاءِ ان قسم جا اهتمام ڪيا ويا آهن، ۽ اُتي اڄ بالغن جي پڙهائيءَ لاءِ، ۽ پڻ ٻارن جي ابتدائي تعليم ۽ درجي بدرجي اعليٰ تعليم لاءِ اُتان جون اُهي مادري زبانون، تدريس جي ذريعي طور ۽ پڻ تدريس جي مضمون طور، استعمال ٿي رهيون آهن.

اِن سلسلي ۾، يعني مادري زبانن جي انهيءَ تعليمي ڪردار (Educational Role) جي حمايت ۾، جيڪو مادري زبانن جو نظري ۽ اصولي ڪردار آهي، عالمي پيماني تي، پهريون پيرو 1951ع ۾، "يونيسڪو" (UNESCO) جي ماهرن جي ميٽنگ ۾، هڪ زوردار ۽ پُر اعتماد آواز اٺيو. اُن ميٽنگ جي ڪارروائيءَ جي رپورٽ پوءِ 1953ع ۾ سڄيءَ دنيا جي قومن جي عام اطلاع طور پڌري ٿي، جنهن ۾ هڪ مطلق ڪُليي طور، اِهو رايو ظاهر ڪيو ويو ته "تعليم جو عمل، بهترين قسم جو، ماءُ جي ٻوليءَ ۾ ئي ممڪن آهي .... شاگردن کي پنهنجي اسڪولي تعليم ماءُ جي ٻوليءَ ۾ ئي شروع ڪرڻ گهرجي .... ۽ اُن جو

استعمال تعليم جي ممڪن کان ممڪن مٿاهين درجي تائين وڌائبو رهجي."* اُن کان پوءِ، هيءُ رايو هيلتائين ڪيئي ڀيرا، دنيا ۾ ماهرن ۽ تعليم دانن جي قومي ۽ بين الاقوامي اجلاسن ۾ وري وري پئي اعلانيو ويو آهي. مثلاً "انگريزيءَ جي ڀيٽ ۾ آفريڪي ٻولين جو تعليم ۾ استعمال" بابت ڪوٽايل يونيسڪو جي هڪ خصوصي ڪانفرنس ۾ هيءُ نتيجو اخذ ڪيو ويو ته "جيڪو ٻار پنهنجي ٻوليءَ جي ماحول ۾ رهي ٿو تنهن لاءِ بهترين صورت هيءَ آهي ته هن کي سندس مادري زبان ۾ تعليم ڏني وڃي" ۽ ٻيو ته ٻارن کي جيتري بہ زياده ۾ زياده ٿي سگهي اوتري مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ گهرجي (ڏسجي: "آفريڪي ڪامن ويلٿ جي ملڪن ۾ ٻوليءَ ۽ تعليم جو مسئلو" از بي. ڊبليو. ٿفن، ص ص. 73_78، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، لنڊن، 1968ع)*. اُن ڪانپوءِ 1972ع ۾ يونيسڪو جي ماهرن جي مشاورتي ڪاميٽيءَ جو "ٻوليءَ جي تعليم بابت سرڪاري پاليسيءَ جي تربيت ۾ لسانيات ۽ سماجي لسانيات جو دخل ۽ ڪردار" جي موضوع تي مذاڪراتي جلسو ٿيو، جنهن ۾ "يونيسڪو" جي 1953ع واريءَ رپورٽ سان نئين سر اتفاق ظاهر ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته "خود اهڙين حالتن ۾، جڏهن ڪنهن مادري زبان جا ڳالهائيندڙ ايتري تعداد ۾ موجود نہ هجن، جو اُن ۾ تعليمي مواد جي ڪتابي اشاعت ڪنهن وڏي پيماني تي مناسب لڳي، ڪم از ڪم شروعاتي انگن اکرن جي سکيا، بهرحال، انهن حالتن ۾ بہ، مادري ٻوليءَ ۾ وڌيڪ مفيد ٿيندي" (ڏسجي، "ٻولي سکيا جي عمل ۽ پاليسيءَ ۾ لسانيات ۽ سماجي لسانيات جو ڪردار" ص 11، يونيسڪو پئرس، 1972ع•).

---

* UNESCO, "The Use of Vernacular Languages in Education" Report of the Unesco Meeting of Specialists (1951), Monographs on Fundamental Education VIII, p. 47-8, Paris, Unesco, 1953.

♦ B.W. Tiffen, "Language and Education in Common- wealth Africa" in: Daken J. et al (eds.) "Language in Education", pp. 83-84, London Oxford University Press. 1968.

• UNESCO, "The Role of Linguistics and Socioalingusties in Language Education and Policy", p-11 E/D/Ws/286, Paris, Unesco, 1972.

"اقوام متحده جي "يونيسڪو" تنظيم طرفان تعليمي اصول ۽ عمل بابت اِهي اظهار ۽ اعلانيہ رايا، اِن مسئلي تي عالمي فتويٰ جو درجو رکن ٿا، جن جي تسليميءَ کان انڪار ۽ تعميل کان گريز فقط اُهي حلقا ڪن ٿا، جي پنهنجي استحصالي بالادستيءَ ۽ حاڪميت کي قائم رکڻ چاهيندا آهن، يا اُهي جيڪي پنهنجي زيردست حيثيت يا غلامانہ صورتحال تي راضي هوندا آهن يا اُن تي مطمئن رهن ٿا."

[سنڌ گرئجوئيٽس ائسوسيئيشن، ميرپورخاص، جي لطيف يادگار مجلس، مورخہ 19-11-1981ع، جي تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي ميڙ ۾ پڙهيل تقرير].

ڪريڪيولم ڇا آهي؟

ڪريڪيولم جي معنيٰ

نصاب لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ 'ڪريڪيولم' (Curriculum) ڪم اچي ٿو. 'ڪريڪيولم' لفظ جي معنيٰ لاءِ آڪسفورڊ انگلش ڊڪشنريءَ جي صفحي جو لڳ ڀڳ سڄو ڪالم مون کي پڙهڻو پيو. تڏهن وڃي ان لفظ تي نظر پيم. ۽ ان تائين پهچندي پهچندي، مون کي ان سان لاڳاپيل ٽي لفظ پڙهڻا پيا ـ 'ڪرينسي' (Currency)، ڪرينٽ (Current) ۽ ڪريڪل (Curricle) لفظ "ڪرينسي" جي معنيٰ ڏيڪاريل هئي: "مدت يا وقت، جنهن ۾ ڪا شيءِ ڪرينٽ هجي، مروج هجي، چالو هجي"؛ ٻي معنيٰ ڏيڪاريل هئي: "سِڪو جيڪو ڪنهن ملڪ ۾ 'ڪرينٽ' هجي، چالو هجي، سچ پچ استعمال ۾ هجي." ٽين معنيٰ هئي "هلڻ، چالو رهڻ ـ جيئن سِڪي جو يا ڪنهن دوا جو يا حڪم جو هلڻ يا چالو رهڻ". لفظ "ڪرينٽ" جِي صفت جي صيغي ۾ معنيٰ هئي: "عام رواج ۾ يا استعمال ۾ـ جيئن سِڪا، خيال، رايا يا لفظ جيڪي عام رواج ۾ يا استعمال ۾ هجن"؛ اسم طور لفظ "ڪرينٽ" جي معنيٰ هئي: "وهندڙ نهر، پاڻي، هوا وغيره ڪنهن خاص طرف ڏانهن وبندڙ يا رڳو (وڇڻ جو) رخ يا لاڙو ـ مثلاً حالات يا عام راءِ جو رخ" وغيره وغيره. لفظ "ڪريڪل" جي معنيٰ ڏنل هئي: "ٻن ڦيٿن واري ڪا هلڪي گاڏي، جيڪا عام طور ٻه گهوڙا ٻڌڻ اڳتي ڪاهين". ان کان پوءِ منهنجي ڳولا وارو لفظ "ڪريڪيولم" آيل هو. جنهن جي معنيٰ ڏيڪاريل هئي: "گس" بس، "گس"، يعني "سڙڪ، راهه، رستو يا پٿو جيڪو وڻي هلجي يا جنهن تان ڊوڙجي". هن جاءِ تي، ڊڪشنريءَ ۾

معنيٰ واري لفظ "گس" جي آخر ۾ ڏنگين اندر صفاتي لفظ "تعليم جو"، "مطالعي جو"، لکيل هئا- جن جي گڏجڻ سان "ڪريڪيولم" جي اصطلاحي معنيٰ وجي پئي ٿي: "مطالعي جو گس، تعليم جو گس، تعليم جو رستو" هي سيپيئي لفظ- "ڪرينسي، ڪرينٽ، ڪريڪل، ڪريڪيولم."- لغت ۾ لاطيني هوليءَ جا لفظ ٻڌايل هئا، جيڪي نڪتل هئا هڪ ئي بنيادي لفظ "ڪريني" (Currene) مان، جنهن جي معنيٰ ڏنل هئي: "ڊوڙڻ". اِن سڀ تفصيل مان ڏسي ٿو سگهجي ته هلچل، تحريڪ، ڦير گهير، وڌڻ جو رخ، رفتار، ڊوڙ جو پٽو، اڳتي وڃڻ- ڊوڙ ۾ يا ريس ۾ وقت جي پڇندڙ رَٽ سان سدائين ٻٽويٽ- اِهي ئي 'ڪريڪيولم' جا، يا، تعليمي زبان ۾ چئجي ته، "تعليم جي گس يا رستي" جي وصف جا لازمي جزا يا عنصر هئا.

اُن جو دائرو

اهو ته عام معلوم آهي ته انساني تعليم جو هيءُ ڪريڪيولم يا وهندڙ رستو ٻار لاءِ ماءُ جي گود کان، بلڪ اُن کان ٻه اڳ، شروع ٿئي ٿو، ۽ ماڻهوءَ جي قبر تائين ئي اُن جي پڇاڻي ٿئي ٿي- پر، سو ٻه رڳو ماڻهوءَ جي انفرادي تعلق جي حد تائين، نه ته جيتري قدر سماجي خيال کان، اُن جو تعلق مجموعي طور انسان ذات سان آهي، اُهو رستو وڏندي ۽ اڳتي هلندي هلڻ جي سلسلي ۾ اکٽ آهي ۽ ان جي پڇاڻي ڪانهي. اِن طرح ته سڄيءَ حيوانيءَ دنيا جو هر نئون ڄاول جِيءُ ٻه هڪڙو تعليمي رستو طئي ڪري ٿو، جنهن کي، هڪ ڳالهائين، اُن جو 'ڪريڪيولم' ئي چئي سگهجي ٿو- اِن لاءِ جو ائين هو پنهنجي زنده رهڻ جي ڄاڻ ۽ ڪاريگري، جنهن کي 'زندگيءَ جو فن' سڏجي ٿو، حاصل ڪري ٿو. پر هڪ انساني تعليم جي رستي ۽ جيوت جي غير انساني دنيا ۾ رائج اهڙي رستي جي وچ ۾ جيڪو فرق ڏسي سگهجي ٿو، سو اُن جي ٽن بيحد اهم ڳالهين ۾ ظاهر هجي ٿو: يعني پهرين، زندگيءَ جي اُن ڄاڻ ۽ ڪاريگريءَ جي حاصل ڪرڻ ۾، ٻيو اُن جي جمع ڪرڻ ۽ وڌائڻ ۾، ۽ ٽيون ان جي ڏي وٺ ۽ منتقليءَ ۾.

انساني زندگي حيواني زندگيءَ کان وسيع پيماني ۾ مختلف آهي. اِها پاڻ کي تمام وڏي انداز ۾ تمام وڏي تيزيءَ سان تبديل ڪندي پئي آئي آهي. جاڻ ۾ ڪاريگري، جيڪا خاص انسان جي زنده رهڻ لاءِ گهربل آهي، اوتري ئي وڏي انداز ۾ اوتريءَ وڏيءَ تيزيءَ سان وڌندي، بدلبي ۾ وستاربي رهي ٿي. ائين اسين (انسان) جدا نموني جاڻ گڏ ڪريون ٿا ۾ وڌايون ٿا، ۾ جدا نموني جاڻ منتقل ڪريون ٿا. ۾ فقط اِنهيءَ ئي طرح اسين وقت سان ٻڌ هلڻ جي لائق ٻڌجون ٿا- يعني اِن طرح ئي اسين سڀائين پاڻ کي سامهون موجود ڪم کي مُنهن ڏيڻ جي قابل رکون ٿا. هڪڙو ماڻهو، جيڪو اڄ اُها جاڻ ۾ ڪاريگري رکي ٿو، جيڪا هڪ وحشي ماڻهو هڪ سئو هزار سال يا پنجاه هزار سال اڳ، يا هڪ اوائلي ڪاشتگار يا مالدار ڏهه هزار سال اڳ، يا هڪ غلام ۾ آقا، غلام دار سماج ۾، کي ٻه هزار سال اڳ، يا ڪو جاگيردار ۾ ان جو ڪيت غلام يا ڪمي آخري وچين دور ۾، هڪ هزار يا پنج سئو ورهيه اڳ رکندو هو، اُهو ماڻهو اُن جاڻ ۾ ڪاريگريءَ سان، هڪ سڌريل جديد انسان وانگر، اڄ جي دور ۾، اسان جي هن پنهنجي زماني ۾، زنده رهي ئي نه سگهندو. اهوئي خاص سبب آهي، جو انساني تعليم جي نصاب کي، ڪريڪيولم يا رستي کي، وڌٽو ۾ چالو ئي رهڻو آهي، ڇو ته جيڪا جاڻ ۾ ڪاريگري چالو آهي، جاري آهي، بنهه اڄ جي جاڻ ۾ ڪاريگري آهي، اُن سان ئي اسين وقت سان ٻڌبت هلي سگهون ٿا، ۾ سلامت رهي سگهون ٿا ۾ سڀل زندگي گذاري سگهون ٿا.

ان جو مقصد

سڀل زندگي گذارڻ جي ڳالهه ۾ مقصد جي جهلڪ موجود ڏسي سگهجي ٿي- زندگيءَ جي مقصد جي، جنهن جو تصور انفرادي ۾ پڻ اجتماعي يا سماجي بنيادن تي رکيو ويجي، يعني اُن ڳالهه جو تصور ته اڄ جي دور ۾، هلندڙ وقت ۾، ماڻهوءَ کان ڇا هجڻ ۾ ڇا ڪرڻ جي اميد ڪئي ويجي ٿي، ۾ تاريخ جي اجوڪيءَ منزل تي سماج کان ڇا هجڻ ۾ ڇا ڪرڻ جي تقاضا ڪئي ويجي ٿي. ٻين لفظن ۾ اِن جي معنيٰ هيءَ ٿي

ته ڪو خاص ڪريڪيولم يا تعليم جو خاص رستو مرتب ٿئي ۽ رٿيو يا ناهيو وڃي. اُن کان اڳ اُن رستي تان هلندي، تعليم جي جنهن مقصد تي رسڻو آهي، اُهو مقصد پوريءَ چٽائيءَ سان ۽ پوري تفصيل سان مقرر ڪرڻ ۾ سمجهڻ ضروري آهي.

ڪريڪيولم يوناني تهذيب ۾ تعليم جي مقصد جي تلاش ۾ تعليم کان ۽ ڪريڪيولم ناهيندڙن کي انساني تعليمي عمل جي ماضيءَ، خاص طرح يوناني تهذيب جي دور ۾ ان جي رکاوٽ ٿيل ابتدائي صورت تي نظر وجهڻي پوي ٿي ۽ ان جو مطالعو ڪرڻو پوي ٿو يوناني تهذيب، پنهنجي زندگيءَ جي تقريباً هڪ هزار سالن (600 ق.م کان 400ع تائين) جي مدت ۾ غلاميءَ جي بنياد تي بيٺل هئي- جنهن ۾ آزاد شهري اقليت ۾ هئا، ۽ اُن جي غلام آبادي اڪثريت ۾ هئي. هِن غلام دار سماج جون مخصوص ڳالهيون اُن جي شهري رياست، جنهن کي تاريخ ۾ پالس (Polis) سڏيو ويو آهي، سان وابسته هيون، ان دور جي يونان ۾ ٻن قسمن جون شهري رياستون هيون. هڪ ۾ اقتدار سيني غلام دار شهرين وٽ رهيو ٿي- ان کي تاريخ ۾ غلام دار جمهوريت (Slave-owning Democracy) سڏيو ويو آهي. ٻيءَ ۾ اقتدارُ غلام دار شهري آبادي‌ءَ جي به اوچي درجي وارن خاص شهرين وٽ رهيو ٿي- ان کي امير شاهي يا اميراٽو راج (Aristocracy) سڏيو ويو آهي. يونان جي قديم شهر اٿينس جي شهري رياست پهرئين نموني جي رياست جو ڪلاسيڪي مثال شمار ٿئي ٿو. ۽ ان جي اسپارٽا شهر جي شهري رياست ٻئي قسم جي رياست جو. اُن (غلام دار) سماج ۾ تعليم کي رياست جي خدمت لاءِ ۽ اِن لاءِ شهرين جي تربيت جو ئي هڪ ضروري وسيلو سمجهيو ويندو هو. ۽ اُن ۾ وڏج واپار ۽ هٿ جي پورهئي کي هيڇ بلڪ نيچ سمجهيو ويندو هو. چو ته اُهي ڪم غلامن لاءِ مخصوص هئا. انهيءَ ڪري وڌن تعليم جي مروج سرشتي ۾ واپار ۽ هنرُ ڪريڪيولم جا حصا نه هئا.

اسپارٽا جي تعليم ۾ خاص طرح، فوجي برجستائيءَ ۽ قابل ڪاريءَ تي توجهه ڏنو ويندو هو. هيٺي جسم ۽ ناقص ذهن رکندڙ بالڪن کي هوٻاهر اڇلائي ڇڏيندا هئا، جتي هو مري ويندا هئا. جيڪي سالم ۽

تندرست هار بچندا هئا. انهن کي ستن ورهين جي عمر ۾ مائٽن کان ڇني. يارهن ورهين جي ڇمار تائين جسماني تربيت ڏني ويندي هئي. وٽن ضابطي لاءِ جسماني سزا کي هڪ اهم تربيتي طريقو سمجهيو ويندو هو. اُها نہ رڳو ڏوهہ جي عيوض پر سختيءَ ۽ تڪليف جي قوت برداشت وڌائڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. ارڙهن سالن جي عمر ۾ هارَ فوجي ڪٽبت ٻڌبا هئا. جنهن کان پوءِ هنن کان ٻہ سال فوجي ڇانوٽيءَ ۾ جبري ڊيوٽي ورتي ويندي هئي. ۽ ائين ٽيندي ٽيندي. ٽيهن سالن جي عمر ۾ هو پورا "شهري" ٻڌبا هئا. پر پوءِ ٻہ هنن کي. رياست لاءِ جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ سڏ ٽيڻ جي حالت ۾. هر دم تيار رهڻو پوندو هو.

اٽينس ۾. تعليم کي جنگ ۽ امن ٻنهي لاءِ تياريءَ ۽ تربيت جو وسيلو سمجهيو ويندو هو. هڪ طرح جي "جمهوريت" هجڻ سبب. اُتي جنگ ۽ امن جي وچ ۾ "اعتدال" يا "وچٿرائي" جي اصول کي گهٽي اهميت ڏني ويندي هئي. ڇهن کان 14 سالن جي عمر تائين ابتدائي تعليم ۽ ان کان پوءِ 4 سال ثانوي تعليم ۽ پوءِ فوجي ڪيڊٿن طور نوجوانن کي ٻہ سال لازمي فوجي تربيت ڏني ويندي هئي- جنهن کان پوءِ منجهائئن هر هڪ کان "پنهنجي شهر ۽ پنهنجن خدائن" جي دفاع لاءِ تيار رهڻ جو قسم کڻايو ويندو هو. وٽن سڃيءَ تعليم جي ڪورس جا تفصيل اسان کي معلوم نہ آهن. پر اسان کي خبر آهي تہ موسيقي. ادب. فن لطيف ۽ جسماني ڪسرت ۽ ڪرتب وٽن مخصوص مضمونن طور تعليمي ڪورس ۾ شامل هئا. اِن مان ڏسي سگهجي ٿو تہ اُهو هڪ فرصت يا واندڪائيءَ واري سماج جو ڪريڪيولم هو. جيڪو غلام دار آزاد شهرين لاءِ ئي وڌيڪ مناسب ۽ ڪارآمد هو. جن کي ئي ان طرح هُنن تربيت ڏيڻ ۽ پاڙهي. ناهي. پختو ڪرڻ گهريو ٿي. جيئن جيئن اٽينس جو ۽ پڻ اسپارٽا جو. فرصت رکندڙ غلام دار ڪلچر وڌيو ۽ وڏو ٿيو. تيئن تيئن اُن ۾ وڌيڪ کان وڌيڪ ڌيان ذهني مطالعن. روحاني ڳالهين ۽ غير پيداواري جسماني ڪرتب ۽ ڪسرت جي ڳالهين تي ئي صرف ٿيندو رهيو- ايتري قدر. جو سندن هڪ عالم ارسٽوفينس. مزاح مزاح ۾. سڃي سندن تعليمي سرشتي تي 'نوجوانن

جي ڪارڻ ۾ انهن کي ائين فضول ۽ بيڪار بنائڻ' جا الزام ۾ طعنا هڻڻ شروع ڪري ڏنا. سقراط، افلاطون ۽ ارسطو (پنجينءَ ۽ چوٿينءَ ق.م جي صدين جا)، جيڪي ان غلام دار يوناني تهذيب جا عظيم ترين مفڪر هئا، تن پنهنجي دور جي تعليم جو مقصد "هڪ سٺي شهريءَ جي تربيت" ئي ٻڌايو. جنهن ۾ "شهريءَ" جو مطلب اُهو غلام دار آزاد ماڻهو هو جنهن کي پنهنجي سڄي انفرادي شخصيت، رياست جي "سياسي مانڊاڻ" جي سپرد ڪري ڇڏڻي ٿي پيئي. افلاطون پنهنجي ڪتابن "جمهوري راڄ" (Repulic) ۽ "قانون" (Laws) ۾ سياست ۽ تعليم کي "اٽوٽ انگ" سڏيو آهي، ۽ هڪ قسم جي ڪميونزم جي وڪالت ڪئي آهي، جنهن ۾ جماعتي زندگيءَ لاءِ خانداني يا ڪٽنبي زندگيءَ کي، هڪ سماجي اِڪائيءَ طور، ختم ئي ڪرڻو ٿي پيو. ۽ ٻارن جي پرورش لاءِ مائٽن جي سڄي ضابطي ۽ اختيار کي رد ڪرڻو ۽ وڃان ڪيڙي ٻاهر ڦٽوڪرڻو ٿي پيو. گويا زندگيءَ جي سيني مسئلن، ڪمن ڪارين ۽ معاملن جي فيصلا ڪن دائرن ۾ رياست کي ئي آخري حڪم جو اختيار هو، ۽ فرد بلڪل ئي ڪجهہ نہ هو!

وچين دور (500 – 700ع) ۾

ابتدائي مهذب دؤر ۾ هيءَ جيڪا رياست کي فرد جي خلاف حد کان وڌيڪ اهميت ڏني ويئي هئي، تنهن تاريخ جي اڳتي وڌڻ سان آهستي آهستي بدلجي، ردعمل طور، اُن جي بنهہ ابتڙ صورت اختيار ڪئي، ۽ سماج ۾ فرد ڦري مرڪزي اهميت حاصل ڪرڻ لڳو ۽ رياست، فرد جي خادم ۽ محافظ طور، ثانوي جڳهہ وٺڻ لڳي. ۽ ائين تڏهن ٽيڙ شروع ٿيو جڏهن سماج جي مروج ضرورتن ۽ ان جي عصري مقصدن اِن طرح جي تقاضا ٿي ڪئي. تان جو وڌيڪ هزار ڪن سالن گذرڻ سان يوناني سماج جي غلام دارَ ۽ ان جي غلام جي جاءِ تي جاگيردارُ ۽ اُن جو ڪيت ڪمي (يا سِرڙيو هاري) اچي ويٺا. ۽ اُنهن جي دؤر گذرڻ تي، انهن جون جايون وري سرمائيدار ۽ ان جي مزدور اچي والاريون. جاگيرداري سماج پنهنجي دور جي تعليم وسيلي

هڪ "آپي- باز پهلوان مڙس، هڪ سٺو سردار (Lord)، هڪ سٺو نواب يا وڏيرو" پيدا ٿي ڪيو. تہ سرمائيداريءَ پنهنجي دور جي تعليم وسيلي، پنهنجي مثالي انسان طور هڪ "سٺو جوڪمر- ڪاري صنعت ڪار" يا هڪ "سٺو جوڪمر- ڪاري تاجر" پيدا ڪرڻ گهريو ۽ پيدا ڪيو. آپي باز پهلوان، بي ميار سوڀو جنهن جهڙو فرد اٽينس ۾ ٻئي نمبر جو شهري ليکجي ٿي سگهيو ۽ ليکيو ٿي ويو. سو جاگيرداري دور (500 کان 1700ع) ۾ هڪ مثالي شخص بڻجي ويو. جنهن کي ان دور جي تعليمي ڪريڪيولم (رستي) وسيلي پيدا ڪرڻو هو ۽ 'پاڙهي، ناهي، پختو' ڪرڻو هو- ايتري قدر جو ترت ئي اهڙو هڪ "نصيب آزمائو سورمو جانبازيءَ جي ڳولا ۾" (The wandering hero in search of chivalrous adventures) سڃي سماج جو هڪ سوداءِ ۽ آزار بڻجي ويو. اٽليءَ جي داستان نويس بوڪيشيو جو جڳ مشهور ڪتاب "ڊي- ڪئميران" (1349_1351) ۽ اسپين جي مشهور ناول نگار سروينٽيس، جو زنده جاويد ناول "ڊان ڪئگزاٽ" (1605_1615) اهڙن "سٺن سردارن" ۽ "سٺن جوڌن" جي ڪردار سان ڀريا پيا آهن، جن ۾ انهن بي ميار سوڀن جي نامعقول ۽ بي لغام ڪارستانين ۽ فضول آپي بازين ۽ خرمستين کي خوب ننديو ۽ بيڄڙو ڪيو ويو آهي.

سرمائيداري دور ۾

رُوسو، تيرهين صديءَ جو فرينچ فيلسوف، انفراديت جو هڪ بيباڪ حامي هو. پنهنجي وقت جي روح جي ترجماني ڪندي، جڏهن جاگيرداري نظام ڪِري پَٽ پئجي رهيو هو ۽ سرمائيداريءَ جي آزاد جوڪم ڪاريءَ جو روح فضا ۾ خوب اڏامي رهيو هو، هن يونان جي غلام داري دور جي ترجمان مفڪر افلاطون کان هڪ سڏو سوال ڪندي پڇيو هو: "ڇا، رياست سان وفاداري پنهنجن ويجهن ۽ پيارن (يعني آل اولاد) جي محبت کان سواءِ بہ ڪو وجود رکي سگهي ٿي؟ ڇا، حب الوطني اُن ننڍڙي پياري وطن، پنهنجي گهر کان سواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ بہ اسري ۽ وڌي سگهي ٿي؟ ڇا، سٺو پٽ، سٺو مڙس، سٺو پيءُ ئي نہ

آهن. جيڪي ئي 'سنا شهري' هجن ٿا؟" مطلب ته يوناني غلام دار سماج جو "سنو شهري"، جيڪو رياست جي مفاد جو باندي هو ۽ جاگيرداري سماج جو "سنو سردار" جيڪو پنهنجي ذات ۽ پنهنجي جاگيردار يا ڪيٿيءَ جي مفاد جو باندي هو. انهن تان ائين زور هٿي، "سني پٽ، سني مڙس، سني پيءُ" ڏانهن، يعني روسو جي وقت جي "سني بورجوا" يا "سني تاجر" ڏانهن بدلجي ويو. جيڪو پنهنجي ذاتي گهر، ڪٽنب ۽ پنهنجي جوکم پرئي ڪاروبار جي مفاد جو باندي هو ۽ ان پوئين صورتحال ۾ هُن جي دور جي بورجوا رياست صرف اِن لاءِ هئي ته اُها هِن "ذاتي طرح سني شخص يا سني تاجر" جي مفادن جي خدمت ڪري ۽ انهن جي پرگهور لهي، جيڪو ساڻئي وقت پنهنجي پبلڪ لائيف ۾ پاڻ کي هڪ "سنو شهري" ۽ سمجهندو هو ۽ چوائيندو هو.

هي سڀيئي جُڳ انساني تعليم جو ڪريڪيولم، ڪورس يا رستو- غلام دار يوناني تهذيب کان وٺي، جاگيرداري سماج ۽ ان کان پوءِ سرمائيداري سماج کان ٿيندي، جن ۾ ان جو مقصد پهرين "سنو شهري"، ۽ پوءِ "سنو لارڊ يا سردار" ۽ پوءِ "سنو تاجر" پيدا ڪرڻ هو- بهرحال فرصت مائل يا اوچي طبقي مائل ئي رهيو- ڇو ته تعليم انهن دورن يا سماجي نظامن ۾ عملاً فقط سماج جي اڻ- ڪمائيندڙ فرصت يافته، مٿينءَ سطح جي آبادييءَ تائين محدود ٿي رهي. علم جي نوعيت توڙي ان جو مقدار به- ٿُڙ سائنسن جو، فطري سائنسن جو يا انسانيات جو- جيڪو انهن سماجن جي تعليمي ڪريڪيولم ۾ شامل ڪيو پئي ويو، ان جي چونڊ، ترتيب ۽ تدريس فقط سماج جي ان فرصت يافته ۽ پرئي پاڻئي حصي يا طبقي جي خاص مفاد کي من ۾ رکي ڪئي پئي ويئي، جنهن کي ئي تعليم ڏيٽي هئي.

اشتراکي دؤر ۾

تاريخ ۾ اشتراڪيت ۽ عام انسان واري دور جي اچڻ سان ماڻهوءَ جي عام مادي ۽ سماجي گهرجن ۾ هڪ انقلابي تبديلي رونما ٿي.

تعليم ڦري سيني جو حق ۽ ڪل انسانن جي ضرورت بڻجي پيئي. سماج جي اپتڪار ۽ ڪپتڪار حصن، فرصت يافته يا فارغ البال طبقي ۽ پورهئي ۾ ڳهندڙ مٿي ڪنهڙ جي فرصت نه رکندڙ طبقي جي وچ ۾ فرق مِٽجڻ شروع ٿيو. محنت، دولت ۽ فرصت جي ورهاست ماڻهن ۾ هڪ جهڙي ٿيندي ڏسڻ ۾ اچڻ شروع ٿي. ۽ مهذب انسان پورهئي کي، هر قسم جي پورهئي کي- هٿ پورهئي کي به-عزت وارو ۽ راحت بخش ڳالهه سمجهڻ ۽ مڃڻ شروع ڪيو. ماڻهوءَ جون مادي ۽ سماجي گهرجون ايتريون ته وڌي گهڻيون ۽ قسمين قسمين جون ٿيون، جو سامانن جو پيدا ڪرڻ، مشينن جو جوڙڻ ۽ خدمتن جو مهيا ڪرڻ هڪ اٽل ۽ شديد ضرورت بڻجي پيئي. ائين هيءُ زوردار خيال وڌڻ ۽ پکڙجڻ لڳو ته سيني کي ڪم ڪرڻو هو ۽ ڪنهن کي به سست ويهڻو نه هو. جديد تعليم کي انهيءَ ڪري فرصت مائل هجڻ بدران پورهئي مائل ٿيڻو هو. ٿيڻو پيو ۽ ٿيڻو آهي- ان جو ڪريڪيولم يا ڪورس، فرصت- مائل ڪريڪيولمن ۽ ڪورسن جي برخلاف- جيئن اهي غلام دار يوناني سماج ۾، جاگيرداري لارڊ يا سردار ۽ ان جي کيت ڪميءَ جي سماج ۾، يا سرمائيدار، صنعتڪار ۽ تاجر ۽ ان جي مزدور جي سماج ۾ هئا- پورهئي مائل ڪريڪيولم ٿيڻو هو. ٿيڻو پيو ۽ ٿيڻو آهي. اڄ جي سنيءَ تعليم کي "سنو پورهيت پيدا ڪرڻ گهرجي، چاڪاڻ ته جديد سماج جي حوالي سان "سنو پورهيو" ئي "سنو شهري" ۽ "سنو انسان" ٿي سگهي ٿو. "پورهيو عبادت آهي"- هائو، پر رڳو غلام، کيت ڪميءَ، هاريءَ يا مزدور لاءِ ئي نه. پورهيو سيني لاءِ عبادت آهي ۽ سيني کي عبادت طور پورهيو ڪرڻ گهرجي ائين سمجهي ته اُهو سيني لاءِ فائديمند آهي ۽ ضروري آهي.

انهيءَ ڪري اُن ماڻهو لاءِ، جيڪو هاڻ سنيءَ تعليم جي روح کان مستفيد ٿيڻو آهي، پورهيو زندگيءَ جي هڪ بنيادي ضرورت ۽ هڪ اعليٰ اخلاقي نيڪي ۽ هڪ سني پورهيت جيئن جيئڻ ۽ زندگيءَ گذارڻ هن جي ڪردار ۽ اخلاق جا دائمي گڻ بڻجڻا آهن.

اهڙيءَ سڻي تعليم جو لازمي پيشگي شرط هي آهي تہ اُها ماضيءَ جو ترقي مائل تهذيبي ورثو ۽ بني نوع انسان جو جمع ڪيل سمورو علم جو خزانو نئين نسل تائين پهچائي. جيڪو اُن ورثي ۽ اُن خزاني جو وارث بہ آهي ۽ اُن جي سنيالڻ لاءِ تيار بہ آهي. اسڪولن جو هڪڙو بنيادي ڪم، ۽ تحقيق هڪ وڏي ۾ وڏو ڪم، اهو آهي تہ اِها فضا ۽ صورتحال موجود ڪن، جنهن ۾ ٻوڪرا ۽ ٻوڪريون ذهني طور وڌن ۽ پورهئي مائل، سماجي طرح ذميدار ۽ تهذيبي طور اوچا انسان بنجي سگهن، ۽ اُهو نتيجو فقط تڏهن حاصل ٿي سگهندو، جڏهن هو خبر، ڄاڻ ۽ حقيقتن سان واسطي ۾ ايندا ۽ اُنهن سان پوريءَ طرح مانوس ٻڌا. اِن ۾ ڪريڪيولم مدد ڪري سگهي ٿو. ڪتاب مدد ڪري سگهن ٿا. سنيون ۽ جديد طرز جون بلڊنگون ۽ تجربيگاهہ بہ مدد ڪري سگهن ٿا. پر هميشہ ۽ هر صورت ۾ استاد ئي آهي، جو اصل منڊ آهي، مرڪز آهي، ۽ اصل ڪم ان کي ڪرڻو آهي. جو ڪجهہ استاد کي ڪرڻ کپي ۽ هو ڪري ٿو، اُن مان ئي معجزائي نتيجا نڪرن ٿا. جو ڪجهہ هن کي ڪرڻ کپي ۽ هو نٿو ڪري، تباهناڪ نتيجا اُن مان نڪرن ٿا. ضرورت سارو استادن جي تعداد کان سواءِ، جيڪي اتساهيندڙ هجن، ڄاڻو ۽ باخبر هجن، پنهنجن اسڪولن ۾ پنهنجين ذميدارين کي منهن ڏيڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار هجن—اهڙن استادن کان سواءِ اسين بيءَ ڪنهن بہ طرح سڻي تعليم مهيا نٿا ڪري سگهون. ۽ سڻيءَ تعليم کان سواءِ اسين گهٽي وقت تائين تبديل ٿيندڙ دنيا جي تقاضائن کي ڪاميابيءَ ۽ سرخروئيءَ سان منهن نٿا ڏيئي سگهون.

ڄاڻ جو ڦهلاءُ

سڄي خبر، سمورو علم، سڀ حقيقتون ٽن مظهرن جي مطالعي مان حاصل ٿين ٿيون: 1 ـ انسان جي پنهنجي ذات جو مظهر، 2 ـ انساني تاريخ جو مظهر، ۽ 3 ـ چوڌاري موجود فطرت يا ڪائنات جو مظهر. جيئن جيئن وقت اڳتي وڌي ٿو، اِها تہ — شعلائين علم جي روشني، اڃ ـ مئي نموني وڌندي ٿي رهي. فطرت تي انسان جي فتح ۽ ضابطي

جي لياقت اوتري قدر ئي وڌي ٿي، جيتري قدر انسان وٽ فطرت جي ڄاڻ وڌي ٿي. تازو مون کي هڪ سوويت مخزن ۾ ڪريڪيولم جو هينيون هڪ بيحد اهم ۽ بنيادي مسئلو بيان ٿيل ڏسڻ ۾ آيو:

"گذريل ويهن ٽيهن سالن جي دور دنيا کي هڪ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب سان روشناس ڪيو آهي."

"هن انقلاب ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جي سرشتي لاءِ نوان مسئلا پيدا ڪري وڌا آهن."

"هيءُ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب انيڪ مسئلا ۽ ڪمن جو وڏو تعداد وڌائي ۽ وسيع ڪري رهيو آهي، جن مان هر هڪ جي دائري ۾ علم جو تعداد ائين وڌي رهيو آهي، جيئن ڦرندڙ برف جو بال جبل تان ڪرندي ڪرندي، وڌندو ۽ وڏو ٿيندو ويندو آهي. ڪن حالتن ۾ ته پنجن ڏهن سالن ۾ ڪي علم وڌي ٻيڻا ٿي پيا آهن. درسي ڪتابَ پريس مان ڇپجي ايڏا ٻاهر ئي نڪا اچن، ته پراڻا ٿي وڃن ٿا. بهرحال، ائين ته ڇڻي سگهجي ٿو ته ان حالت ۾ استاد جو ئي فرض آهي ته درسَي ڪتابن کي هر ڀيري ڪلاس روم ۾ تازي معيار تي آڻيندو ئي رهي.

"پر ڇا ڪريڪيولم هونئن ئي حد کان وڌيڪ ڦهلجي وڃڻ نه ٿي ويو آهي؟ هاڻي ته شاگردن کي وڌن کان وڌيڪ وقت ڪم ڪرڻو پوي ٿو. ۽ هنن کي ڪلاس رومن کان پوءِ وڌي انداز ۾ گهر جو ڪم به ڪرڻو پوي ٿو."

"هن صورتحال ۾ شايد ائين مناسب ٿئي ته تدريس جي مدت وڌائي ڇڏجي، پر ثانوي تعليم اڳي ئي ڏهه ٻارهن سال وٺي ٿي. ٻيا 5-6 سال اعليٰ تعليم جي تحصيل ۾ لڳي ٿا وڃن اُن کان پوءِ ڪي سال ڪنهن نه ڪنهن خاص ڪاريگريَ ۽ ڏنڊي جي مهارت حاصل ڪرڻ ۾ لڳن ٿا. جيڪڏهن اسڪولن ۾ پڙهائيَ جي مجموعي مدت ڄاڻ جي واڌاري آهر وڌائبي ويجي، ته جلد يا بدير، جديد ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان رڳو سفيد وارن وارا گرئجوئيٽ ۽ ڪُٽل متن وارا ٽيڪنيڪي ماهر ئي ٻاهر اچي سگهن ٿا. جيڪي پنهنجي رٽائر ٽيڻ جي عمر ۾ پهچڻ کان

پوءِ ئي لائق ٻُجي. پنهنجن ڪمن کي پوريءَ طور هٿ وجهڻ جهڙا ٿي سگهندا. پر ڇا ڪجي. تخليقي پيداوار لاءِ ماڻهوءَ جي عمر جا سونهري سال ته جواني‌ءَ جا سال ئي آهن. ۽ اُهي گهٽو جٽاءُ ڪونه ٿا ڪن.

"ته پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هيءُ سوال اصل ته سائنسدانن جي جواب ڏيڻ لاءِ آهي. پر اسين جنهن حقيقت سان دوچار آهيون. سا هيءَ آهي ته تعليم جو نظريو ۽ عمل سڄيءَ دنيا ۾ اڄ زندگيءَ جي وڌندڙ تقاضائن کان پوئتي رهجي ويو آهي."

خصوصي تعليم بمقابل عمومي تعليم

ائين بيان ٿيل هن مسئلي جا مختلف حل اُن روسي مخزن جي مضمون ۾ بحث هيٺ آندل هئا- جو ته مضمون جو عنوان ئي هو: "ڇا سيڪارڻو آهي ۽ ڪيئن؟ مسئلا ۽ حل." ۽ هڪ حل جيڪو مضمون ۾ پڙهندڙن جي خاص توجهه لاءِ ڏنل هو. سو هينين‌ءَ طرح هو:

"تعليم جي سڄي سرشتي ۾ عموي تعليم جي جاءِ تي خصوصي تعليم جو نظام نافذ ڪيو وڃي- يعني هڪڙن اسڪولن ۾ ٿُڙ سائنسن تي زور ڏنو وڃي. ٻين ۾ فطري سائنسن تي. ۽ ايا ئي ٻين ۾ انسانيات جي علمن تي. اُن خصوصي تعليمي نظام جو مقصد هيءُ ٿي سگهي ٿو ته خاص علم يا علمن ۾. ٻين علمن کي درگذر ڪندي. وڏيڪ بنيادي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي وڃي. علم جي وڌندڙ ڪل- طرفي سيلاب کي منهن ڏيڻ لاءِ هن قسم جي تعليمي تقسيم ۽ چونڊ ظاهري طور پرڪشش ئي معلوم ٿي ٿئي.

پر ان طرح شايد نيون ۽ وڏيڪ خطرناڪ مشڪلاتون نروار ٿي بيهن. پهرين ڳالهه ته اهو ڪڏهن ب ممڪن ڪونهي ته وهيءَ رسيل جوان ٻارن جي ذهني لاڙن جي خبر پئجي سگهي. جيتوڻيڪ اُهي ڪنهن قدر ننڍيءَ عمر ۾ ئي پنهنجن ڪن لاڙن جو اظهار ب ڪندا آهن (جيئن موسيقيءَ، ڊرائينگ، رياضيءَ جي مضمونن ۽ ٻولين وغيره لاءِ). هاڻي. جيڪڏهن سيئي اسڪول ان خصوصي تعليم تحت آڻي چڏجن- بجاءِ اِن جي. جو ڪي ٿورا اڄ ب جيئن اُن نظام هيٺ ڪم

ڪندا رهن ٿا- ته ان سان شايد سڄي جي سڄي نندياڻ اوستا کان شروع ڪيل اهڙيءَ خصوصي پيشه ورانه تعليم جا ناپسنديده نتيجا اوس نڪري سامهون ايندا. ۽ جيڪي ڪن حالتن ۾ خطرناڪ غلطيون سرزد ٿيل نظر ايندیون. تن جي درست ڪرڻ ۾ تاخير پئجي وڃي. ۽ ائين اُنهن جو ازالو ناممڪن بڻجي پوي. ڇو ته هڪ پختي خصوصي مهارت جي ڪورس جِني ٻئي پختي خصوصي مهارت جي ڪورس سان تبديل ايتري آسان ۽ مفيد نه ٿيندي. جيتري عمومي تعليم جي بنياد رکڻ کان پوءِ اڳتي هلي. پنهنجي مرضيءَ ۽ آزاد راءِ سان خصوصي مهارت جي ڪنهن هڪ ڪورس جي انتخاب جو فيصلو شاگردن لاءِ مفيد ثابت ٿي سگهي ٿو.

ان کان سواءِ انسانيت جي علمن کي اوائلي عمر ۾ چڏي ڏيڻ سان. ٻار جي اخلاقي گڻن تي ۽ هن جي سپ- طرفائين ذهني اوسر تي به هاڃيڪار اثر پوڻ لازمي آهي: تعليم جي هيءَ يڪ طرفائي ٻار جي سڄيءَ شخصيت جي تربيت کي روڪي سگهي ٿي. ۽ اُها ڳالهه هر صورت ۾ بنيادي انساني شرف ۽ شان جي خلاف آهي- پوءِ ڪو انسان اڳتي هلي مزدور ٿئي. ڪاشتڪار ٿئي. يا سائنسندان ڇو نه ڪٽي بڻجي.

سوويت يونين جي "تدريسي خدمات جي ائڪيڊميءَ" "خصوصي تعليم بمقابل عمومي تعليم" جي مسئلي جي سيني پاسن جي ائين تورتڪ ڪندي. تعليم جا پهريان ڏهه سال عمومي تعليم جا ڪريڪيولم جي بنيادي اصول طور. قبول ڪيا آهن- سواءِ ڪن خاص اسڪولن جي. جتي خصوصي تعليم جا ڪورس. عمومي تعليم جي ڪنهن وڏيڪ اوائلي منزل کان شروع ڪيا وڃن ٿا. مطلب ته خصوصي تعليم. هڪ پوري دستور يا سرشتي طور. ابتدائي منزل وارن اسڪولن جي بدران ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي سطح تي ۽ خاص ڪاريگريءَ وارن ڪن چونڊ ڪارخانن ۾ ئي ڏني وڃي ته بهتر ٿيندو.

بهرحال. هنن ٻنهي. عمومي ۽ خصوصي تعليم جي. ڪريڪيولمن ۽ انهن جي تعميل ۾ سڏاري جي گنجائش هر وقت ۽ هر حالت ۾ تسليم ڪئي وڃي ٿي.

ڪريڪيولم جو سڄو مسئلو سڄ پڄ ته هڪ ئي سوال جي صورت ۾ بيان ٿي سگھي ٿو: ۽ اُهو آهي ته ڇا سيکارٽو آهي، ڪڏهن سيکارٽو آهي ۽ ڪيئن سيکارٽو آهي؟ هن سوال کي زير تعليم شاگرد جي مسئلي طور پيش ڪندي، هيئن ٻ بيان ڪري سگھجي ٿو ته ڇا سکڻو آهي، ڪڏهن سکڻو آهي ۽ ڪيئن سکڻو آهي.

اسان وٽ، افسوس سان چوڻو پوي ٿو، ڪريڪيولم جون جيڪي ٻ ڳالهيون ٿين ٿيون، اهي سڀ سوال جي آخري حصي تي يعني اُن جي "ڪيئن" واري حصي تي، زور ڏين ٿيون. هتي اسان وٽ تعليم جي مختلف مرحلن جي ڪريڪيولمن کي ڏسندي، جيڪي وقت بوقت مرتب ٿيا آهن، مون ايماندارنہ ڪوشش ڪئي آهي ته ڏسجي ته ڪٿي ڪنهن نئين علم يا علم جي ڪنهن نئين مواد جو ڪو سگھارو ۽ جاندار نشان ٻ ڏسي سگھجي ٿو يا نہ. يا هيءُ ته ڪنهن علم جي مقدار کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪلاس ۾، يا ڪنهن مرحلي تي، وڌيڪ ڏهانت ۽ علمي مهارت ۽ جديد تعليمي دور جي مطابقت سان ترتيب ڏنو ويو آهي يا نہ۔ پر بدقسمتيءَ جي ڳالهہ ئي ڇڪجي، جو اُن قسم جو ڪوبہ ڪٿي اشارو يا نشان موجود نہ ڏسي سگھيو آهيان.

اسان وٽ خود علم کي "قابل قبول" ۽ "قابل تردید" حصن ۾ ورهايو ويو آهي، جا اسان جي وڏيءَ بدبختيءَ جي ڳالهہ آهي۔ ڇو ته ڄاڻ، ڄاڻ هئي، اُن ۾ ڪا ڄاڻ قابل قبول ۽ ڪا ڄاڻ قابل تردید نٿي ٿي سگھي. بهرحال، قابل قبول علم ۽ ان جو مقدار، جيڪو اسان کي پنهنجي نئين نسل کي ڏيڻو آهي، اُن کي جڏهن اسين عمودي طور، مضمونن يا سبجيڪٽن جي صورت ۾ ورهايون ٿا، ۽ پوءِ اُنهن کي افقي طور ٻ ورهائي رکون ٿا۔ ته جيئن شاگرد جي عمر پٽاندر، ڏاکي بڏاکي، انهن جي پڙهائڻ ۽ پڙهڻ ۾ آساني ٿئي. ان کي اسين هتي پاڻ وٽ ڪريڪيولم جي تربيت ڪاري سڏيون ٿا. ۽ ائين ڪريڪيولم ۾ شامل ٿيل هر قابل قبول مضمون يا سبجيڪٽ کي تدريس لاءِ سال سال، مهيني مهيني، هفتي هفتي، ڏينهن ڏينهن ۽ ڏينهن جي پيريڊن مطابق ٻ اسان کي ورهائي رکڻو ۽ ترتيب ڏيڻو پوي ٿو. ائين اسين ان

ڪي جزن ۾ ورهائي ۽ ترتيب ڏيئي. آسانيءَ سان پڙهڻ ۽ پڙهائي ڪرڻ جو اهتمام ڪري سگهون ٿا. ان قسم جي جزائين ورهاست ۽ ترتيب کي انگريزيءَ ۾ "سلئبس" چئجي ٿو- جيڪو لفظ "سلئبري" بمعنيٰ الف- ب جا اکر' مان نڪتل آهي.

نتيجو

ڪريڪيولم کي اسين سنڌيءَ ۾ جيڪڏهن "سکيا مارگ" چئون ۽ سلئبس کي اُن سکيا مارگ جي 'نشان پٽي يا اکر-پٽي' چئون تہ چئي سگهون ٿا.

پر ڪريڪيولم کي ڪريڪيولم چئون. سلبئس کي سلئبس چئون. يا انهن کي نصاب يا سکيا مارگ چئون. يا نشان پٽي چئون- ان سان ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي. اصل ڳالهہ نئين فڪر. نئين علم. نئين مقصد. نئين جولان ۽ نئين عمل جي آهي- تہ جيئن پراڻ مان نجات ملي ۽ آزاديءَ جو ۽ سک جو ساهہ کڻي سگهون. جيستائين اسان ۾ اها جدت نٿي اچي. اها نواڻ نٿي اچي. جيستائين اسين اهو نئون ڪريڪيولم. اهو نئون سکيا- مارگ نٿا ونون. تيستائين ظاهر آهي تہ اسين پاڻ ۽ پنهنجي نئين نسل کي غلام داريءَ . جاگيرداريءَ. ۽ گهٽي ۾ گهٽو تہ بہ مدي خارج سرمائيداريءَ جو گند پريل دور ۾ ئي رهڻ لائق ڪري سگهنداسين- انساني تاريخ جي اڄ جي. چالو سُڪرمي ۽ صالح دؤر لاءِ. جيڪو عام انسان جو دؤر آهي. هرگز لائق ٻڌجي نہ سگهنداسين.

[1970ع]

سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جو تعليمي سرشتو

سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ثقافت کي زندهہ رهڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهہ کان ڪنهن بہ سمجهدار شخص کي انڪار ٿي نٿو سگهي؛ ڇاڪاڻ تہ منجهن ڪي اهڙيون امتيازي خوبيون موجود آهن، جيڪي جيڪڏهن گم ٿي وڃن، تہ انهن جي پورائي يا تلافي ڪنهن بہ ٻئي ملڪ، ڪنهن بہ ٻيءَ قوم، ۽ ڪنهن بہ ٻيءَ ثقافت هٿان ٿي نہ سگهندي.

قوم ۽ قومي ثقافت جي وجود جو دارومدار ٻوليءَ تي آهي. پر اها ٻولي جيڪا فقط گهرن جي چؤديوارين ۾ يا رڳو زندگيءَ جي رواجي ۽ مختصر معاملن ۾ ئي ڪم ٿي اچي، ۽ قوم جي علمي ۽ ادبي ضرورتن ۽ قومي زندگيءَ جي ٻين اهم معاملن لاءِ ڪارگر نہ آهي، سا موجوده زماني ۾، قوم ۽ قومي ثقافت جي وجود جو ڪو پروسي جهڙو بنياد نٿي بنجي سگهي. ظاهر آهي تہ سنڌي قوم ۽ سنڌي ثقافت کي بہ جيڪڏهن زندهہ رهڻو آهي، تہ ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي پڻ زندهہ رهڻ گهرجي، نہ فقط زندهہ رهڻ، ملڪ کيس لازمي طرح هڪ اعليٰ علمي ۽ ادبي ٻولي پڻ بنجڻ گهرجي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ترقيءَ جا ممڪنات بي انداز موجود آهن، پر سندس گذريل صدها سالن جي تاريخ جا المناڪ داستان شاهد آهن تہ کيس پنهنجي فطري صلاحيتن کي فروغ ڏيڻ جا ڪڏهن بہ ڪي سازگار موقعا نصيب نہ ٿيا آهن. ڏاريان حاڪم سدائين هن ڪوشش ۾ رڌل رهيا تہ علمي ۽ ادبي مرتبو فقط سندن پنهنجين "حاڪمانہ" ٻولين لاءِ ئي مخصوص رهي، تنهن هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ نہ فقط پاڻ

کي زندهه رکيو آهي. پر ايڏيءَ مڪمل ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ رهي ڪري به پاڻ وٽ هڪ اهو عظيم ادبي سرمايو پيدا ڪيائين، جنهن لاءِ دنيا جي هرڪا سڌريل ٻولي به مٿس اڄ رشڪ ڪري سگهي ٿي. تنهنڪري، هاڻي جڏهن چيو ٿو وڃي ته سنڌي ۽ سنڌي قوم آزاد آهن، جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي انهن مڙني بندشن کان آزاد نه ڪيو ويو جيڪي ڏاربن مٿس عائد ڪيون هيون، ۽ وڌڻ ويجهڻ جا اهي سمورا موقعا جن کان ڪيس هيلتائين محروم رکيو ويو هو، ڪيس مهيا ڪري نه ڏنا ويا، ته پوءِ ان کان وڌيڪ بدنصيبي، سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ثقافت لاءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!

اسان جا پوئين کان پويان "نئين روشنيءَ وارا" حاڪم، انگريز، پٽ اسان جي ٻوليءَ کي هڪ "ورنيڪيولر" يعني هڪ "غلامن جي ٻولي" سڏيندا رهيا. جنهن جو مطلب هيءُ هو ته سندن سامهون اسان جي ٻولي هڪ اڻسڌريل، ۽ علمي شان کان ڪِريل ٻولي هئي. اهوئي سبب هو جو ملڪ جي تعليمي سرشتي ۾، هنن پنهنجي "شاهانه" ٻوليءَ جي پيٽ ۾ اسان جي ٻوليءَ کي اها غير اهم جڳهه ڏني، جو هوءَ، خاص طرح علمي ۽ ادبي دائري ۾، اسان لاءِ ڪنهن به ڪم جي نه رهي، ۽ نتيجو هيءُ نڪتو جو اسان جي ٻولي خود اسان جي نظرن ۾ ڪِري پيئي. پرائمري اسڪولن ۾ سو. پنهنجي مادري زبان معرفت، اسان جا ٻار اڏو گابرو انگ اکر سکي سگهيا ٿي؛ باقي سيڪنڊري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ "محڪوم" ٻولي کي شانائتو پير پائي، اها ڳالهه "حاڪمانه" ٻوليءَ جي موجودگيءَ ۾ ڪيئن ٿي ممڪن ٿي سگهي؟ تنهن کان سواءِ، حاڪم جو بنيادي مقصد ته فقط پنهنجي حڪومت کي قائم رکڻ جو هوندو آهي. تنهنڪري، انگريزن کي فقط هڪ محدود تعداد "تعليم يافته" غلامن جو گهربل هو، جن جي هٿان هو پنهنجي حڪومت جو چرخو ڪاميابيءَ سان هلائي سگهن. انهيءَ لاءِ پڻ لازمي هو ته تعليم جو سرشتو اهڙو تجويز ڪيو وڃي، جو هڪ ته اهي "تعليم يافته" غلام ڪٿي به گهرج کان وڌيڪ نه پيدا ٿي وڃن، ۽ ٻيو ته کين تعليم فقط اهائي حاصل ٿئي جا کين "غلاميءَ" لاءِ تيار

ڪري ۽ ان جو خوگر بنائي. سنڌ جي سدا حيات شاعر لطيف اهڙن "تعليم يافته" غلامن جي تعريف، جن کي ڏاريان حاڪم پيدا ڪرڻ گهرندا آهن، هن ريت ڪئي آهي:

جي تون "فارسي" سکيو گولو توءِ غلام،
جو ٻڌو بن ڳالهئين، سو ڪيئن چائي جام؟
اجوي تان "آب" گهري، بکيو تان "طعام!"
ايءُ عامن سندو عام، "خاصن" منجهان نه ٿئي.

انگريزن جو رائج ڪيل تعليمي سرشتو جيڪو بدقسمتيءَ سان اڄ به، اسان وٽ موجود آهي، جنهن کي "تعليم جو به واڌائون سرشتو" ٿو سڏجي، سندن هن حاڪمانه ذهنيت جي عين مطابق، ۽ انهيءَ حاڪمانه مقصد لاءِ لازمي ۽ عين مناسب هو.

"تعليم جو به واڌائون سرشتو" ڇا آهي؟ - اسان جا ٻار جڏهن اسڪولي عمر جا ٿين ٿا، يعني جڏهن ڇهه سال پورا ڪري ستين سال ۾ پير ٿا پائين، تڏهن کين پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيڻو ٿو پوي. ڇهن سالن کان پوءِ، عمر جي يارهين سال ۾، پرائمري ڇهن درجن پاس ڪرڻ کان پوءِ کين هڪ به واڌي تي ٻيهي، پنهنجي آئنده تعليم لاءِ، هڪ واٽ جو انتخاب ٿو ڪرڻو پوي. هڪ واٽ کين، ٽن سالن کان پوءِ، عمر جي تيرهين سال ۾، سنڌي فائنل جي امتحان تائين پهچائي ٿي. ۽ پي واٽ کين سيڪنڊري تعليم ۽ ان کان پوءِ، ڪاليج جي اعليٰ تعليم ڏانهن وٺي ٿي وڃي. جن پهرين واٽ ورتي، تن لاءِ سنڌي فائينل کان پوءِ، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جو انهيءَ واٽ سان، ڪوبه اڳتي رستو موجود نه آهي. سنڌ جي پرائمري اسڪول ۾ جيڪي به ٻار پڙهڻ وڃن ٿا، تن مان گهٽ ۾ گهٽ 90 فيصد ٻار تعليم جي هن پهرينءَ واٽ سان لڳي، وڌيڪ تعليم کان هميشه لاءِ محروم رهجي ٿا وڃن.

سنڌي فائينل امتحان، عمر جي تيرهن يا چوڏهين سال ۾ پاس ڪري، جڏهن کو ٻار اسڪول کان ٻاهر نڪري، عملي زندگيءَ ۾ پير ٿو رکي، تڏهن هو پاڻ کي ڪهڙيءَ ڳالهه لاءِ لائق ٿو پائي؟ غريب کان

غريب ۽ اٽپڙهيل مائٽن جا ٻار ئي هن سنڌي فائينل واريءَ وات سان لڳن ٿا. شاهوڪارن ۽ تعليم يافته مائٽن جا ٻار هميشه وڃي ثانوي ۽ اعليٰ تعليم واري ٻي وات ونندا آهن. انهن غريب ۽ پورهيت مائٽن جي ٻارن کي، سنڌي فائينل انهيءَ لائق ته ڪونه ٿو بنائي، جو هو پنهنجن مائٽن کي، سندن روزمره جي ڏنڊي ۾، پنهنجي حاصل ڪيل "علم" مان ڪو فائدو پهچائي سگهن. هو ته اٽلو پاڻ کي هڪ "پڙهيل" سمجهي، اباڻي ڏنڊي کان عار ڪرڻ شروع ڪري ٿا ڏين: ڪين واقعي ڪا "پڙهيلن" جي شان وٽان. ڏڏيءَ ڇانوَ واري، نوڪري گهرجي! نوڪريءَ جي "نعمت" وري، عمر جي سترهين سال کان اڳ، قانون موجب نصيب ٿيڻي ڪانه اٽن: ڪي يا چار سال ويچارن کي وهي گذارڻا آهن، يا بيڪار رُلي دربدر ٿيڻو آهي! مائٽ ويچارا، پڙهيل پٽن جي اها درگتي ڏسي چون، "اسڪولن ۾ ٻار ڪرن ٿا، پڙهن ته ڪونه ٿا!" عوام جي دل ۾ تعليم لاءِ هاڻي سخت محبت ٿئي، سو ڪيئن ٿئي؟ تعليم مان ماڻهن کي فائدو ڪو پوي ئي ڪين: پوءِ پنهنجي اولاد کي "تعليم" ڏيارڻ لاءِ مٿن زوري نه ڪرٽي پوندي ته ٻيو ڇا ڪرٽو پوندو؟

ٽن چئن سالن جي نڪمي زندگي گذارڻ کان پوءِ، فائينل پاس ڪيل نوجوان لاءِ هڪ نوڪري پرائمري اسڪول جي ماستري آهي. هيءُ نوجوان استاد، سنڌي فائينل تائين: صحيح معنيٰ ۾ ڪهڙو ۽ ڪيترو علم حاصل ڪري چڪو هو، تنهن جي هرڪنهن کي خبر آهي، معمولي انگن اکرن ۽ جاگرافي، تاريخ وغيره جي چند نهايت ٻاراٽين ۽ اڪثر غلط ڳالهين کان سواءِ هن آخر ڪهڙي ڄاڻ پرائي هئي؟ تنهن کان سواءِ، جيڪي ٻه چار اکر هو پڙهيو هو، سي ٻه ٽن چئن سالن جي "واندڪائي" ۾ سندس دل تان گهٽي قدر ميسارجي ئي ويا. پرائمري اسڪولن جا هڻڻيءَ لياقت وارا استاد، پنهنجون اهم ترين تعليمي ذميواريون ڪيتريقدر پوريون ڪري سگهندا هوندا، ۽ ترت ئي پوءِ ٽريننگ ڪاليج ۾ چونڊجي وڃڻ کان پوءِ، اُتي جي اڏوگابرو تربيت مان، آخر ڪيترو فائدو حاصل ڪري سگهندا هوندا،- انهن ڳالهين کي جڏهن خيال ۾ آڻجي ٿو تڏهن ملڪ جي پرائمري

اسڪولن جي تعليم جيئن پوءِ تيئن ڪِرندڙ معيار جو منطق آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي ٿو ويجي.

تعليم جي ٻيءَ، ثانوي ۽ اعليٰ تعليم ڏانھن ويندڙ وات تي، اسان جا ٻار پرائمري چار درجا پاس ڪري، يارھين سال جي عمر ۾، جڏھن پنھنجا پھريان قدم ٿا رکن، تڏھن ھنن لاءِ سنڌن مادري ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي حيثيت گويا ختم ٿيو ٿي ويجي. سنڌن آئندھ تعليم لاءِ اھا کين ڪنھن ٻ ڪم ڪانھ ٿي اچي: ڇاڪاڻ تہ پوءِ جيڪي ڪجھ علم يا ڄاڻ ھو حاصل ڪن ٿا، سا انگريزي ٻوليءَ معرفت. اھڙي طرح جڏھن اعليٰ تعليم حاصل ڪري، ٻاھر زندگيءَ ۾ پير ٿا پائين، تڏھن پنھنجن وٽ ٻ پاڻ کي پرايو پيا محسوس ڪن: پنھنجي تاريخ، پنھنجي ٻوليءَ ۽ ان جي ادبي ميراث کان ھو بنھ بي خبر رھجي ٿا وڃن: عوام ۽ سنڌن وچ ۾ ڪابہ مشترڪ علمي ۽ ادبي ٻولي موجود نہ ٿي رھي. البت ھڪ "سرڪاري" ٻوليءَ ۾ ڪجھ مھارت حاصل ھئڻ سبب، ھنن لاءِ حڪومت جون نندييون وڏيون "نوڪريون" ڪليل رھن ٿيون جن جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ھو صاحب ۽ ڪامورا يا "خواص" سو ضرور بنجي ٿا پون.

مٿئين سموري بحث مان مراد فقط ھن ڳالھ جي ثابت ڪرڻ آھي تہ اسان جي موجوده تعليمي سرشتي جي ٻنھي واٽن مان ڪابہ وات اسان جي پڙھيل طبقي جي دلين ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي ادب لاءِ ڪابہ محبت ۽ وابستگي ڪانہ ٿي پيدا ڪري. سنڌي فائينل پاس ڪيل نوجوانن جي تعليم ايتري تہ مختصر ۽ اڻپوري ٿي ٿئي، جو اھا کين سنڌي ٻوليءَ جي خوبين ۽ ان جي لافاني ادب جي عظمت سان ڪڏھن ٻ روشناس نٿي ڪري. ثانوي ۽ اعليٰ تعليم يافتہ نوجوانن کي، سنڌن علمي ۽ ادبي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾، سنڌن پنھنجي سنڌي ٻولي ڪابہ خاص مدد ڪانہ ٿي ڪري.

اڄ دنيا ۾ ڪوبہ ملڪ موجود نہ آھي، جتي گھٽ ۾ گھٽ اھا تعليم، جيڪا ھڪ سڌريل ۽ مھذب شخص لاءِ موجوده دنيا ۾ لازمي سمجھي ٿي ويجي، سا اتان جي ماڻھن کي سنڌن پنھنجي مادري ٻوليءَ

معرفت نہ، پر ڪنهن ٻيءَ ڏارين هوليءَ معرفت ڏني ويندي هجي. سنڌ، پنهنجي سالياني جملي آمدنيءَ جو تقريباً چوڏون يا پنجون حصو تعليم تي خرچ ڪري ٿي. دنيا جا ڪي ٿورا ملڪ آهن، جيڪي پنهنجي آمدنيءَ جو ايڏو حصو تعليم تي خرچ ڪندا هوندا. تنهن هوندي بہ سنڌ ۾ تعليم جو معيار يا ان جو ڦهلاءُ ڪنهن بہ صورت ۾ تسلي بخش نہ آهي. چوندا آهن تہ وڻ ڪي سندس ميوي مان پرکبو آهي. جيڪڏهن ايتري زياده خرچ کان پوءِ بہ، سنڌ ۾ تعليم جي حالت واقعي ايتري قدر افسوس ڪرڻ جهڙي آهي، تہ ان لاءِ ظاهر آهي تہ تعليم جو مٿي بيان ڪيل سرشتو ئي جوابدار ٿي ٿو سگهي؛ ان تي آئنده پڻ جيڪو بہ پيسي جو ۽ وقت وغيره جو خرچ ڪبو سو اڪثر ضايع ئي ٿيندو رهندو.

تعليم جي موجوده بہ واڌائين سرشتي سبب، سنڌي هوليءَ، ۽ ان جي علمي ۽ ادبي ترقيءَ آڏو ڪهڙيون رڪاوٽون اچي حائل ٿين ٿيون، تن جي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ ضروري نہ آهي. سنڌي اخبارن، سنڌي رسالن ۽ سنڌي ڪتابن جي سُست اشاعت، ۽ انهن جي محدود ڦهلاءَ مان ثابت آهي تہ سنڌي قوم جو پڙهيل طبقو پنهنجي مادري زبان جي واڌاري ۾ اها دلچسپي ڪانہ ٿو ڏيکاري، جيڪا ڪيس ڏيکارڻ گهرجي. پڙهيل طبقي کي آخر ڏوهہ بہ ڪيئن ڏيئي سگهجي. سنڌي فائينل پاس ڪيل شخصن کي ايتري تعليم ڏني ئي نٿي وڃي، جو هو ڪي ڪتاب لکي سگهن؛ مختصر تعليم سبب سندن دلين ۾ علم لاءِ ايترو پائدار ذوق بہ پيدا نٿو ٿئي، جو منجهن اخبارن، رسالن يا ڪتابن پڙهڻ جي عادت پئجي وڃي؛ ثانوي ۽ اعليٰ تعليم يافتہ سنڌي پنهنجو علمي ۽ ادبي ذوق فقط انگريزيءَ جي تصنيفات معرفت پورو ڪرڻ سکيا، ۽ جيڪا ٿوري گهڻي ڄاڻ هنن ڏارين هوليءَ مان حاصل ڪئي، سا هو پنهنجي هوليءَ ۾ ظاهر ڪرڻ کان معذور آهن. هن صورتحال ۾، سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب ڪير لکي، ڪير شايع ڪري، ۽ ڪير خريد ڪري؟ جڏهن ڪنهن هوليءَ جي پرورش ۽ خدمت خود سندس پنهنجن پڙهيل فرزندن وٽ بہ ايتري مختصر انداز ۾ ٿيندي هجي،

تڏهن ان ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي ترقيءَ جون ڪهڙيون اميدون رکي سگهجن ٿيون!

گذريل صدها سالن جي عرصي ۾ ڏارين حاڪمانہ ٻولين جي ايتري دٻاءَ ۽ غلبي هوندي بہ، جو سنڌي ٻولي زندهہ رهي سگهي آهي، تنهن لاءِ سنڌ جي پڙهيل طبقي کي شاباس نٿي ڏيئي سگهجي. ان لاءِ سنڌ جا اڻ پڙهيل ڳوٺاڻا ئي جس جا لائق آهن. سنڌ جي پڙهيل صاحبن تہ پنهنجي پنهنجي زماني جي حاڪمن مٿان نافذ ڪيل تعليمي سرشتي جي اثر هيٺ، شعر ۽ شاعري بہ ڏارين ٻولين ۾ ڪئي، پنهنجي سچيءَ علمي ۽ ادبي تخليق سان پڻ ڏارين ٻولين کي ئي نوازيو. اڄ انهن "سنڌي" اديبن ۽ عالمن جا فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ لکيل سوين ديوان ۽ ٻيا انيڪ علمي ۽ ادبي ڪتاب، قلمي نسخن جي صورت ۾، اسان وٽ موجود آهن. سندن اهي قلمي محنتون ۽ ذهني عرق ريزيون جڏهن اڄ اسان پنهنجن اکين سان ڏسون ٿا تہ محض مٿيءَ ۽ اڌوهيءَ جو ڪاڄ ٿي رهيون آهن. تڏهن دل کي واقعي ڏک ۽ صدمو ٿو رسي، تہ جن ڏارين قومن جي ٻولين جي ايتري خدمت اسان جي بزرگن ڪئي، خود انهن قومن سندن انهيءَ بي بها پورهئي کي رڳو منهن ورائي بہ ڪڏهن ڪين ڏٺو. شاهہ لطيف رحہ جي زبان ۾ اسان جي هنن مرحوم اديبن ۽ عالمن جو بلڪل هيءُ حال ٿيو. جو "اُجيا تان 'آب' گهرن، بکيا تان 'طعام'، اي عامن سندا عام، 'خاصن' منجهان نہ ٿيا!" غور فرمايو تہ جيڪڏهن اسان جا اهي سمورا بزرگ پنهنجي علمي ۽ ادبي تخليق سان خود پنهنجيءَ سنڌي ٻوليءَ کي سينگارڻ جي ڪوشش ڪن ها تہ هوند اڄ اسان جي هيءَ غريب ٻولي ڪيڏي نہ اوج تي رسيل هجي ها. ٻيو نہ، تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ ان حالت ۾ اڄ سندن تصنيفن کي هٿ ۾ کڻي پڙهڻ وارا اسان تہ موجود هئاسون! سنڌ ۾ ڏارين ٻولين جي تسلط وارن زمانن کي اڄ ياد ٿو ڪجي، تہ پڌري پٽ معلوم ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن انهن زمانن مان ڪنهن بہ هڪ زماني ۾ ڪنهن ڏارين ٻوليءَ ذريعي تعليم سو فيصدي سنڌ ۾ عام ٿي وڃي ها، يعني سنڌ جا سمورا ٻار، زالون ۽ مرد سڀ عربيءَ، فارسيءَ يا انگريزيءَ

ذريعي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ سکي ويڙن ها. تہ ان زماني کان وٺي سنڌ ۾ نہ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ وارا، نہ پڙهڻ وارا ۽ نہ ڳالهائڻ وارا ئي ڪي رهن ها. سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سڀيتا ۽ ثقافت دنيا جي تاريخ تان غلط حرف وانگر ميسارجي ويڃي ها. ۽ اهو سڀ‌کجهہ فقط ان زماني جي مروج تعليمي سرشتي جي سبب ئي ٿئي ها. هنن ڳالهين پيش ڪرڻ مان مراد هيءَ آهي تہ ثابت ٿئي تہ قوم، قومي ٻوليءَ ۽ قومي ثقافت لاءِ تعليمي سرشتو ڪيترو نہ خطرناڪ ۽ مهلڪ ثابت ٿي ٿو سگهي!

اسان جي پوين حاڪمن، وري بہ، اها اسان تي "مهرباني" ڪئي جو اسان لاءِ تعليم جو بہ واٽائون سرشتو پسند ڪيائون، ۽ هڪ واٽ، پوءِ اها ڪٽي ڪيتري بہ مختصر ۽ نڪمي واٽ هئي، اسان کي پنهنجي مادري زبان تائين پهچڻ ۽ ان کي جيئري رکڻ لاءِ پڻ موجود ڪري ڏنائون. نہ فقط ايترو پر هنن پاڻ بہ سنڌي ٻوليءَ جون لافاني خدمتون ڪيون. عربي ۽ فارسي ٻولين جي حاڪميت وارن دورن ۾ تہ تعليمي سرشتو بنهہ هڪ ئي واٽائون هو. جنهن تي سواءِ عربيءَ جي، يا فارسيءَ جي، ٻيءَ ٻوليءَ جو نشان بہ نٿي مليو. اڄ پڻ ڪن دلين ۾ اهي خواهشون موجود آهن تہ ڪنهن طرح اهو ساڳيو "هڪ واٽائون" تعليمي سرشتو رائج ٿئي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو نشان بہ نہ ملي. اڳ ئي، سمورن تسليم شده تعليمي ۽ نفسياتي اصولن کي ظاهر ظهور نظرانداز ڪري، سنڌ ۾ سنڌي ٻارن لاءِ نائين سال جي عمر ۾، ٻئي پرائمري درجي پاس ڪرڻ کان پوءِ، ٻي هڪ ٻولي يعني اردو پڙهڻ بہ لازمي ڪئي ويئي آهي. ڪراچي ثانوي تعليم جي بورڊ، جيڪو ثانوي تعليم جو ڪورس مرتب ڪيو آهي، جنهن تي ڪراچيءَ جي اسڪولن ۾ عمل بہ ٿي رهيو آهي، تنهن ۾ اردو، ٻولي، اردو ڳالهائيندڙ توڙي غير اردو ڳالهائيندڙ شاگرد لاءِ لازمي ڪئي ويئي آهي؛ ۽ سنڌي، خود سنڌي شاگرد لاءِ بہ لازمي نہ آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن طرفان هيءُ دڙڪو موجود آهي تہ ڪنهن خاص عرصي کان پوءِ هو سنڌي ٻوليءَ کي امتحانن ۾ جوابن لاءِ هڪ منظور ٿيل ٻولي تسليم نہ ڪندا آهن. اهي ۽ ٻيون اهڙيون ڳالهيون ثابت ٿيون ڪن تہ موجوده

حالتن ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي سامهون هڪ اها ٻولي اچي پيش ٿي آهي، جنهن جو ڪن ٻڪالهين ۾ سنڌيءَ سان ظاهريءَ طرح نهايت قريبي رشتو آهي، ۽جنهن جي پيش ڪرڻ وارا خود اسان جا ئي هم وطن ۽ وڏي ٻڪالهه ته هم مذهب ٻائر آهن، ۽ جيڪا هڪ نهايت ئي منظم طريقي ۽ ظاهري طرح انتهائي دلڪش ۽ دلپذير دليلن سان اسان جي سامهون پيش ٿي رهي آهي، ۽ سڀ کان وڏي ٻڪالهه ته اڄ جڏهن تعليم سو فيصدي عام ڪرڻ قومن جي زندگيءَ جو هڪ لازمي ۽ بنيادي اصول بنجي چڪو آهي، جيڪڏهن انهن حالتن ۾ اسان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي نه فقط محفوظ رکڻو آهي، بلڪ ان کي علمي ۽ ادبي حيثيت ۾ اڳتي وڌائڻو آهي، ته پوءِ اسان کي پنهنجي تعليمي سرشتي جي مدد سان ئي اهو مقصد حاصل ڪرڻو پوندو.

سنڌي ٻار کي صحيح معنيٰ ۾ تعليم سان روشناس ٿيڻو آهي، ۽ ٿيڻ گهرجي، ۽ اها تعليم ڪيس سنڌس پنهنجي مادري زبان ذريعي ئي حاصل ٿيڻ گهرجي. اهواسان جو پيدائشي حق ٻه آهي، ۽ بنيادي فرض ٻه. ان لاءِ هڪ ته اسان کي پنهنجي سموري تعليمي سرشتي کي بنهه نئين سر ناهڻو پوندو، ۽ ٻيو ته ان لاءِ اسان کي سوين مناسب ۽ مفيد ڪتاب يا اصل لکڻا پوندا، يا ترجمو ڪرڻا پوندا. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهٽگهرن جي سامهون اڄ انهن ٻن مقصدن کان سواءِ ٽيون مقصد ڪا اهميت ڪونه ٿو رکي.

سنڌي ادبي بورڊ، انهن ٻن عظيم مقصدن کي سامهون رکندي، هڪ طرف تصنيف، تاليف ۽ ترجمي جوهڪ پنج سالائون پروگرام مرتب ڪيو آهي، جنهن دوران کين انهيءَ عرصي ۾ تقريباً ٽن سؤ علمي ادبي ڪتابن جي شايع ڪرڻ جو ارادو آهي، ۽ ٻئي طرف هنن هڪ مڪمل تجويز سنڌ سرڪار جي تعليمي ڪاتي اڳيان پيش ڪئي آهي ته سنڌ اندر موجوده ٻه واڌائين تعليمي سرشتي کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي موجوده مئٽرڪ جي علمي معيار واريءَ منزل تائين ٽيندڙ خالص هڪ واڌائون تعليمي سرشتو رائج ڪيو وڃي، جنهن ۾ سموريءَ تعليم جو ذريعو سنڌي ٻولي هجي. نهايت خوشيءَ جي ٻڪالهه

آهي جو هڪ طرف سنڌي ادبي بورڊ کي پنهنجي هن وسيع ۽ اهم اشاعتي پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار وٽان وقت بوقت فياضانہ مالي امداد حاصل ٿيندي ٿي رهي، ۽ ٻئي طرف، سنڌ سرڪار، بورڊ جي مٿئين تجويز کي اصولي طرح قبول ڪري چڪي آهي. بورڊ جي هن تجويز کان متاثر ٿي، سنڌ جي اڳئين وڏي وزير صاحب سنڌ اسيمبليءَ جي گذريل اجلاس ۾ پنهنجي سالياني (1955-1954ع) بجيٽ واريءَ تقرير ۾ هن مسئلي متعلق، سنڌ سرڪار جي پاليسيءَ جي هيٺين لفظن ۾ اعلان ڪرڻ فرمايو:

"حڪومت سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏيندي اچي ٿي. سنڌيءَ کي صوبائي زبان جي حيثيت ۾ جوڳي اهميت ڏيڻ لاءِ مناسب اپاءُ ورتا ويندا. موجوده وقت سنڌي ابتدائي اسڪولن ۾ ورنيڪيولر فائينل جي درجي تائين سيکاري وڃي ٿي. ٻئي طرف، ثانوي ۽ مڊل اسڪولن ۾ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي به سيکاري وڃي ٿي ۽ وڏن درجن ۾ شاگردن کي گهٽن ڪمن ۾ انگريزيءَ وسيلي پڙهايو وڃي ٿو. تنهنڪري ابتدائي ۽ مڊل اسڪولن ۾ ساڳئي درجن لاءِ نصاب جدا آهي. تعليم جي هن ٻٽي سرشتي عوام کي سخت نقصان پهچايو آهي. جيڪي شاگرد ابتدائي اسڪولن ۾ ورنيڪيولر فائينل درجي تائين تعليم حاصل ڪن ٿا، تن کي وڌيڪ تعليم نٽي ڏيئي سگهجي. جيستائين هو ٻيهر ڪنهن مڊل يا هاءِ اسڪول ۾ پهرئين درجي کان پڙهائي شروع ڪن. ابتدائي اسڪولن ۾ تعليم جو معيار تمام گهٽ آهي. ابتدائي اسڪول جا تمام ٿورا شاگرد مڊل اسڪول يا هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺن ٿا، نتيجو اهو نڪري ٿو تہ بنيادي تعليم کان حقيقت ڪري کين محروم رکيو وڃي ٿو. منهنجي حڪومت تعليم جي هن ٻٽي سرشتي کي سڌارڻ جي سوال تي غور ڪري رهي آهي. ابتدائي ۽ ثانوي اسڪولن ۾ تعليم اهڙيءَ ريت ڏيڻ گهرجي، جيئن اجايو بوجو يا وقت جو زيان نہ ٿئي. منهنجي حڪومت جو وڌيڪ ارادو آهي تہ شاگردن کي مٿرڪ تائين هدايتون مادري زبان ۾ ڏيڻ گهرجن."

[سماهي "مهراڻ" - سيارو 1955ع]

سنڌي ٻوليءَ جو مختصر جائزو

ٻولي

"ٻوليءَ" جي مفهوم ۾ ان جو ڳالهائجڻ ۽ لکجڻ ٻيئي شامل آهن. ظاهر آهي ته ٻوليءَ جي انهن ٻن حيثيتن ۾ وڏو فرق آهي. ڳالهائجڻ جي حيثيت ۾ ٻولي ڦرندي گهرندي ٿي رهي. سندس آواز، اُچار، لهجو، لفظ ۽ انهن جون معنائون ڪي قدر هميشه بدلجنديون ٿيون رهن. هي چوندا آهن ته "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي"، سو به ٻوليءَ جي انهيءَ ڳالهائجڻ واريءَ حيثيت کي خيال ۾ رکي ائين چوندا آهن. هڪڙيءَ ٻوليءَ جا هڪ کان وڌيڪ مقامي روپ، انهن مقامي روپن مان اڳتي هلي جدا جدا ٻولين جو نهڙ، ۽ اهڙي طرح شروعات ۾ دنيا جي بنهه ٻن ڇڻ ٻولين مان وڌي اڄ جي صدها ٻولين جو وجود ۾ اچڻ، اهي سيئي "ٻوليءَ" جي ڳالهائجڻ واريءَ حيثيت جا ڪرشما آهن. برخلاف ان جي، ٻوليءَ جي لکجڻ واري حيثيت، ٻوليءَ جي انهيءَ ڦيرگهير کي ڪافي حد تائين روڪي ٿي، ۽ ان ۾ هڪ قسم جي هڪجهڙائي ۽ دائميت پيدا ٿي ڪري هڪ دفعو ٻوليءَ جي صورتخطي، سندس لفظن جي هِجي ۽ معنيٰ، جملن جي ترتيب ۽ ان جا اصول، تحريري صورت ۾ قائم ٿي ويا. هڪ دفعو ڪنهن ٻوليءَ پنهنجو ادبي سرمايو تحريري صورت ۾ محفوظ ڪري ورتو، هڪ دفعو ڪنهن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن ان جي علمي ادبي ترقيءَ جا سامان ۽ ان جي علم سکڻ ۽ سيکارڻ جا وسيلا پيدا ڪري ورتا ته پوءِ ان ٻوليءَ گويا پنهنجو مستقبل دائمي طور محفوظ ڪري ورتو ۽ پڙ چئبو ته پوءِ ان ٻوليءَ ۾ ڪنهن بنيادي تبديلي يا بگاڙي اچڻ، جا امڪان بنهه ختم ٿي چڪا.

سنڌي ٻولي، ۽ ان جا ڳالهائيندڙ

اسان جي موجوده سنڌي پنهنجي سر هڪ قديم ٻولي هجي يا نہ، هوءَ هڪ قديم النسل ٻولي آهي، تنهن کان ڪنهن کي به انڪار ڪونهي. عيسوي سن کان به ايائي هزار ورهيه اڳ سنسڪرت ٻولي سنڌ (۽ هند) ۾ داخل ٿي. تنهن کان اڳ موهن جي دڙي جي سپيتا جي ڪهڙي ٻولي هئي، ۽ ان سان اسان جي موجوده سنڌيءَ جو ڪهڙو ۽ ڪيترو لاڳاپو ثابت ٿي سگهي ٿو ان متعلق فقط تڏهين ئي ڪي ڪجهه چئي سگهبو. جڏهن موهن جي دڙي مان لڏل مهرن تي جيڪي حرف لکيل آهن، تن جي پڙهڻ ۾، ۽ اهي حرف ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، ان ٻوليءَ جي سمجهڻ ۾ دنيا جا عالم ڪامياب ٿي سگهن. بهرحال، سنڌيءَ جو سڌو سنئون بنياد، سنسڪرت کي ئي شمار ڪيو ٿو ويجي. اوائلي سنسڪرت بدلجي، وچولي درجي واري سنسڪرت ۽ پوءِ آخرين قسم جي سنسڪرت جو روپ اختيار ڪيو: ان کان پوءِ پراڪرت جي مختلف قسمن مان هڪ يعني اپيرنش پراڪرت جي بگڙيل صورت، جنهن کي وراچڊ اپيرنش چيو ويجي ٿو، وجود ۾ آئي: وراچڊ اپيرنش ۾ وڌيڪ جو بگاڙو ۽ ڦيرو آيو، تنهن اٽڪل يارهين صدي عيسويءَ ۾، اسان جي موجوده سنڌيءَ کي جنم ڏنو. اڄ خود سنڌيءَ جا ڇهه ـ ست (نهايت هلڪا) مقامي روپ آهن، جهڙوڪ: اترادي (ڪنهن حد تائين) سرائڪي، وچولي، لاڙي، لاسي، ٿري ۽ ڪچي. سندس ڪل ڳالهائڻ وارن جو تعداد ست لک کن آهي، جيڪي پاڪستان ۾ سنڌ، خيرپور ۽ لسبيلي جي رياستن ۾ ، ۽ هوڏانهن هندستان ۾ بمبئي ۽ اجمير جي شهرن ۽ راجستان جي ڪچ، ڪاٺياواڙ ۽ جوناڳڙهه وارن پاڻ ۾ پکڙيا پيا آهن.*

---

* هي مضمون 1955ع جو ڪليل آهي، جنهن ۾ ڪاڪي پيرومل ۽ ٻين وارو نقطه نظر ظاهر ڪيل آهي، يعني سنڌي سنسڪرت مان نڪتل آهي. جيڪو نظريو اڄتي هلي سراج ۽ جويي صاحب رد ڪيو. سنڌين جي هاڻي آدم شماري پنجن ڪروڙن کان مٿي آهي. (محسن)

سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا

"ملڪ" جي ورهاڱي کان پوءِ، اتڪل اٺ لک سنڌي هندو سنڌ کي ڇڏي هندستان ويا، ۽ اتان اتڪل ٽي لک ڪڇي، ڪاڪياواڙي ۽ جھوناڳڙهي ميمڻ ۽ ٻيا جن جي مادري ٻولي (فقط ڳالهائجڻ جي حيثيت ۾) ڪڇي سنڌي آهي، سنڌ ۾ لڏي آيا آهن. انهيءَ ۾ دوطرفي لڏپلاڻ، سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ ڪي اهم ۽ مشڪل مسئلا پيدا ڪيا آهن، جن کي سمجھڻ ۽ حل ڪرڻ اسان جو فرض آهي. ڪچ جي هڪ عوامي شاعر شري ڪاراڻيءَ، هتان کان اوڏانهن لڏي ويل سنڌين جي آڇيان ۾، پنهنجي ڪڇي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ گيت چيو آهي.* ساڳيءَ ريت جيڪڏهن ڪچ کان هيڏانهن لڏي آيل پنهنجن سنڌي ٻائرن جي هتي اسين ۾ اهڙي ئي قسم جي آڇيان ڪريون، ۽ ان نموني سنڌ توڙي هند جا سڀ نوان ۽ پراڻا سنڌي گڏجي پنهنجي پنهنجي منهن، پنهنجي مادري ٻوليءَ جي خدمت ۾ لڳي وڃون، تہ هوند سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ساهتيہ جو مستقبل نهايت شاندار ٿي سگهي ٿو. جيئن هتي پاڪستان جي لسبيلي رياست جي ماڻهن جي جيتوڻيڪ مادري ٻولي سنڌي آهي، تنهن هوندي ۾ تعليم کين اردو ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ٿي، تيئن هتي هندستان ۾ جيڪي ڪڇي ۽ ڪاڪياواڙي "سنڌي" آهن، تن کي تعليم گجراتيءَ ۾ ڏني وڃي ٿي. ڪهڙو نہ ڇڪو ٿئي، جو هيڏانهن لسبيلي جي سنڌي ٻائرن کي ۽ هوڏانهن ڪڇي ۽ ڪاڪياواڙي ٻائرن کي پنهنجي مادري زبان ۾ تعليم ملي. ان مان وڌيڪ لکڻ پڙهڻ وارا ملي ويندا، ۽ ٻوليءَ جي ادب ۾ ۽ اضافو ٿيندو. اهو اسان جو ئي فرض آهي تہ ان لاءِ ڪو اهڙو آواز اٺاريون، جو اهي لاسي، ڪڇي، ڪاڪياواڙي ۽ جھوناڳڙهي ٻائر، هت ۽ هت، انهيءَ ڳالهہ جي ضرورت محسوس ڪري، اسان سان ساٺ ڏين. ۽ پنهنجيءَ منڍيءَ مادري زبان لاءِ ڪجھ ڪن!

"ورهاڱي" جي ڪري، جيڪي سنڌي ٻارت ۾ وڃي آسودا ٿيا آهن، سي ۽ اسان وانگر سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪاڻ ادب ۽ ساهتيہ

---

* اهو گيت، مهراڻ جي نمبر 3 (اونهارو) سال 1955ع ۾ صفحي 177 تي ڇپيل آهي. (محسن)

ڪي ميدان ۾ آڻي رهيا آهن. هنن جو نئون ماحول، جو گهڻو ڪري گجراتي، مرهٽي ۽ هندي ٻولين جو ماحول آهي، ضرور هنن جي ٻوليءَ تي ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾ پنهنجو اثر ڪندو. اسان وٽ به اردوءَ جو وايومنڊل اسان جي ٻوليءَ ۽ ادب تي اثر ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڪري ٻوليءَ جي گهڻگهرن لاءِ اهو به هڪ مسئلو آهي ته اهو اثر متان ڪن سالن جي عرصي کان پوءِ اهڙو گهرو ۽ اونهون ٿي وڃي، جو هتي جي سنڌي ٻولي، اردو، فارسي ۽ عربي لفظن جي گهڻي ٽنبجڻ ڪري پارت جي سنڌي سڃڻن لاءِ ماڳهين اوپري ٿي پوي- ۽ هتي جي سنڌي، هندي، مرهٽي ۽ ٻين ٻولين جي غير مانوس لفظن جي ڪري، هتي اسان سنڌين لاءِ سمجهڻ کان ڳري ٿي پوي. ٻنهي طرفن جي سنڌي اديبن ۽ ليکڪن تي اهو فرض آهي ته ٻولي اهڙي لکن ، جنهن ۾ ڌارين ٻولين جو اٽسهائيندو غير ضروري ۽ اجايو استعمال نه هجي، ۽ منجهس سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي سوڀيا ۽ سلوٽائي قائم رهندي اچي. نه رڳو اهو پر هينئر پارت ۾ جو مسئلو اٽيو آهي ته ٻوليءَ جي لپي ڪهڙي رکجي- عربي يا ناگري؟ - سو اسان سيني لاءِ ڏيان جوڳو مسئلو آهي. اسين ته پنهنجن ٻائرن کي منت اها ڪنداسين ته هو پنهنجي ٻوليءَ جي صدقي ان جي لپي اهائي قائم رکن، جنهن ۾ اسان جو گڏيل علمي ۽ ادبي خزانو ۽ صدين جي سيٻيتا محفوظ ٿيل آهي. لپيءَ جي هاڻوڪي صورت، جيئن به آهي، اسان جي ادبي ضرورتن سارو آهي- ۽ لپيءَ کي ڦيرائڻ مان هِتي ۽ هُتي جي سنڌين جو ويڇو پئجي ويندو، تنهن جو منجڻ پوءِ محال ٿي پوندو.

انهن سمورين ڳالهين سان گڏ، ٻوليءَ جون ٻيون به ضرورتون ڏيان جوڳيون آهن- مثال طور، اسان جي لفظن جي صورتخطي يا هِجي يا گرامر جي صورت سڀ کنهن هنڌ ساڳي هئڻ گهرجي. جيتوڻيڪ لکجڻ جي حيثيت ۾، اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪافي هڪجهڙائي ۽ دائميت پيدا ٿي چڪي آهي، تنهن هوندي به ڪيترائي لفظ آهن جيڪي مختلف هنڌن تي مختلف ماڻهو جدا جدا لکن ۽ ڪم ۾ آڻين ٿا- مثال طور: (1) "نون غني" وارا لفظ (چڱو چنگو چڱون، چنگون، وغيره)،ء، و

۽ ي" وارا لفظ جن ۾ اهي حرف علت، حرف صحيح طور ڪم ٿا اچن. ۽ هڪٻئي ۾ پيا ملجن سنجن (هڪا، هوا، هيا، وغيره)، "اِي يا اَو" پڇاڙيءَ وارن لفظن جون اهي صورتون، جن ۾ "الف همزو" پنهنجي استعمال ڪرڻو آهي ڇوڪريءَ رنو، ڇوڪري رنو، منوءَ کي، منو کي، وغيره" "هاي ساکت" پڇاڙيءَ وارا فارسي لفظ (زمانہ، وغيره) جن کي سنڌي صورت ۾ آڻڻ گهرجي (زمانو، زمانا، زماني" وغيره)، الڳ الڳ معنيٰ ۽ وجود رکڻ وارا هڪٻئي سان لاڳاپيل لفظ، جيڪي هڪٻئي کان الڳ ڪري لکجن (مون کي، مونکي، تنهن کان سواءِ، تنهن کانسواءِ، ٻيءَ طرح، ٻيئطرح، وغيره)، لفظ جيڪي گڏي لکڻ گهرجن (منهنجو، منهن جو، پنهنجو، پنهن جو، تنهنجو، تنهن جو)، وغيره. ٻوليءَ ۾ وزن، اثر ۽ سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ بيهڪ جي نشانين (.،!؟ " " ' ' ـ .) جو استعمال نهايت ضروري آهي. دنيا جي سڀڪريل ٻولين جي حالت ۾، صورتخطيءَ يا هِجي جي چُڪن، بيهڪ جي نشانين جي غلط واپرائڻ، ۽ لفظن جي غير موزون، نامناسب يا ضروري استعمال ۽ اهڙين ٻين خالص فني خامين کي هايت عيبدار ڳالهہ سمجهيو ويندو آهي. انهن چيزن کي نظرانداز ڪرڻ سان اسان جا اديب ۽ ساهتيہ ڪار، پنهنجي ٻوليءَ جي هڪجهڙائيءَ ۽ دائميت کي وڏو ڏڪ ٿا هڻن. انهيءَ طرح جا مسئلا ويهي ڳولبا تہ بيشمار اهڙيون ڳالهيون ملنديون، جي اسان جو ڌيان ڇڪائيندیون. هنن جزوي مثالن جو مقصد رڳو اهو آهي تہ انهن سموربن ڳالهين تي سوچي، ويچاري اسين اهڙي ڪوشش ڪريون، جو ٻوليءَ جا اهي مسئلا ڪاميابيءَ سان حل ٿيندا رهن. ۽ اسان جو ادبي ۽ علمي خزانو مفاصلي، ماحول ۽ زماني جي ڦيرين گهيرين هوندي بہ سدائين وڌندو ويجهندو رهي.

سنڌي ريڊيو استيشن

ٻوليءَ جي سپيتا کي قائم رکڻ لاءِ ٻوليءَ جي لکجڻ واريءَ صورت سان گڏ، ڳالهائجڻ وارو پهلو بہ مکيہ آهي. ڳالهائجڻ ۾ اچڻ وقت، ٻولي جدا جدا هنڌن تي جدا جدا صورتون ونندي آهي. مفاصلو ۽ ماحول

جڏهن به متبو. تڏهن ڳالهائجڻ واري صورت به هري هري ٿي متجڻ شروع ڪندي. اسان جي سنڌي به ائين ڪيترين صورتن ۾ متجندي رهي آهي. اتر ۾ ٻوليءَ جي، ڳالهائجڻ ۾، صورت هڪڙي آهي، لاڙ ۾ ٻي، ٽر ۾ ٽي، ته ڪچ ۾ وچئون چوٿين. اهو صرف انهيءَ ڪري ٿئي ٿو، جو ماڻهن جا ماحول جدا جدا آهن. جيئن جيئن ماڻهن جي پاڻ ۾ ملڻ جا ذريعا گهٽ هوندا، تيئن ٻوليءَ جون صورتون متبيون رهنديون آهن، لهجي ۽ اچار ۾ فرق پوندو آهي. انهيءَ جو علاج لکڻ جي صورت ۾ ڪرڻ کان سواءِ، ڳالهائجڻ ۾ هڪجهڙائي ۽ مرڪزيت پيدا ڪرڻ سان به ٿي سگهندو آهي. هاڻي ته ملڪ ۾ ماڻهن جي پاڻ ۾ ملڻ جلڻ جا ذريعا به عام جام آهن- پر ان هوندي به ماڻهن جي تعليمي طرح پوئتي پيل حالت انهيءَ جي اثر کي زائل ڪريو ڇڏي. انهيءَ ڪري ماڻهن جي تعليم عام ڪرڻ سان ئي ٻوليءَ جي دائمي مرڪزيت قائم رهي سگهندي. ٻوليءَ ۾ اها هڪجهڙائي ۽ مرڪزيت پيدا ڪرڻ ۾ ريڊيو ڪارائتي چيز آهي. ريڊيو ذريعي، ٻولي دنيا ۾ هر هنڌ پنهنجي صحيح ۽ مرڪزي صورت ۾ ماڻهن تائين پهچي سگهي ٿي. ان کان سواءِ، سپيتا جون مکيه ضرورتون ۽ ڪيفيتون ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ ريڊيو جو وڏو هٿ آهي. اسان جي سنڌ، هيل تائين انهيءَ کان محروم هئي، پر تازو حيدرآباد ۾ ريڊيواسٽيشن کولي ويئي آهي. اهو سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي تهذيب لاءِ ڏاڍو سنو سوڻ آهي. سچ پچ ته ريڊيو ٻوليءَ جي مختلف اُچارن ۽ صورتن، ۽ سپيتا جي مختلف پهلوئن ۾ هم آهنگي، هڪجهڙائي ۽ دائميت پيدا ڪرڻ جو ڪارائتو وسيلو آهي. اسان کي اميد آهي ته حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن انهيءَ ڏس ۾ ڪارائتا قدم کڻندي.

[مهراڻ :اونهاري سال1955ع]

پاڳو ٽيون

سنڌي پوليءَ جو سياسي ڪيس

سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ رهندي يا نہ؟

ڪراچي هڪ معروضي حقيقت طور، جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ جو (اَٽُٽُ) حصو رهي آهي. 1948ع تائين ان سياسي، تعليمي، واپاري ۽ ثقافتي وغيره جي لحاظ کان سنڌ جو حصو وضع پئي ڪيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جا هيڊڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ هئا، جنهن ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن جو انتظام پئي هلايو.

1948ع جي "سدوري" سال ۾، پاڪستان جي وفاقي حڪومت اهو فيصلو ڪيو تہ ڪراچي هاٽي کان اڳتي سنڌ جو حصو نہ رهڻ گهرجي. 1955ع جي (هڪ ٻئي) "سياڳي" سال ۾ وري ساڳين اختيارين اهو فيصلو ڪيو تہ سنڌ کي هاٽي کان اڳتي سنڌ (صوبي) طور وجود نہ رکڻ گهرجي. ان (جي وجود) کي ميسارڻ لاءِ ون يونٽ مڙهيو ويو. اهو سڀ ڪجهہ سنڌ جي ياڳ جي ياڳي ۾ آيو. قديم ۽ فراخدل سنڌ کي پاڪستان جي قيام جا اهڙا ٿورا پلئہ پيا.

جڏهن پاڪستاني نقشي تان "سنڌ" جو نالو ڪٽيو ويو ٿو، تہ پوءِ، منطقي طرح سنڌي زبان کي پڻ گم ٿي وڃڻ گهرجي. پاڪستان جي اسلامي جمهوريہ کي مليل اختيارن جي اهائي سوچ ۽ خيال هوندو. سنڌ ۽ ان جي ٻولي- سنڌي ٻوليءَ جي تقدير بحران ۾ آيل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي سدائينءَ لاءِ ميسارجي وڃن. اهو بہ ممڪن آهي تہ اهي پاڻ خلاف شروع ٿيل جنگ جو ڏڪ پَچائي، بچي بہ وڃن. ٿي سگهي ٿو، تہ اهي مِتجي ميسارجي بہ وڃن، پر امڪان آهي تہ اهي (سنڌ ۽ سنڌي ٻولي) وڏي ڏکيائيءَ سان ئي مرندا.

اسين سنڌي اهو اعتراف ڪندي محجوب آهيون تہ پنهنجي مادري ٻولي، پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ۽ پنهنجي نموني جيئڻ جي انداز جيڪو ٻاهرين کي ٻلي سادو ۽ نھنو ٿي لڳندو هجي- اسان جي ڪمزوري آهي. اسين هزارن سالن کان وٺي جيئرا آهيون. سنڌين جِي، پاڻ کي جيئري رکڻ ۽ بچائڻ جي اها سادي ۽ فطري جبلت، امڪاني طرح، تلخ صورتون وٺي سگھي ٿي.

اها هڪ افسوس جي ڳالھ آهي تہ هڪ مامرو، جيڪو قومي ۽ عالمي معيارن جي لحاظ کان بنھ ڇٽو ۽ نشانبر آهي، اهو هڪ تڪراري موضوع بنجي پوي، جنهن ۾ اسين هڪ ڪيس ٺاهڻ لاءِ، دليلن ڏيڻ، اختيارين جي حوالن ڏيڻ لاءِ ۽ رليف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪورٽن جا در کڙڪائڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا هجون.

هنگري ملڪ، جنهن اهڙو عالمي هنگامو پيدا ڪيو آهي، سنڌ کان آبادي، ايراضي توڙي ٻين وسيلن ۾ گھٽ آهي. سڄي جو سڄو الميو هيءُ آهي تہ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف هيءَ ويڑھ ڪن ڌارين سامراجين يا هندو شائونسٽن نہ، پر اسان جي پنهنجن مسلمان ٻائرن شروع ڪئي آهي- ۽ ڪڌن تہ اسلام جي نالي ۾ شروع ڪئي آهي! اسان جا اهي مسلمان ٻائر جيڪي ايڏا ڪالھ ئي اسان جا مهمان ٿي آيا هئا، انهن اسان جي رحم ۽ باهمي همدرديءَ کي اکسايو ۽ اسان کين اهو سڀ ڪجھ ڏنو جيڪو هڪ انسان (ٻئي کي) ڏيڻ لائق هوندو آهي. اسان جي انهن مهمانن هاڻي فاتحن وارو ڪردار اختيار ڪري ورتو آهي- ها فاتح، ڇاڪاڻ تہ اسين ننڍڙا ۽ هيٺا سمجهيا ويا آهيون. هڪ ناپاڪ ويڑھ، جيڪا هڪ ٻاءُ ٻئي ٻاءُ مٽان مڙهي آهي، ۾ فتح/ڪاميابي ٿي سگھي ٿو تہ ساراھ جوڳي ڪارڪردگي نٿي سگھندي. ٿي سگھي ٿو تہ اها مهانگيءَ کان بہ وڌيڪ خراب ويڑھ ثابت ٿئي.

پاڪستان کان ٻاهر رهندڙ ماڻھن کي اسان پاڪستانين لاءِ ٿي سگھي ٿو اهڙو مسڪيني خيال هجي تہ پاڪستاني مهمان پنهنجي ذات ۾، پنهنجي مهمان نواز ميزبان جي گھر ۾ ٽڪڻ تائين مطمئن نٿا

ٿين. سندن ناشڪريءَ کي اطمينان ان وقت تائين نٿو ملي. جيستائين اهي پنهنجن ميزبانن کي سندن ٽپڙن سميت ڪيڙي ٻاهر نٿا ڪن.

ڪراچي يونيورسٽيءَ هاڻي فيصلو ڪيو آهي- اها يونيورسٽي جيڪا سنڌ يونيورسٽيءَ مان جائي آهي. ته هاڻي کان اڳتي يونيورسٽيءَ جي امتحاني پيپرن ۾ سنڌي ٻولي جواب ڏيڻ وارو ذريعو (Medium) ٽي استعمال ۾ نه ايندي. اهڙو اعزاز رڳو انگريزي. اردو ۽ بنگالي ٻولين کي حاصل هوندو. سنڌي ٻولي. جنهن کي هيل تائين اهڙو درجو مليل هو. اهو ختم ڪيو پيو وڃي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اهڙي فيصلي ڪراچي ۽ ڪراچيءَ کان ٻاهر رهندڙ سنڌي عوام ۾ هڪ سگهاري مخالفت (۽ احتجاج) کي اُڀاريو/پڙڪايو آهي. هيءُ ڪليو ڪلايو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف دشمناڻو عمل آهي ۽ انهيءَ جِي سيني ملڪ- دوستن کي (گڏيل نموني) مخالفت (پڻ) ڪرڻ گهرجي.

آئيني طرح. جڏهن ڪراچي سنڌ کان الڳ ڪئي ويئي ته پاڪستان جي گهرو وزير خواجا شهاب الدين. جنهن متئين مقصد لاءِ بل پيش ڪيو هو ان. لياقت علي خان ۽ ٻين اڳواڻن کي مخصوص واعدا ڪيا هئا ۽ سنڌ ۽ سنڌي عوام کي پختيون خاطريون ڏنيون هيون.

آئون هتي 22 مئي 1948ع تي قانونساز اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقريرن جا کي اقتباس پيش ٿو ڪريان. (حوالو: تقريرون. سرڪاري رپورٽون. جلد 3. صفحا هيٺ ڄاڻايل آهن).

جناب خواجا شهاب الدين (اوپر پاڪستان- مسلمان)

"سائين آئون نٿو ڄاڻان ته ڪو پرڏيهه ۾ اهڙو تاثر پيدا ٿيو آهي ته جيڪڏهن ڪراچيءَ جو ڪنٽرول. وفاقي حڪومت پنهنجي وس ڪري ونئي ٿي ته هيءُ شهر سنڌين کان ڦُرجي ويندو. آئون اهڙي خيال رکڻ پويان ڪو به (جوڳو) سبب نٿو ڏسان. ڇاڪاڻ ته. جيتوڻيڪ اهو سچ آهي ته ان جو انتظام پاڪستان جي مفاد ۾ هلايو ويندو. پر اها به

هڪ حقيقت آهي، جنهن مان پاند آجو نٿو ڪري سگهجي تہ اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جا ماڻهو ڪراچيءَ جي ترقيءَ مان ٻين صوبن جي ماڻهن جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ فائدو ماڻيندا..." (صفحو: 73)

"جناب اعليٰ! ان خيال رکڻ لاءِ سڀ سبب موجود آهن تہ جيکڏهن ڪراچيءَ کي ملڪ جي راڄڌاني بڻايو ويو ٿو تہ سنڌي عوام کي وڏي پئماني تي فائدو پهچندو..."

"جناب اعليٰ! جيستائين منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي تہ ڪي دوست ڪلڪتي جو مثال قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. جڏهن مرڪز توڙي صوبائي حڪومتن جي گاديءَ جو هنڌ ڪلڪتو هو ۽ ڪلڪتي جي انتظاميا بنگال سرڪار جي هٿن ۾ هئي. پر آئون اميد ٿو ڪريان تہ ڪو بہ سنجيدگيءَ سان انهيءَ دليل کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندو. ڇاڪاڻ تہ تن ڏينهن ۾ صوبائي حڪومت کي، خودمختياريءَ جو اختيار حاصل نہ هو. اها حڪومت مرڪزي حڪومت ماتحت هئي، جنهن جو انتظام ليفٽيننٽ گورنر هلائيندو هو. ان ڪري، جيستائين ڪلڪتي جو تعلق آهي تہ آئون نٿو سمجهان تہ ان جو مثال، انهن دليلن جي مخالفت ۾ پيش ڪيو ويندو. جيڪي مون مرڪز جي هٿن ۾ ڪنٽرول جي فائدي ۾ پيش ڪيا آهن.

"سائين! هاڻي جيستائين راڄڌانيءَ جي ترقيءَ جو تعلق آهي تہ هيءُ سڄو مسئلو اهڙي اهميت رکي ٿو، جو هرڪو ماڻهو جيڪو بصيرتن ۾ريو آهي ۽ جيڪو اهو تخيل ڪري سگهي ٿو تہ ويجهي مستقبل ۾ ڪراچيءَ جي حيثيت ڇا هوندي، اهو آسانيءَ سان هن نتيجي تي پهچي سگهي ٿو تہ اهڙو مسئلو صوبائي حڪومت جي منهن ڏيڻ کان بنهہ وڏو هوندو."

"سائين! هاڻي آئون هائوس جي ميمبرن کي خاطريءَ ڏيڻ جو موقعو حاصل ڪندس، (صفحو: 74) ۽ پڙ انهن ميمبرن کي جن جو تعلق سنڌ حڪومت سان آهي تہ اسان جو اهو ارادو قطعي ناهي تہ سنڌ حڪومت کي اهو چئون تہ اها ڪراچيءَ مان پنهنجا ٽپڙ ويڙهي وڃي.

ٻئي پاسي اسين واقعي اهو چاهيون ٿا تہ اهي ڪراچيءَ ۾ رهن. ٻي هر ڪنهن شيءِ کي ڇڏي، رڳو مالياتي نقطي نظر کان ئي ڏسجي تہ مرڪز توڙي صوبائي حڪومت، ٻنهي لاءِ نئين راڄڌانيءَ جي وڏي ۾ وڏي پختي رٿا شروع ڪرڻ غيرمعقول عمل هوندو. ۾، منهنجا سائين! تنهنڪري، اها ڳالهہ پڻ مناسب هوندي تہ مرڪز ۾ صوبو ڪراچيءَ ۾ رهندي پنهنجو ڪاروهنوار هلائين. اسين رڳو اها ڳالهہ چئي رهيا آهيون تہ پوين اٽن يا نون مهينن کان وٺي مرڪز، صوبائي حڪومت جو مهمان ٿي رهيو آهي. اها حالت هاڻي ختم ڪئي وڃي ۾ اسان کي هاڻي ميزبان هئڻ جو شرف بخشيو وڃي ۾ صوبائي حڪومت پليز اسان جِي هتي مهمان ٿي رهي، ۾ ساڻن واعدو ٿا ڪريون تہ جيترو بہ ممڪن ٿي سگهيو اسين سندس سارسنڀال لهنداسين. اهو ئي موقف آهي جنهن جي اسين وڪالت ڪري رهيا آهيون."

"سائين! هاڻي جيڪڏهن اوهين اهو فيصلو ٿا ڪريو تہ ٻئي حڪومتون ڪراچيءَ ۾ ئي رهن تہ پڪ سان، ڪوبہ ماڻهو انهيءَ سان اختلاف نہ رکندو تہ ڪنٽرول ۾ انتظام سينيئر حڪومت جي هٿن ۾ هئڻ گهرجي. منهنجا سائين! اهڙي فيصلي ڪرڻ/ٿيڻ تي متان ڪو اهڙو نقطو اٽاري تہ انهن مختلف ادارن جو ڇا ٿيندو، جن جي مالڪي ۾ انتظام سنڌ حڪومت جي هٿن ۾ آهي. مثال طور، يونيورسٽي، اسپتال، ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٻيا اهڙا ادارا. جيستائين انهن ادارن جو تعلق آهي تہ اسين سنڌ حڪومت جو آڏرياڻ ڪنداسين تہ اها اهڙن ادارن جو انتظام جاري رکي ۾ انهن کي ترقي ونڀائي. اسين ڪابہ مداخلت نہ ڪنداسين. ۾ هيءُ ٻيو نقطو بہ متان اُٽاريو وڃي ۾ اهو آهي مالياتي پهلو. جيستائين انهيءَ جو تعلق آهي تہ هن مرحلي تي رڳو اهو چئي سگهان ٿو تہ مرڪزي حڪومت سنڌ حڪومت کي معاشي نقصان پهچائڻ جو ڪوبہ ارادو نٿي رکي، ۾ جڏهن وقت ايندو تہ ان مسئلي جو وڏي همدرداڻي انداز سان خيال رکيو ويندو ۾ اسين اُميد ٿا ڪريون تہ اسين ان سوال تي ڪنهن معاهدي ڪرڻ جوڳا هونداسين. (صفحو 75)

پروفيسر راج ڪمار چڪرورتي (اوپر بينگال: جنرل)

"سائين آئون هينئين ترميم پيش ڪرڻ جي اجازت گهران ٿو. ته تجويز جي (ب) ۽ (ت) نقطن تي غور ويچار منسوخ ڪيو ويندو ۽ ساڳئي وقت سنڌ حڪومت کان رايا معلوم ڪيا ويندا." "سائين! اوهين منهنجي ترميم مان ڄاڻندا ته آئون ڪراچيءَ ۾ پاڪستاني راڄڌانيءَ جي جاءِ هئڻ/رکڻ تي ڪوبه اعتراض نٿو ڪريان."

اهو سڀُ جنهن جي مون گذارش ڪئي، هيءُ آهي ته سنڌ کان ڪراچيءَ جي انتظام کسڻ واري سوال تي غور ويچار ايندڙ وقت تائين التوا ۾ رکيو وڃي. سائين! مون هيءَ ترميم مخالفت جي جذبي نه، پر ڪن نقطن جي وضاحت جي خيال کان پيش ڪئي آهي، جن تي اسين روشني وجهڻ گهرون ٿا ۽ ايئن ڪرڻ ضروري به آهي. اسان کي چڱيءَ پر ڄاڻ آهي ته مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ ڪراچيءَ جي انتظام سنياڻڻ واري راءِ تي سخت اختلاف موجود رهيو آهي. اسين اهو پڻ ڄاڻون ٿا ته انهيءَ سوال تي، سنڌ جي ماڻهن جا احساس وڏيءَ حد تائين ايارَ (۽ تاءَ) ۾ آيل آهن. آئون اعتراف ٿو ڪريان ته سڀني انگن اکرن جي اسان کي ڄاڻ نه آهي يا اهي پوريءَ طرح کولي نه رکيا ويا آهن. سنڌ، ضروري طرح، هن مسئلي ۾ دلچسپي رکي ٿي، ۽ آئون محسوس ڪريان ٿو ته اسان کي سنڌ حڪومت کي پنهنجي موقف پيش ڪرڻ جي موقعي ڏيڻ کان سواءِ ڪجهه به نه ڪرڻ کپي. منهنجو مطلب آهي ته (انهيءَ معاملي تي) سنڌ حڪومت کي پنهنجي ڳالهه رکڻ جو موقعو ڏيڻ کپي. سنڌ جي قانونساز اداري سان سندن راءِ جي سلسلي ۾ رجوع ڪرڻ کپي، ته جيئن اسين هر مسئلي تي اڻ ڏرئي نموني فيصلي ڏيڻ جي حالت ۾ اچي سگهون."

"جا ڳالهه آئون چاهيان ٿو اها هيءَ آهي ته سنڌ جي قانونساز اداري جو موقف، پوري طرح سنڌي عوام جي نمائندن جو ئي موقف آهي. سائين! آئون نهراءَ پيش ڪندڙ مانواري صاحب کان اهڙا سبب ڄاڻڻ گهران ٿو جيڪي هن تجويز جي فائدي ۾ اسان پاران فيصلي لاءِ اسان کي ضرور قائل ڪرڻ جهڙا هجن. اسين ايجا تائين اهڙن سببن

ڇاڻڻ لائق نہ ٿيا آهيون. ايئن تہ: نيٺ ڪهڙيءَ ريت ڪراچي، سنڌ صوبي جو حصو هوندي. هيل تائين پاڪستان جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بنجي رهي آهي."

مون ڪُل گذارش رڳو ايتري ڪئي آهي تہ ايوان اڳيان اڄا وڌيڪ تفصيل پيش ٿيڻ ڪپن. ۽ اسان کي صورتحال تي وڌيڪ روشني وجهڻ جي گهرج آهي. سائين! ڪراچي سنڌ صوبي جو روح آهي، رڳو ايترو ئي نہ. اها سنڌ صوبي جي شهہ رڳ آهي. ڪراچيءَ کان سواءِ سنڌ صحرا آهي- ٻيو ڪجهہ بہ نہ بس رڳو صحرا...! اها هڪ حقيقت آهي ۽ آڻون چئلنج ڪريان ٿو ٻيو ڪو ماڻهو انهيءَ جي رد ۾ ڪا وزندار ڳالهہ ڪري! جنگ کان اڳ سنڌ هڪ خساري وارو صوبو هئي. ۽ مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ جي ڇاتيءَ کان ڇنو ويو تہ اها بي يارو مددگار خساري وارو صوبو بڻيل ئي رهندي.

"تنهنڪري. اهو ضرور بيان ڪرڻ کپي تہ سنڌ کي مرڪز مان مالي مدد يقيني بڻائي وڃي. اسان کي ان بابت ڪجهہ بہ نہ ٻُڌايو ويو آهي تہ هن ڏٺڙيل صوبي کي مرڪز وٽان ڪهڙي مالي مدد ملندي. ان (پاسي) تي ڪابہ روشني نہ وڌي ويئي آهي. ڪيترو مالي خرچ آهي، جيڪو سنڌ کي راڄڌاني يا نئين شهر جي اڏاوت جي مد ۾ ڏنو ويندو؟ انهيءَ پاسي پڻ ڪابہ روشني نہ وڌي ويئي آهي. جيڪڏهن ڪابہ مالي مدد نہ ڏني ويئي آهي ۽ جيڪڏهن ڪراچي سنڌ کان کسي ويئي آهي، تہ پوءِ مون کي ڏپ آهي. اهڙي ڏپ جو جوڳو سبب بہ آهي تہ سنڌ، ڪراچيءَ کان سواءِ اولهہ پاڪستان جي والار هيٺ اچي ويندي. (تہ جنهن (ڏپ) ڏانهن انهيءَ تيز مشاهدي رکندڙ 1948ع ۾ اشارو ڪيو هو. اهو حقيقي طور 1955ع ۾، ون يونٽ جي روپ ۾ واقع ٿيو جيڪو ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي ۽ دوکي وسيلي سنڌي عوام مٿان مڙهيو ويو- حيدربخش) هيءَ اهڙي صورتحال آهي. جيڪا نہ تہ سنڌ جي مفادن ۾ آهي، ۽ نہ ئي سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ جي مفاد ۾ يا سنڌ جي سالميت يا ٻئي ڪنهن بہ نقطي کان سنڌ جي خواهشن پتاندر آهي. سائين! جڏهن پاڪستان نهيو تہ سنڊس دارالحڪومت لاءِ ڳولا ڪئي پئي ويئي.

پاڪستان جي دارالحڪومت وارو سوال هوا ۾ لڙڪيل هو. اها سنڌ حڪومت جي سخاوت ۽ چڱائي هئي، جنهن پاڪستان سرڪار کي پنهنجن هيڊڪوارٽرن کي جائتي ڪرڻ جي آڇ ڪئي هئي."

اڇو ته ٿورن سان سنڌ جي اهڙي سخاوتي عمل کي تسليم ڪريون ته سنڌ انهيءَ ڏس ۾ ميزبان وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو انهن سببن مان هڪ هو جيڪي جناب خواجا شهاب الدين پيش ڪيا هئا. هيءُ چوي ٿو: اڇو ته "اهڙو رويو رکون، جو ميزبان کي ڪنهن بہ قسم جو ڊپ ڊاءُ نہ رهي." رڳو مهمان، ميزبان کي تڙي رهيو آهي، ڳالهہ انهيءَ کان نہ گهٽ آهي نہ وڌ. جيڪڏهن اهو سنو منطق ۽ سبب آهي، ته پوءِ (اڇو ته) دنيا جي سڀني ميزبانن کي انهيءَ کان آگاهہ ڪريون، انهيءَ کان اڳي جو اهي مهمان جي ڪا خاطر تواضع ڪن ـ هيءُ دُنيا جي سڀني ميزبانن لاءِ تمام سنو مثال آهي. آئون اهڙي ڳالهہ شيڪسپيئر جي لفظن ۾ چوندس: "هيءُ سَڀني کان وڌيڪ بي رحماڻو گهاءُ آهي." ڪنهن کي بہ اها اميد نہ هئي ته ميزبان، مهمان کان پنهنجي گهران تڙيو ويندو.

"بهرحال، جيڪڏهن اوهان کي سنڌ جي ڇاتيءَ کان ڪراچيءَ کي چنڊو ئي آهي، ته آئون عاجزيءَ سان اهو عرض ٿو ڪرڻ گهران، ته اهڙو ڪم ڪنهن ڇڪي مراعت سان ڪريو ۽ اهڙو ڪم بخالت واري انداز سان نہ ڪريو! پيڙهين کان وٺي، سنڌي ماڻهن جا امنگ ڪراچيءَ سان گهري نموني جڙيا ئي رهيا آهن، ۽ اسان کي انهيءَ مسئلي تي ڪنهن بہ ڪارروائي ڪرڻ کان اڳ محتاط رهڻ گهرجي. اسان کي سنڌي قوم جي همدردي ۽ سهڪار وڃائڻ جهڙو ڪوبہ عمل نہ ڪرڻ کپي، جن جي ڏرتيءَ تي پاڪستان جي راڄڌاني قائم ڪرڻ پيا وڃون. تنهنڪري، منهنجو چوڻ هيءُ آهي ته: مهرباني ڪري سنڌ سرڪار سان مشورو ڪريو! ۽ هن مسئلي تي محتاط نموني اڳپرائي ڪريو! سائين! منهنجو پاڪستاني سرڪار بابت خيال هيءُ آهي ته اها طئ ٿيل خودمختيار صوبن ۽ رياستن جو وفاق هجي. هڪ حقيقي مسئلي طور، مون کي چڱي طرح ياد آهي ته اهو ئي مشهور لاهور/پاڪستان ٺهراءَ جو بنياد هو ته صوبا خودمختيار هوندا. جيڪڏهن ان نموني ڪراچي (سنڌ کان) ڇني

وڃي ٿي، ته پوءِ اهڙو عمل سنڌ صوبي جي خودمختياريءَ سان هٿ چراند سمجهيو ويندو ۽ ايئن واجبي طرح سمجهيو ويندو. سنڌي عوام اهڙي عمل تي ڪاوڙبو. سائين! اچو ته ڳالهين وسيلي، سوچ ويچار وسيلي، سنڌي قوم سان هن صورتحال، جيڪا اٽتر ٿيندي پئي وڃي، تي ٻيهر مصالحت ڪريون!

ان ۾ ڪوبه نقصان ناهي، جيڪڏهن هن مسئلي تي غور ويچار ڪجهه ڏينهنِ تائين، يعني اڳئين اجلاس تائين ملتوي ڪيو وڃي ٿو. اچو ته ڪنهن به اٽوٽ لاءِ ڪابه جاءِ نه ڇڏيون. اچو ته صوبي ۽ پاڪستان جي ٻلائيءَ لاءِ موافقت ۽ دوستاٽي ماحول کي برقرار رکون، جن سان لاڳاپي تي اسان کي فخر آهي."

الحاج محمد هاشم گزدر (سنڌ، مسلمان)

"سائين! عزتِ لائق مخالف ڌر جي ميمبر اهو سوال اُٺاريو ته جيئن اقتدار اعليٰ رڳو ماڻهن/قوم سان لاڳاپيل آهي، پر ڪنهن کي به اهو حق حاصل نه هئڻ کپي ته سندن ملڪيت، سندن منشا کان سواءِ ڦهائي وڃي. ڪراچي سنڌ سان تعلق رکي ٿي، ۽ اها صدين کان وڃي سنڌ جي ٿي رهي آهي. سنڌ کي ڪراچيءَ کان محروم ڪرڻ جو حق ڪنهن به ماڻهوءَ کي حاصل ناهي. سائين، هاڻي، جڏهن منهنجي مانواري دوست وٽ سوال موجود آهي، انهيءَ ڪري آئون سنڌ اسيمبليءَ جو نمراءُ پڙهڻ وڃي رهيو آهيان. سائين! هيءُ نمراءُ آهي، جيڪو سنڌ اسيمبليءَ ٻي فيبروري 1948ع تي پاس ڪيو هو:

"هيءَ اسيمبلي، پاڪستاني حڪومت جي، سنڌ انتظاميا جي ڪنٽرول مان ڪراچيءَ جي شهر کي ختم ڪرڻ ۽ اُن کي مرڪز جي انتظام ۾ آڻڻ علائقي طور، پنهنجي ترت دائره اختيار ۾ آڻڻ واري ارادي کي ڪوشش تي پنهنجي ڳٽتي ۽ خطري کي رڪارڊ ڪرائي ٿي. هيءُ ايوان انهيءَ ڪري گهر ڪري ٿو ته ڪنهن به قيمت تي ڪراچي، مرڪزي انتظاميا جي حوالي نه ڪئي وڃي ۽ اضافي طرح، ايوان جي سرواٽي ڪندڙ ۽ ڪابينا جي ساڻين کان پڻ مطالبو ٿي ڪري ته اهي

پاڪستاني حڪومت کي اها ڳالهه سمجهائين ته اهڙو قدم سنڌ کي اقتصادي ۽ سياسي طرح، نه رڳو ڪمزور ڪندو. پر 1940ع ۾ لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي پاس ڪيل پاڪستان ٺهراءَ جي شرمناڪ خلاف ورزي ثابت ٿيندو. جيڪو پاڪستان جوڙبندڙ خودمختيار اڪاين جي اقتدار اعليٰ ۽ علائقائي سالميت تي زور ڏئي ٿو. (۽ اُهو) صوبي جي ماڻهن جي، پنهنجي آزاد پاڪستاني رياست لاءِ وفادار ۽ محبِ وطن جذبن مٿان ڪو ظلم مڙهڻ بابت ڪجهه به نٿو چوي."

"سائين! اها ڳالهه آهي، جيڪا سنڌي عوام چئي هئي. هيءُ سنڌ اسيمبليءَ جو يڪراءِ منظور ٿيل ٺهراءُ آهي. آئون ڄاڻڻ گهران ٿو ته مانواري خواجا شهاب الدين جي هِن تحريڪ/رٽ پويان ڪو اخلاقي جواز ڪٿي آهي ته سنڌ کي ڪراچيءَ کان محروم ڪرڻ گهرجي. سائين! اوهان جي اجازت سان، آئون سنڌ صوبائي مسلم ليگ پاران پاس ڪيل هڪ ٺهراءُ پڙهڻ گهران ٿو ۽ آئون حڪومتي بئنچن تي ويٺل مانوارن ميمبرن کي پڻ هن ٺهراءَ هضم ڪرڻ جي گذارش ڪندس. ٺهراءُ چوي ٿو:

"سنڌ صوبائي مسلم ليگ جي هيءَ ڪائونسل، انهن لڳاتار ايندڙ رپورٽن ته: پاڪستاني حڪومت ڪراچي شهر ۽ ان جي اوسي پاسي وارو علائقو، سنڌ صوبي کان ڪسي رهي آهي ته جيئن اُتي مرڪز جي انتظام هيٺ هڪ الڳ علائقو جوڙيو وڃي، تي پنهنجي اچرج ۽ ڳڻتيءَ کي رکارڊ تي آڻيندي، سنڌي مسلمانن جي وڪيل جي حيثيت ۾ ۽ پڻ پاڪستان جي خيرخواهه جي حيثيت ۾، اهڙيءَ تحريڪ خلاف پنهنجو زورائتو احتجاج رکارڊ تي آڻڻ پنهنجو مقدس فرض سمجهي ٿي. ۽ هيٺين سببن ۽ حقيقتن کي خيال ۾ رکندي، پُرجوش انداز ۾ قائداعظم محمد علي جناح کان، رياست جي آئيني اڳواڻ جي توڙي مسلم ليگ تنظيم جي چونڊيل سربراهه جي حيثيت ۾ اها خواهش ڪري ٿي ته سڀني لاڳاپيل ڌرين جي بهترين مفاد کي پرکيندي، پاڻ انهيءَ تحريڪ کي هيٺين سببن جي ڪري رد ڪري:

"پهرين ڳالهه ته، ڪراچي، صدين کان وڃي سنڌ جو قدرتي ۽ هڪ اٽٽت حصو رهي آهي. ۽ هاڻي اها اقتصادي، تجارتي، صنعتي، تعليمي ۽ ثقافتي لحاظ کان صوبي جي شهه رڳ جي حيثيت رکي ٿي ۽ صوبي کي اُن جي شهه رڳ کان محروم ڪرڻ، صوبي جي زندگيءَ ۽ ان جي ترقيءَ جو ساهه گهُٽڻ هوندو.

بي ڳالهه ته، اهڙي تحريڪ نه رڳو آل انڊيا مسلم ليگ پاران، 1940ع ۾ پنهنجي اجلاس ۾ منظور ڪيل پاڪستان ٺهراءَ جي بندوبست جي ڪلي پيڇڪڙي آهي، جنهن پٽاندر پاڪستان ۾ وفاق ناهيندڙ هر ڪنهن اڪائيءَ جي علائقائي سالميت جي ضمانت ڏنل آهي. پر هيءُ مامرو ته صوبي جي ماڻهن جي پروسي ۾ هڪ ڳنڀير وڃي پيدا ڪندو، جن جي چٽي ۽ اُجري رهنمائيءَ ڪانسواءِ پاڪستان جو تصور هڪ خواب ئي رهجي وڃي ها.

ٽين ڳالهه هيءَ ته اهڙي ڪوشش جا تمام اُگرا نتيجا نڪرندا. ۽ اها سنڌي ماڻهن جي، پاڪستان جي آجيان جي سلسلي ۾، ظاهر ڪيل اسلامي پائپي ۽ سخاوت پري ميزبانيءَ جي جذبي جي هڪ خراب موٽ هوندي. هي ماڻهو سنڌ ۾ لڏي آيل لکين مسلمان پائرن، جيڪي پارت جي مختلف رياستن مان لڏي آيا آهن ۽ پاڻ ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي علائقن مان لڏي آيا آهن، لاءِ ڪائنڊ جيڪو به ٿي سگهي ٿو، اها پيا ڪن.

چوٿين ڳالهه هيءَ ته، اهڙي ڪوشش پاڪستاني مسلمانن ۾ اتحاد جي وڌندڙ جذبي لاءِ هڪ ڳنڀير خطرو ثابت ٿيندي. ڇاڪاڻ ته ان طرح صوبي جي ماڻهن ۾ پنهنجن انهن مفادن بچائڻ جي فطري ۽ جائز خواهش اُپرندي، جيڪي اهڙين پاڪستان مخالف قوتن پاران ڦهايا ويندا، جن سنڌ جي مسلمانن جي انهيءَ سچي ۽ سگهاري حمايت کي گهٽ اهميت ڀئي ڏني آهي، جيڪا انهن مسلم اتحاد جي مقصد لاءِ هر شيءِ کان بالاتر ٿي، اٽموٽ نموني، هيل تائين ڏني آهي.

هيءَ ڪائونسل وڌيڪ سينئي مڃيل نمائندن ۽ قانونساز ادارن سان تعلق رکندڙن، خاص طرح، سنڌ قانونساز اسيمبليءَ جي ميمبرن،

ضلعي ۾ تعلقي جي مسلم ليگي شاخن ۾ بلاشڪ، سنڌ ۾ پاڪستان جي هر خيرخواهه ڪان اها گهر ٿي ڪري ته اهي پنهنجي اختيار جو سمورو وس ۾ ست هن ناانصافيءَ تي ٻڌل، قعطي ۾ غيردانشمنداٽي ڪوشش سان مهاڏو اٽڪائين.

"هاڻي اِهو هو پاڪستان جو تصور. اسان پاڪستان انهيءَ ضمانت تي حاصل ڪيو هو ته صوبا خودمختيار هوندا، ۾ اڄ، سائين! سنڌ قانونساز اسيمبليءَ سان رجوع ڪرڻ ڪان سواءِ، سنڌي عوام ڪان پڇڻ ڪان سواءِ، سنڌ کي ادّيءَ تي آندو پيو وڃي. سنڌ جو حقيقي روح ڪُنو پيو وڃي."

سائين! تنهنڪري آئون ايوان جي معتبر ميمبرن کي گذارش ڪندس ته جيڪڏهن اهي جمهوريت کي هڪ مذاق بنائڻ نٿا گهرن، جيڪڏهن اهي هڪ قطعي آمريت ڏانهن وڌڻ نٿا گهرن، ته پوءِ کين سنڌي ماڻهن جي احساسن لاءِ احترام هٿ گهرجي. سائين! جيڪڏهن اوهين مطلق العنان حڪمران ٿيڻ نٿا گهرو ۽ عوام جي خواهشن جاڻڻ ڪانسواءِ متن هر شيءِ مڙهڻ نٿا گهرو ۽ اهو خيال رکڻ ڪان سواءِ ته اهي ان کي پسند ڪن ٿا يا نه، اهو چوڻ: "هيءُ منهنجو حڪم آهي ۽ اهو اوهان کي مڃڻو پوندو" ته پوءِ رب سائين اسان جي مدد ڪري..!! سنڌي عوام ڪراچيءَ تان هٿ کڻڻ نٿو گهري.

"سائين! سنڌي عوام ئي سڀ کان اڳيْ پاڪستاني حڪومت جو آڏرياءُ ڪيو. ٻيو ڪوبه اهڙي ذميواري کڻڻ لاءِ تيار نه هو. پي ڪنهن به ماڻهوءَ پاڻ کي ان لائق نٿي ڄاتو. راجا صاحب ڪِلي رهيو آهي. هُو پاڻ به پاڪستاني حڪومت کي پنجاب ۾ دعوت ڏيڻ لائق نٿي ٿي سگهيو. تڏهن جيڪن جو دور حڪومت هو، جڏهن اهڙو فيصلو ڪيو ويو هو. اسان اوهان جو آدرياءُ ڪيو آهي، اسان اوهان کي محل نما عمارتون ڏنيون آهن، جيڪي اسان ناهيون. اسان سرڪاري سهولت لاءِ ڪروڙين رپيا عمارتن تي خرچ ڪيا. آئون ڄاڻڻ گهران ٿو ته راجا صاحب يا ٻيو ڪو ماڻهو ائين ڪري سگهيو ٿي؟ آئون ٿو اوهان کي ٻُڌايان ته ڪو به ائين نٿي ڪري سگهيو. اها واحد سنڌ هئي، جنهن

ائين ڪيو. پنجاب ۾ سرحد ۾ اُهو جيڪن جو دؤر حڪومت هو. ڪانگريسي وزارت موجود هئي. ۾ هُو ڪلڪتي. بينگال ۾ پئي رهيا. ۾ وزارت جي پوزيشن ڪا گهٽي مضبوط نه هئي. اها سنڌ ئي هئي. جيڪا انهيءَ ٻار جو بار سهي سگهي ٿي ۾ انهيءَ ٻار جي آدرياءَ تائين به وڃي سگهي ٿي. جنهن کي بيهڻ لاءِ ٽنگون به نه هيون. ويهڻ لاءِ ڪرسي نه هئي ۾ لکڻ لاءِ ڪاغذ نه هئا. هتي اسان کين هر شيءِ ڏني. ۾ هاٽي جيڪڏهن ڪراچي کسي ٿي وڃي ته اهڙو عمل اوهان جي حصي تي هڪ وڏي ناشڪري هوندو. اسان اوهان کي پنهنجيون عمارتون ڏنيون ۾ پاڻ دفترن کان ٻاهر نڪري آياسين. اسان پنهنجن وزيرن کي ڪڍي ٻاهر ڪيو. اسان پنهنجن شهرين کي ڪڍي ٻاهر ڪيو. جن مان ڪن ته پنهنجي رهائش گهرن تي ٿي يا چار لک به خرچ ڪيا هئا. اسان اهي عمارتون طلبيون. اسين پنهنجو پاڻ ٻيرڪن ۾ وياسين. هاٽي. آئون چوان ٿو. هيءَ ناشڪريءَ جي حد آهي. اڄ اوهين چئون ٿا ته اوهان کي ڪراچي. سخت مخالفت کان پوءِ به. سنڌ کان الڳ ڪيو ٿي. سائين نهايت عاجزيءَ سان پڇڻ گهران ٿو ته ڪراچيءَ جي ڪسجي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي اهميت ڪهڙي وڃي ٻيهندي! ڇا ڪو به ماڻهو انهيءَ سوال جو جواب ڏيئي سگهي ٿو؟ آئون ته چوان ٿو. جيڪڏهن اوهين مطلق العنان حڪمران بنجڻ ٿا گهرو. جيڪڏهن عوام کان پڇڻ کان سواءِ پنهنجا اختيار ڪتب آڻڻ ٿا گهرو. جيڪڏهن ٻيا صوبا هن جي ڦر/ڏاڙي ۾ ڏر بڏجڻ ٿا گهرن. ته اسان کي ڪو به اعتراض نه آهي. اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟ آئيني طرح. اسان کي اوهان جو حڪم مڃڻو پوندو. اوهان کان مولانا شنير احمد عثماني اڳيان آهي. هن چيو ته هتي 35 لک سنڌي رهن ٿا ۾ ڏهه لک وڌيڪ ماڻهو اچي چُڪا آهن. انهن کي اسان سان پائرن وانگي رهڻو آهي. ۾ هن اسان کي ٻُڌايو آهي ته هُو سڄي سنڌ ۾ رهيو آهي. هو ڪراچيءَ ۾ رهيو آهي. ۾ هن اسان کي ٻُڌايو آهي ته سنڌ کان ڪراچيءَ جي جدائيءَ سنڌين ۾ خراب تاثر اُپاريو آهي ته جيڪڏهن ڪراچي زوريءَ کسي ويئي آهي ته مهاجرن لاءِ اهو ممڪن نه هوندو ته اهي سنڌ ۾ رهن. سائين! آئون ڄاڻان ٿو ته

سرڪار وٽ اهڙا اختيار آهن، جو سڄي گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ کي ٻيهر لکي سگهي. ان کي اهو اختيار ماڻيل آهي. ته اها صوبن جي نئين سر ورڇ ڪري. اهي (سرڪاري اختياريون) جيڪڏهن چاهين اهو ڪجهه ڪري سگهن ٿا. آئون سرڪار کان انڪري پڇڻ ٿو گهران ته ان کي ڇو اڳتي اچي اسان کي سنڌ کي محروم ڪرڻ واري هن ندوري رٿا ۾ هڪ ڏر بنائڻ گهرجي؟ اهي اهڙو ڪم پاڻ پنهنجي طور تي به ڪري سگهن ٿا. ۽ آئون هن معزز ايوان ۾ تحريڪ پيش ڪندڙ کي اها گذارش ٿو ڪريان ته اهو پنهنجي نمراءَ تان هٽ کٽي وڃي. اسين انهيءَ جي خلاف نه آهيون ته ڪراچي، پاڪستان جي راڄڌاني بڻائي وڃي، پر اسين جيڪي ڪجهه چاهيون ٿا اهو هيءُ آهي ته اسين هتي آيا آهيون، هتي رهون به سهي، پر ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار نه ڪريون. اوهين هتي رهو، سڀني معنائن ۾، پنهنجي راڄڌاني به قائم ڪريو. هڪ ڪميٽي، جيڪا سرڪار پاران مقرر ڪئي وئي هئي ته جاين جڳهين جو اڀياس ڪري، ان رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. انهن اهڙيءَ رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته ڪيتريون ئي اهڙيون ڳڻيون جايون جڳهيون آهن، جتي سڀ سرڪاري عمارتون، سفارتخانا ۽ ٻيا دفتر ۽ رهائشي سهولتون موجود ڪري سگهجن ٿيون. سائين! اسان کي اسيمبلي ۽ صوبائي ڪونسل جي هنن نمرائن هوندي به ايتري تڪڙ ڇو؟

اسان کي ته ڪڏهن به اهو نه ٻڌايو ويو هو ته سرڪار اهڙو عمل ڪرڻ گهري ٿي. اوچتو ئي هڪ بم وانگي هيءَ شيءِ اسان مٿان اُڇلائي ويئي آهي ۽ سائين! جيڪڏهن اوهين واقعي به ائين چاهيو ٿا ته پوءِ سنڌ جي ماڻهن کي قائل ڪريو ته اها شيءِ سندن فائدي ۾ آهي، اها شيءِ پاڪستان جي مفادن وٽان آهي ته پاڪستان جي راڄڌاني هتي هجي ۽ ڪين ڪراچي شهر جي دائره اختيار ۽ ڪنٽرول ڏيڻ جي صلاح ڏيو. پر هيتري سخت مخالفت هوندي، هيءُ نمراءُ ڇو منظور ڪرائجي؟ اوهان وٽ ڪل اختيار آهن. اوهين ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري سگهو ٿا. اوهين ڪراچيءَ کي پنجاب ۾ شامل ڪري

سگھو ٿا يا اوهين اها هر مذمت جوڳي شيءِ ٻ ڪري سگھو ٿا، جيڪا اوهين چاهيو پر هيءُ سچ ڪجھ. اسان کي هن ناپاڪ عمل ۾ ڏُر بنائڻ کان سواءِ ڪريو!"

"سائين! آئون رڳو ايترو يادگيرو ڏيارڻ گھران ٿو ته سنڌ ڪڏھن ٻ پاڪستان خلاف نہ ڏٺي ويئي آھي، پر اھا پاڪستان جو عظيم ترين ٽنب ٽِي رھي آھي. اھا سنڌ اسيمبلي ئي ھُئي، جنھن 1943ع ۾ پاڪستان ٺھراءُ پاس ڪندي، برطانوي حڪومت کان پاڪستان جي گھُر ڪئي ھئي، ۽ آئون چئلينج ٿو ڪريان راجا صاحب ۽ ٻي ڪنھن ٻ شخص کي ته اھي اھڙو ٺھراءُ پيش ڪن- بينگال اسيمبليءَ ۾ يا پنجاب اسيمبليءَ ۾ يا سرحد اسيمبليءَ ۾. جيڪڏھن اوھان پنھنجي راڄڌاني ھتان کان ڀاڪا يا ٻئي ڪنھن ھنڌ ڪٽي ويجي سگھو ٿا ته اسين اھڙي منتقليءَ لاءِ گھربل رقم اوھان کي پري ڏينداسين. اسين سارو خرچ برداشت ڪنداسين، جيڪڏھن ڀاڪا ڏانھن پنھنجي راڄڌاني منتقل ڪريو ٿا. اوھان کي ڪنھن ٻڌايو آھي ته اسين چاھيون ته ھيءَ (راڄڌاني) ھتي ھجي؟" (صفحو: 82)

"ته پوءِ سائين پاڪستاني حڪومت ھتي اچيو ٿي ويجي ۽ وڏيءَ سولائيءَ سان پنجاھ ڪروڙ رپين جي مالیت جي عمارتن تي قبضو ڪريو ٿي ونيِ. اسان کي لفظ ٻ نٽو چيو ويجي ته ڇا ھي اسان جي حڪومت کي رھڻ جي اجازت ڏيندا، اھي پنجاھ ڪروڙ رپيا خرچ ڪندا ۽ سنڌ حڪومت لاءِ عمارتون اڏيندا يا ڇا اھي اسان کي اھا رقم ڏيندا ته جيئن اسين ستت ڪم شروع ڪري سگھون، جيڪڏھن اسين رھڻ پسند ڪريون ٿا. اھي ھيءُ نٽا پُڌائين ته اھي اسان کي، اسان کان ڪنيل ھر شيءِ جي ازالي ۾ ڪجھ ڏيندا. سائين آئون ايڏا پوريءَ طرح انھي مامري تي قائل ٽيٽو آھيان، ته ڇا پاڪستان جي مالياتي حالت آھي، اھڙي جو ھيءَ (رقم وارو) بار کٽي سگھي يا اھو اسين پاڻ تي کڻون يا ڇا ٻئي ڪنھن صوبي کي سندس رقم مان حصي پتي کڻڻ جي پاڪستاني حڪومت کي درخواست ڪرڻ گھرجي." (صفحو: 83)

ملڪ محمد فيروز خان نون (پنجاب، مسلمان)

هيءَ اسيمبلي هڪ خوداختيار اسيمبلي آهي ۽ اها جا شيءِ پسند ڪري ٿي، ان جي منظوري ڏيئي سگهي ٿي. جا شيءِ هيءَ اسيمبلي منظور ڪري ٿي، اها ملڪ جو قانون بڻجي پوندي ۽ جنهن ٻ شيءِ جي منظوري ڏني وڃي ٿي، ان جي حيثيت سياسي گڏجاڻين ۾ منظور ڪيل نمرائن جي طريقيڪار جهڙي نہ هوندي، جيڪي اسين منعقد ڪريون يا ماضيءَ ۾ جيئن اسين گهڻين ۽ مختلف حالتن ۾ گڏجاڻيون منعقد ڪيون هجن. جيتوڻيڪ، اسان اُنهن ڏاڻن ۾ اهڙو نمراءُ منظور ڪيو هو ته ڇا هاڻي ٻ اسان اُن جا پابند آهيون؟ نہ. هرهڪ جانشين سياسي ادارو (Body) نوان نمراءَ، انهن کان مختلف جيڪي ڪي ورهيہ اڳ منظور ڪيا ويا هئا، ترتيب ڏيڻ/ناهڻ ۾ آزاد آهي. مون کي اجازت ڏيو ته آئون حاجي صاحب کي سياسي مامرن بابت هڪ حڪمت ۾ري چوٽي ياد ڏياريان: سياست ۾ ثابت قدمي هر انهيءَ جانور جي عادت آهي، جنهن جا ڪن وڏا هوندا آهن. ۽ آئون چوان ٿو ته شايد اسين وڏي ڏڇي ۽ ڏکيائيءَ ۾ وڃي پونداسين، جيڪڏهن پنج ورهيہ اڳي منظور ڪيل ڪنهن ڳالهہ وسيلي اسان جي رهنمائي ڪئي پئي وڃي. تنهنڪري اسان کي شين جو مال ان ڏينهن مان ئي ڪٽڻ کپي، جنهن ۾ پاڻ ٻينا آهيون. اوهان جي پاڪستان قانونساز اسيمبلي هڪ آزاد ادارو آهي. پاڪستان هڪ آزاد ملڪ آهي. ۽ اسان جي ملڪ جي ڳاڻي ڀائيوار حصن، جن کي پاڻ صوبا چئون ٿا، ڪنهن سان ٻ اها آزادي شيئر نٿي ڪري سگهجي.

(ملڪ فيروزخان نون جون ڳالهيون سياسي ادب جي اصطلاح "ميڪاوليت" جي ياد ڏيارين ٿيون ـ حيدربخش جتوئي)

محترم ايم اي کهڙو (سنڌ، مسلمان)

"ڪن مانوارن ميمبرن چيو آهي ته سنڌ جي راڄڌاني لاهور يا پنڊيءَ ۾ هئڻ کپي، مون کي ڪائنس اهو پڇڻ جي اجازت هجي ته ڇا

اُنهيءَ وقت پنجاب يا بينگال کي ورهائڻ وارو سوال غور ويچار هيٺ هو؟ (ان وقت) اها بہ خبر نہ هئي تہ پنجاب اوير پنجاب ۾ هوندو يا اولهہ پنجاب ۾ ۽ اوير ۽ اولهہ پنجاب وچ ۾ حدبنديءَ جي تعين لاءِ هڪ ٽربيونل جوڙيو ويو هو. ۽ پڙ اوير ۽ اولهہ بينگال جي وچ ۾ حتمي حدبندي جو يقين ٿيڻو هو. (صفحو 191)..."

"مانوارا ميمبر واقف آهن ۽ جناب خواجا شهاب الدين پنهنجو پاڙ سينئي کان وڌيڪ واقف آهي تہ ڪلڪتي ۾ بينگال جي صوبائي حڪومت ۽ پڙ پارتي حڪومت جي، پنجاهہ ورهين کان وڌيڪ عرصي تائين، ٻنئي راڄڌاني هئي. ڇا اهڙو مامرو ڪن مهينن ۾ نبيريو ويو هو تہ طاقتور پارتي حڪومت جي راڄڌاني ڪلڪتي کان ٻي ڪنهن هنڌ منتقل ڪئي وڃي. نہ سائين! ان اهم سوال کي نبيرڻ ۾ پنجاهہ ورهين کان بہ وڌيڪ عرصو لڳو هو ۽ ان سڄي عرصي دوران ڪلڪتي جو انتظام صوبائي حڪومت جي هٿ ۾ هو... پارتي حڪومت کي پنهنجو ڪاٽو سال جا ڇهہ ست مهينا، موسمي سببن جي ڪري شملا ۾ هوئدو هو ۽ ان هوندي بہ، شملا جو انتظام پنجاب حڪومت جي هٿن ۾ هوندو هو. هيءُ سنڌ اسيمبليءَ جي مسلم ليگ جماعت جي ميمبرن جو هڪ ڇڪي نموني سوچيل سمجهيل خيال آهي، ۽ پڙ مخالف ڏر جي ميمبرن ان مامري ۾ ساٿ ڏنو ۽ پڙ انهيءَ مامري تي مسلم ليگ جي صوبائي ڪائونسل يڪراءِ نهراءُ منظور ڪيو هو." (صفحو: 94)

"سائين! آئون سمجهان ٿو تہ اهڙي ڳالهہ ڪنهن حد تائين وقت کان اڳي ٿيندي تہ هيتري ٿورڙي وقت ۾ اهڙو گهڻ پاسائون ۽ ڏور رس نهراءُ آڻيون، ۽ ان کي هن اسيمبليءَ ۾ تڙتڪڙ ۾ پيش ڪريون ۽ هن ايوان کي ٿورڙي عرصي ۾ هڪ قطعي طرز عمل اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪريون. آئون سمجهان ٿو تہ، سائين! (هن مامري کي) مناسب وقت ڏيڻ کپي ها. ايتري تائين جو هاڻ بہ وقت هٿان ناهي ويو." (صفحو: 97)

محترم سراج السلام (اوپر بينگال، مسلمان)

سائين! آئون پنهنجي دوست محترم کهڙي جي جملي کان ڳالهه شروع ٿو ڪريان. هن چيو يا چئجي ته. هن پنهنجي تقرير اهو چوندي ختم ڪئي ته سنڌ جي قسمت مهربند (Sealed) آهي. سائين! آئون چوان ٿو ته ڳالهه ان جي بنهه اُبتڙ آهي. آئون انهن موقعن/امڪانن ۾ پلي پاڻ تي ريس ٿو ڪريان. جيڪو سنڌ جو عوام، ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جي هيڊڪوارٽرن هئڻ وسيلي، ماڻڻ وڃي رهيو آهي. واهه ڙي سنڌ واهه! تنهنجا ٻيا جوڙيوال صوبا توسان ريس ڪندا. پنجاب توسان ريس ڪندو. سرحد صوبو توسان ريس ڪندو." (صفحو: 99)

جناب لياقت علي خان (اوپر بينگال، مسلمان)

"پاڪستان حڪومت ۾ پاڪستاني عوام سنڌ جا ۾ سنڌ سرڪار جا ٿورائتا آهن. سندن وقتائتي سهڪار لاءِ ٿورائتا آهن. مون کي پنهنجي ذهن ۾ ڪو به شڪ ناهي ته سنڌي عوام قانونساز اسيمبليءَ جو ٿورائتو ٿيندو، جو ان ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جي مستقل راڄڌانيءَ جو فيصلو ڪيو آهي. آئون پاڪستاني حڪومت جو موقف واضح ڪرڻ گهران ٿو. پاڪستاني حڪومت جي اها خواهش ڪڏهن به نه رهي آهي، نه آهي ۽ آئون اميد ٿو ڪريان ته ڪڏهن به نه هوندي ته ڪو سنڌي عوام کي نقصان يا کين ڪو گهاءُ رسائجي. اسين اهو خيال رکنداسين ته سندن مفاد تي ڪوبه تعصب رکيو نه ويو آهي."

"سرڪاري عمارتن جي سلسلي ۾، مون کان پُڇيو ويو آهي ته انهيءَ مامري تي پاڪستاني حڪومت جو موقف ڪهڙو آهي؟ منهنجي مانواري دوست محترم گزدر چيو آهي ته اسين سنڌ سرڪار کي ڏري رهيا آهيون. آئون ڪيس پڪ ڏياريان ته اسان جا اخلاقي معيار سندس، اخلاقي معيارن کان وڌيڪ بلند/اوچا آهن. پاڪستاني حڪومت، ڪنهن به صوبي کي اک ۾ رکڻ جي خطاڪار ڪڏهن به نه ٿيندي ۽ ڪنهن به صوبي سان غيراخلاقي نموني معاملا طئ نه ڪندي.

ڇاڪاڻ تہ مون کي پڪ آهي تہ پاڪستان جي طاقت، صوبن جي طاقت تي دارومدار رکي ٿي. (صفحو: 105)

"سنڌ سرڪار ۾ اسين هن معاملي تي ڪنهن بہ معاهدي تائين رسڻ ۾ سوپارا نہ ٿيا آهيون ۽ اهو ان ڪري آهي، جو اسين ٻئي ڌريون انهيءَ تان راضي نہ ٿي سگهيوسين تہ انهيءَ معاملي کي نبيري لاءِ اسان کي هن معتبر ايوان ۾ آزاد اداري ۾ اڇلو آهي. (صفحو: 107)

"هر اهو ماڻهو جنهن جي بصيرت ۾ وسعت آهي، مجيندو تہ حتمي طرح اهو سنڌي عوام ئي هوندو جيڪو ڪراچيءَ جي پاڪستاني راڄڌاني ٿيڻ مان وڌ مان وڌ فائدو ماڻيندو." (صفحو: 108)

مٿين اقتباسن پڙهڻ کان پوءِ ۽ اهو ڏسڻ کان پوءِ تہ ڪراچيءَ ۽ سنڌ سان هيل تائين ڇا ڪجهہ واقع ٿي چڪو آهي، ڪوبہ ماڻهو اهو فيصلو ڪري سگهي ٿو تہ سنڌي عوام کي اسان جي اڳواڻن جي واعدن ۽ خاطرين جي ڪيتري اهميت آهي:

"سائين! جيستائين انهن ادارن (يونيورسٽي وغيره) جو تعلق آهي تہ اسين سنڌ حڪومت جو آدرپاءُ ڪنداسين تہ اها انهن جو انتظام هلائي ۽ انهن کي ترقي ونڊائي ۽ جيستائين انهن ادارن جو تعلق آهي تہ اسان انهن ۾ ڪا بہ مداخلت نہ ڪنداسين."

ـ خواجا شهاب الدين

"پاڪستاني حڪومت جي اها خواهش ڪڏهن بہ نہ رهي آهي، نہ آهي ۽ آئون اميد ٿو ڪريان تہ ڪڏهن بہ نہ هوندي تہ ڪو سنڌي عوام کي نقصان يا کين ڪو گهاءُ رسائجي. اسين اهو خيال رکنداسين تہ سندن مفاد تي ڪوبہ تعصب رکيو نہ ويو آهي."

ـ لياقت علي

اسان جي پياري نبي محمد صلي الله عليہ وسلم ڏينهنجي سڄي پوئلڳ مومن جي رهنمائيءَ لاءِ، وقت جي منافق جو هڪ معيار مقرر

ڪيو آهي: "جڏهن هُو ڳالهائي ٿو هو ڪوڙ ٿو ڳالهائي. جڏهن هو ڪو واعدو ڪري ٿو تہ ان کي ٽوڙي ٿو. جڏهن هن کي ڪا به شيءِ امانت طور ڏني ويڃي ٿي تہ هُو ان ۾ خيانت ڪري ٿو." اها شيءِ اسان جي عوام تي چڏيل آهي تہ اندازو لڳائين تہ متين حرفتن ۽ امتيازن ۾ اسان جا ڪجهہ ليڊر ڪيتري حد تائين اهل يا نااهل آهن.

آئون هتي رڳو اسان جي مسلمان اڳواڻن جي، اسان جي مادري هوليءَ جي سلسلي ۾، رويي سان معاملو رکندس ۽ اهو ڏيکاريندس تہ سنڌ جي ڪراچيءَ کان جدائي ۽ سنڌ جي پنجاب سان الحاق وارن معاملي تي سنڌين جي مخالفت. هڪڙئي پنڌيان ٽيندڙ واقعي جي خيال کان. ڪيتري حد تائين جائز هئي.

پاڪستان جي قيام کان گهٽو اڳ، سنڌ يونيورسٽي علي ڳڙهہ کان (ڪراچي) منتقل ڪئي ويئي هئي. محترم اي. بي. اي. حليم کي ان جو وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويو. انهيءَ ۾ پير الاهي بخش. جيڪو تڏهن سنڌ سرڪار ۾ وزير هو. جي ڪوشش جو ٿورائتو ٿيڻ کپي. اهو محترم حليم ان ڪري نہ گهرايو ويو تہ ڪو هُو ڪل هندستان ۾ ڪو امتياز رکندڙ هو. پر هڪ سنڌي ڪيس هڪ مسلمان پاءُ جي حيثيت ۾ آندو تہ جيئن هو پنهنجن پوئتي پيل پائرن جي خدمت ڪري سگهي. هُو 1952ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر جي حيثيت ۾ رهيو. پنهنجو عهدو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر ٿيڻ لاءِ ڇڏيائين. جيڪا ڪراچيءَ جي سنڌ کان علحدگيءَ کان پوءِ قائم ڪئي ويئي.

محترم حليم سنڌين ۽ سندن هوليءَ سان ڪهڙو ورتاءُ رکيو. اهو هڪ ڏگهو ۽ ڏُکائيندڙ قصو آهي، جنهن کي هتي بيان ڪرڻ جي گهرج ناهي. مختصر اهو تہ، هن اڻن ورهين دوران، هر ممڪن شيءِ ڪرڻ وسيلي سنڌين سان پنهنجي تعصب جو مظاهرو ڪيو. ڪراچيءَ جي علحدگيءَ کان پوءِ، هن سنڌي هوليءَ کي چيپاٽيو. سنڌي اسڪولن کي بند ڪرڻ وسيلي، سنڌي ماسترن جي جاين گهٽائڻ وسيلي، سنڌي شاگردن کي سنڌي نصاب فراهم نہ ڪرڻ وسيلي، سنڌي پيپرن جي

جانچڻ لاءِ غيرسنڌين، جيڪي سنڌيءَ جي ڪا ٿورڙي ڄاڻ رکندا هئا، کي مقرر ڪرڻ وسيلي وغيره وغيره.

محترم حليم پنهنجي سنڌي ٻولي مخالف مهم ۾ ڪامياب ٿيو. ۽ اها مهم، هن هلندڙ تعليمي سال 58-1957ع تائين ايندي ايندي، يونيورسٽيءَ جي امتحانن لاءِ پيپرن جا جواب سنڌيءَ ۾ ڏيڻ جي ذريعي (Medium) واري سنڌي ٻوليءَ جي، حيثيت جي خاتمي جي نتيجي تائين وڃي پهتي آهي. درخواستي فارم 14هين آگسٽ تائين جمع ڪرائڻا آهن ۽ ڪنهن به پُل ڇُڪ جو تدارڪ، انهيءَ ڏنل تاريخ يا ڪنهن به قيمت تي امتحانن جي تاريخ کان اڳ تائين ڪيو ويو آهي.

هاڻي، هيءُ امتحاني پيپرن وارو سوال، ڪو هلڪڙو/سادو معاملو نه آهي، ڇاڪاڻ ته اهو اسان جي بنيادي حقن، اسان جي خدمتن ۽ پيشن تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ ايتري تائين جو اسان جو سماجي رتبو، تعليمي اهليتن تي دارومدار رکي ٿو. يونيورسٽيءَ جو امتحان، هڪ شاگرد جي علم ۽ لياقت جي آزمائش هوندو آهي.

اها ڳالهه هر ڪنهن تي روشن آهي ته سنڌي ڄاڻندڙ شاگرد، اردوءَ ۾ ائين لياقت سان ۽ اهليت سان، پيپرن جو جواب نٿو ڏيئي سگهي، جيئن ڪو اردو ڳالهائيندڙ شاگرد، اردو ڄاڻندڙ شاگرد جي پيٽ ۾ سنڌي ڄاڻندڙ شاگرد لاءِ خسارو/نقصان گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو مارڪون آهي (يعني اهو فيصلو پڻ ڪيو ويو هو ته اردو ڄاڻندڙ شاگرد کي امتحاني پرچن ۾ پنهنجن ڪنيل مارڪن سان گڏ 20 سيڪڙو رعايتي مارڪون به ڏنيون ويندیون. (مطلب ته جيڪڏهن ڪنهن اردو ڄاڻندڙ شاگرد 100 مارڪن مان 60 مارڪون ڪنيون آهن ته اهي 80 سمجهيون ويندیون. سنڌيڪار) مقابلي وارن امتحانن ۾، پوءِ پلي اهي ملازمتن، اسڪالرشپس يا داخلائن جي مقصدن لاءِ هجن، جيڪڏهن (سنڌي) شاگرد 390 مارڪون ڪٽي ٿو ۽ ٻيو (اردو ڳالهائيندڙ) 379 مارڪون ڪٽي ٿو ته پويون شاگرد چونڊجي وڃي ٿو ۽ اڳيون ناڪام ٿئي ٿو.

اهڙا مثال ڏنا/جاچيا ويا آهن ته جتي به سنڌي مقابلي جي امتحان جي اميدوار، متي ڄاڻايل نقصان هوندي، غير سنڌي اميدوار کان، لکت

وارن پرچن ۾ وڌيڪ مارڪون ڪنيون آهن. اتي ڪيس زباني پرچن ۾ گهٽ مارڪون ڏنيون ويون آهن ۽ سندس (اڳتي وڌڻ جا) امڪان وڪيريا/ختم ڪيا ويا آهن.

اهڙيءَ ريت، اهو طريقيڪار آهي ڪراچي يونيورسٽيءَ جو سنڌي هوليءَ جي امتحاني پرچن جا جواب ڏيڻ جي ذريعي (medium) واري حيثيت ختم ٿيڻ وارو معاملو سنڌين تي مقابلي (جي امتحانن) جا در بند ٿيڻ ۽ اردو جاڻندڙ شاگردن کي نه رڳو برتري پر عملي هڪ هٿي بخشڻ تائين وڌي آيو آهي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جو هيءُ طريقيڪار سنڌي شاگردن کي ان نيايي ڏيڻ تائين وڌي وڃي ٿو ته: "ڪراچي ڇڏي سنڌ ويو جيڪڏهن سنڌي هوليءَ جو بچاءُ ڪرڻ گهرو ٿا، ڪراچي اوهان جي ناهي."

(ڪراچيءَ جي) پندرهن لک آبادييءَ مان پنج لک اصلوڪا رهواسي آهن، جن جي مادري زبان سنڌي آهي ۽ اهي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾، سنڌي هولي ۽ ان جي لپيءَ کي جاري رکڻ گهرن ٿا، ائين ئي جيئن سڄي سنڌ ۾ ٿئي ٿو.

مادري هوليءَ جي، تعليمي/تدريسي ذريعي طور اهميت جتي ڪٿي ميجل آهي. ان کان به وڌيڪ هيءَ ڳالهه آهي ته هولي اسان جي (قومي) زندگيءَ ۾ هڪ اقتصادي ۽ ثقافتي عنصر آهي.

اسان جي آئين ۾، اسان سيني پاڪستاني شهرين کي مادري هوليءَ جي حق جي ضمانت ڏني ويئي آهي، جيڪا فقري 19 ۾ هينئين لفظن ۾ آهي:

"شهرين جي ڪنهن به گروهه، جيڪي الڳ هولي، لپي ۽ ثقافت رکن ٿا، کي انهن شين کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو حق حاصل هوندو."

(انهيءَ لحاظ کان) ڪراچي يونيورسٽيءَ جو طريقيڪار، سنڌين جي، پنهنجي سنڌي هوليءَ کي محفوظ ڪرڻ/رکڻ واري بنيادي/آئيني حق سان ٽڪراءَ ۾ اچي ٿو. مٿيون طريقيڪار، وڌيڪ، سنڌين لاءِ برابر موقعن جي هڪ ٻئي بنيادي حق سان پڻ ٽڪراءَ ۾ اچي ٿو، جنهن جي ضمانت آئين جي مهاڳ واري حصي ۾ هينئين لفظن ۾ ڏني ويئي آهي:

"جنهن ۾ بنيادي حقن، انهن حقن سميت جهڙوڪ رتبي ۽ موقعن جي برابري، جي ضمانت ڏيڻ ڪپي."

سڀ کان اهم ڳالهه اسان جي آئين جو فقرو: 5 پيش ڪري ٿو:

"سڀ شهري قانون اڳيان برابر آهن، ۽ قانون جي مساوي تحفظ جا حقدار آهن."

هيءَ هڪ بدقسمتيءَ جي ڳالهه آهي ۽ ان هوندي به سچي آهي ته ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌي، عمومي طرح، تعليم ۽ ثقافت ۾ پوئتي پيل آهن. عوام جو هيءُ طبقو قوم جو خاص ڌيان لهڻي ٿو. انهن لاءِ آئين، رفاهي طرح، مهاڳ ۾ هيءُ تحفظ فراهم ڪري ٿو:

"جنهن ۾، اقليتن ۽ پوئتي پيل ۽ ڏٽڙيل طبقن جي مفادن جي بچاءَ ۽ انهن کي قانوني تحفظ ڏيڻ لاءِ مناسب بندوبست ڪرڻ ڪپن."

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اختيارين، اسلام جي نالي ۾ ۽ اردوءَ خاطر، آئين جي اهڙن بندوبستن کي هوائن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اردو، عربيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. اها ئي شيءِ اردوءَ کي اسلام سان ڳنڍي ٿي، جيڪڏهن مذهب کي هرويرو به هوليءَ سان ڳنڍيٽو آهي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ ياران کهڙا ٻانا گهڙيا ويا آهن؟

(الف) سنڌي شاگردن جو انگ، امتحاني مقصدن لاءِ هڪ علائقائي هوليءَ جي حيثيت طور سنڌي هوليءَ جي تسليمت لاءِ، بنهه ٿورڙو آهي. (اهو چوڻ آهي وائيس چانسيلر جو)

رڳو ڪاليجن ۾ سنڌي شاگردن جو انگ ٻن هزارن کان مٿي آهي. اهو انگ پنجن لکن جي سنڌي آبادیءَ جي تناظر ۾ ٿورڙو آهي، پر امتحاني مقصدن لاءِ اهو انگ گهٽو وڌو آهي. وڌيڪ اهو ته، اهڙو ٿورڙو انگ يونيورسٽيءَ جي سنڌي- مخالف پاليسين جي ڪري آهي، جيڪي زور زبردستيءَ سان سنڌي شاگردن کي سنڌي موضوع چڏڻ ۽ اردو کڻڻ لاءِ مجبور ڪري رهيون آهن. سنڌي ڳالهائيندڙ آبادي، ڪراچيءَ جي ڪل آبادیءَ جو ٽيون حصو آهي، ۽ سيني مقصدن لاءِ هڪ علائقائي هوليءَ طور تسليميت جي مستحق ٽيڻ لاءِ ڪافي گهٽي آهي.

(ب) سنڌي، هڪ هوليءَ طور تسليم ڪئي وڃڻ جي اهل ناهي: پنجابي ۽ پختون، اردو ڪتب آڻين ٿا، پوءِ سنڌي ڇو نہ؟ (اهو دليل پيش ٿو ڪري وائيس چانسيلر)

اهي جيڪي سنڌيءَ کي هڪ هوليءَ طور تسليم نٿا ڪن، اهي اهڙو عمل اڃاڻائيءَ کان يا ساڻ کان ڪن ٿا، ۽ مون کي ساڻن بحث ڪرڻ جي ڪا گهرج ناهي. جيڪڏهن قديم تاريخ ۽ اعليٰ نسب، انساني نفسيات تي ڪو اثر ڇڏين ٿا تہ پوءِ اردو تہ سنڌيءَ جي پيٽ ۾، ايڏا ڪالهه ئي ڄاول هونگڙيون ڏيندڙ ٻار آهي. "اردو" لفظ، جيئن ان جو ترڪيءَ جو مخرج "ارد" مطلب، فوجي پڙاءُ، ٻڌائي ٿو، مغل شهنشاهيت جي پوئين زوال ڏانهن ويندڙ دور جي پيداوار آهي. جيستائين سنڌي هوليءَ جو تعلق آهي، تہ ان بابت لسانيات جا مستند ماهر چون ٿا تہ سنڌي هند آريائي هولين سان تعلق رکندڙ سنسڪرت، پراڪرت کان تہ گهٽي آڪاٿي آهي. آرين جو مقدس لفظ آهي: زند (زند اوستا مان ورتل)، ان جي معنيٰ آهي: شاندار، اهو لفظ هنن اسان جي هن ڌرتيءَ لاءِ استعمال ڪيو ۽ اهو بنجي پيو- سنڌ. ۽ پوءِ لفظ سنڌي، سنڌو ۽ هند، هندي، هندستان، اِنڊ، انڊس، انڊيا، انڊو-چائنا/هند-چيني، انڊونيشيا، (اولهه، اوپر) انڊيز (ٻيٽ)، (ريڊ) انڊين، انڊيانا، انڊيانا پولس (امريڪا جي گڏيل رياستن ۾).

پنجابين ۽ پناڻن جي معاملي ۾ اهو چئبو تہ، جيتوڻيڪ وٽن پنهنجيون مادري هوليون، پنجابي ۽ پشتو آهن، ان هوندي بہ، اهي پوئين صدي ۽ ان کان ڪجهه وڌيڪ عرصي کان وڻي پنهنجن پنهنجن علاقن ۾ پرائمري ۽ اعليٰ تعليم اردوءَ ۾ پرائين ٿا، سنڌيءَ جي معاملي ۾، صدين کان وڻي، پرائمري توڙي اعليٰ تعليم سنڌيءَ ۾ ڏني پئي ويئي آهي، ۽ سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو موجود رهيو آهي.

(ت) سنڌيءَ ۾ ڌار (امتحاني) پرچا، ڪراچي يونيورسٽيءَ تي ڳرو (معاشي) بار وجهن ٿا، جيڪو سندن افاديت کان تمام گهٽو آهي.

يونيورسٽي اختيارين سنت ئي وساري ڇڏيو آهي تہ سنڌ، تعليمي مقصد لاءِ ڪراچيءَ ۾ عمارتن، لائبريرين، ليبارٽرين وغيره تي

ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا. ۽ ڪراچي يونيورسٽي، سنڌين کي اهڙي قرض جو ٿورو حصو واپس ڏيڻ واسطي جيڪڏهن ٻيو ڪو به عيوضُ نٿي ڏيئي سگهي تہ ڪجهہ هزار رپين جو خرچ تہ برداشت ڪري سگهي ٿئي.

ـ ۽ سنڌيءَ خلاف اهڙو فيصلو رڳو يونيورسٽيءَ جي سينيٽ پاران ئي نہ پر ان جي انتظاميا ـ سنڊيڪيٽ جي مٿ جيترن 9 ماڻهن پاران پڻ ڪيو ويو آهي. سنڊيڪيٽ جو اهو فرض هو تہ اها سينيٽ کان اهڙي فيصلي جي تصديق ڪري ها. جيڪا يونيورسٽيءَ جي سڀ کان وڏي باڊي آهي، پر اُن اهو ڪجهہ ناهي ڪيو. جيڪڏهن وائيس چانسلر ۽ سنڊيڪيٽ شين کي انهن جي منطقي نتيجن پتاندر وڻڻ گهرن ٿا. اهو ائين ٿيڻ گهرجي. ساڳئي وقت استيتسڪو ضرور برقرار رکڻ کپي.

سنڊيڪيٽ جي 9 ميمبرن مان 3 ميمبرن انهيءَ قدم خلاف ووٽ ڏنو ۽ سنڌي سندن ٿورائتا آهن تہ انهن پنهنجو فرض نڀايو آهي. اهي 6 ميمبر، جن اهڙي قدم جي حق ۾ ووٽ ڪيو انهن اهڙو ڪم ڏ ڪرادائيءَ طور ڪيو اهي سنڌ آيا. کين ڪراچيءَ ۾ هڪ گهر ۽ چٽ ملي. سنڌين جي مفاد جي سخت مخالفت جسٽس ظهورالحسن لاري (Lari) پاران کيل چئي ويئي آهي. جڏهن تہ لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مسٽر ايس. اي رحمان اردوءَ جي حق ۾ ۽ سنڌيءَ جي مخالفت ۾، تازو ئي آل پاڪستان ڪلچرل ڪانفرنس لاهور ۾، ساڳيو ڪردار ادا ڪيو.

اسان جي عدليا سان لاڳاپيل شخصيتن لاءِ سڀ اهو آهي تہ اهي متضاد مسئلن ۾ پوڻ کان پاسو ڪن. سندن عهدا تقاضا ڪن ٿا تہ عدالتي هلت چلت کان ٻاهر، سندن عمومي رويو مثالي ۽ اُتساهيندڙ هجي.

هيءُ مسئلو هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن جي صورت ۾ ٻہ وڃي سگهي ٿو. اسان جو عوام ان معاملي ۾ بدقسمت رهيو آهي تہ اهي هاءِ ڪورٽن سان رليف لاءِ رجوع ڪندا رهيا آهن. جڏهن تہ اهو رليف ڪورٽن کان ٻاهر اچڻ گهرجي.

تازو ئي، اسان جي صدر محترم اسڪندر مرزا ڪراچي بار ايسوسيئيشن کي خطاب ڪندي لڳ ڀڳ شڪايت واري انداز ۾ چيو ته هاءِ ڪورٽن ۾ تمام گھٽيون رٽ پٽيشنون داخل ڪرايون پيون وڃن. هو صحيح آهي، پر اختيارين پاران اختيار ڪيل غيرقانوني ۽ نامناسب قدمن جي ازالي لاءِ ڇا ڪيو ويو آهي؟ خرابي هاءِ ڪورٽ جي ججن يا قانون ۾ ناهي، پر غير ذميوار انتظاميا ۾ آهي.

اسان کي ضرور ياد رکڻ گھرجي ته محترم حليم ائنڊ ڪمپني جيڪڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ جي امتحانن مان سنڌيءَ کي تڙي ڪيڙ ۾ ڪامياب وڃي ٿي ته پوءِ سياڻي، ٿي سگھي ٿو ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي امتحانن مان سنڌيءَ کي ختم ڪرڻ جي گھر ڪئي وڃي ۽ ٿي سگھي ٿو ته اُڳرا نتيجا اسان سنڌين لاءِ ايڏا محفوظ رکيا ويا هجن.

اسان جو وڏو ٻاڻ بنگالي انهن مڙني شين تي اصرار ڪري ٿو جنهن لاءِ بنگال ۽ بنگالي حقدار آهن. ۽ اهي شيون وڏيءَ حد تائين هن ماڻيون به آهن. هو ٻئي وڏي ٻاڻ پنجابيءَ لاءِ ون يونٽ جي عياشيءَ تي هار قبول ڪري ٿو. اها سڀ قومپرستي آهي ۽ ان جي اجازت به آهي ته اها تعريف لائق به آهي. پر جيڪڏهن ننڍو ٻاڻ سنڌي ڪجھ حقن جي تقاضا ڪري ٿو ته اها صوبي پرستي آهي ۽ اها قابل مذمت ۽ سزا جوڳي به آهي!

هيل تائين اسان جي شاگردن، جيڪي اسان جي عام خلق جو تسلسل ئي آهن، جون نمائندگيون، بيان ۽ مظاهرا، (ويران) ميدانن ۾ گونجندڙ آواز ئي ثابت ٿيا آهن. جڏهن ملڪ جي اڳواڻن ۽ حڪمرانن جا اخلاقي معيار ۽ ساک ايتريءَ حد تائين ڪري پوي ته پوءِ ڇا اهڙيون حالتون قانون کان مٿانهن لاڙن ۽ سرگرمين کي جنم نه ڏينديون آهن؟ ماڻهو گھڻي وقت تائين نماشائي ٿي رهي نٿا سگھن، جڏهن اهي شين کي پرکين ٿا، اهي دڳ اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪن ٿا، ۽ پوءِ انهن جي زبردست سگھ، هڪ طوفان وانگي اڳتي وڌندي آهي ۽ پنهنجي رستي ۾ ايندڙ هر شيءِ کي لوڙهي ويندي آهي.

آئون پاڪستان جي صدر کي، هنن مسئلن جي ازالي لاءِ ضرور اپيل ڪندس. هن خاص مسئلي جي حوالي کان، مٿس تمام وڏي ذميواري آهي- رياست جي سربراهه جي حيثيت ۾، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي چانسيلر جي حيثيت ۾ ۽ ڪراچيءَ جي رهواسيءَ جي حيثيت ۾. سندس وقتائتي ۽ مهربان مداخلت، هن مسئلي ۾، نه رڳو اسان جي نوجوان سنڌي شاگردن ۽ سندن والدين لاءِ رحمت ثابت ٿيندي، پر اها هڪ انصاف وارو عمل ٻڌجي سنڌي عوام جون دليون سندس حق ۾ پڙ ڪٽي سگهندي.

آئون ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جي ميمبرن کي اپيل ٿو ڪريان، اهي ترت ئي معاملا درست نموني رکن. هيءُ هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن جو فيصلو اڪثريتي ووٽنگ وسيلي نه ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۽ سنڌي اهڙي دعويٰ رکن ٿا، جيڪا دليل بازي ۽ مقدمي بازيءَ کان مٿانهين آهي. سينيٽ کي انهيءَ مقصد لاءِ خاص گڏجاڻي گهرائڻ گهرجي ۽ سنڌين جي ڪاوڙيل ذهنن کي سانتيڪو ڪرڻ گهرجي. آئون سئنڊيڪيٽ ميمبرن کي پنهنجي فيصلي تي نظرِ ثاني ڪرڻ ۽ هڪ قديم ٻولي ۽ هڪ مهمان نواز قوم لاءِ وڏي حد جي احترام رکڻ لاءِ اپيل ٿو ڪريان. آئون ڪراچيءَ جي عوام، اتان جي وچولي طبقي، ساڃهوندن ۽ عام ماڻهن کي اپيل ٿو ڪريان ته اهي پنهنجن ساٿي شهرين جي هن مسئلي بابت پنهنجي پاڻ کي تعلق ۾ آڻين ۽ ان نموني ڪردار ادا ڪن، جو ڪراچي يونيورسٽي حقيقي طرح (سيني لاءِ) روشني ۽ سکيا جو مثالي مرڪز ٻڌجي پوي. جتي نه رڳو سنڌي، پر پاڪستان جون ٻيون علاقائي ٻوليون پڻ ترقيءَ ۽ وڌڻ ويجهڙ لاءِ موقعا ڳولي سگهن. سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ ضرور رهڻ گهرجي.

حيدربخش جتوئي
ڪراچي
17 جنوري، 1957ع

پچاڙ ڪا اکر

آئون اڄ 11 جنوري، صبح ڏهين وڳي، جڏهن پمفليٽ جا پروف صحيح ڪري رهيو آهيان تہ مون کي اهو اطلاع ڏنو ويو آهي تہ ڪراچيءَ جي سنڌي شاگردن جي رٽ پٽيشن تي، ڪراچي هاءِ ڪورٽ (جيڪا جسٽس محمد بخش ۽ جسٽس رحيم بخش منشيءَ جي بئنچ تي ٻڌل آهي) ڪراچي يونيورسٽي اختيارين خلاف هڪ عبوري استي آرڊر جاري ڪيو آهي. اها گهٽي خوشيءَ ۾ري ڳالهہ آهي. اسان جي ڪراچي هاءِ ڪورٽ تي پڻ ۾روسو ڪري سگهجي ٿو. خاص طرح تڏهن، جڏهن عوام جي جمهوري حقن ۽ آزادين جي سوال کر کٽي ٿو.

پر اهو هڪ عارضي رليف اسان جي شاگردن کي مليو آهي. اسان کي ان بدران هڪ سياسي، عام مقبول ۽ مستقل نبيري تي ڏيان ڏيڻ کپي. انهيءَ لاءِ اسان کي پنهنجين ڪوششن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجن سنڌي مخالف دوستن کي مجائڻ گهرجي تہ سندن سمورو عزم غيراخلاقي ۽ غيرسياسي آهي. اسان جو اخلاقي دٻاءُ ايترو سگهارو هئڻ گهرجي، جو يونيورسٽيءَ اختياريون سنڌيءَ خلاف پنهنجن حڪم نامن تان هٿ کڻڻ جهڙي وڏيڪ معقول رويي اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي سگهن. انهيءَ معاملي ۾، هاءِ ڪورٽ ۾ اُڪلاءَ لاءِ پيل رٽ پٽيشن بي فائدي ٿي پوندي. اهو ئي ڏاهپ ۾ريو رستو آهي. محترم حليم وائيس چانسلر کي سينيٽ ۽ سنڊيڪيٽ کي قائل ڪرڻ کپي. هن اڳيئي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ گهٽي گڙبڙ پيدا ڪئي آهي، جيڪا يونيورسٽي معاملن ۾ وڏي سطح جي انڪوائريءَ جو سبب بڻي آهي. هن کي ٻين لاءِ پريشانيون پيدا ڪري، پنهنجين پريشانين ۾ اضافو نہ ڪرڻ گهرجي.

مون کي هر طرح اميد آهي تہ عوام اسان جي حمايت ڪندو. مون کي هر طرح اميد آهي تہ اسين ڪتنداسين، اسين ڪتنداسين، ڇاڪاڻ تہ اسان جو مقصد حقي آهي.

(نوٽ: هي دستاويز ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ پمفليٽ جي صورت ۾ 1957ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن وقت ڪراچيءَ مان سنڌي ماڻهن- سنڌي ٻوليءَ کي تڙي ڪڍيو پئي ويو. اڄ جڏهن ڇهه ڏهاڪا گذري چڪا آهن تنهن هوندي به ڪراچيءَ جي صورتحال ڏرتيءَ ڏڪين لاءِ ساڳي آهي. هي اُن دستاويز جو ترجمو آهي.)

[ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي هڪ مشهور پمفليٽ جو سنڌي ترجمو]

ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌي ٻولي

ـ جناب عالي، اسان ڪراچيءَ جي ايس. ايم. ڪاليج، ڊي. جي. سائنس ڪاليج، اسلاميہ ڪاليج، اين. اي. ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج، گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج، ڊوميڊيڪل ڪاليج، ايس. ايم. لا ڪاليج ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جا ٽن هزارن کان وڌيڪ سنڌي شاگرد، 4ـ سيپٽمبر 1956ع تي، سنڌي شاگردن جي هڪ عام جلسي ۾ پاس ٿيل پنهنجو هيٺيون ٺهراءُ، يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جي ويچار لاءِ عرض رکون ٿا، جنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ سنڌيءَ کي، هميشہ وانگر آئيندي بہ، يونيورسٽي امتحانن ۾ جوابن لکڻ جي ذريعي طور قائم رکڻ جو مطالبو ڪيل آهي:

"سنڌي زبان کي بہ، انگريزي ۽ اردو زبانن وانگر، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ امتحاني زبان جي حيثيت ۾ برقرار رکيو وڃي.

"آئيندي، يونيورسٽي امتحانن ۾ سوالن جا پرچا، انگريزي ۽ اردو ترجمي سان گڏ، سنڌي ترجمي سان بہ ڏنا وڃن.

"سنڌي زبان ۾ ڏنل جوابن جون ڪاپيون، فقط انهن ممتحنن کي ئي ڏسڻ لاءِ ڏنيون وڃن، جي سنڌي زبان کان چڱيءَ طرح واقف هجن.

"ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٻين سڀني ملڪي ۽ غير ملڪي زبانن لاءِ قائم ٿيل شعبن سان گڏ، سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ بہ هڪ جدا شعبو قائم ڪيو وڃي."

اسان، ڪراچيءَ جي اٽڪل پنج هزار شاگردن جو هڪ احتجاجي جلوس وٺي، 9ـ سيپٽمبر 1956ع تي، ڪراچي يونيورسٽيءَ

ٻاهران پهچي، انهن سڀني ساٿين جي نمائندن جي حيثيت ۾، اوهان اڳيان مٿيون نهراءُ عرض رکيوسين. مٿئين نهراءُ ڏانهن اوهان جي ذاتي توجهہ ۽ شخصي دلچسپيءَ لاءِ گذارش ڪري، وڌيڪ اهو ٻہ عرض ڪيوسين تہ اوهان مهرباني ڪري يونيورسٽي سنڌيڪيٽ کي ٻہ اسان جي هنن واجبي مطالبن تي همدرديءَ سان غور ڪري هن بي انصافي دور ڪرڻ ۽ سنڌي شاگردن جي بنيادي حقن کي محفوظ رکڻ لاءِ سفارش ڪندا.

اوهان ان وقت پنهنجي گفتگوءَ جي دوران اسان کي مشورو ڏنو هو تہ اسان پنهنجي مطالبن جي تائيد ۾ هڪ ياداشت ٻہ پيش ڪريون، تہ جيئن يونيورسٽي سنڊيڪيٽ کي هن مسئلي تي نظرثاني ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي.

اسان ان وقت ٻہ اهو عرض ڪيو هو ۽ هينئر ٻہ پنهنجو واحد ۽ فيصلہ ڪن دليل اهو ڏيون ٿا تہ جيئن گذريل نون سالن کان سنڌيءَ کي امتحاني زبان جو درجو حاصل رهيو آهي، تيئن آئيندي ٻہ ڪيس اها حيثيت حاصل رهڻ گهرجي. جيڪڏهن انهيءَ وچ ۾ ڪي اهڙا اٽٽر سبب ۽ رنڊڪون پيدا ٿي پيون هيون، جن سنڊيڪيٽ کي انهيءَ اوچتي قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو تہ پوءِ سندن فرض هيءُ هو تہ علمي دنيا جي واقفيت لاءِ انهن سببن ۽ رنڊڪن کي پهريائين ظاهر ڪن ها. ۽ پوءِ انهن سببن ۽ رنڊڪن کي پنهنجي وت ۽ وس آهر هٽائڻ ۽ دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ها. افسوس، جو سنڊيڪيٽ جي ڪارپردازن ائين نہ ڪيو۔ ۽ اها هڪڙي بنيادي حقيقت ئي سندن فيصلي کي هڪَ طرفو، غير واجبي ۽ اعتراض جوڳو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

چيو ويجي ٿو تہ سنڌي زبان ايجا انهيءَ لائق نہ ٿي آهي، جو ان کي يونيورسٽي امتحانن ۾ جوابن لکڻ جو ڪامياب وسيلو سڏي سگهجي. سوال ٿو اُٿي تہ سنڌي زبان جي انهيءَ لياقت يا عدم لياقت جو فيصلو ڪيئن ڪري سگهبو؟ جيستائين ڪراچيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي موجود هئي، تيستائين تہ اسان جي زبان خلاف ڪڏهن ٻہ اهڙي قسم جو

اعتراض ڪنهن ڪونہ اُٿاريو۔ اُنهيءَ يونيورسٽيءَ کي اڄ بہ اسان جي زبان جي انهن لياقتن ۾ پورو پروسو آهي. ڪراچي يونيورسٽي پاڻ بہ شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سنڌي زبان کي امتحاني زبان جي حيثيت ۾ قائم رکندي پئي آئي آهي: حيرت جي ڳالهہ البت هيءَ آهي تہ هن يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن سنڌيءَ ۾ لکيل جوابن جون ڪاپيون هميشہ سنڌي زبان کان بنهہ غير واقف شخصن کي ئي ڏسڻ لاءِ پئي ڏنيون آهن! بهرحال. اسان سنڌي شاگرد. جن جو ان ڳالهہ سان سنئون سڌو واسطو آهي. سي تہ امتحانن ۾ پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ سنڌي زبان جي صلاحيت ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبهو ڪونہ ٿا رکون. عين ممڪن آهي تہ اسان جا اهي غير سنڌي ممتحن ئي هجن. جن کي اسان جي زبان. يونيورسٽي امتحانن لاءِ. اٽڪوري ۽ اٽسڊريل نظر آئي هجي۔ ۽ انهيءَ خيال ۾ هو واقعي حق بجانب ٿي سگهن ٿا. ڇو تہ هر ڪا زبان هر انهيءَ شخص کي. جو ان زبان ۾ لکي پڙهي نٿو سگهي. ائين ئي نظر ايندي. پر. يونيورسٽيءَ جهڙي اعليٰ تعليمي اداري جي شان وٽان اها ڳالهہ نہ آهي. جو استادن جي هڪڙي گروهہ ۾ اعتبار نہ رکي. يونيورسٽي امتحانن ۾ لکيل جوابن جون ڪاپيون. استادن جي هڪ ٻئي اهڙي گروهہ کي جاچڻ لاءِ ڏئي. جي انهيءَ زبان مان چگيءَ طرح واقف ئي نہ هجن. ۽ پوءِ انهيءَ ٻئي گروهہ سان واسطو رکندڙ استادن جي ئي چوڻ تي لڳي. سنڌي زبان کي اٽڪورو ۽ اٽسڊريل سمجهي. ان ٻوليءَ کي مرڳوئي امتحاني حيثيت کان هيٺ لاهي ڏٽو ڪري ڇڏي۔ اِن کان وڌيڪ بي واجبي. اٽسهائيندڙ ۽ غير معقول بي ڪهڙي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي!

سنڌي ٻوليءَ کي امتحاني ٻوليءَ جي حيثيت کان خارج ڪرڻ لاءِ هڪڙو سبب اِهو بہ ڏنو ويجي ٿو تہ سنڌي زبان جي هن حيثيت کي قائم رکڻ ڪري يونيورسٽيءَ کي ٻيٽا خرچ ڪرڻا پوندا. ڇاڪاڻ تہ امتحانن ۾ هر قدم تي خرچ لازمي طور وڌيڪ ٿيندا. سنڌي زبان کي قربان گاهہ تي چاڙهي. يونيورسٽيءَ جي مالي بجيٽ کي درست رکڻ هڪ اهڙو تہ خسيس. پاراٽو ۽ دل آزاريندڙ دليل آهي. جو ٿوري سمجهہ

رکندڙ انسان بہ جيڪر اها ڳالھہ زبان تي آڻي ڦڪائيءَ کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪري. بهرحال، جيڪڏهن ان مالي تڪليف جي سوال تي ٿورو غور ڪبو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ وڌيڪ خرچ جو سوال فقط ہن ڳالهين لاءِ اٿندو: پهريون سوالي پرچن جي ترجمن ڪرائڻ لاءِ، ۽ ٻيو انهن جي ڇپائڻ لاءِ. ظاهر آهي تہ انهن ٻنهي ڪمن تي يونيورسٽيءَ جا مشڪل سان ٻہ چار هزار رپيا خرچ ٿيندا. اسان کي يقين آهي تہ خود ڪراچي يونيورسٽي اختياريءَ وارا بہ پنهنجن هيترن سارن شاگردن جي سهولت خاطر ايتريءَ معمولي رقم جي خرچ ڪرڻ تي ارها نہ ٿيندا۔ پولو نہ آهي جو سندن اهي شاگرد سنڌي ڳالهائيندڙ ئي چونہ ڪٽي هجن.

ائين بہ چيو وڃي ٿو تہ هاڻي ڇاڪاڻ تہ اردو اسان جي سرڪاري زبان آهي، تنهنڪري اردو کان اڻڄاڻ شاگردن لاءِ ضروري آهي تہ هو جلد از جلد اردو سکي ان ۾ مهارت حاصل ڪن۔ ان ۾ هنن جو پنهنجو ئي فائدو آهي!

سرڪاري زبان بنجڻ لاءِ اردو جي لياقتن، يا ملڪ جي دستور ۾ ان کي ان درجي عطا ڪرڻ جي دانشمنديءَ يا غير دانشمنديءَ واري سوال کي ڇڏي ڪري، اسين هن ڳالهہ تي احتجاج ڪرڻ کان ڪنهن بہ صورت ۾ پاڻ کي روڪي نٿا سگهون تہ پاڪستان جي دستور ۾ اسان جي زبان جو نالهو نالو بہ داخل نہ ڪيو ويو آهي۔ ۽ انهيءَ ظاهر ظهور زورآوريءَ خلاف، ۽ سنڌيءَ کي آئيني طور (مغربي) پاڪستان جي هڪ سرڪاري ۽ قومي زبان تسليم ڪرائڻ لاءِ اڳ ۾ ئي ڪراچيءَ سان گڏ سڄيءَ سنڌ ۾ هڪ زوردار عوامي هلچل هلي رهي آهي: صحيحن جي دستاويز تي لکن جي تعداد ۾ صحيحون ملي چڪيون آهن ۽ سنڌ جي سيني ميونسپالٽين، لوڪل بورڊن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ ٻين پبلڪ ادارن ۽ سنڌ جي سيني اخبارن ان مطالبي جي پرزور حمايت ڪئي آهي، ۽ اسان کي فخر آهي تہ اسان ڪراچيءَ جا سنڌي شاگرد بہ ان عوامي تحريڪ جا دليون جانيون حمايتي آهيون۔ پر ساڻئي وقت پاڪستان جي دستور ۾ سنڌي زبان کي سرڪاري حيثيت نہ ملڻ جي اها تہ معنيٰ نہ آهي تہ ڪي شخص، توڙي

يونيورسٽيءَ جھڙا پبلڪ جي پئسن تي هلندڙ ادارا ڇاڪي واڪي ان کي نڌڻڪو سمجھي، هيسائي ۽ ٻوساڻي مارڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪن. ڪراچي شھر ۾ اڳ ۾ ئي سنڌي پرائمري اسڪول بند ڪري، سنڌي ڳالھائيندڙ رھاڪن کي هر ممڪن طريقي سان پنھنجن ٻارن کي اردوءَ پرائمري اسڪولن ۾ داخل ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. "ڪراچي سيڪنڊري تعليمي بورڊ" وارن پڻ پنھنجي دائري اندر اسڪولن جي تعليمي نصاب ۾ اردوءَ کي تہ سيني شاگردن لاءِ لازمي ڪري ڇڏيو آھي، پر سنڌي رڳو سنڌين لاءِ ٻہ لازمي قرار نہ ڏني اٿن. اِئين ڪرڻ سان، ڪراچي يونيورسٽيءَ تہ سيني کان ٻہ قدم اڳتي وڌي، قلم جي هڪڙي ئي ڏڪ سان، سنڌي زبان کي، سندس پاڪستان کان ٻہ اڳ مليل درجي کان هيٺ لاھي، پنھنجي احاطي کان ڏکاري ٻاھر ڦٽي ڪري ڇڏيو آھي!

هتي اسين قائداعظم، قائد ملت، پاڪستاني پارليامينٽ ۽ دستورساز اسيمبليءَ جي انھن خاطرين کي دھرائڻ ضروري نٿا سمجھون، جيڪي هنن ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ ۽ وري سنڌ کي "الھندي پاڪستان" ۾ جذب ڪرڻ وقت، اسان جي زبان ۽ ٻين تھذيبي ورثن کي محفوظ رکڻ جي سلسلي ۾ اسان کي ڏنيون هيون.

اسان جو هيءُ عقيدو آھي تہ سنڌ وانگر، پاڪستان جدا جدا تھذيبن ۽ سپيتائن جو هڪ تجربيگاھ آھي، ۽ جدا جدا، رنگ برنگ گلن جي گڏجڻ سان هڪ پربھار گلشن جو مثال ٿو پيش ڪري. اسان جي ھن پياري وطن جو هي پيارو تختگاھ ـ ڪراچي ـ تہ ان لحاظ کان هڪ مثالي سرزمين آھي، جتي اسان جا بنگالي، بلوچ، پٺاڻ، پنجابي ۽ هندستان جي مختلف علائقن مان لڏي آيل اسان جا ڀائر، اسان هتان جي قديم سنڌي رھاڪن سان ـ اسين جن کي ھن ملڪ جي قديم شھري هجڻ تي واقعي فخر آھي ـ نهايت ميڙ محبت، ڀائپيءَ ۽ وطني جذبي سان گڏ رھن ٿا. انھن حالتن ۾، ڪراچي يونيورسٽيءَ کي تہ پاڻ اِن برادريءَ ۽ وطني حب جي مقدس جذبي تي قائم رھي، پنھنجي روشن دماغ، انصاف پسند ۽ بي ريا هجڻ سان ثابت ڪري ڏيکارڻ

گهرجي تہ هوءَ بہ سنڌ جي قديم تهذيب جي روح - يعني فراخ دليءَ، بردباريءَ، انساني همدرديءَ ۽ عالمگير محبت ۾ رڱيل آهي، ۽ هر تنگ نظريءَ ۽ تعصب کان آزاد نظريي جي مالڪ آهي.

هيءَ مختصر گذارش خدمت ۾ عرض رکندي، اسين اوهان ۾ اميد ٿا رکون تہ اوهين صاحب ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ جا ميمبر صاحب اسان جي هن ياداشت تي دلي همدرديءَ سان غور فرمائيندا، ۽ پنهنجي غير منصفانہ فيصلي تي نظرثاني ڪري، سنڌي زبان کي يونيورسٽيءَ جي تعليمي دنيا ۾ سندس اڳئين درجي تي قائم رکندا.

[ڪراچي يونيورسٽي سنڊيڪيٽ آڏو پيش ڪيل ڪراچيءَ جي سنڌي شاگردن جي ياداشت: 1956ع]

اولھ پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو

آزاديءَ کان ٻہ سال پوءِ، سنڌ جي ماڻھن جي مرضيءَ جي برخلاف، ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو. ان کان ٻہ سال پوءِ، 1951ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي جاءِ تي ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪئي ويئي، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي حيدرآباد آندو ويو. ڪراچي يونيورسٽيءَ وجود ۾ اچڻ شرط اعلان ڪيو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ، جيڪا سنڌي ٻوليءَ کي يونيورسٽي امتحانن ۾ جواب ڏيڻ جي تسليم ٿيل ذريعي جي حيثيت ڏني هئي، ان جي اُها حيثيت ختم ڪئي ويندي. نيٺ 1956ع ۾، سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن ۽ علائقي جي ماڻھن جي يڪراءِ مخالفت کي نظر انداز ڪري، ڪراچي يونيورسٽيءَ، پنھنجي سنڊيڪيٽ جي ھڪ ٻاھراڻ ذريعي، سواءِ ڪنھن سبب ڏيڻ جي، سنڌي ٻوليءَ جو مٿي ذڪر ڪيل درجو آخري طرح ختم ڪري ڇڏيو. سنڌ جي ماڻھن جي ٻوليءَ ھجڻ جي حيثيت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جيڪو مانُ ۽ مرتبو پاڪستان کان اڳ حاصل ھو، ان کان ڪيس محروم ڪرڻ لاءِ مٿس اھو پھريون وارُ ھو.

ٽن سالن کانپوءِ، 1959ع ۾، قومي تعليمي ڪميشن پنھنجي 'مشھور معروف' رپورٽ تيار ڪئي، جنھن ۾، سواءِ ڪنھن رک رکاءَ جي، بنھ ڪليو ڪلايو سفارش ڪئي ويئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي آھستي آھستي اھڙيءَ طرح نِستَ ۽ ناڪام بنايو وڃي، جو اُھا ڀِرڪي ڀِرڪي، وڃي رڳو پنجين پرائمري ڪلاس تائين تعليمي ذريعو رھي، ۽ ٽيندي ٽيندي، نوبت ايستائين وڃي پھچي، جو ڳالهائڻ جي ٻولي

پڻ سنڌيءَ بدران بدلجي اردو ٿي پوي، ۽ بقول ڪميشن رپورٽ جي، "انهيءَ نموني، آخر (اردو) وڃي هن ايراضيءَ جي عام مقبول ٻولي ٿيندي." پاڪستان سرڪار انهيءَ رپورٽ کي جيئن جو تيئن منظور ڪيو ۽ حڪم صادر ڪيو تہ ان تي عمل ڪيو وڃي. سنڌ جي ماڻهن کي جڏهن خبر پيئي تہ قومي تعليم جي ڪميشن سندن ٻوليءَ جي مستقبل تي ائين بنهہ اوندهہ جو ٽپو هڻي ڇڏيو آهي، تڏهن لاچار هو ان جي بچاءَ ۾ سر ڏڙ جي بازي لڳائڻ لاءِ تيار ٿي اٿيا. خوش قسمتيءَ سان پاڪستان سرڪار ترت ئي محسوس ڪري ورتو تہ قومي تعليم جي ڪميشن کائنئن اُهو زبردست غلطيءَ جو ڪم ٿي ڪرايو. تنهنڪري، هُنن، سنڌ جي ماڻهن جي جائز گهُر کي وزن ڏيئي، [14 آڪٽوبر] 1962ع ۾ ، فيصلو ڪيو تہ سنڌي ٻولي، جيڪا هڪ سؤ ڪن سالن کان وٺي انٽرميڊيئيٽ ليول تائين تعليم جو ذريعو پئي رهي آهي، سا اڳتي بہ سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ سنڌ ۽ ڪراچيءَ علائقن ۾ انهيءَ ئي حيثيت سان قائم رهي. اهڙيءَ طرح، سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اُهو جيڪو موتمار ۽ ڪاپاري ڏڪ لڳڻ وارو هو سو سنڌ جي ماڻهن جي گڏيل ڪوشش ۽ وقت سر بچاءَ جي تدبيرن ڪرڻ ڪري، گُسي ويو.

انهيءَ ڳالهہ کي اڄا چار سال بہ ڪين ٿيا آهن، تہ اولهہ پاڪستان جي سرڪار وري سنڌيءَ جي پاڻن ڪٽڻ لاءِ اڳي کان وڌيڪ هوشياريءَ ۽ ڏاهپ سان قدم کنيو آهي. اردوءَ جي ساراهہ ۽ پذيرائيءَ ۾ جيڪي ڏينهن رات قصيدا پيا پڙهجن ۽ ننديءَ کان وٺي وڏي ۾ وڏا ڪامورا ۽ عملدار ان تي جيڪي طرحين طرحين جون نوازشون پيا ڪن ۽ ان کي جائز توڙي ناجائز نموني زور ونائڻ لاءِ وڏي جوش خروش سان جيڪي سرڪاري ڪوششون پيون ٿين، تن اڳي ئي اردوءَ کي ايڏو اوچو رُتبو ڏيئي ڇڏيو آهي، جو اولهہ پاڪستان جون ٻيون علائقائي ٻوليون ان جي ڀيٽ ۾ بي مانائتيون ٿي پيون آهن ۽ ڪنهن جي ليکي ۾ ئي ڪونہ رهيون آهن. ملڪ جي عوامي ٻولين سان اڄ جيڪو پوري تعصب ۽ ويڑ وارو سلوڪ عام آهي، تنهن جو هڪڙو

مثال اولهه پاڪستان سرڪار جا اهي تازا حڪم آهن، ـ جن سنڌي ٻوليءَ لاءِ اڄا به هڪڙو وڏيڪ مُهلڪ خطرو کڙو ڪيو آهي.

اولهه پاڪستان سرڪار تازو سنڌ علائقي ۾ به جامع (comprehensive) اسڪول کوليا آهن. هڪڙو ميرپورخاص ۾ ۽ ٻيو خيرپور ميرس ۾. اهي ٻئي اسڪول آڪٽوبر 1966ع ۾ شروع ٿيا. ۽ انهن ۾ ڇهين، ستين ۽ نائين ڪلاس لاءِ داخلائون کوليون ويون. خيرپور ميرس واري اسڪول ۾، ذڪر ڪيل ٽن درجن ۾ ڪل اٺ شاگرد داخل ٿيا. ۽ ميرپور خاص واري اسڪول ۾ 208 شاگرد داخل ٿيا، جن ۾ اهڙا شاگرد، جن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، سي فقط 35 آهن. هر هڪ اسڪول ۾ سيني ڪلاسن ۾ شاگردن جو گڏيل تعداد پندرهن سؤ تائين پهچڻو آهي. هاڻوڪيءَ پنج ساله ترقياتي رٿا واري عرصي ۾، اولهه پاڪستان جي ٻين علائقن وانگر، هن علائقي ۾ به اهڙا ٻيا به اسڪول کلڻا آهن، جن مان ڪي خالص ڇوڪرين جا هوندا. آهي ته عجب جهڙي ڳالهه. پر اِها حقيقت آهي ته هن علائقي جي اُنهن سيني اسڪولن ۾ تعليم جو ذريعو اردو هوندو ۽ نه سنڌي. اولهه پاڪستان سرڪار اهڙو فيصلو صادر ڪرڻ فرماو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي جامع اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ شاگردن جو تعداد بنهه ايترو گهٽ ۽ مايوس ڪندڙ داخل ٿي سگهيو آهي.

اولهه پاڪستان سرڪار انهن اسڪولن لاءِ جيڪو تعليمي ذريعو مقرر ڪيو آهي، تنهن مان ته ائين سمجهبو ته جڙ اهي اسڪول هن علائقي جي فقط اردو ڳالهائيندڙ رهاڪن لاءِ ئي آهن. پر خوش قسمتيءَ سان ائين نه آهي. هنن اسڪولن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ سنڌي تعليمي ذريعي وارن شاگردن لاءِ به داخلائون کليل آهن. پر انهن سيني اعليٰ، مخصوص، سرڪاري، جامع اسڪولن ۾، جن سنڌي شاگردن کي داخلا ملندي، تن کي پڙهائي اردوءَ ۾ ئي ڪرٽي پوندي.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته اِنهن قيمتي ۽ شاندار اسڪولن جي حدن مان سنڌي تعليمي ذريعي کي نيڪالي ڏيڻ جو فيصلو اولهه

پاڪستان سرڪار ڪهڙي قانون هيٺ ۾ ڪهڙي تعليمي اصول موجب ڪيو آهي؟ اهو فيصلو ڪهڙي ليکي مناسب يا انصاف پريو آهي ۽ ان ۾ ڪهڙي مصلحت آهي؟ جنهن صورت ۾ هن علائقي جي سنڌي ٻالهائيندڙ ماڻهن جا ٻار گهٽي زماني کان وٺي سنڌيءَ ۾ تعليم ونندا رهيا آ هن، تڏهن اولهه پاڪستان سرڪار کي ڪهڙو حق آهي، جو رڳو هڪڙي عملداري حڪم سان ان تعليمي ذريعي کي ختم ڪري، ان جي جاءِ تي ٻيو تعليمي ذريعو مقرر ڪري- ۽ سو به پاڪستان سرڪار جي رڳو ٽي سال اڳ ڪيل پاليسيءَ جي فيصلي جي ڪُلي ڪُلائي ٻيڪڙي ۽ خلاف ورزي ڪري؟ جن ڇوڪرن پنجين، ڇهين ۽ ستين درجي ۾ پنهنجي تعليم مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ پرائي آهي، تن کي تعليمي خيال کان، ڇهين، ستين ۽ نائين ڪلاسن ۾ اردو تعليم جو ذريعو ڪهڙو فائدو پهچائي سگهندو؟ ڇا، اردو تعليمي ذريعو سندن راهه ۾، اصل اردو تعليمي ذريعي وارن شاگردن جي مقابلي ۾، داخلا وٺڻ وقت توڙي دستوري پڙهائيءَ ۾، رڪاوٽ نه ثابت ٿيندو؟ يا ائين ته نه آهي ته مُرڳو انهيءَ حڪم جو مطلب ئي اهو آهي ته سنڌي تعليمي ذريعي وارا شاگرد انهن اعليٰ اسڪولن ۾ داخلائون ئي نه وٺن! ڇا، اها هن علائقي جي اردو ٻولي ٻالهائيندڙ اقليت سان پاسخاطري ۽ سنڌي ٻولي ٻالهائيندڙ اڪثريت سان تعصب جي روش نه آهي؟ ڇا، انهيءَ جي مراد اها نه آهي ته ماڻهن کي اهو ڏيکارجي ته سرڪار جي نظر ۾ اردوءَ جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻولي گهٽ آهي، ۽ اهڙيءَ ريت سنڌي ٻولي ٻالهائيندڙ مائٽن کي لالچائي ۽ مجبور ڪجي ته هو توڙ کان ئي پنهنجن ٻارن کي اردو اسڪولن ۾ داخلا ڏيارين ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي مادري ٻوليءَ کي نيڪالي ڏيئي ٻي ٻولي اختيار ڪن؟ ڇا، عملي طرح، انهيءَ جو مطلب هڪڙي آزاد ملڪ جي ماڻهن جي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي ختم ڪرڻ جي برابر نه آهي؟ ڇا، اهڙيءَ ريت هڪ قوميت جي ٻوليءَ کي ختم ڪري، ان قوميت جي ماڻهن کي پنهنجي ئي وطن ۾ گهٽ درجي جو شهري نٿو بڻايو وڃي؟

سنڌ جي ماڻهن، پاڪستان جي نصب العين واسطي، جيڪي ڪجهه وٽن هو سو ڏنو آهي، ۽ ڪائنس سڀ ڪجهه ورتو ويو آهي. ٻوليءَ ۽ ثقافت جي حفاظت هڪ اهڙو بنيادي قومي حق آهي، جيڪو ڪين پاڪستان جي دستور مطابق مليل آهي. ساڳئي وقت اهو هڪ اهڙو بنيادي انساني حق آهي، جو "متحد جميعت اقوام" جي حقن جي پڌرنامي موجب دنيا جي سڀني قوميتن کي مليل آهي. سنڌ جي ماڻهن جو اهو پختو فيصلو آهي ته ڪٽي ڇا به ٿي پوي ته به هو پنهنجي انهيءَ حق جي حفاظت ضرور ڪندا. پاڪستان جي سمورن محب وطن ماڻهن جو اهو فرض آهي ته هو اردوءَ تي هروپرو بيواجبي زور نه ڏين، ڇو ته اها هلت پاڪستان جي ماڻهن کي هڪٻئي سان ملائڻ بدران منجهن شڪ ۽ بدگمانيءَ جا بج پوکي ٿي.

جڏهن به پاڪستان ۾ ٻولين جي مسئلي کي منهن ڏيڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪجي، تڏهن ان جي آڏو سڀ کان خطرناڪ رڪاوٽ اها ٿي سامهون اچي، جو اردوءَ جا حامي عقلي دليلن کي ٽُڏي، جذبات ۾ پرجي، اردوءَ کي اولهه پاڪستان جي واحد قومي زبان ثابت ڪرڻ تي ڪٽيو سَندرو ٻڌن. سندن اها جذباتيت بدقسمتيءَ سان هڪ ٻٽي غلط استدلال تي ٻڌل آهي. يعني، پهريون هيءُ ته هو چون ٿا ته اردو پاڪستان جي نظريي جو هڪ لازمي جزو آهي، تنهن ڪري اردوءَ جي بالادستيءَ تي ايمان نه آڻڻ معنيٰ پاڪستان جي نظريي کان بغاوت ڪرڻ! ٻيو هيءُ ته هو چون ٿا ته هند ۽ پاڪستان جي ننڍي کنڊ جي 'مسلمان زبان' اردو هئي ۽ آهي! جيڪڏهن پاڪستاني نظريو انهيءَ تصور تي ٻڌل آهي ته مسلمان، يا هند_پاڪ جا مسلمان، يا رڳو پاڪستاني مسلمان هڪ قوم آهن، ته پوءِ ان نظريي جي بنيادن ۾ ٻوليءَ جو هڪُ هجڻ به شامل هجي، سا ڳالهه ان تصور جي ظاهر ظهور خلاف آهي. تنهن کان سواءِ، جنهن صورت ۾ اردوءَ کان سواءِ بنگالي به اسان جي هڪڙي قومي زبان آهي، تنهن صورت ۾ اردوءَ کي پاڪستان جي نظريي جو لازمي جزو مڃڻ ۽ ان کي ئي اهو اعليٰ شان ڏيڻ بلڪل بي معنيٰ ٿيو پوي. ائين

برابر آهي تہ پاڪستان حاصل ڪرڻ جي جدوجهد هلندي، هندـ پاڪ جي ننڍي کنڊ جي مسلمانن اردوءَ جو پاسو ورتو ۽ ان جي حمايت ڪئي. پر اهو انهيءَ ڪري ڪونہ ڪيائون تہ ڪو اردو پاڪستاني نظريي جو لازمي جزو هئي، يا ڪو ان کي گڏيل هندستان جي ڪنهن مسلم اڪثريت واري يا خود ڪنهن مسلم اقليت واري صوبي جي هوليءَ تي فوقيت ڏني ڏنائون. بهرصورت، سنڌ جي مسلمانن پنهنجي هوليءَ کي قربان ڪرڻ لاءِ اردوءَ جي حمايت هرگز نہ ڪئي. اهو سوال ڪنهن بہ صورت ۾ نہ اڳي ڪڏهن پيدا ٿيو ٿي، نہ هاڻي ئي ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اردوءَ کي اهو حق آهي تہ پاڻ کي واحد مسلمان زبان سڏائي، تہ پوءِ فارسي، عربي وغيره زبانون، جي سندس انهيءَ دعويٰ کي چئلينج ڪن ٿيون، تن کي چڏي، خود سنڌي هولي بہ پاڻ کي مسلمان هولي سڏائڻ جو اردوءَ کان وڌو حق رکي ٿي. ڇو تہ هڪڙو تہ اردوءَ جي پيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ اهڙو گهڻو ادب آهي، جنهن کي "اسلامي" چئي سگهجي ٿو ۽ ٻيو تہ سنڌي، تعداد ۾، اردوءَ کان وڌيڪ پاڪستاني مسلمانن جي مادري هولي آهي.

پاڪستان جهڙي گهڻين هولين واري ملڪ ۾ انهيءَ ڳالهہ جي وڏي ضرورت آهي تہ ڪا اهڙي هولي هجي، جا عام لهَ وچڑ جو وسيلو ٿي سگهي. پاڪستان، جنهن جا بہ پاڳا جاگرافيءَ جي خيال کان هڪٻئي کان ايترو پري آهن، تنهن ۾ سڄي ملڪ جي قوميتن جي لاڳاپي جي هوليءَ جو مسئلو ايجا حل نہ ٿيو آهي. ڇو تہ ظاهر آهي تہ بنگالي ۽ اردو، جن کي سرڪاري طرح "قومي هوليءَ" جي لقب سان نوازيو ويو آهي، تن مان ڪابہ اهو ڪم ڏيڻ لاءِ ايجا تيار نظر نٿي اچي. اهو ئي سبب آهي، جو وقت بوقت انگريزيءَ کي (جا هن وقت عملي طرح سڄي پاڪستان لاءِ لاڳاپي جي هوليءَ جو ڪم پيئي ڏئي) قائم رکڻ، يا عربيءَ کي قومي هولي بنائڻ، يا پاڪستان جي ڪن هولين کي گڏي ڪا نئين هولي تيار ڪرڻ جهڙيون رٿون عام اڳيان پيش ڪيون ويون ۽ جن سموري پاڪستان لاءِ خاص لاڳاپي واري هولي مقرر ڪرڻ جا اِهي انسنا پيا ٿين، يا ان بابت جيڪي اهي رٿون پيون هلن، تن جو ڪٿي

ڪهڙو بہ حشر ٿئي، پر جيتري قدر اولهہ پاڪستان جي لاڳاپي جي ٻوليءَ جو سوال آهي، تہ اِهو چئي سگهجي ٿو تہ اهو معاملو ذري گگٽ طئي ٿيل آهي. جيڪڏهن اردوءَ کي عربيءَ ۽ فارسيءَ جي اجائي ۽ فضول اڀمبر کان ڇوٽڪارو ڏيارجي، تہ اها اولهہ پاڪستان جي لاءِ مختلف قوميتن جي وچ ۾ گهربل محدود ۽ خصوصي لاڳاپي جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي- بشرطيڪ اردوءَ جي حمايت ۾ اهڙي ٻي ڪابہ انتها پسند ڳالهہ نہ ڪئي وڃي ۽ نہ سوچي وڃي، جيڪا پاڪستان جي ٻين ٻولين (جن کي ڏاڍيءَ هلڪڙائيءَ ۽ لاپرواهيءَ سان 'علاقائي ٻوليون' سڏيو ويندو آهي) جي نهايت قدرتي ۽ جائز حقن ۽ حيثيتن کي ڇيهو پهچائي.

پر وڏي بدقسمتيءَ جي ڳالهہ آهي، جو انهيءَ باري ۾ نہ رڳو انتها پسند، پر بنهہ جنوني ڳالهيون سوچيون، بلڪ ڪيون پيون وڃن. جامع اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ٻارن بابت تعليمي ذريعي مقرر ڪرڻ ۾ مغربي پاڪستان حڪومت جو رويو اهڙي قسم جو رويو آهي. اهڙي ئي قسم جو ٻيو انتها پسنديءَ جو رويو ڪي اهڙا حلقا اختيار ڪن ٿا، جن کي پنهنجيءَ طاقت ۽ هلنديءَ تي ناز آهي. هو چون ٿا تہ اولهہ پاڪستان ۾ فقط اردوءَ کي ئي سرڪاري ۽ عدالتي ٻولي مقرر ڪيو وڃي. خود مغربي پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي جج، مسٽر جسٽس انوارالحق جهڙي روشن دماغ ۽ صاحب فهم هستيءَ بہ انهيءَ قسم جو بلڪ انهيءَ کان بہ وڌيڪ تشويشناڪ رويو اختيار ڪيو آهي. اي. پي. پي. جو اطلاع آهي تہ 15 مارچ 1967ع تي "مجلس تعمير و ترقي"، لاهور، جي اردو شعبي جي زير سهاري ٿيل هڪ مجلس مذاڪري کي خطاب ڪندي، هن صاحب چيو تہ "هاڻ تعليمي ذريعي جي سوال تي بحث ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي ڪانهي. پرائمري، مڊل، سيڪنڊري ۽ گرئجوئيٽ اسڪولن جو تعليمي ذريعو اولهہ پاڪستان ۾ اردو ۽ اوپر پاڪستان ۾ بنگلہ هئڻ گهرجي." جيڪي ماڻهو اولهہ پاڪستان ۾ اردوءَ کي واحد سرڪاري زبان جي مرتبي ڏيڻ جي گهر ٿا ڪن، تن سان آواز ملائيندي، هن صاحب وڌيڪ ظاهر ڪيو آهي تہ "ڪجهہ

وقت اڳي اولهه پاڪستان سرڪار اردوءَ کي سرڪاري زبان طور ڪتب آڻڻ جي موڪل ڏني هئي. پر اهو تجربو ڪامياب نه ٿيو ۽ بند ڪيو ويو. انهيءَ جو سبب اهو ڪونه هو ته اردو ڪافي ترقي يافته ڪانهي، پر سبب اِهو هو جو آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن ۾ اردو ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ جي گهربل لياقت ڪانه هئي." هن ساڳئي وقت چيو "جيڪڏهن قومي اتحاد حاصل ڪرڻو آهي ته (ٻيئي) قومي زبانون (هڪ نه!) لازمي طرح نافذ ڪرڻ ڪپن."

حقيقت ۾ مسٽر جسٽس انوارالحق کي وڏي ڳڻتي رڳي پنهنجيءَ دل گهريءَ ٻوليءَ اردوءَ جي آهي. ان کي اولهه پاڪستان ۾ مڪمل بالادستي ڏيارڻ جي پوري پوري وڪالت ڪرڻ ڪانپوءِ ئي هو لاچار علائقائي ٻولين جي وجود جو ذڪر ڪري ٿو ۽ هڪڙي ئي جملي ۾ انهن جو سمورو بحث ختم ڪري ٿو ڇڏي. چي، "قومي ٻولين سان گڏ علائقائي ٻوليون به عام جام وڏي ويجهي سگهن ٿيون."

اردوءَ جي حمايت ۾ عام طرح جيڪو انتها پسند رخ ورتو ويندو آهي، تنهن ۾ هڪڙي ڳالهه ڏاڍي غور ڪرڻ جهڙي آهي. اُها هيءَ آهي ته اردوءَ جا حامي بنگاليءَ کي هر ممڪن وڏي درجي ڏيڻ لاءِ هڪدم تيار ٿي ويڻ ٿا، ايتري قدر جو بنگالين کي ريجهائڻ لاءِ بنگالي ٻوليءَ کي بنگالين جي دلپسند نالي "بنگلہ" سان سڏين ٿا. ڇو؟ اول اول ته هن ڪري، جو هو ائين ڪرڻ لاءِ مجبور آهن. ورنه ته، جيئن اڳي 'بنگلہ' جي خلاف پرزور دليل بازيون ڪيائون ٿي، سي ساڳيون هاڻي به ڪن ها. ۽ مٿس به اهي ساڳيون جُلهون ڪن ٿا. جيڪي اولهه پاڪستان جي "علائقائي" ٻولين تي هينئر هو ايڏي زور شور سان ڪري رهيا آهن! ٻيو ته بنگاليءَ کي قومي ٻوليءَ جي درجي ڏيڻ ڪانپوءِ هو اردوءَ کي اولهه پاڪستان جي واحد قومي ٻوليءَ جي درجي ڏيارڻ ۾ سولائي محسوس ٿا ڪن. ٿيون ته بنگاليءَ کي اوپر پاڪستان ۾ واحد قومي ٻولي تسليم ڪري ۽ ان جي سامهون اولهه پاڪستان ۾ اردوءَ کي واحد قومي ٻوليءَ طور ڪڙو ڪري، هو اهڙو ڏيکاءُ ڪرڻ چاهين ٿا، جڏ ته اردوءَ جي اولهه پاڪستان ۾ اها ئي حيثيت آهي، جيڪا بنگاليءَ جي

اوپر پاڪستان ۾ آهي! حقيقت ۾ اها ڳالهه سراسر بي بنياد ۽ غلط آهي. هوڏانهن، بنگالي اوپر پاڪستان جي سمورن ماڻهن جي اڪيلي مادري زبان آهي، تہ هيڏانهن اردو اولهه پاڪستان ۾ ڪُل ماڻهن مان 7 يا 8 سيڪڙو ماڻهن جي مادري ٻولي مس هوندي.

ٻوءِ، آخر، اها ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن جي جائز يا ناجائز آڌار تي اردو اولهه پاڪستان جي واحد قومي ٻولي ٽيڙ جي دعويٰ ڪري ٿي؟ اردوءَ کي اولهه پاڪستان جي واحد قوميّ ٻولي مڃرائڻ ۾ پهريون مفاد اولهه پاڪستان جي انهن 7 يا 8 سيڪڙو اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي اڳواڻ حلقي جو آهي، جي سمورا ورهاڱي کان پوءِ هندستان مان لڏي اولهه پاڪستان ۾ آيا آهن، ۽ پنهنجي ٽورڙي تعداد جي نسبت کان تمام گهڻا سرڪاري عهدا ۽ واپاري ۽ صنعتي مفاد حاصل ڪري ويا آهن. انهيءَ ۾ ٻيو مفاد اولهه پاڪستان جي غالب اڪثريت واري پنجابي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي حڪمران حلقي جو آهي، جنهن جو تعليمي ذريعو گذريل 100 سالن جي عرصي کان وٺي، اول کان آخر تائين اردو رهيو آهي، ۽ جن جو سول ۽ فوجي نوڪرين ۽ ملڪ جي تيزيءَ سان وڌندڙ صنعت ۽ واپار ۾ پنهنجي حصي کان وڌيڪ دخل، بلڪ هڪ هٿي، آهي. اهڙيءَ ريت، اولهه پاڪستان جي اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙ ماڻهن جا حڪمران حلقا اردوءَ کي اولهه پاڪستان جي واحد سرڪاري، تعليمي ۽ قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ چاهين ٿا، تہ جيئن اُها هونئن ڪليو ڪلايو هڪٻئي لاءِ حسد ۽ رقابت جو اظهار ڪندا رهن ٿا. مثلاً، اردو ڳالهائيندڙ اڳواڻ حلقي جي "اهل زبان" هجڻ جي آڪڙبازيءَ، سيني کان وڌيڪ محب وطن هجڻ جي دعويٰ، ۽ ورهاڱي وقت کين نوڪرين ۾ جيڪي پنهنجي حصي کان وڌيڪ رعايتون ۽ حق ملي ويا هئا، تن کي بچائڻ لاءِ سندن قياس جوگي مگر مڃڏو روش، ۽ ملڪ جي واپار ۽ صنعت ۾ خسيس قسم جي مگر ڳڪ ڪندڙ مقابلي بازيءَ وغيره سبب، پنجابي ڳالهائيندڙ غالب اڪثريت وارو اڳواڻ حلقو سندن خلاف هميشہ پنهنجي حقارت ظاهر ڪندو رهندو آهي.

هڪڙي ٻالهه. جنهن اردوءَ کي وڌي اڀمبر سان اولهه پاڪستان تي نازل ٿيڻ ۾ وڌي هٿي ڏني آهي. سا اِها آهي ته هِتي علاقائي ٻوليون ترقيءَ جي ساڳئي ڏاڪي تي نه آهن. انهن منجهان اتفاق سان سنڌي سيني کان اڳتي وڌيل آهي. ڪن ٻالهين ۾ اها ايترو اڳتي وڌيل آهي، جو جيڪڏهن اردوءَ کان اڳتي نه آهي، ته ان کان پوئتي به نه آهي. انڀن صديءَ عيسويءَ جي شروعات کان وٺي اُها لکبي آئي آهي. سندس هاڻوڪو 52 اکرن وارو عربي-سنڌي رسم الخط، 1700ع ڌاري مڪمل ٿيو ۽ 1844ع کان وٺي اُها جديد ٽائيپ جي ڇاپي سان ڇپجي رهي آهي. آلجبرا، اقتصاديات، فلسفي وغيره جا اُن ۾ پهريان جديد ڪتاب 1856ع ۾ ڇپيا. جڏهن پاڪستان قائم ٿيو تڏهن سنڌي ڪن مضمونن ۾ بي. اي. ٽائين تعليمي ذريعو هئي، ۽ ايم. اي ٽائين پڙهائبي هئي. هِن وقت اها انٽرميڊيٽ تائين تعليمي ذريعو آهي ۽ منجهس انٽرميڊيٽ تائين سمورا درسي ڪتاب موجود آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو باقاعده شعبو آهي، ۽ پي. ايڇ. ڊي تائين پڙهي سگهجي ٿي. سنڌيءَ جون ست روزانيون اخبارون ۽ ڪافي هفتيوار ماهوار ۽ ته ماهي رسالا آهن. سندس 100 کان مٿي ڇاپخانا آهن، جي روزانه تقريباً هزار ڪن صفحا ڇاپين ٿيون. ڏهه هزار سنڌي پرائمري اسڪول آهن، جن ۾ پنجن لکن کان گهٽا سنڌي ٻولي ٻالهائيندڙ شاگرد تعليم وٺن ٿا. سنڌي گذريل 100 سالن کان، صوبائي حد اندر مختلف سطحن تائين، عدالتن، سرڪاري دفترن ۽ سرڪاري لکپڙهه جي ٻولي رهي آهي. ان جي ابتڙ، پنجابي ۽ بلوچي زبانون رڳو پرائمري تعليم جي ڏاڪي تي به نه ٿيون پڙهايون وڃن. پشتو جا هونئن تمام ترقي يافته ادبي زبان آهي، پرائمري اسڪولن ۾ 1934ع کان مس ڪجهه قدر تعليمي ذريعو ٿي آهي.

اولهه پاڪستان جي علاقائي ٻولين جي تقريءَ جي ڏاڪن ۾ انهيءَ زبردست فرق سبب، اهو لازمي آهي ته زبان جي مسئلي متعلق، سرڪاري پاليسين مقرر ڪرڻ وقت سيني سان ساڳي ڪار نه ڪئي وڃي. منجهانئن ڪنهن به ٻوليءَ جو درجو گهٽائي، ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ

جي گهٽ درجي تي نه آندو ويو. پاڻ جيڪا هيٺئين ڏاڪي تي هجي، تنهن کي وڏائي مٿئين ڏاڪي تائين پهچائڻ کپي. سيني سڌريل ملڪن ۾ ائين ڪيو ويندو آهي. اڄوڪي سڌريل زماني ۾ ڪنهن به قوميت جي زبان کي، خاص ڪري اهڙيءَ زبان کي جا سنڌي ٻوليءَ جهڙي جيئري جاڳندي ۽ وڌندڙ وجهندڙ ٻولي هجي، تنهن کي ڪنهن به طريقي سان دٻائي يا نپوڙي نٿو سگهجي، چاهي اُهي طريقا ڪهڙا به چالاڪيءَ وارا، قابليت سان ستيل يا ڏاڍائيءَ وارا چو نه هجن. مگر صد افسوس، جو ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته اولهه پاڪستان جي جن ٻن مفاد پرست ۽ طاقت جي نشي ۾ چُور ٽيل حلقن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، ۽ جيڪي اردوءَ کي اولهه پاڪستان صوبي جي واحد قومي، سرڪاري ۽ تعليمي ٻوليءَ جي درجي ڏيارڻ لاءِ وڏيءَ ٽيڙگر سان ميدان تي ٻيٺا آهن ۽ ان لاءِ رات ڏينهن ڪوشش ۾ لڳل آهن، تن جو اهو ئي ارادو آهي. 1956ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڪيل فيصلي جهڙا فيصلا، 1959ع ۾ قومي تعليمي ڪميشن جي ڏنل رٽن جهڙيون رٽون، ۽ اولهه پاڪستان سرڪار جي سنڌ وارن جامع اسڪولن بابت ڪنيل قدمن جهڙا قدم ثابت ٿا ڪن ته انهن سيني ڳالهين جو مطلب اُهو ئي آهي ته ڪيئن به ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪجي.

حقيقت ۾، ماڻهن جا اُهي حلقا، جيڪي فائدي وارين جاين تي قابض آهن ۽ سياسي طاقت جي مضبوط مورچن ۾ ويٺل آهن، سي سمورين سماجي، سياسي ۽ اقتصادي ڳالهين کي پنهنجي خاص نقطي نگاهه سان ڏسن ٿا، جنهنڪري سندن نظر تمام ڪوتاهه آهي ۽ آسپاس جي هر ڪا شيءِ کين ٽيڊي نظر اچي ٿي. جيڪي ماڻهو طاقت جي اوچن منارن تان بيهي ٿا ڳالهائين، سي ننڍڙن ۽ ڪمزور ماڻهن جي معاملن ۾ ڏاڍا بي صبر ۽ تنگدل آهن، ۽ جڏهن به سچي ڳالهه سندن پڌراين ۽ اعلانن جي تردید ڪندي آهي، يا ان سان ٽڪر کائيندي آهي، تڏهن هو ڏاڍي ڪروڌ ۽ حقارت سان سچ کي ٽڪرائي چڏيندا آهن. اردوءَ جا حامي طاقت جي ڪهڙي مورچي منجهان ٿا ڳالهائين؟ علائقائي ٻولين ۾ اها ڪهڙي ڪموزري آهي، جنهن کي

ڏسيو. هر ڪو ڪين نظر انداز ڪري. لنوائڻ ۾ ڏکاريل لاءِ تيار ٿيو ويجي؟ ان جو جواب هڪ ئي آهي: يعني، سياسي طاقت جو عدم توازن. اردوءَ جي طاقت جو راز ۾ اِهو آهي. ته علائقائي ٻولين جي ڪمزورين جو ڪاريل ۾ اهو ئي آهي.

اولهه پاڪستان جو صوبو اڄ جيئن ٺهيل آهي، سو جيڪو منظر پيش ڪري ٿو. سو غور ڪرڻ جي لائق آهي. ان ۾ هڪڙيءَ، يعني پنجابي ٻولي ڳالهائيندڙ قوميت کي ٻين سمورين قوميتن يعني سنڌي، بلوچي ۽ پشتو ڳالهائيندڙ قوميتن تي الڳ الڳ توڙي ڳڏ. ڳري اڪثريت حاصل اهي. اها هڪڙيءَ قوميت جي ٻين سمورين قوميتن تي اڪثريت دائمي ۽ ڪڏهن ۾ نه بدلجي سگهجندڙ آهي. اڙ ورهايل هندستان ۾ هندن کي مسلمانن مٿان اهڙي دائمي ۽ ڪڏهن نه بدلجي سگهجندڙ اڪثريت حاصل هئي. اتي اڪثريت جي راڄ جي معنيٰ هئي اقليت جي دائمي ۽ ڪڏهن ۾ نه مٽجندڙ غلامي. اهڙيءَ صورت ۾، جمهوري راڄ يعني اڪثريت جي حڪومت جو اصول رد ڪيو ويو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. خود پاڪستان ۾ ۾ اهڙي صورت پيش آئي. بنگالي ٻولي ڳالهائيندڙ قوميت کي ۾ اولهه پاڪستان جي سمورين قوميتن تي دائمي ۽ ڪڏهن ۾ نه بدلجي سگهجندڙ اڪثريت حاصل هئي. انهيءَ دائمي ۽ ڪڏهن ۾ نه بدلجي سگهجندڙ اڪثريت جي حڪومت کي ناپسند ڪيو ويو. "جمهوريت" کي رد ڪيو ويو. ان جي جاءِ تي اولهه ۽ اوپر پاڪستان جي وچ ۾ 'برابريءَ جو اصول' بنايو ويو. ۽ مڪمل صوبائي خودمختياريءَ ۽ 'قومي زبانن' جهڙا دستوري بندوبست ان کان علاوه ڪيا ويا. اولهه پاڪستان ۾ ۾ ساڳي صورتحال اهي، يعني هڪڙيءَ قوميت کي ٻين سمورين قوميتن تي مجموعي طرح دائمي ۽ ڪڏهن ۾ نه بدلجي سگهجندڙ غالب اڪثريت حاصل آهي. پر هن حالت ۾ سمورن اڳين مثالن ۽ انجامن اقرارن کي لتاڙي ڇڏيو ويو. هڪڙيءَ قوميت جي دائمي ۽ ڪڏهن ۾ نه بدلجي سگهجندڙ اڪثريت جي غلبي کي نه رڳو رد ڪيو ويو، پر جنسي بلڊوزر گهمائي، ان کي اولهه پاڪستان تي مڙهيو ويو. ان وقت ننڍين قوميتن جون

خوداختيار صوبائي حڪومتون، جيڪي موجود هيون، تن کي اندران کاٽ هٽي، کين ڇڪي ون يونٽ جي واڙ ۾ بند ڪري، متن مذڪوره اڪثريت جي حڪومت مڙهي ويئي هئي. اُهو اُنهيءَ اڪثريت جو حڪمران طبقو ئي آهي، جو پنهنجي مطلب لاءِ اردوءَ کي اولهه پاڪستان جي واحد قومي، تعليمي ۽ سرڪاري ٻوليءَ طور ڪڙو ڪريو ويٺو آهي. اردو، جنهن سياسي ٽيڪ تي بيٺي آهي ۽ جنهن طاقت جي مورچي منجهان ڳالهائي ٿي، سو اِهو ئي آهي. پلا، علائقائي ٻولين جي ڪمزوري ڪهڙي آهي؟ پهرين سنڌن ڪمزوري ته خير اِها آهي، جو هو سيئي اڄ واڌاري جي ساڃيءَ منزل تي نه آهن، جنهنڪري اردو منجهائڻ هر هڪ کي جنهن جنهن ليول تي چئلينج ڪري ٿي، اُن ليول تي اها علائقائي ٻولي اردوءَ سان مقابلو نٿي ڪري سگهي. بي سنڌن وڏي ۾ وڏي ۽ خاص ڪمزوري اِها آهي، جو ون يونٽ ۾ هو سياسي طرح معذور آهن، ۽ سنڌن پنهنجي ڪاب ذاتي علائقائي حڪومت ڪانهي، جا سنڌن پر گهور لهي ۽ پرورش ڪري.

پنهنجي ٻولين جي معاملي ۾ پنهنجي سياسي محتاجي ۽ بيوسي محسوس ڪري، اولهه پاڪستان جي ننڍين قوميتن جا ماڻهو سخت بيچين آهن. انهيءَ بيچينيءَ کي طاقت سان دٻايو پيو وڃي. سواءِ طاقت جي انهن کي دٻائڻ آهي به ناممڪن. جن حالتن ۾ ۽ جن طريقن سان ون يونٽ قائم ڪيو ويو، سو سڀني کي معلوم آهي. ايڏا ان کي ٿهئي سال ٻه مس ٿيو، ته خود ون يونٽ جي قانون ساز اسيمبليءَ، رڳو چئن ميمبرن کانسواءِ، يڪراءِ ٿهراءُ بحال ڪيو ته اولهه پاڪستان جي صوبن کي وري بحال ڪيو وڃي. انهيءَ تي مارشل لا لاڳو ٿيو. جمهوريت کي ختم ڪيو ويو. ون يونٽ کي عارضي طرح جيئدان مليو ۽ حالتن ۾ ڪجهه ناپر آئي. ون يونٽ ۾ اردوءَ کي واحد قومي، تعليمي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي مسند تي ويهارڻ مان ٻه اِها اميد پَئي ڪئي وڃي ته انهيءَ معرفت حالتن ۾ ايڏا وڏيڪ ناپر ايندي، جيڪڏهن سڄ پاڪستان ۾ نه ته ٻه اولهه پاڪستان ۾ قومي اتحاد ۽ يڪجهتيءَ مضبوط ٽيندي پر ڇا، اردوءَ جي سلسلي ۾ اِهي اميدون ۽ دعوائون

صحيح آهن؟ خاص ڪري اولهه پاڪستان جي مدبرن جو اِهو فرض آهي ته ملڪ جي آئيندي جي بهبوديءَ واسطي انهيءَ سوال جو جواب ايمانداريءَ سان سوچين ۽ پيش ڪن.

سڀ کان پهرين اِها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ کپي ۽ تسليم ڪرڻ کپي ته اردوءَ کي ڏهڙدوئنس، اُرهه زورائيءَ يا چالاڪيءَ سان مڙهڻ مان ڪجهه به هڙ حاصل نه ٿيندو. ان ڪري پاڻ انتشار ۽ ڏڦيڙ پيدا ٿيندو ۽ ملڪ تي ڊڪٽيٽرشپ جا اڳي کان ڏڳها ۽ وڌيڪ سخت دؤر ايندا. ساڳيءَ طرح اهو به سمجهڻ کپي ته اردوءَ جا مستر جسٽس انوارالحق جهڙا حد کان وڌيڪ جوشيلا طرفدار جنهن نموني اردوءَ کي اولهه پاڪستان ۾ واحد قومي ۽ سرڪاري ٻولي بنائڻ گهرن ٿا، سا ڳالهه فقط زور زبردستيءَ سان ئي ٿي سگهي ٿي. ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان اِها ڳالهه قبول ڪن، سو ناممڪن آهي. تنهنڪري اردوءَ کي هن ملڪ ۾ سڀني کان مٿانهين ۽ سڀني تي حاوي رتبي ڏيڻ جو خيال جيترو جلد ترڪ ڪجي، اوترو سڀني لاءِ بهتر ثابت ٿيندو. حقيقت ۾ اردوءَ جي آئيندي جو فائدو به انهيءَ ڳالهه ۾ آهي.

اردوءَ لاءِ جيڪا بهترين تجويز ٿي سگهي ٿي، سا هيءَ آهي ته اردو اولهه پاڪستان ۾ لاڳاپي جي ٻوليءَ جو ڪم ڏئي. انهيءَ ۾ سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري اولهه پاڪستان جو پلو آهي. اِنهيءَ ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ اولهه پاڪستان جي واحد قومي زبان سڏائي، يا "پرائمري، مڊل، سيڪنڊري ۽ گرئجوئيٽ اسڪولن" ۾ تعليمي ذريعو ٿئي، يا اولهه پاڪستان جي واحد سرڪاري يا عدالتي زبان بنجي. بنگالي اوپر پاڪستان جي واحد قومي زبان آهي ۽ ڪيس مٿيان سمورا ڪم سرانجام ڏيڻا آهن، تنهن جو سبب ڪو اِهو ڪونهي ته اها پاڪستان جي "بن قومي زبانن" مان هڪ آهي، پر ان جو سبب اهو آهي ته اِها اوپر پاڪستان جي واحد مادري زبان آهي ۽ عملي طور اُتي جي ماڻهن جي قومي زبان آهي. (جيئن اولهه پاڪستان ۾ علائقائي ٻوليون انهن علائقن جون مادري زبانون ۽ عملي طور قومي زبانون آهن). اردوءَ کي هڪ دفعو اهي مصنوعي

دعوائون ترڪ ڪرڻيون پونديون. جنهن صورت ۾ اها اولهه پاڪستان جي ماڻهن مان ساڌا ست سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان آهي، تنهن صورت ۾ بنگاليءَ ۽ ٻين مادري زبانن وانگر اُها ب اسان جي هڪ عزت لائق قومي زبان آهي. ان کي، انهيءَ مرتبي کانسواءِ، اولهه پاڪستان جي مختلف قوميتن جي وچ ۾ لاڳاپي جي ٻوليءَ جو جيڪو وڌيڪ اعزاز نصيب ٿي سگهي ٿو تنهن تي سندس ست اٺ سيڪڙو ڳالهائيندڙن کي ايڏا ب وڌيڪ خوش ۽ مطمئن ٿيڻ کپي. ۽ پڻ ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي، اها اولهه ۽ اوپر پاڪستان جي ماڻهن جي وچ ۾ ب لاڳاپي جي ٻولي ٿئي. پر انهيءَ شادار ڪارنامي سرانجام ڏيڻ لاءِ، اردوءَ کي سادو ۽ سهل بنجڻو پوندو ۽ پاڻ کي گهڙي سنواري هڪ سچي عوامي ٻولي بنائڻو پوندس. انهيءَ لاءِ کيس ڏارين ٻولين جا اجايا آٿر لاهڻا پوندا ۽ ڏارين اکرن ۽ اصطلاحن جي جيڪا لڏ پيل اٿس، سا اڇلائي ڇڏڻي پوندي، ۽ پاڪستان جي ٻين عوامي ٻولين مان ڪافي لفظن ۽ محاورن جو ذخيرو هٿ ڪري پاڻ ۾ جذب ڪرڻو پوندو.

اولهه پاڪستان ۾ پڙهيلن جو تعداد سورنهن سيڪڙو مس آهي. چوراسي سيڪڙو ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ سيکارڻو آهي. اهو تمام گهرو ڪم آهي. ماڻهن کي فقط پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ئي پڙهائي سگهجي ٿو ۽ پڙهائڻ گهرجي. علم نفسيات ۽ علم تعليم جي انهيءَ بنيادي اصول کي مادري ٻوليءَ جي جاءِ تي "قومي ٻوليءَ" جي اکر ڪتب آڻڻ واري حرفت ۽ کيڏ هرگز ڪوڙو ڪري يا بدلائي نہ سگهندي اردو اولهه پاڪستان جي 93 سيڪڙو اسڪولن ۾ تعليمي ذريعو نہ ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ڪا ٿيڻ گهرجي-پوءِ ڪٿي اردوءَ کي لفظي کيڏ يا "ڏارينءَ" بدران "قومي" ٻولي چو نہ سڏجي. اِها ڳالهه پنجابي ڳالهائيندڙ اڪثريت واريءَ قوميت سان ب اهڙيءَ طرح لاڳو آهي، جهڙيءَ طرح ٻين اقليتي ٻولين ڳالهائيندڙن سان. پنجابي ڳالهائيندڙن تي سؤ سالن کان سندن مرضيءَ ۽ فائدي جي برخلاف اردوءَ ۾ پرائمري تعليم مڙهي ويئي آهي. جيترو جلد هو انهيءَ چٽيءَ کان جند ڇڏائين،

اوتروئي ٻين کان وڌيڪ سندن فائدو آهي. اولهه پاڪستان جي پشتوءِ بلوچي ٻالهائيندڙ ماڻهن کي به پرائمري تعليم پنهنجي مادريءَ ٻوليءَ ۾ ملڻ گهرجي ۽ نه اردوءَ ۾. هاڻي جيئن کين اردوءَ ۾ پاڙهيو وڃي ٿو تنهن مان کين ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو. انهيءَ مان پاڻ کين وڏي ۾ وڏو نقصان ٿو پهچي. ساڳيءَ طرح اُهي ٻار جن جي مادري ٻولي اردو آهي، سي جتي به ايتري تعداد ۾ موجود هجن، جو پڙهائيءَ لاءِ انهن جو هڪڙو ڪلاس قائم ٿي سگهي، اُتي کين پرائمري تعليم اردوءَ ۾ ڏيڻ کپي. پاڪستان ۾ ٻولين جي مسئلي جي حل لاءِ اِها پهرين بنيادي ٻالهه آهي.

اولهه پاڪستان ۾ ڪي جتيءَ طرح نروار ٿيل ٻوليوار ايراضيون آهن. اردو ڏار ڏار ٻولين وارين قوميتن جي وچ ۾ لاڳاپي جو ڪم ڏيئي سگهي، تنهن لاءِ ماڻهن کي اردوءَ جي گهٽ ۾ گهٽ ۽ ضروري ڄاڻ ڏيڻ لاءِ اردوءَ کي چوٿين ڪلاس کان وٺي ٻيءَ (second) لازميءَ ٻوليءَ طور پڙهائڻ گهرجي. ساڳيءَ ريت، اردو ٻالهائيندڙ ٻارن کي وري چوٿين ڪلاس کان وٺي، لازمي ٻيءَ ٻوليءَ طور، ان علاقي جي ٻولي پاڙهجي، جنهن ۾ هو رهن ٿا. پاڪستان ۾ ٻولين جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اِها ٻي بنيادي ٻالهه آهي.

اهڙي ٽي بنيادي ٻالهه هيءَ اهي تہ اِها حقيقت تسليم ڪجي تہ علائقائي (عوامي) ٻولين جي واڌاري جي سطحن ۾ فرق آهي. آزاديءَ وقت جيڪا به ٻولي، جنهن به منزل تي پهتل هئي، تنهن کان ڪيس هرگز ڪيرايو نہ وڃي. سنڌي ٻولي آزاديءَ کان اڳ پنهنجي ايراضيءَ ۾ تعليمي زرعي، عدالتي زبان ۽ سرڪاري دفتر ۽ لکپڙهه جي زبان جي حيثيت ۾ جيڪو رُتبو ماڻيندي هئي، ان جو اُهو رتبو هر حالت ۾ قائم رهڻ کپي. قومون آزاديءَ مان ثقافت جي ميدان ۾ جائز طور وڌين نعمتن جون آسون اميدون رکنديون آهن. سنڌي قوميت کي به آزاديءَ جي ميون مان پنهنجو حصو ملڻ کپي. پر وڌيڪ نہ ملیس تہ به گهٽ ۾ گهٽ جيڪي ڪجهه وٽس اڳي هو سو تہ وٽس رهڻ کپي. ان کان به ڪيس محروم ڪرڻ ٿيندو هڪڙيءَ قوميت جي ثقافت کي ڪچلڻ ۽ ختم ڪرڻ.

ٻولي ماڻهن جي روزمره جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو وسيلو آهي. اُها ڪين سلامتيءَ ۽ خودداريءَ جو اُهو احساس ڏياري ٿي، جنهن ڪانسواءِ قومن جو وجود بي معنيٰ آهي. ٻولي اُهو وسيلو آهي، جنهن جي ذريعي ماڻهو پنهنجي خيال، پنهنجي ارادي ۽ عمل جو آزاد اظهار ڪن ٿا. اُها ڪين، انسانن جي حيثيت ۾، ڪڏهن به نه ڪسجي سگهجندڙ فطرتي ۽ اَٽ لکي روحاني خوشي عطا ڪري ٿي. انهيءَ ڪري ماڻهن جو اهو پيدائشي حق آهي، ۽ مهذب زندگيءَ جو اهو پهريون شرط آهي، ته ماڻهو پنهنجيءَ ٻوليءَ کي سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ ٻين سمورن ميدانن ۾ ڀرپور نموني ڪتب آڻي سگهن. جنهن عوامي ٻوليءَ کي پنهنجي چٽيءَ طرح نروار ٿيل ايراضي به آهي، سا اُن ايراضيءَ جي سرڪاري ٻولي ٿيڻ کپي. اولهه پاڪستان ۾ خاص ڪري سنڌي ٻولي اڳ ۾ ئي سؤ سالن کان به گهٽي وقت کان وٺي پنهنجي ايراضيءَ ۾ سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت رکندي رهي آ هي. تنهنڪري سڀ کان پهرين سنڌي ٻوليءَ جو سنڌي ڳالهائيندڙ علائقي ۾ سرڪاري زبان جو رتبو بحال رکيو وڃي ۽ ملڪ جي دستور ۾ تسليم ڪيو وڃي. ان سان گڏ اولهه پاڪستان جي ٻين عوامي ٻولين کي به ساڳيءَ طرح پنهنجي ۽ پنهنجيءَ ايراضيءَ لاءِ پاڪستان جي دستور اندر سرڪاري زبان طور تسليم ڪيو وڃي ۽ سندن اُن حيثيت جي قائم رکڻ جي ضمانت ڏني وڃي. پاڪستان جي ٻولين جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اِها آخري ۽ اهم بنيادي ڳالهه آهي.

علائقائي يا عوامي ٻولين جي ڳالهه ڪندي، اچو ته هڪڙي ٻئي دليل جو ذڪر ڪريون، جنهن جي باري ۾ ڪي ماڻهو ڏاڍو شور مچائيندا آهن ـ حالانڪ ان ۾ هوش گهٽ ۽ جوش وڌيڪ هوندو آهي. اردوءَ جي فائدي ۾ اِهو دليل ڏاڍو مضبوط ۽ لاجواب سمجهيو ويو آهي ته جيئن ته انگريزي ڏارين زبان آهي، تنهنڪري ان جي جاءِ تي، سيني ميدانن، جهڙوڪ تعليمي، سرڪاري وغيره، ۾ فوراً اردو رائج ڪرڻ کپي. ڇا، ڏارين ٻولي هر حالت ۾ باقي رهيل بنياد ۾ به ڪيترين ڳالهيون ائين سطحي طور فرض ڪري ورتيون ويون آهن. پهرين اهو

فرض ڪري ورتو ويو آهي تہ اسان لاءِ اولهہ پاڪستان ۾ اردو اهڙي قومي ٻولي آهي، جهڙي مثال طور ايران ۾ فارسي آهي! تنهنڪري ڏارينءَ ٻوليءَ کي ڪيئن ان جي جاءِ تي اردوءَ کي رکڻ کپي. انهيءَ حجت جو اِهو پهريون بنياد ئي ظاهر ظهور غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ماڻهن مان 93 سيڪڙو ماڻهن لاءِ اها غير مادري زبان آهي. تنهنڪري جيڪڏهن حقيقتن کي تمام سختيءَ سان ڏسبو ۽ ونبو تہ اها اسان لاءِ اُهڙي ئي ڏارين زبان آهي، جهڙي مثال طور ايران جي ماڻهن لاءِ. ٻيو تہ اهو فرض ڪيو پيو وڃي تہ لياقت جي خيال کان اردو اڃوڪين جديد تعليمي ۽ سرڪاري ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ ايتري پختي ۽ پرپور ٻولي آهي، جيتري انگريزي. انهيءَ ڳالهہ کي اهڙي نموني پيش ڪرڻ سان ئي اردوءَ جي ڪچائي پڏري ٿيو پوي. اردوءَ جا حامي تہ خير، پانئين ڏا تہ اِنهيءَ هنڌ سندن پير ڏاڍا پختا آهن، پر حقيقت ۾ هو اِنهيءَ جاءِ تي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور آهن. جڏهن کين ثابتين پيش ڪرڻ لاءِ چئجي ٿو تہ ونيو قسمين قسمين بهانا ڪن ۽ اگر مگر جي چڪر ۾ ڦاسجيو وڃن. حقيقت ۾ اردو نہ رڳو هن وقت جديد دور جي گهرجن پوري ڪرڻ جي لائق نہ آهي، پر آئيندي هلي بہ پاڻ ۾ اهڙيءَ لياقت پيدا ڪرڻ جي منجهس اهليت ڪانہ ئي ڏسجي. اها اڳي ئي عربي ۽ فارسي لغت، محاورن ۽ گرامر جي ڳري بوجي هيٺ دٻي پيئي آهي. سندس پاڻ ۾ پنهنجي وٽ يا تہ آهي ئي ڪانہ يا تہ هوءَ ان مان ڪم ونڊ نڪي چاهي. تنهنڪري، هاڻي، ڪو جديد معنيٰ وارو لفظ ٺاهڻو پوندو اٿس، تہ ونِي عربيءَ ڏانهن ڊوڙ پائيندي آهي. تنهنڪري اُها خود انهن ماڻهن لاءِ بہ اڃ ڏارين زبان ٿيو پوي، جن جي اها مادري زبان آهي، ۽ اولهہ پاڪستان جي جن 93 سيڪڙو ماڻهن جي اها مادري زبان نہ آهي، تن لاءِ تہ ٻيڻي ڏارين بنجيو پوي. اردوءَ کي هڪدم ڏارينءَ ٻوليءَ انگريزي جي جاءِ تي رائج ڪرڻ جي فائدي ۾ اٽاريل حجت جو ٿيون بنياد اِهو آهي تہ اِهو فرض ٿو ڪيو وڃي تہ اوپر پاڪستان ۾ بنگالي ٻولي ڏارينءَ ٻوليءَ جي جاءِ والاري سگهي ٿي، پر اولهہ پاڪستان ۾ اردوءَ کان سواءِ ٻي ڪابہ عوامي ٻولي، پنهنجي ايراضيءَ ۾ بہ، انگريزيءَ

جي سموري يا ڪجھ جاءِ ۾رڻ جي لائق ۽ اھل ناھي. اِھا ڳالھ سراسر بي بنياد آھي. جيڪڏھن انگريزيءَ کي بلڪل يا ڪنھن حد تائين ڪڍي ڇڏيو ويو تہ پوءِ اردوءَ کي اولھ پاڪستان لاءِ لاڳاپي جي ٻوليءَ جو محدود ڪم تہ برابر سونپي سگھجي ٿو. باقي ٻيو سمورو ڪردار عوام جي پنھنجين ٻولي کي، پنھنجين پنھنجين ايراضين ۾، پنھنجين پنھنجين لياقتن موجب، ادا ڪرڻو پوندو. تنھنڪري اردوءَ جِي پاڻ کي انگريزيءَ جي جاءِ نشين طور پيش ڪرڻ جِي دعويٰ فقط ايتريءَ حد تائين واجبي آھي، جيتريءَ حد تائين اھا اولھ پاڪستان ۾، ۽ خاص طرح اولھ ۽ اوپر پاڪستان جي وچ ۾، لاڳاپي جي ٻوليءَ جو پارٽ ادا ڪري سگھندي. جيڪڏھن ڪنھن سبب ڪري اھا پاڪستان جي ٻن پاڳن جي وچ ۾ لاڳاپي جي ڪم ڏيڻ ۾ ناڪام ويئي-درحقيقت، بدقسمتيءَ سان، اھا انھيءَ ڪم ۾ اڳ ۾ ئي ناڪام ٿي چڪي آھي- تہ پوءِ اوتري قدر اُھا پنھنجي خاص رتبي کي لوڏي ۾ وجھي ڇڏيندي، ۽ خود اولھ پاڪستان ۾ بہ لاڳاپي جي ٻوليءَ ھجڻ جي دعويٰ ذري گھٽ ھارائي وجھندي. جو تہ پوءِ ان کي انگريزيءَ ۽ عربيءَ تي ڪڙي فوقيت رھندي، جڏھن عربي يا انگريزي خود اولھ پاڪستان ۾ بہ اھو لاڳاپي جو ڪم اردوءَ کان بھتر نموني ڏيئي سگھي ٿي؟ اھڙيءَ صورت ۾ اردو مرڪو ميدان مان ئي نڪري ويندي. اھا ڳالھ سچ پچ تہ نہ ٿيڻ کپي. ڪن تمام حقيقي سببن ڪري، اردوءَ کي ضرور پاڪستان جي مختلف قوميتن جي وچ ۾ لاڳاپي جو ڪم ڏيڻ کپي. اِھي سبب ڪھڙا ٿي سگھن ٿا، سو ھڪ ڌار موضوع آھي، جنھن تي ھتي بحث ڪرڻ جو ضرور ڪونھي. بھرحال، اِھا ڳالھ خود اردوءَ جي فائدي وٹان آھي تہ اھا پنھنجي ڪوڙي آپيشاھي ۽ خواہ مخواھہ جي آڪڙبازي ڇڏي، پنھنجي اصلي صورت اختيار ڪري. اُھا سندس اصلي صورت ھيءَ آھي تہ اُھا اولھ پاڪستان جي ست اٺ سيڪڙو ماڻھن جي مادري زبان آھي ۽ انھيءَ کري جيئن اولھ پاڪستان جي ٻين 93 سيڪڙو ماڻھن جون مادري زبانون پاڪستان جون قومي زبانون آھن، تھڙيءَ ريت ھيءَ بہ انھن جھڙي ھڪ قومي زبان آھي.

انساني دماغ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي عجيب ڏنگ ۾ سوچيندو آهي. اولهه پاڪستان ۾ اردوءَ جي علمبردارن کي الائي ڪيئن اهو خيال اچي ٽيو آهي ته اوپر پاڪستان ۾ اردوءَ کي ڪُچليو پيو وڃي، ۽ بار بار اِها ڳالهه ورجائي، اوپر پاڪستان ۾ اردوءَ کي هڪِي ڏيڙ لاءِ طرح طرح جون دليلبازيون پيدا ڪندا آهن. ڪراچيءَ جي اخبار "جنگ" ۽ اردوءَ جي ٻين اخبارن ۽ رسالن جي ڪالمن ۾ سدائين رڙورڙ لڳي پيئي هوندي آهي ته اپرندي طرف اردوءَ سان ناحق پيو ٿئي. مثال طور ڪراچيءَ جي بااثر ۽ مقبول عام ماهوار رسالي "عالمي ڊائجيسٽ" پنهنجي اپريل 1967ع واري پرچي ۾ِاجهو هيءُ ايڊيٽوريل نوٽ لکيو آهي:

".... اوپر پاڪستان مان جيڪي خبرون پهچن ٿيون، تن مان معلوم ٿو ٿئي ته اُتي اردوءَ تي ڪات ڪهاڙا ڪنيو ويندا آهن. جيڪي (اردو ڳالهائيندڙ) ماڻهو 'پنهنجي مادري ٻوليءَ' ۾ تعليم وٺڻ چاهين ٿا، تن لاءِ اردو تعليمي ذريعي جون سهولتون ڏينهون ڏينهن وڌن گهٽبيون. اوپر پاڪستان ۾ اردو ڳالهائڻ وارا نه هوندا ته به سٺ ستر لک (!؟) ضرور هوندا. ايڏيءَ گهٽيءَ، جيئري جاڳندي آباديءَ لاءِ ڪافي اردو اسڪولن ۽ ڪاليجن جي گهر ڪرڻ ڪا غلط يا ناجائز گهر ڪانهي. اردو ملڪ جي هڪ قومي زبان آهي. هن ملڪ جي قومي زبان اهي. اوپر پاڪستان جي اعليٰ صوبائي حاڪمن الائي ڪهڙي مصلحت ڏني آهي. جو هو ماڻهن کي اردو پڙهڻ کان روڪڻ جون ڪوششون پيا ڪن، ۽ اهڙا نمونا پيا ڪن جيئن ڪوبه ماڻهو اردو نه پڙهي. عجب ڳالهه آهي ته زندگيءَ جي هيڏي ڊگهي سفرپوري ڪرڻ ڪانپوءِ، هن جمهوري زماني ۾ به، ڪي ماڻهو ڪن بنيادي ڳالهين کان مجرمانه غفلت پيا ڪن! ٻوليءَ ۽ تهذيب کي ماڻهن تي زبردستيءَ مڙهي نٿو سگهجي. اها ڪوشش گهٽا ڀيرا ڪئي ويئي آهي، ۽ هر ڀيري ناڪام ٿي اهي. ٻوليون ۽ تهذيبون پنهنجي لائقيءَ سان غالب پون ٿيون... هِتي اولهه پاڪستان ۾ ڪو اردوءَ جو جوشيلو حامي جيڪڏهن چاهي ته بنگلہ ٻولي ڳالهائڻ وارن ماڻهن کي 'اردو ڳالهائڻ

يا اردوءَ ۾ پڙهڻ' تي مجبور ڪجي، تہ سندس اها اردو دوستي سندس ناعاقبت انديشي ۽ پاڳل پڻي ۽ رجعت پرستيءَ جي ثابتي ٿيندي. سوچڻ جو اِهو ڍنگ ڏاڍو موتمار ٿئي ٿو. انهيءَ مان ڏاڍا خطرناڪ مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا... هولين جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڏاڍ مڙسي مناسب نہ آهي... هن وقت مسئلو وڏي پيماني تي جهالت کي ختم ڪرڻ جو آهي ۽ نہ هولين جي پاڻ ۾ ويڙهہ جو. جيڪو جنهن هوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ چاهي، سو پلي ان ۾ تعليم پرائي. هيءُ ذاتي آزاديءَ جو مسئلو آهي... ٻڌجي پيو تہ اوپر پاڪستان ۾ جيڪي اردو تعليمي ذريعي وارا ٻہ تي ادارا آهن، سي قسم قسم جي مونجهارن ۽ پابندين جو شڪار آهن، ۽ متن ۾ندي هاريو بينا آهن...اسين هيءُ احتجاج ڏاڍي صاف دليءَ ۽ نهايت بي ريائيءَ سان ڪريون ٿا. جيڪڏهن هِتي اولهہ پاڪستان ۾ بنگلہ ڳالهائڻ تي احتجاج ڪرڻ وارن جي صف ۾ سيني کان اڳتي هونداسين..."

خير بنگالي ڳالهائيندڙن جي خوش قسمتي، جو ساڻن اولهہ پاڪستان ۾ "اهڙي" حالت" ڪانهي، ۽ شايد ڪڏهن بہ نہ ٿئي. پر بدقسمتيءَ سان اولهہ پاڪستان جي غير اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي بنهہ اِها حالت آهي. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اردوءَ جا علمبردار ان معاملي ۾ ڪهڙي پاسي بينا آهن. اُهي ماڻهو پنهنجي بنيادي، جمهوري ۽ انساني حقن جي واسطي جيڪا جدوجهد پيا ڪن. اردوءَ جا حامي ان جدوجهد جي ڪهڙيءَ صف ۾ بينا آ هن؟ يا مرڳو غائب آهن! يا ايجا ائين تہ نہ آهي تہ هو اُتلو پاڻ ڏندا ڪنيو بينا آهن، ۽ اردوءَ پاران اولهہ پاڪستان جي بين عوامي هولين خلاف پندي هاريو بينا آهن. اسان جي اردو ڳالهائيندڙ وطني پائرن کي ڪپي تہ ٿورو اِنهيءَ ڳالهہ تي ويچار ڪن.

پاڪستان ۾ هولين جي مسئلي جو چئلينج ڪو رڳو خاص پاڪستان لاءِ ڪونهي. دنيا جي ڪيترن ملڪن ان کي منهن ڏنو آهي. پاڪستان سان گڏ هندستان بہ ان کي منهن ڏنو آهي. انهيءَ چئلينج کي بهادريءَ سان ۽ صاف دليءَ سان منهن ڏيڻ کپي. جيئن

سيني جو فائدو ٿئي. ان مسئلي جي ڪنهن آسان يا اُبهري حل پيش ڪرڻ جي معنيٰ ٿيندي بُري نيت، بي اعتمادي ۽ اصل مسئلي کان اک چاٽائي ڏيکارڻ. سڪٽا عملداري حڪم انهيءَ مسئلي جو ڪنهن به صورت ۾ صحيح حل نه آهن. سڪٽي جذباتيت ۽ تعصب بدران هوش ۽ عقل واري ڳالهه فقط تڏهن ٿيندي، جڏهن ايمانداريءَ ۽ روشن دماغيءَ سان بنا رک رکاءَ جي، ۽ بي ڊپائيءَ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪبي. ۽ تڏهن ئي ماڻهو صحيح ۽ سڻي نتيجي تي پهچندو. اچو ته اميد ڪريون ته اسان وٽ سچ ڳولي لهڻ لاءِ ڪليل دماغ، عقل ۽ حقيقي ڳولا جو جذبو موجود آهي. ڇو ته اهڙي جذبي کانسواءِ اسين، رڳو هڪبئي جي خلاف، شڪن شبهن، بي اعتباريءَ ۽ ڪشمڪش جي اوڙاهه ۾ ورتا پيا هونداسين.

(حيدرآباد، سنڌ، 1967ع)

(نوٽ: هي مضمون م. ا. جويي، سرڪاري ملازم هئڻ جي صورت ۾ سليم احمد ميمڻ جي نالي ۾ چوپڙي چپائي ورهايو هو. جنهن جي ڇاڻ پوڻ تي مرڪزي سرڪار مٿس مڃرجي، پهرين ڪيس جيڪب آباد هاءِ اسڪول ۾ بعد ۾ ٽريننگ ڪاليج ڪوهات سزا طور بدلي ڪيو هو. ــم. ج)

ٻ- ٻُور

سنڌي ٻوليءَ کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ٻ سرڪاري سرپرستي نصيب ڪانہ ٿي آهي. منڊ کان وٺي، هيل تائين دنيا جي ٽن عظيم ٻولين-عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ جي مڪمل محڪوميت ۾ رهي ڪري ٻ، سنڌي ٻوليءِ پاڻ کي زنده رکيو- نہ رڳو زنده رکيو پر ادب جو بيمثل لاثاني خزانو پاڻ وٽ پيدا ڪيو- اهو اسان جي ٻوليءَ جو تحقيق هڪ امتيازي ڪمال آهي. صدين کان پوءِ، مس مس هاٿي وڃي سنڌي ٻوليءَ کي هڪ جهڙي تهڙي پنهنجائپ واري وايو منڊل ۾ سڪ جي ساهہ ڪڍڻ جو وجهہ مليو هو- پر ڏنگيءَ چال واري آسمان کان سندس اها ٻ خوشبختي سڻي ڪين ٿي! ۽ پيار ۽ پرورش وارو اهو هٿ، جيڪو ڏانهنس وڌيو ئي ايڏا مس هو، تنهن کي زوران زوريءَ جهلي، مروڙي، پيڇي مرڳوئي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو ويو.

سِر جِي تان سور، سامائِي تان سڪ ويا،
اهي ٻيئي پور نماڻيءَ نصيب ٿيا!

(شاهہ)

اها صورتحال سنڌي ٻوليءَ لاءِ تحقيق ڪا نئين چيز ڪانهي- ۽ پنهنجي زنده رهڻ جي حق ۽ صلاحيت کي هميشہ لاءِ ثابت ڪرڻ خاطر انهيءَ آخرين آزمائش مان ٻ شايد سنڌي ٻوليءَ کي گذرڻو هو- پر، هن تازه ترين آزمائش جون ڪي خصوصيتون آهن، جيڪي اسان جو خاص ڌيان لهڻن: پهريون تہ اڄڪين زماني جي پيٽ ۾ اڄ ريڊيو سئنيما، پريس، اسڪول ۽ حڪومتي سرشتي جي هم گيريءَ وسيلي

ڪنهن ٻ ٻوليءَ کي جيڪڏهن بنهه نابود نه ٿو ٻ ايتريقدر ته نپوڙي ۽ چيپاڻي، بي حِس ۽ نِستو ضرور ڪري سگهجي ٿو جو ان جي هئڻ يا نه هئڻ ۾ ڪو خاص فرق نه رهي، ٻيو ته پهريون پهريون پيرو هاڻي، مفاد پرست عناصرن طرفان "وطن"، "قوم"، ۽ "مذهب" جا جذباتي نعرا سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مخالفت ۾ دليلن طور استعمال ٿيڻ شروع ٿيا آهن- حالانڪ سنڌ سان محبت پاڪستان سان عداوت جي برابر نه آهي، سنڌي قوميت کي پاڪستاني قوم جو هڪ مستقبل وجود رکڻ وارو ترڪيبي عنصر ڪري مڃڻ پاڪستاني تحريڪ جي ڪنهن ٻ بنيادي اصول جي خلاف ورزي ڪانهي، ۽ ظاهر آهي ته ڏاڍن جا جذبا "مذهب" متعلق مفهوم خاص پنهنجي مطلب مطابق ئي هوندا آهن، ورنه اصلوڪي ۽ صحيح اسلام دنيا ۾ رنگ، نسل، ٻوليءَ، ملڪ، قوم وغيره جي ڪٽرپڻي کان ته برابر، پر انهن جي ڪثرت کان هرگز خائف نه آهي. هيءَ ڳالهه ٻ بگهڙ ۽ گهيٽي واري ئي چئبي- پاڻي وهندو مٽان کان ئي اسان ڏانهن اچي، ته ٻ پاڻيءَ کي وِٽارڻ ۽ لڙائڻ وارا اُهي الزام اهي ئي اسان تي!

هن پس منظر ۾- جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ئي ديس ۾ هڪ پيرو وري بيگانن وانگر رهڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. اهو خالص اسان جيئرن جاڳندن سڻ لڪ• سنڌي ڳالهائينڌڙن تي ئي منحصر آهي، ته پنهنجي ٻوليءَ سان ڪيتري قدر ٿا پنهنجي سر جا سودا نباهيون. هرڪا وڃ پنهنجي ڪلي سارو ڪُڏندي آهي: تنهنڪري، جيستائين اسان جي سنڌ کي وري صوبائي خود مختياريءَ جو درجو حاصل ٿئي، تيسيتائين سنڌيءَ لاءِ الهندي پاڪستان جي سرڪاري ٻولين مان هڪ سرڪاري ٻولي هئڻ جو حاصل ڪرڻ اسان جو فرض ٻ آهي ۽ حق ٻ. ساڳي وقت، اسان کي پنهنجي ٻوليءِ جي همه گير تربيت ۽ ترقيءَ لاءِ پڻ پنهنجو پاڻ تي ئي پاڙڻو آهي، ۽ ڏسڻو آهي ته اسان جون سموريون علمي ۽ ادبي ضرورتون ان جي ئي معرفت جيئن

• هاڻي 05 ڪروڙن کان مٿي (محسن)

پوءِ تيئن زياده بهتر ۽ مڪمل انداز ۾ پوريون ٿيندیون ٿيون رهن. انهيءَ ڏس ۾ اسان جي سمورين ڪوششن جو بنيادي اصول هيءُ ئي هئڻ جڳائي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽي کان گهٽا ۽ بهتر کان بهتر ڪتاب سستي اگهه تي ميسر ٿي سگهن. ته جيئن اسان جي سونهاريءَ سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، گهر گهر ۾ علم دوستيءَ ۽ ادب نوازيءَ جي هڪ اهڙي زندگي بخش فضا قائم ٿي وڃي، جيڪا هر حالت ۾ هر زماني ۾ ترقي يافته ۽ مهذب ماڻهن جو هڪ امتيازي نشان پئي رهي آهي. جيڪڏهين علم ۽ ادب واقعي انسانن جي ذهن ۽ روح جي پاڪيزه ترين خوراڪ آهن، ته پوءِ اسان جي ذهني سجاڳيءَ ۽ روحاني صحتمنديءَ لاءِ لازمي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اسان جو پڙهيل طبقو انهيءَ خوراڪ کان ڪڏهن به محروم نه رهي. هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ جهڙي آهي ته اهو علم ۽ ادب جيڪو پنهنجي مادري زبان معرفت حاصل ٿئي ٿو سو زياده گهرو ۽ زياده پائيدار، پاڻ لاءِ توڙي پنهنجي قوم لاءِ زياده مفيد ٿو ٿئي.

ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي سرمايي کي وڌائڻ لاءِ ظاهر آهي ته ڪتابن جا لکندڙ ڪتابن جا شايع ڪندڙ ۽ ڪتابن جا پڙهندڙ ٽيئي جڏهن گڏجي ڪم ۾ هٿ وجهندا، تڏهن ئي ان ۾ ڪاميابي حاصل ٿي سگهندي. ڪتاب لکيا به وڃن تنهن هوندي به جيڪڏهن انهن جي خريد ڪرڻ وارا ۽ پڙهڻ وارا جيئن پوءِ تيئن زياده تعداد ۾ پيدا نه ٿيندا رهندا، تيسين قوم جي بيداريءَ جي رفتار ۽ ان جو دائرو محدود، تنگ ۽ سُست رهندو. تنهنڪري، هر پڙهيل سنڌيءَ تي سڀ کان وڌيڪ 'اڄ' لازم آهي ته جيترو به هن جي وس ۾ هجي، هو گهٽي ۾ گهٽا سنڌي ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون خريد ڪري: انهيءَ لاءِ جيڪڏهن هر شخص پنهنجو پاڻ تي، پنهنجي پيدائش آهر هڪ ماهوار يا سالياني "ٻولي ٽئڪس" لاڳو ڪري ڇڏي ۽ تنهن سان گڏ اثر رسوخ وارا صاحب پنهنجي پنهنجي ڳوٺ، شهر يا محلي جي علم دوست ماڻهن سان گڏجي ننڍيون ننڍيون لائبريريون قائم ڪن- جيئن سڄي سنڌ ۾ اهڙين عام لائبررين جو گويا هڪ جار وڇائجي وڃي- ته سنڌ ۾ هڪ

ئي وقت ڪيترا ڪتاب اخبارون ۽ رسالا ڪپي سگھن ٿا. ۽ پوءِ ڪتابن جا ڇاپيندڙ ۽ لکندڙ پنھنجو ايترو قدر ۽ ايتري همت افزائي ڏسي، ڪيترا وڌيڪ ۽ ڪيترا اعليٰ پايي جا ڪتاب لکي سگھن ٿا ۽ شايع ڪري سگھن ٿا. ۽ اھڙيءَ ريت سنڌي ادب جو باغ ڪيڏيءَ تيز رفتار سان چوڌاري سرسبز ۽ شاداب ڪري سگھي ٿو- تنھن جو اندازو ھر ڪو سمجھدار شخص آسانيءَ سان ڪري سگھي ٿو.

لوڪ ادب

مٿي چئي آيا آھيون تہ اسان جي سنڌي هوليءَ ۽ ان جي ادب جون پاڙون پاتار ۾ آھن. هوليءَ جي ڳالھ ڇڏي، رڳو ادب ڏانھن جيڪڏھن ڏسجي ٿو تہ بہ اسان جو ڪلاسيڪي ادب دنيا جي سڀريل کان سڀريل هولين جي ڪلاسيڪي ادب سان خوشيءَ سان پيٽ کائي سگھي ٿو. هيءَ بہ حقيقت آھي تہ اسان جو ڪلاسيڪي ادب جيترو ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آھي، گھٽ ۾ گھٽ اوتروئي اجا قلمي حالت ۾ موجود آھي جو اجا ڇپائيءَ جي زيور سان سينگارجي اسان جي ھٿن تائين پھتو ئي نہ آھي. تنھن کان سواءِ اسان جو لوڪ ادب، جنھن ڏانھن اجا ڪنھن پورو منھن ورائي بہ ڪين ڏٺو آھي، ھڪ بي ڪنار بحر وانگر اسان جي اڳيان ھاڻي بہ پکڙيو پيو آھي. يورپ جي لٽويا رياست، جنھن جي آدمشماري اڄ بہ ڪل ويھ لک مس آھي، جيڪا ارڙھين صديءَ جي آخر تائين جرمنيءَ جي غلام رھي، جنھن جي ماڻھن ويھين صديءَ جي شروع ٿيڻ تائين بہ ان ڳالھ کي ھڪ خواب پئي سمجھيو تہ منجھن ڪو اھڙو شاعر پيدا ٿيندو جنھن جو نالو ۽ جنھن جا نغما، سندن ننڍڙي ملڪ جون ننڍڙيون سرحدون اورانگھي، ڪڏھن وڃي ٻاھر يورپ جي ڪنن تائين پھچندا- انھي ملڪ جي اديبن پنھنجي لٽيائي هوليءَ ۾، آزاديءَ کان پوءِ قريباً پنجاھ سالن جي مختصر عرصي ۾، رڳو پنھنجي لوڪ ادب جا ئي جملي بہ لک اسي ھزار لوڪ داستان ۽ لوڪ ڪھاڻيون جمع ڪري ورتيون آھن. انھيءَ ھڪڙي مختصر مثال مان اسان جا سنڌي اديب ۽ عالم آسانيءَ سان اندازو

لڳائي سگهن ٿا تہ "اسان جي قديم سنڌ ديس ۾ ان جي قديم سنڌيءَ هوليءَ ۾ اسان جي اٽپڙهيل عوام" وٽ پنهنجي لوڪ ادب جا ڪيترا نہ بيمثل ۽ بيشمار خزانا موجود هوندا. حقيقت هيءَ آهي تہ جيئن جيئن تعليم وڌندي ويندي آهي، تيئن تيئن ماڻهو پنهنجي حافظي تي زور گهٽ ڏيندا آهن- ۽ حافظي تي هو آخر وڌيڪ زور بہ ڇو ڏين. جڏهن انهيءَ طاقت خرچ ڪرڻ ڏاران ئي اهو ذخيرو وٽن ڪتابن جي صورت ۾ موجود ٿي ٿو وڃي. تنهنڪري وڌندڙ تعليم جي ٻين مفيد نتيجن سان گڏ، انهيءَ هڪڙي نتيجي ڪي بہ خيال ۾ رکندي (جنهن موجب ماڻهو پنهنجي ادب کي پنهنجن سينن ۾ محفوظ رکڻ بدران ڪتابن ۾ محفوظ رکڻ وڌيڪ مناسب سمجهندا آهن)، اهو لازمي بنجي ٿو پوي، تہ اسين انهي اٽاهہ لوڪ ادب کي گڏ ڪري، ڪتابي صورت ۾ آڻيون. تہ جيئن اهو ضايع ٿي وڃڻ کان هميشہ لاءِ بچي وڃي. لوڪ ادب، هڪ ڳالهئين، قوم جي قديم تاريخ جو سرچشمو آهي، ملڪ جي قديم تهذيب و تمدن، رسم و رواج، قومي زندگيءَ جا لاها چاڙها، ماڻهن جي دلين جا اوائلي امنگ ۽ جذبا، سندن خواهشون ۽ اميدون ۽ سندن روزمره جي معاشي ڪشمڪش ۽ سماجي جدوجهد جا دل اپاريندڙ داستان- سڀ ان ۾ موجود هوندا آهن. انهن ڳالهين سبب، لوڪ ادب ملڪ جي هوليءَ ۽ ادب جي عمارت جي بنهہ پيڙهائتي پٿر مثل آهي. خود هوليءَ جي حسن بيان ۽ ناتي تاثر جو تقريباً سمورو دارومدار ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ادب تي آهي. پنهنجي هولي ۽ سندس ادب جي هن بنيادي پٿر کي اسان جيڪڏهن هيڪر چنڊي ڦوڪي صاف ڪري ڪتابي صورت ڏيئي، منظر عام تي آڻي ڇڏيو. تہ اهو اسان جي پنهنجي پاڻ تي توڙي پنهنجن ايندڙ نسلن تي واقعي هڪ عظيم احسان ٿيندو. جيتوڻيڪ اهو فرض اسان سڀني تعليم يافتن تي آهي، پر اسان جي سنڌي اسڪول جي استاد صاحبن کي هن ڳالهہ لاءِ وقت بہ آهي ۽ آسانيون بہ آهن- تنهنڪري، اسان جي انهن صاحبن کي خاص طرح گذارش آهي، تہ هو پنهنجي هن ادبي خزاني کي نابود ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اڳتي وڌن، ۽ جتي بہ هجن اتي املهہ ماڻڪ گڏ ڪندا

رهن. "مهراڻ" جي هن پرچي ۾ سنڌ جا ڪي لوڪ گيت ۽ هڪ لوڪ ڪهاڻي پيش ڪري رهيا آهيون. اميد آهي ته اسان جي پڙهندڙن کي اهي چيزون پسند پوندیون. ۽ آئندي وٺانئن لوڪ ادب جون نيون نيون ۽ بهتر کان بهتر چيزون اسان وٽ اشاعت لاءِ پهچنديون رهنديون.

ترجما

سنڌي هولي جديد نثري ادب ۾ جيڪي سو لانجهي آهي،- خاص طرح جديد سماجي ۽ طبعي علمن جا ڪتاب ان ۾ ايترا گهٽا ۽ ايڏي معيار جا موجود نه آهن، جو هڪ چڙو سنڌي پڙهيل شخص، پنهنجي سنڌي هوليءَ ۾ پڙهي، انهن علمن کي خاطرخواه حد تائين حاصل ڪري سگهي. ظاهر آهي ته اها اوٽائي حال في الحال ٻين هولين تان ترجمن ڪرڻ سان ئي پوري ٿي سگهي ٿي. نه فقط علمي ڪتابن جا ترجما، پر خالص ادبي ڪتابن جا ترجما پڻ اسان جي هوليءَ کي فوري تقويت پهچائي سگهن ٿا. نهايت افسوس آهي، جو ترجمي جي ڪم کي اسان جا ڪيترا ليکڪ ۽ پڙهندڙ گهٽ نظر سان ٿا ڏسن. ڪيترن کي ته ائين به چوندي ٻڌو ويو آهي ته "ترجما فقط اهي ٿا ڪن، جن کي پنهنجي طرفان پيش ڪرڻ لاءِ ڪجهه به موجود ڪونهي، رڳو ٻين جي لکيتن کي پنهنجي هوليءَ ۾ نقل ڪيو. پيا سستا اديب ۽ عالم بڻجڻ چاهين." ترجمي جي سلسلي ۾ اسان جا اهي خيال ثابت ٿا ڪن ته اسان وٽ علمي شوق ۽ شغف جي ڪيتري نه افسوسناڪ ڪمي آهي. مترجم کي ٻين اديبن ۽ ليکڪن جي پيٺ ۾ گهٽ سمجهڻ وارا دراصل پنهنجي ڪم علميءَ ۽ محدود ذهنيت جو اظهار ڪندا آهن. اڄ دنيا جي ڪنهن سڌريل کان سڌريل هوليءَ کي به جڏهن وڃي ٿو ته ان ۾ هر سال سوَن جي تعداد ۾ ڏارين هولين جا ڪتاب ترجمو ٿيندي پيا ڏسجن. - ۽ اهو ترجمي جو ڪم ان هوليءَ جا وڏي ۾ وڏا اديب پنهنجن هٿن سان پاڻ پيا ڪن. اسان جي سنڌي هوليءَ لاءِ ته اڄ قريب قريب اهو هڪ حياتيءَ ۽ موت جو سوال آهي، ته يا ته ترجمي وسيلي ۽ پڻ ٻين ڪوششن سان، ترت ئي ڪيس علمي ۽ ادبي نقطه نگاه کان پاڻ لاءِ هر

طرح هڪ ڪارآمد هولي بنايون. يا ته سندس منگهرن جي مرضيءَ موجب، ڪيس هڪ گهريلو هولي بنائي ويهي رهون. تنهن ڪري اسان مان اهي جن کي ڏارين هولين جي ڇاڻڻ جو شرف نصيب آهي، تن تي لازم آهي ته هو انهن هولين جي حاصلات مان پنهنجي ذاتي پسنديءَ موجب، هميشه ڪجهه نه ڪجهه پنهنجي سنڌي هوليءَ کي عنايت ڪندا رهن. اسان کي يقين آهي ته اهڙيءَ طرح، جيڪڏهن اسان جا اديب ۽ عالم پنهنجي هوليءَ جي ذاتي خزانن کي جمع ڪرڻ سان گڏو گڏ، ڏارين هولين جي شهپارن مان پڻ ان کي مالا مال ڪندا رهندا، ۽ ساڳئي وقت اسان جا پڙهندڙ پڻ سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن کي خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ پنهنجو عين فرض ڪري سمجهندا ته پوءِ سنڌي هولي ۽ سندس ادب جي مستقبل متعلق اسان کي زياده فڪرمند ٿيڻ جي ضرورت باقي نه رهندي. تنهن کان پوءِ، ڳالهه رهندي ملڪ جي آئين جي، ان ۾ سنڌي هوليءَ جي جائز مقام جي- سو اسان مختصر قسم جي انسانن جا پنهنجي عارضي خواهشن مطابق بنايل اٽپورا آئين کي لوح محفوظ تي اڪريل اعمال ناما ته ڪين آهن، جو بدلجي نه سگهن! جيسين سنڌ ون يونٽ جو حصو آهي، تيسين ون يونٽ ۾، جڏهن سنڌ ٻيهر هڪ جدا صوبو بنبي- تڏهن سنڌ ۾ اسان جي سنڌي هوليءَ کي سرڪاري هولي ٿي رهڻ جو بنيادي حق آهي، جنهن کان دنيا جي ڪابه طاقت ان کي گهٽي وقت لاءِ محروم نٿي ڪري سگهي. ان جو اسان کي يقين آهي.

[مهراڻ : نمبر 1، 1956ع]

تعليم کاتي سنڌ پاران اعلانيل ٻولي سکيا جو

ته ٻوليائي سرشتو

پاڪستان هڪ گهڻ-قومي، گهڻ-ٻوليائي معاشرو آهي. اُن ۾ انگريزي يا اردوءَ کي نامناسب اهميت يا انهن تي اَڻ لَهڻو زور ڏيڻ- هڪ کي مڇيل بين الاقوامي يا ٻِيءَ کي پاڪستان جي قومي ٻوليءَ طور- ملڪ ۾ ماڻهن جي مادري ٻولين جي جياپي کي للڪاري سوڙهو ڪرڻ بلڪ اُنهن جي وجود کي خطري ۾ وجهڻ برابر آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي حالت اِن ڏِس ۾- سنڌ جي سرڪاري ۽ سنڌي ماڻهن جي ماد ى ٻوليءَ طور- ته اڄا ئي وڌيڪ نازڪ آهي. سنڌي ٻولي هڪ مڇيل، ۽ آزاديءَ کان اڳ وارن ڏينهَن ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ انٽرميڊيٽ تائين استعمال ٿيندڙ تعليمي ٻولي هئي، ۽ اڄڪلهه ته اُها خود هڪ قومي ٻولي ٿيڻ جِي اَهل ۽ پنهنجي هڪ يونيورسٽي رکڻ جي آسوَند ۽ آسائتي آهي. اسان جا اردو ڳالهائيندڙ پائر ته اڳي ئي اردو يونيورسٽيءَ سان نوازيل آهن ۽ اسان کي اِن ۾ ساڻن کو بغض يا ساڙ ٻه ناهي.

پاڪستان جون ٻيون مادري ٻوليون-پنجابي، بلوچي، پشتو- افسوس سان چوٽو ٿو پوي، ته هِن وقت ايتريون اُسريل ۽ نِکريل واقع نه ٿيون آهن، ايستائين جو پنهنجي پنهنجي ديس ۾ اُهي پرائمري اسڪولن ۾ ٻه استعمال ٿيندڙ ٻوليون ناهن. اسين اُنهن جي ترقيءَ ۽ اوسر جي آرزو رکون ٿا، ته تُرت ئي اُهي پنهنجن پيرن تي بيهن ۽ پنهنجيون جائز اُوچايون ۽ درجا ماڻين.

ساڳئي وقت، ٻوس سماجي ۽ سياسي حقيقتن کي آڏو رکڻ ٻ ملڪ جي مدبرانا سياست جي لازم ذميواري آهي. ان کان اڳ، جو ڪي اهڙا ڏُور رس اثر انداز ٿيندڙ فيصلا صادر ٿين ۽ جامع اختيار رکڻ وارا حڪم جاري ڪيا وڃن، جيڪي قومن جي بنيادي انساني حقن جي ڀڃڪڙي يا لتاڙ ڪندڙ هجن، يا ائين ثابت ٿيڻ وارا هجن!

ساڳئي وقت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنهنجيءَ حڪومت جي پوئين مختصر عرصي (90-1988ع) ۾ پاڪستان اندر پرائمري سطح تي انگريزيءَ کي ٻ مادري ٻولين سان گڏ، پهرئين ڪلاس کان لازمي سبجيڪٽ (مضمون) طور پڑهائڻ جهڙو ڪوتاهه نظر فيصلو ڪيو هو. پر پاڳ چئجن جو اُن تڪڑي فيصلي ۽ اَڻ وِيچاريل احڪامن کي ڪا خاص اهميت نه ملي سگهي ۽ نه ئي سنڌ ۾، خاص طور اُنهن کي نمايان طور عمل ۾ آڻڻ جو ڪو قدم کنيو ويو.

تازو نگران سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي، سببن جي پروڙ پاڻ ئي جاڻندي، هڪ ڪمزور ۽ اُبهرو فيصلو روڪي، فوري حڪم جاري ڪيو ته سنڌ جي سرڪاري پرائمري اسڪولن ۾ پهرئين ڪلاس کان مادري ٻولين - اردو- سنڌيءَ - سان گڏ انگريزي ٻ هنگامي بنيادن تي پڑهائي وڃي. ڇيو پيو وڃي ته اِن سلسلي ۾ بيروني امداد مُهيا ڪندڙ ادارن کان چڱي چوکي رقم هٿ آيل آهي ۽ پرائمري تعليم جي نالي تي ٻاهريان ۽ پنهنجا پرايا واڌو وسيلا ڪتب آڻي، گهٽو پئسو گڏ ڪيو ويو آهي، جيڪو ماستر-معلمن ۽ عمومي طور عام ماسترن کي ننڍي مدي وارين غير ضروري ۽ اَڻ لاڀائتين سِکيائن ۽ تربيتن جي لاءِ دل کولي خرچ ڪيو پيو وڃي، ته جيئن اعلانيل مقصد حاصل ٿئي، جنهن کي هُو "ٻولي سکيا جو ته ٻوليائي تدريسي سرشتو" ٿا ڪوٺين، جيڪو حقيقت ۾ ته "چار ٻوليائي تدريسي سرشتو ئي آهي، سندن اِهو نام نهاد سرشتو پنهنجي جوهر ۾ هيٺين تعليمي لحاظ کان ڇسن مقصدن تي ٻڌل آهي:

1. انگريزي ٻولي پرائمريءَ جي پهرئين ڪلاس کان مادري ٻولين (اردو-سنڌي) سان گڏ پڑهائي وڃي.

2. اردو ٻولي، انگريزيءَ ۾ سنڌيءَ سان گڏ، سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن کي، ۾ سنڌي ٻولي، انگريزي ۾ اردوءَ سان گڏ، اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کي ٽئين ڪلاس کان پڙهائي وڃي، ته ٻوليون هڪ ئي وقت گڏيا
3. عربي سيني شاگردن کي (ڇهين ڪلاس کان اٺين ڪلاس تائين)، اِنهن تن "ابتدائي" ٻولين (انگريزي+اردو-سنڌيءَ) سان گڏ پاڙهي وڃي.

حڪمنامي ۾ اهڙي ڪاب وضاحت نه ڪئي وئي آهي، جنهن کي ڏسي اِهو سمجهجي ته پهريون ته ٻوليون تي ٻوليائين تعليمي سرشتي" ۾ ڪيستائين پڙهايون ويندیون. بهرحال، اُن ۾ ترتيب وار ٻولين کي ڏنل اهميت مان اِهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته شايد پنجين يا اٺين درجي تائين سنڌيءَ کي ۾ اردوءَ کي اٺين يا ڏهين درجي تائين محدود ڪيو وڃي! اِن صورت ۾ مادري ٻوليون ڪنهن طئي ٽيل مدي گذرڻ کان پوءِ وچ مان هٽي ئي ويندیون، ۾ ميدان ۾ انگريزيءَ کي ڇوٽ ڏيئي ڇڏيو ويندو، جيڪا اسان جي سامراجي آقائن جي ٻولي آهي، ۾ اُها تدريس جو ذريعو بڻجي، ميدان جي گوءِ ڪٽي ونڊي-اِن اوچيءَ اُڏايل دعويٰ هيٺ ته انگريزي سائنس ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي پوري دنيا لاءِ اڪيلي اعليٰ ٻوليءَ طور مڃتا ماڻي رهي آهي ۾اِن صورتحال ۾ اسين پڻ سندس اُن مڃتا واري معراج ۾ پاڻي پائيوار ٽيڻ لاءِ پوري توانائيءَ سان وڙي رهيا آهيون- انگريزي ڳالهائيندڙ طور، نه ته انگريزي پڙهندڙن طور ئي سهي.

سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ، مٿي بيان ڪيل تناظر جي روشنيءَ ۾ ڏور نظر ايندڙ امڪانن کي ڏسي ورتو آهي ۾ سازش جي اَنت کي سڃاتو آهي، جنهن ۾ انگريزيءَ کي، مادري ٻولين - اردو-سنڌي- جي متبادل طور پاڪستان جي ماڻهن مٿان مڙهڻ جا اهي سانباها ٿي رهيا آهن. مختصر طور هيئن ته اهو سڀ ڪُجهه ڪُجهه ڳوهَ ۾، اسان جي ئي ڪِن دلچسپي رکندڙ سياسي، سماجي ۾ سڀ کان وڌيڪ اقتصادي طور، تنگ نظر ۾ نام نهاد مفاد پرستن جِي شراڪت سان ئي لاڳو ڪيو پيو وڃي.

سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي انسان دوست، خاص طور سنڌ جي وطن دوست ۽ سُڄاڻ ماڻهن کي اڳواٽ هوشيار ڪري ٿي، ته اُهي اِن پاسي جلد ڌيان ڏين ۽ عالمي فاتحانہ ذهنيت رکندڙ سامراجين ۽ اُنهن جي جِي حضور ٻولڙين کي سڃاڻن. اڳ ئي اِن سلسلي ۾ صوبي جي سيني پرائمري اسڪولن ۾ سڌي نموني ۾ ڇپايل ۽ مهانگن انگريزي درسي ڪتابن جا سيٽ مفت ۾ ورهايا ويا آهن. اسان کي انگريز بنائڻ جي مهم شروع ٿي چڪي آهي، جنهن جي ڪمان جو پهريون ڪانُ اسان جي مادري ٻوليءَ، سنڌيءَ تي ئي تاڪيل آهي.

سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي کي پُر زور اپيل ٿي ڪري ته هو هن تعليمي لحاظ کان غير عملي ۽ فضول منصوبي کي لاڳو ڪرڻ تان هٿ کڻي، اُن جي جاءِ تي ٻولياڻي تدريس جي ڪم از ڪم اُن صورتحال کي ئي وري رائج ڪري، جيڪا هيئين ترتيب طور آزاديءَ کان اڳ وارن ڏينهن ۾ هيٺ ڏنل سرشتي طور اسان وٽ موجود هئي.

تدريس جي پهرئين مرحلي ۾ پهرئين ڪلاس کان نائين ۽ ڏهين ڪلاس تائين مادري ٻوليون مضمون طور پڙهايون وڃن. انگريزي پنجين ڪلاس کان، ۽ غير مادري زبانن طور اردو-سنڌيءَ کان فارسي ۽ عربيءَ جي جاءِ تي اٺين ڪلاس کان رکيو وڃي. تنهن وچ ۾ ٻارن کي قرآن ناظرا پڙهائي ٽئين ڪلاس کان ڪئي وڃي. (ان حالت ۾ رسم الخطن جي هڪجهڙائي سبب پڙهائيءَ جو بار يا مشڪلات جو ڪو مسئلو پيدا نہ ٿيندو)- جيڪڏهن پهرئين ڪلاس کان مادري ٻوليءَ (سنڌي/ اردوءَ) سان گڏ انگريزي پاڙهبي، ته رسم الخطن جو اختلاف بلڪ ٻنهه اُبتڙ هجڻ سبب ٻار جو ذهن مونجهاري جو شڪار ٿيندو ۽ سندس ڪچو ذهن اُن جي بار هيٺ پنهنجِي سکيائي فطري سگهه ماڻي ئيَ نہ سگهندو. جيستائين ڳالهه آهي چوٽين ٻوليءَ يعني عربيءَ جِي، ته کو بہ شاگرد/شاگردياڻي اُن کي ٻئي ڪنهن موضوع جي خاص مضمون طور، پنهنجي پسند ۽ مرضيءَ پٽاندر اڳتي ٻارهين ڪلاس کان پوءِ چونڊ ڪري سگهي ٿو-سگهي ٿي.

گهڻ هوليائي معاشرن ۾ ملڪن ۾ هولين جي پڙهڻ ۾ پڙهائڻ وارو مسئلو هڪ انتهائي سنجيده ۽ حساس مسئلو رهيو آهي، جنهن کي اسان وٽ ڪنهن ڏيان لائق سمجهيو ئي نه ويو آهي. اهو مسئلو ڪنهن بي ترتيبائيءَ، لِڪ ڇُپ ۾، يا ڪنهن تڙ تڪڙ طور ته ٻنهه حل نڪو ٿي سگهي، جيئن هيل تائين پاڪستان ۾ اُن جو حشر ٿيندو پئي آيو آهي، بلڪ حساس ۽ اهم نوعيت جي اهڙن مسئلن کي ان طريقي سان لاپرواهيءَ سان نبيرڻ جي صورت ۾ پيدا ٿيندڙ هاڃيڪار نتيجا رياستن ۽ حڪومتن جي ويچ ڏاهه بلڪ خاتمن جي صورت ۾ ظاهر ٿي چڪا آهن. پارت جي پختيءَ مدبرانه سياسي ۽ دوراندیش سوچ رکندڙ قيادت، آزاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي هڪ بااختيار هولي ڪميشن ذريعي اهو مسئلو حل ڪري ورتو جنهن ٻن سالن جي مختصر عرصي دوران کين پائدار منصفانه ۽ قابل قبول هولي پاليسي جوڙي ڏني، جنهن تي وڏن هيل تائين خاطريءَ سان عمل ٿيندو پيو اچي. اسان لاءِ پاڪستان ۾ ايجا ٻه ويلِ هٿان ناهي وئي، جيڪڏهن اسين ساڻئي طريقي سان ۽ سمجهداريءَ کان ڪم وٺي، پنهنجين معروضي حقيقتن پٽاندر اُن جو نبيرو ۽ اُن جي تعميل ڪريون ته مسئلو حل ٿي سگهي ٿو جيڪو اڄ ٻه اسان لاءِ اوترو ئي حساس ۽ اهم آهي، جيترو ڪنهن زماني ۾ پارت لاءِ هو.

آسان سنڌي قاعدو

سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ "بوليءَ جو بل" پاس ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻين ڪيترين وٽندڙ ٻولين وانگر سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ هلندڙ سال 1973ع کان، چوٿين ڪلاس ۾ سنڌيءَ کي غير مادري زبان طور لازمي صورت ۾ پاڙهڻ جا احڪام تعليم کاتي طرفان جاري ڪيا ويا. اِن سلسلي ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ "آسان سنڌي قاعدو" شايع ڪيو آهي، جيڪو چوٿين ڪلاس ۾ سنڌيءَ کي غير مادري زبان جي صورت ۾ پاڙهڻ لاءِ واحد درسي ڪتاب طور استعمال ٿيندو. هيءُ ڪتاب ٻن رنگن ۾ ڇپيل، ڊبل ڪرائون سائيز ۾، رنگين ۽ دلڪش ڪَوَر سان 48 صفحن جو ڪتاب آهي، ۽ قيمت هڪ روپيو في ڪاپي اٿس.

ڪتاب جو لکندڙ ميان غلام اصغر ونڊير، اڳوڻو ڊپٽي ڊائريڪٽر آف اسڪولس، اُن جا مرتب ۽ نگران الحاج پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه (هاڻي وائس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي، ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، صدر اردو شعبو سنڌ يونيورسٽي، ۽ اُن جو ايڊيٽر سيد محمد صالح شاهه بخاري، پبليڪيشن آفيسر، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، آهن. سنڌ جي اسڪولن ۾ غير سنڌي دان ٻارن کي سنڌ جي صوبائي زبان پاڙهڻ جي فوري ضرورت ۽ اهميت کي خيال ۾ رکندي، جنهن شان ۽ اهتمام سان ۽ جنهن جلدائيءَ ۾ هيءُ ڪتاب شايع ڪيو ويو آهي، اُن لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جا منتظم ۽ ڪارپرداز مبارڪ جا مستحق آهن.

ڪتاب جي ڪوڙ سان اُن جي مصنف، ترتيب ڏيندڙ ۽ نگراني ڪندڙ صاحبن ۽ ايڊيٽر صاحب جا ناالا جڏهن ڏسجن ٿا، ۽ ڪتاب جي سائيز ۽ ان جي رنگين ڇپائي ۽ خوشخطي ڏسجي ٿي، تڏهن هڪدم اهو يقين ٿئي ٿو ته ڪتاب ضرور ڪنهن اعليٰ پايي جو هوندو. پر جيئن جيئن ان کي پڙهبو ويجي ٿو، تيئن تيئن، ۽ پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ ته هيڪاري، مايوسي ٿئي ٿي، ۽ ڏسي بيحد ڏک ٿئي ٿو ته ڪتاب ڪنهن به تعليمي، نفسياتي يا لساني اصول تي بهه ٻڌل ڪونهي، بلڪ جنهن مقصد سان ۽ جنهن ڪلاس لاءِ لکيو ويو آهي، اُهو مقصد نه رڳو اُن سان برصواب ڪونه ٿي سگهندو، پر اڌلو اُن مان وڌي تعليمي ۽ تدريسي نقصان پهچڻ جو انديشو پيدا ٿي سگهي ٿو.

ڪتاب جملي 48 صفحن جو ٿهيل آهي. اُهي سبقن ۾ ورهايل نه آهن، بلڪ سبقن جي بدران اُنهن ۾ قاعدا ڏنا ويا آهن- جملي 13 قاعدا جيڪي 42 صفحن تي پکڙيل آهن. هي تيرهن ئي قاعدا، پهرين چئن صفحن سميت جن تي رڳو الف ب تختيون ڏنل آهن، پورن 42 صفحن تي رڳو سنڌي الف ب جي 52 اکرن سيکارڻ لاءِ ڏنا ويا آهن. هيءُ ڪتاب اردوءَ جي چوٽين درجي ۾ پاڙهڻو آهي. هن درجي جا ٻار اردو چگيءَ ريت پڙهي سگهن ٿا، ۽ هُنن اردو الف ب جا اُهي 33 اکر پڙهيا آهن، جيڪي سنڌيءَ ۽ اردو الف ب ۾ ساڳيا آهن. جنهن جي معنيٰ هيءَ ٿي ته سنڌيءَ جي باقي فقط اوٽيهن اکرن جي سيکارڻ لاءِ ڪتاب جي 48 صفحن مان 42 صفحا خرچ ڪيا ويا آهن- اُنهن اوٽيهن اکرن مان به 12 اکر اُهي آهن جن جا آواز اردوءَ ۾ به اُهي ئي آهن جيڪي سنڌيءَ ۾، فرق رڳو اکرن جي صورت ۾ آهي. هِنن 12 اکرن تي ڪتاب جا 15 صفحا (6 کان 20 تائين) خرچ ڪيا ويا آهن. وڌيڪ 20 صفحا سنڌيءَ جي رڳو اُنهن خاص ستن آوازن ۽ اکرن سيکارڻ تي ڪم آندا ويا آهن، جيڪي اردو ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ نوان آهن. ڪتاب جو مقصد ئي گويا اِهو پيو ڏسجي ته سڄو سال چوٽين درجي جا اردو ٻار رڳو سنڌي الف- ب ۽ ان جا به خاص ست اکر ب، ڍ، ج، ڃ، گ، ڳ ۽ ڻ — ئي سکندا رهن، پيو سارو ٽيو خير!

سڀ کان وڌيڪ افسوس جي ڳالھ ھيءَ آھي تہ ڪتاب ۾ سنڌيءَ جي اِنھن ستن خاص آوازن توڙي ٻين ٻارھن اردو سنڌي مشترڪ آواز وارن اکرن جي سيکارڻ جو جيڪو طريقو ڪم آندو ويو آھي، سو بہ اينرو تہ غلط ۽ غير ملڪي اختيار ڪيل آھي، جو اُن مان، سواءِ اُن جي تہ شاگردَ سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ ۽ پڙھڻ کان ئي بيزار ٿي وڃن، ٻيو ڪو ڪارج مشڪل آھي، جو پورو ٿي سگھي. ھيءُ اُھو غير معقول ۽ جاھلانہ طريقو آھي، جيئن ڪنھن غير سنڌي پڙھيل يا اڻ پڙھيل کي ڪو سنڌي ويھي، سعيو ڪري، سنڌيءَ جا اُھي خاص آواز ۽ اکر، ھڪ ھڪ ڪري مٿي ۾ ھڻي، ۽ ائين کيس چوندو ۽ چيڙائيندو رھي: "ھان وٽ! ھيءُ تہ آواز ڪَرِ ڏيکار! ڏٺئي، نہ ڪري سگھئين نہ! پلا، ھيءُ تہ اکر سڃاڻي ڏيکار! ڏٺئي، سڃاڻي سگھئين نہ! متان نہ مڃين! ميان سنڌي سکڻ تنھنجي وس جي ڳالھ ناھي!" ۽ پوءِ اُھو ويچارو سنڌي سکڻ وارو سکڻ تہ ڇا، پر اُن جي ٻڌڻ کان بہ سڄي عمر چرڪندو ۽ لکندو نہ رھي. تہ ھِن بنھ استاداڻ لکيل "آسان سنڌي قاعدي" جي لکندڙ جو ڏوھ! مثال طور، رڳو اوھين ڳ جي ھڪ آواز لاءِ قاعدي نمبر 11 کي ڏسو — ھيءُ قاعدو ڪتاب جي صفحن 32، 34 ۽ 35 تي ڏنو ويو آھي. ھِن آواز جي سکڻ جو قاعدو ـ ۽ آسان قاعدو ـ تہ ڪتاب جي مصنف ۽ ايڊيٽر جي دلين ۾ الائي ڪھڙو موجود ھو، پر ھِنن ٽن صفحن ۾ جملي ستر لفظن جِي ھڪ بي ٽُڪي لائن سا برابر ڏني وئي آھي، جن کي اچارندي اچارندي، ويچاري شاگرد کان سنڌي تہ ڇا پر خود پنھنجي مادري ٻوليءَ جا سڀ آواز، سواءِ ھڪ ڳ جي آواز جي، پڪ ئي پڪ وسري ويندا، ۽ پوءِ جڏھن بہ ھو وات کوليندو تڏھن رڳو ٻيو گ گ جا آواز ڪيندو، ٻيو ٿيو خير!

ھاڻي پھريائين اچو تہ ڏسون تہ اِھي قاعدا جن کي "قاعدا" چيو ويو آھي، سي قاعدا ڇا آھن. پھريون قاعدو: سنڌيءَ جا اُھي 33 اکر جيڪي اردوءَ ۾ بہ ساڳيا آھن ـ نيڪ! ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون ـ ٽي قاعدا: سنڌيءَ، اردوءَ جي ي ۽ ي ۾، ک ۽ ک ۾، ۽ ت ٽ، د ڈ ۽ ڙ ڑ ۾ فرق آھي. پنجون قاعدو تہ ڪتاب جي لکندڙ ۽ ايڊيٽر صاحبن جي مغز ۾ اٽڪيل رھجي ويو آھي، اُھو ڇا آھي، اُن جو مقصد ڪھڙو آھي ۽ ڇو ڏنو ويو آھي، سو

هو پاڻ ڄاڻن- نہ اسين سمجهي سگهيا آهيون، نہ استاد سمجهي سگهندا، پارن جي تہ ڳالهہ ئي ڪهڙي! ڇهون قاعدو سنڌيءَ ۾ اردوءَ جي ب بهہ، ٽ تهہ، ٺ ٹهہ، ڦ پهہ، ڇ چهہ، ک کهہ بابت آهي، ۾ اُهو پورن ڏهن صفحن تي پکڙيل آهي، ستين کان 13 قاعدي تائين هر هڪ مخصوص سنڌي حرف يا آواز جو قاعدو الڳ الڳ ڏنو ويو آهي. تقريباً اُنهن سڀني قاعدن جي وصف يا تعريف يا بيان اهڙيءَ قابليت سان ڪيو ويو آهي، ۾ اُنهن بابت اهڙيون تہ علمي ۾ حڪمتي هدايتون، ۾ نصيحتون ڏنيون ويون آهن، جي پڙهي، لکندڙ ۾ ايڊيٽر صاحبن جي علمي ڄاڻ ۾ عام سمجهہ تي صلواتن پڙهڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪري ئي نٿو سگهجي.

هيءُ بيحد استادانو "آسان سنڌي قاعدو" ٻن رنگن ۾ ڇپيل آهي. درسي ڪتابن جي رنگين ڇپائيءَ جا ٻہ ڪي اصول ۾ ڪي مقصد هوندا آهن- تصويرن جي سلسلي ۾ اُنهن جي دلڪشي ۾ اصل سان ويجهي هئڻ جو اصول ۾ مقصد، ۾ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪن لفظن ياجملن وغيره کي خاص تدريسي مقصدن پٽاندر وڌيڪ پڌرو ڪري ٻيهارڻ يا پيش ڪرڻ جو اصول: هن ڪتاب ۾ مصنف ۾ ايڊيٽر صاحبن جي اڳيان رنگن جي استعمال جو اهڙو ڪوبہ اصول يا مقصد ڪونہ هو- سڄي ڪتاب ۾ تقريباً هر صفحي تي ٻن رنگن، يعني ڪاري ۾ ڳاڙهي، جي رڳو ڪانہ ڪا ڊزائن رکڻي يا ڪونہ ڪو ڇڻُ هو سو اڪيون پوري ائين ڪڍيو آهي. مثلاً پهرئين صفحي تي الف ب جي 52 اکرن جي تختي ڏنل آهي، جنهن ۾ طفلانہ طرز جو ۾ آسان ڇڻ هيءُ ٻيهاريو ويو آهي تہ هڪڙو اکر ڪارو تہ ٻيو ڳاڙهو هجي- بس! تقريباً سڄي ڪتاب ۾ اِنهيءَ قسم جي بي مقصد رنگريزي ٿيل آهي، اُن ۾ ڪنهن بہ طرح جي ڪا علمي رٿا تدريسي مقصديت موجود ڪانهي.

درسي ڪتاب لاءِ ائين چئجي ٿو تہ اُهو پڙهندڙ ۾ پاڙهيندڙ ٻنهي لاءِ هڪ مددي وسيلو آهي. پر جيڪڏهن وسيلي جي اڳيان مقصد واضح نہ هوندو تہ اهو وسيلو بيڪار بلڪ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو.

ڏارينءَ ٻوليءَ جي پاڙهڻ جو مقصد آهي تہ ٻار اُها لکڻ، پڙهڻ ۾ ڳالهائڻ سکڻ- ڳالهائڻ سڀ کان پهريائين. هِن "آسان سنڌي قاعدي"

۾ سنڌيءَ جي ڳالهائڻ سيکارڻ تي ذري جيترو به ڌيان ڏنل نه آهي- بلڪ شاگردن کي ڳالهائڻ سکڻو يا سيکارڻو به آهي. اُن جو ڪو تر جيترو احساس به ڪتاب مان ظاهر نٿو ٿئي. حالانڪ ڏارينءَ ٻوليءَ جي پڙهائيءَ جي جديد طريقي جو بنياد ئي ڳالهائڻ تي بينل ٿئي ٿو. ٻوليءَ جي سکيا جي تاريخ ۾ سڀ کان وڌ اڇوڪي دور ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن. اڳئين زماني ۾ اُن جو مقصد گهڻو ڪري هيءُ هو ته جيڪي ٿورا ۽ خاص ماڻهو ڏارين ٻولي سکن. اهي اُن جي ڪن چوندڙ ادبي شهپارن کان واقف ٿي سگهن. اُهو مقصد هاڻي وڌي ۽ ڪشادو ٿي، ٻوليءَ جي اصلوڪن ڳالهائيندڙن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي لاڳاپن ۽ سنڌن سيٽيتا جي سمجهڻ ۽ قبولڻ تائين وڃي پهتو آهي.

نه رڳو ايترو، پر ڪن خاص حالتن ۾، جيئن هتي سنڌ ۾، ڏارين ٻولي نه رڳو ڪن ٿورن ۽ خاص ماڻهن کي سکڻي پوي ٿي، پر سڄي نسل کي، سڄي فرقي، سڄيءَ قوم کي ان جو سکڻ لازم ٿئي ٿو.

ٻولين جي علم ۾، گذريل ٿورن سالن ۾، بنهه ڊرامائي انداز جا واڌارا ٿيا آهن. سيکارڻ جون نيون ترتيبون عمل ۾ آيون آهن. ڏسڻ وائسڻ (سمعي ۽ بصري) جي تدريسي وسيلن ۾ سڌارو ۽ انهن جي تعداد ۽ پيداوار ۾ حيرت انگيز واڌارو آيو آهي. تنهنڪري، سنڌيءَ جهڙيءَ هڪ جيئريءَ جاڳندي ٻوليءَ جي سيکارڻ لاءِ جيڪو ريڊر ٺهڻو هو ان جي ترتيب ۽ تياريءَ ۾ اُنهن سيني تبديلين ۽ نون پيدا ٿيل ۽ مجوزه طريقن کي سامهون رکڻ لازمي هو جنهن کان سواءِ سنڌ ۾ سنڌيءَ جي، غير مادري زبان جي صورت ۾، عام سکيا جو اصل مقصد ڪڏهن به برصواب ڪونه ٿي سگهندو.

ڏارينءَ ٻوليءَ جي سکڻ ۽ سيکارڻ جا هيلتائين چار طريقا اختيار ڪيل آهن- هڪ گرامر ۽ ترجمي جو طريقو، ٻيو سڌو طريقو، ٽيون پاشا وگياني طريقو ۽ چوٿون خالص علمي طريقو. گهڻي تجربي ۽ مشق کان پوءِ پهريون طريقو ناڪام انهيءَ ڪري ثابت ٿيل آهي، جو اُن ۾ شاگردن کي گرامر موجب رڳو ڳالهائڻ جا لفظ، لفظن جا ڦيرا، لفظن جي ترڪيب ۽ ٻيا گرامر جا قاعدا ۽ دووايه لغت جي مدد سان ترجمي جون

مشقون ڪرڻيون ٿي پيون، جنهن سڄي ڪم ۾ ڪين ٻوليءَ سان اُن جي ڳالهائجڻ جي صورت ۾ بنهه واسطي ۾ ڪونه ٿي اچڻو پيو. اُها هو نه ڳالهائجندي ٻڌندا هئا ۽ نه پاڻ ئي ڳالهائيندا هئا. ٻوليءَ جي اهڙيءَ سکيا وسيلي شاگردن کي سالن جي محنت کان پوءِ به ٻوليءَ جي استعمال جي لياقت حاصل ٿي ڪانه سگهندي هئي، ۽ هو آخر اُن کان بيزار ۽ باغي ٿي پوندا هئا.

هيءُ طريقو اُن پراڻي دؤر جي نشانيءَ طور اسڪولن ۾ درسگاهن ۾ رهجي ويل هو. جڏهن ڏارين ٻولين جي سکڻ جو مقصد فقط انهن جي ادبي شهڪارن تائين رسائي حاصل ڪرڻ هو ۽ اُن لاءِ رڳو ڪي ٿورا ۽ خاص دلچسپي رکڻ وارا شخص اُهي ڏاريون ٻوليون پڙهندا هئا.

نئين دؤر جي نين گهرجن کي منهن ڏيڻ لاءِ، اسڪولن ۾ اُن پراڻي گرامر ۽ ترجمي واري طريقي جي پيدا ڪيل بي اثر ۽ بيزاريءَ جي صورتحال جي علاج طور، ٻوليءَ جي سڌي طريقي سان پڙهائڻ جي تحريڪ ايري. اُن تحريڪ جي اثر هيٺ، الڳ الڳ نالن ۾ ٿوريءَ گهڻي ڦير گهير سان، ڪيترائي پڙهائيءَ جا طريقا ٺهيا ۽ عمل ۾ آيا- جيئن ته نئون طريقو، سڌريل طريقو، فطري طريقو، زباني طريقو، وغيره. جيتوڻيڪ تدريس جي هن سڌي طريقي ۾، ٻين ڪافي ڇڳائين سان گڏ، شاگردن کي گرامر جي گهڻن ۽ ڏکن ۽ خشڪ قاعدن کي برزبان ياد ڪرڻ بدران ٻوليءَ سان سڌي لاڳاپي ۾ اچڻو پيو ٿي، ۽ بي تعلق ترجمن جي مشقن بدران ٻوليءَ کي پاڻ، وقت ۽ ضرورت سارو، استعمال ڪرڻو ٿي پيو. تڏهن به اُن وسيلي ٻوليءَ جي سمجهڻ ۾ ڪم آڻڻ جي پوري لياقت ڪين حاصل ڪانه ٿي سگهي؛ ۽ ٻيو ته اِن ۾ وقت وري به ڪافي ڪجهه لڳي ٿي ويو. ۽ ائين ٽيڻ لاءِ واجبي سبب به هئا، جن مان هڪ هيءُ هو ته پڙهائڻ وارا خود، اڪثر حالتن ۾ ڏارينءَ ٻوليءَ جا پورا ڄاڻو نه هئا- ڇاڪاڻ ته اها سندن مادري ٻولي نه هئي- ۽ ٻيو ته اُن جي استعمال جو ماحول بهرحال هٿرادو هو. ۽ ٽيون ته پڙهندڙن کي بهرحال مادري ٻولي يا پهرين ٻولي نه، پر هڪ ڏارين ٻولي ۽ ٻي ٻولي سکڻي ٿي پيئي، جنهن جي کين فطري طور ايتري ضرورت محسوس ڪانه ٿي ٿي،

جيتري هڪ ٻار کي مادري ٻوليءَ جي سکڻ وقت پيش ايندي آهي. تعليم، نفسيات ۽ ٻوليءَ جي ودوانن، ڏارين ٻولين جي سکڻ جي جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ عالمي ضرورتن ۽ پاشا وگيان ۾ تحقيق جي تڪڙيءَ واڌ کي سامهون رکندي، پوءِ ٻوليءَ سيکارڻ جو پاشا وگياني طريقو پيش ڪيو جنهن موجب سڌي طريقي جي ڪمزورين ۽ اوٽاين جي هڪ حد تائين پورائي ٿِي سگهي ٿي.

پاشا وگياني طريقي جي خصوصيت هيءَ رکي ويئي تہ علمي تحقيق جي بنياد تي ٻوليءَ جا اُهي بنيادي جملا ۽ انهن جون اضافي صورتون هٿ ڪيون وڃن، جيڪي اُن جا اصلوڪا ڳالهائيندڙ عام طور ڪم آڻين ٿا. پوءِ اهڙن بنيادي جملن ۽ اُنهن جي اضافي صورتن جي قالبن تي نهڪندڙ جملن جا مجموعا ناهيا وڃن، ۽ سکندڙن کي انهن جي پرئڪٽس ڪرائي وڃي، تہ جيئن اُنهن جو استعمال سندن عادت جو جُز بنجي وڃي. هن پاشا وگياني طريقي هيٺ ڏارين ٻولين سيکارڻ جا جيڪي بہ الڳ الڳ درسي نظام ناهيا ويا، انهن سڀني ۾ هي پنج خصوصيتون تقريباً عام هيون:

(1) ڳالهہ ٻولهہ جا بنيادي ۽ انهن جي اضافي جملن جا مجموعا ـ مشق ڪرڻ ۽ ياد ڪرڻ لاءِ.

(2) تشريحي نوٽ، جن سان شاگردن کي ڳالهہ ٻولهہ جي بنيادي جملن جي قالبن ۽ ٻوليءَ جي خصوصي رخ جي خبر پوي يا کين سمجهاڻي ڏيئي سگهجي، تہ جيئن هو پاڻ بہ انهن قالبن ۽ انهيءَ رخ پٽاندر جملا ناهي سگهن ۽ ٻولي ڪم آڻي سگهن.

(3) جملن جي قالبي مجموعن جي ڪم آڻڻ جي مشق، تہ جيئن اُهي ڳالهائيندڙ جي عادت ۾ شامل ٿي وڃن.

(4) مٿين مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب ۽ اثرائتا سمعي ۽ بصري وسيلا، جيڪي شاگرد ڪلاس ۾ ۽ ڪلاس کان ٻاهر گهر ۾ بہ استعمال ڪري سگهن.

(5) ٻوليءَ جي ڪم آڻڻ جا موقعا — ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي صورت ۾، ۽ نہ ترجمن جي صورت ۾.

ٻاهرين ترقي ڪيل ملڪن ۾ ڏاريون هوليون جي هن ٻاشا وگياني تدريس جي طريقي هيٺ، ترت ئي پوءِ، ريڊيو ٽيپ رڪارڊر ۽ ٻين سمعي ۽ بصري وسيلن جو ايترو ته گهڻو استعمال ٿيڻ شروع ٿيو ۽ ڳالهه وڌي وڌي، اُن حد تي پهتي، جو هوليءَ جي سکيا کي هڪ مشيني عمل سمجهي، استاد جي ضرورت ئي وچ مان جڙ خارج ٿي ويئي! ظاهر آهي ته سمعي ۽ بصري وسيلا استاد جا مددگار ته ٿي سگهن ٿا، پر خود استاد جي جاءِ نٿا وٺي سگهن- هولي رڳو لفظن يا جملن جي قالبن تائين محدود ڪانهي، جو اُها مشين رستي سکي يا سيکاري سگهجي، هولي ته هڪ جيئرو جاڳندو ذريعو آهي، جيڪو وڌي ٻه ٿو ۽ بدلجي ٻه ٿو، جنهن سان انساني شخصيت جو اظهار ٿئي ٿو ۽ جيڪو هڪٻئي سان سماجي لڳ- لاڳاپي قائم رکڻ جي بنيادي انساني ضرورت ئي پورو ڪري ٿو. ٻاشا وگياني پڙهائيءَ جو طريقو، جنهن مشيني وسيلن تي ضرورت کان وڌيڪ زور ڏنو ۽ جنهن گهڻي قدر هوليءَ کي محدود ۽ بي جان سمجهي، رڳو ان جي بنيادي جملن جي ڏانچن تي ئي پروسو رکيو، سو هوليءَ کي ان جي زندهه ۽ گوناگون حقيقت جي حيثيت سان پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيو. ۽ تعليم، نفسيات ۽ ٻاشا وگيان جا ماهر ان مان گهڻو وقت مطمئن رهي نه سگهيا.

ڏارين هوليءَ جي سکيا جي مٿي بيان ڪيل ٽن طريقن جي ناڪامي يا ناڪافي ثابت ٿيڻ سان ئي اڇڪلهه ان جي سکيا جو چوٽون طريقو، جنهن کي "علمي طريقو" چئجي ٿو، عام استعمال هيٺ آهي. هن طريقي ۾ سڏي طريقي ۽ ٻاشا وگياني طريقي جا بنيادي اصول پوريءَ طرح ڪم اچن ٿا. يعني هولي ڳالهائجندي ٻڌجي ۽ پاڻ ڳالهائجي، ان جي بنيادي جملن ۽ انهن جي اضافي صورتن جي مجموعن جي ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق ڪجي ته جيئن انهن جي استعمال جي عادت پئجي وڃي ۽ سمعي بصري وسيلن کان انهيءَ مقصد لاءِ پورو پورو ڪم وٺڻ گهرجي وغيره. پر هن طريقي ۾، خاص طرح، هوليءَ جي سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ خالص علمي نقطي نگاهه اختيار ڪئي وڃي ٿي. يعني هيءَ ته هولي سکڻ هڪ پيچيده گهڙُ پاسائون

عمل آهي. ان ۾ نہ رڳو ماڻهوءَ کي، هلڻ يا ساهہ کڻڻ جي هنر وانگر، مشيني انداز ۾، غير شعوري حد تائين، ڳالهائڻ جي اٽڪل پرائڻي پوي ٿي، پر خيالي ۽ جمالياتي معنائن جي دنيا کي سمجهڻو ٻہ پوي ٿو جيڪي ٻوليءَ جي هر جملي ۾، اُن جي آوازن، لفظن ۽ ترتيب سان گڏوگڏ موجود رهن ٿيون. معنائن جون اُهي نندڀيون نندڀيون دنيائون ئي گڏجي، ٻوليءَ جي اصل ڳالهائيندڙن جي سهج سياڻ ۽ قومي سڀيتا جي ڪائنات ٻنجن ٿيون- جنهن جي ڀرپور جهلڪ ٻوليءَ جي نون سکندڙن کي ڏسڻي ۽ ڏيکارڻي آهي. ڇو تہ اُها ڪائنات، اُن حد تائين، کين پنهنجي ڪائنات بنائڻي آهي. انهيءَ ڪري ٻوليءَ جي سکيا جا سڀ مسئلا ڪنهن هڪ سڌي سادي رستي يا طريقي سان حل ٿي وڃن، اهڙي اميد رکڻ اجائي آهي. مثلاً گرامر ۽ ترجمي جي طريقي کي ئي ڏسجي تہ پاشا وگياني طريقي ۾، جو ٻوليءَ جا بنيادي جملا ۽ انهن جون اضافي صورتون هٿ ڪجن ٿيون- سي گرامر هيٺ گڏ ٿيل نتيجن جي روشنيءَ ۾ ئي مرتب ٿين ٿيون. خود پاشا وگيان، جنهن کي ٻوليءَ جو تفصيلي بيان چيو وڃي ٿو، اُن جو هڪ حصو گرامر ئي تہ آهي، ۽ گرامر جي مدد سان ئي تہ ٻوليءَ جي ٻين پاسن جو بيان ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري ٻوليءَ جي سکيا جي عملي طريقي جو بنيادي اصول هيءُ آهي تہ هر اُها ڳالهہ ۽ ترتيب، جيڪا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي، ان مان جوڳو ڪم ورتو وڃي. اهڙي خالص علمي عمل لاءِ ظاهر آهي تہ علمي تربيت حاصل ڪيل استاد جي سخت ضرورت آهي، جيڪو هر اهو بهترين ۽ مفيد رستو ۽ اصول ڪم آڻي سگهي، جيڪو کيس ٻوليءَ جي پڙهڻ ۽ پاڙهڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي. ٻوليءَ جو اهو تربيت يافتہ استاد ڪنهن ٻہ صورت ۾ ٻوليءَ جي علمي مطالعي يعني پاشا وگيان جي حاصلات ۽ نتيجن کي، انساني سکيا جي نفسياتي اصولن کي، شاگردن جي عمر ۽ تعليمي معيار کي ۽ انفرادي شاگرد جي شخصيت ۽ صلاحيت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهي.

مٿي هڪ هنڌ چيو ويو آهي تہ درسي ڪتابُ، پڙهندڙ ۽ پاڙهيندڙ ٻنهي لاءِ هڪ مددي وسيلو آهي. هاڻي سوال اهي تہ هڪ غير مادري

زبان طور سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائڻ لاءِ هيءُ جو "آسان سنڌي قاعدو" ناهيو ويو آهي. اُهو ٻوليءَ جي ڪهڙي تدريسي طريقي تي ٻڌل آهي؟ گرامر ۽ ترجمي جي طريقي تي، سڌي طريقي تي، ٻاشا وگياني يا خالص عملي طريقي تي؟ انهيءَ سوال جي جواب سان ئي اُهو فيصلو ٿي سگهي ٿو ته هيءُ ڪتاب پڙهندڙ يا پاڙهيندڙ لاءِ ڪهڙيءَ ۽ ڪيتريءَ مدد جو وسيلو آهي. سڄي ڪتاب کي پوري ڏيان سان ڏسي ويو ۽ پوءِ جو ڪجهه ان بابت ۽ ڏارين ٻوليءَ جي تدريسي مقصدن ۽ طريقن بابت مٿي عرض ڪيو ويو آهي، اُن سڀ تي ويچار ڪريو. اوهين هن ئي نتيجي تي پهچندا ته هيءُ ڪتاب مٿي بيان ڪيل چئن تدريسي طريقن مان ڪنهن هڪ طريقي تي ٻڌل ڪونهي. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته اُهي چارئي طريقا ٻوليءَ جي پاڙهڻ جا طريقا آهن، ۽ هيءُ ڪتاب ٻوليءَ جي پاڙهڻ لاءِ نه پر خاص طرح ٻوليءَ جي فقط ستن آوازن سيکارڻ ۽ گهٽي ۾ گهٽو ته رڳو ٻوليءَ جي الف- ب پاڙهڻ لاءِ ناهيو ويو آهي. ظاهر آهي ته ٻولي رڳو آوازن ۽ الف- بي جي تختيءَ تائين محدود ڪانهي. اِهي ته رڳو ان جي اظهاري روپ جا پهريان جُزا آهن. اُنهن کان پوءِ اِن روپ جا لفظ ٻه آهن ۽ جملا ٻه آهن. جيڪي پڙ پاڙهڻا ۽ سيکارڻا آهن. تنهن کان پوءِ اُنهن لفظن ۽ جملن ۾ ٻوليءَ جو تهذيبي مواد يعني معنيٰ جو مواد ٻه آهي- جنهن کي پڙ پاڙهڻو ۽ سيکارڻو آهي. افسوس، جو هن "آسان سنڌي قاعدي" جو اِنهن ڳالهين سان ڪوبه خاص واسطو ڪونهي.

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي لائق چيئرمين صاحب کان هن سلسلي ۾ ۽ هن منزل تي فقط هيءَ اُميد ڪري سگهجي ٿي ته هو هن ناڪام "سنڌي قاعدي" کي اُن جي پهرينءَ ايڊيشن جي ڪم اچي وڃڻ کان پوءِ ٻيهر نه ڇاپائي ۽ ان جي بدران فوراً ٻئي ڪنهن عملي نوع جي ريڊر جي نهرائڻ ۽ ترت شايع ڪرڻ جو اهتمام ڪري. اُن ۾ ئي سنڌ جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جائز تدريسي حيثيت ۽ اُن جي مفيد ۽ نتيجه خيز تعميل جي ضمانت ٿي سگهي ٿي.

[روزانه "هلال پاڪستان"، ڪراچي، 4- جولاءِ 1973]

26-28 نومبر 1981ع تي سنڌ مدرسي، ڪراچيءَ ۾ ٿيل

سنڌي ساهت ڪانفرنس جا ٺهراءَ

سنڌي ساهت ڪانفرنس 1981ع جي آخري اجلاس ۾ سنڌ جي ليکڪن، شاعرن، عالمن ۽ تعليمي ماهرن جو هيءُ نمائندہ ميڙ حڪومت جي تازين پاليسين ۽ انهن جي نفاذ لاءِ ورتل اپائن جي پيش نظر سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ تعليم جي مستقبل کي تشويش جي نظر سان ڏسي ٿو. جن مطابق ٻوليءَ جي درجي ۽ اسڪولن ۾ تعليم جي ذريعي طور ان جي استعمال، ۽ ابلاغ عامہ ۽ تفريحي ذريعن جهڙوڪ پريس، ريڊيو ۽ ٽيليويزن جهڙن شعبن لاءِ جيڪي ڪوششون ورتيون ويون آهن، اهي سڀ فقط اردوءَ کي ايارٽ ۽ ان تي مڪمل زور ڏيڻ جو اظهار ڪن ٿيون. بطور ليکڪن، معلمن ۽ بطور والدين جي پنهنجي فرض ۽ ذميداريءَ جو لحاظ ڪندي، اهو فيصلو ڪيو ويو اهي تہ سنڌ جي صوبائي حڪومت ۽ پاڪستان جي وفاقي حڪومت کي سنڌ جي عوام جي هينين جائز مطالبن جي پورائيءَ لاءِ تڪڙن ۽ مؤثر اپائن وٺڻ ڏانهن متوجهہ ڪجي، جن ذريعي کين سندن بنيادي انساني حق ملي سگهن، جهڙوڪ سندن ٻوليءَ، ثقافت ۽ تعليم جو حق، جيڪو بنيادي انساني عدل، انصاف ۽ مساوات جو بنياد آهي ۽ جنهن جي کين اسلام ۾ پڻ ضمانت ڏنل آهي. اهي مطالبا پاڪستان جي نظريي سان پڻ مطابقت رکن ٿا، جنهن ۾ پاڪستاني ملت لاءِ بنيادي ڳالهہ اسلام کي سمجهيو وڃي ٿو ۽ نہ ئي ٻوليءَ کي. اُهي مطالبا هي آهن:

(1) صوبائي ٻوليءَ طور سنڌيءَ جي واڌاري ۽ نفاذ لاءِ سنڌي ٻولي ڪائونسل جو قيام. جيئن سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائي، ترقي ۽ ان جي استعمال واري ايڪٽ 1972ع ۾ ڇاڻايل آهي.

(2) ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ جتي سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو اقليت ۾ آهن ۽ پٽ راولپنڊي- اسلام آباد فيڊريل ايريا ۾ 25 سنڌي ميڊيم ٻارن جي گهٽ ۾ گهٽ ڪلاس/ گريڊ تعداد لاءِ سنڌي ميڊيم پرائمري/ سيڪنڊري تعليم جو قانون.

(3) سنڌ جي سڀني اڳوڻن انگلش ميڊيم اسڪولن جهڙوڪ سينٽ مائيڪلس ميرپورخاص، سينٽ ميريز ۽ سينٽ لارينس سکر، ۽ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي اهڙن سڀني اسڪولن ۾ سنڌي ميڊيم سيڪشن قائم ڪرڻ.

(4) سنڌ صوبي جي مقرر تعليمي نصاب مطابق ڪراچي شهر جي سڀني اردو ميڊيم تعليمي ادارن، خاص طور جيڪي ڪي. ايم. سي. پاران هلايا وڃن ٿا، انهن ۾، هڪ مضمون طور سنڌي پڙهائڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جا استاد مقرر ڪرڻ.

(5) سنڌ صوبي ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن لاءِ اسڪولن، ريڊيو ۽ ٽريننگ ڪاليج ۾ عام سنڌي ذريعي تعليم ۽ تعليم بالغان جا پروگرام فوري طور عمل ۾ آندا وڃن.

(6) وفاقي سطح تي ٻارن جي مضمونن جي مقابلن وغيره ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارڙن لاءِ سنڌي زبان ۾ لکڻ جي حق کي تسليم ڪيو وڃي.

(7) وفاقي انتظامي ملازمتن توڙي سنڌ صوبائي انتظامي ملازمتن ۽ ٻين ملازمتن جهڙوڪ درس تدريس لاءِ ٿيندڙ سڀني چٽاپيٽين وارين ٽيسٽن ۾ سنڌيءَ کي امتحان جي مضمون طور تسليم ڪيو وڃي.

(8) ڪراچي ٽي. وي. اسٽيشن تان ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ پروگرامن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اَڌُ وقت سنڌيءَ ۾ ٿيندڙ پروگرامن کي ڏنو وڃي.

(9) خيرپور ميرس ريڊيو اسٽيشن تان سنڌيءَ نشريات جا انتظام ڪيا وڃن ۽ اتان نشر ٿيندڙ پروگرامن ۾ 50% پروگرام سنڌي زبان ۾ هڻڻ گهرجن.

(10) ڪراچي ريڊيو اسٽيشن ۽ ڪراچي ٽي. وي. اسٽيشن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اَڌُ پروگرام پروڊيوسر سنڌي زبان ڳالهائيندڙ رکيا وڃن. ساڳيءَ طرح حيدرآباد ۽ خيرپور ميرس ۾ اهڙن پروگرام پروڊيوسرن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ 60% هڻڻ گهرجي.

(11) ملڪ جي اندر سنڌ صوبي سميت ٻين صوبن ۾ جيئن اردو ۽ انگريزي زبانن وارين اخبارن ۽ رسالن کي ڊڪليئريشن آسانيءَ سان ڏنا ڳا وڃن، ساڳيو طريقي ڪار سنڌي اشاعتن جي ڊڪليئريشن لاءِ رکيو وڃي.

(12) ملڪ جي اندر سنڌ صوبي سميت ٻين صوبن ۾ جهڙيءَ طرح ٻين ٻولين جي رسالن ۽ ڪتابن تان بندش هٽائي ويئي آهي، ساڳيءَ طرح سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي اڳوڻي حڪومت طرفان وڌل بندش هٽائي وڃي.

(13) سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ اشتهارن لاءِ مخصوص ڪيل جملي فنڊ مان 50% سيڪڙو سنڌي اخبارن ۽ رسالن لاءِ مخصوص ڪيو وڃي.

(14) هري پور هزارا گورنمينٽ ورڪ شاپس ۾ معياري پورٽيبل سنڌي ٽائيپ رائيٽنگ تيار ڪرڻ جا انتظام ڪيا وڃن.

(15) ملڪ جي مختلف هنڌن تي قيد ڪيل سنڌي زبان جي سڀني شاگردن ۽ ليکڪن کي آزاد ڪيو وڃي.

(16) اڳوڻي حڪومت طرفان ان جي قوميائڻ واري پاليسيءَ هيٺ ڪنيل سنڌ مدرسواُن جي بورڊ جي حوالي ڪيو وڃي.

(17) جناح ڪورٽس مسلم هاسٽل کي، جيڪا مسلم ٽرسٽ پراپرٽي آهي، ان جي حقدار بورڊ آف ٽرسٽيز جي حوالي ڪيو وڃي.

[1981ع]

سنڌي ٻوليءَ ڏانهن سنڌي قوم جون ذميواريون

[سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي عمارت جي پيڙهه جي پٿر رکجڻ جي موقعي تي اداري جي مقصدن ۽ علمي رٿائن بابت مذاکري ۾ پڙهيل تقرير- سنڌ جي وزير اعليٰ عزت ماب جناب سيد عبدالله شاهه جي زيرِ صدارت: 1994ع]

هڪ پيري- ڪجهه سال ٿيا- مون هڪڙي پروگرام ۾ بي بي سي جي ريڊيو تان ٻڌو هو (ٻڌندڙن جا سوال ۽ اُنهن کي جواب ڀئي ٻڌايائون- ڪنهن ماڻهوءَ ڪٿان سوال ڪيو) ته ڪهڙي اها ڪشش آهي، جو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو انگلنڊ ۾ ڇڪجيو اچن ٿا ۽ اُتي جا شهري ٻڌجي. دائمي طور رهڻ لاءِ آتا ٿا رهن ۽ واجهه وجهن ٿا. جڙ اُهو ڪو سنڊن اصلوڪو وطن هوا!

سوال جو جواب ڏاڍو هڪڙو سڌو سادو پر وزندار ۽ ٽُڙ ڏئو هئائون.

چي: اها انگلينڊ جي ڪشش ٽن طرحن جي هئي: هڪ ته اُتي ماڻهن کي انساني برابريءَ جو ماحول ملي ٿو. ٻيو ته اُتي هو قانون جي حڪمراني ڏسن ٿا. ۽ ٽيون ته هو اُتان جي ٻوليءَ جي حسين ۽ مضبوط دام ۾ ڦاسن ٿا — اهڙي اُها وٽندڙ سڌريل ۽ مائيدار ٻولي آهي!

آءٌ جڏهن ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ استاد هئس - 1940ع ڏاري - تڏهن سنڌ جي محترم ۽ محبوب استاد، علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جي هڪ ليڪچر ۾ ڪانئن ٻڌو هوم ته "ماڻهن جي ٻولي سنڊن ادب ۽ علم جي غربت ۽ تونگريءَ جو نشان آهي ۽ اُها سنڊن اخلاقياتي سطح ۽ شان جي پڻ شاهد آهي، اصل ائين جيئن سونَ جي پرک لاءِ ڪسوٽي."

سنڌي ٻولي، جيڪا اسان جي علم ۽ ادب جو نشان آهي، اسان جي سيڀيتا جي فضيلت جي سچاڻپ آهي، اُن کي وڏائڻ ۽ سڌارڻ ۾ اسان تي اوتروئي لازم آهي، جيترو انگريزيءَ لاءِ انگريزن تي، ۽ بلڪل ايتري قدر جيتري قدر اسان جي استاد ۽ بزرگ، علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب، اسان کي اُهو سمجهائڻ ٿي گهريو.

پر افسوس، جو جيئن آزاد ملڪن ۾ آزاد ماڻهن وٽ سندن ٻولين جي حڪومتي سارسنڀال ۽ سرپرستي ٿئي ٿي، تيئن صدين جي تاريخ ۾ اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي سرپرستي ۽ سارسنڀال ڪانہ ٿي آهي. البت جيئن ماڻهو ۽ قومون هونئن ٻ- آزاديءَ يا غلاميءَ ۾- پنهنجين ٻولين کي فطري طور سنڀالينديون ۽ سانڀيندیون رهن ٿيون، تيئن اسين سنڌي ماڻهو ٻ پنهنجي ٻوليءَ کي صدين کان پنهنجي ساهہ سان سانڀيندا ۽ اکين ۾ نورَ جيان سنڀالیندا آيا آهيون.

انگريز حڪومت جي پوريءَ هڪ صديءَ ۾ اسان جي ٻوليءَ تي انگريزي ٻوليءَ جي برتري موجود هئي. اُنهن کان اڳ، گهٽي يا ٿوري انداز ۾، اُن تي عربيءَ يا فارسيءَ جي برتريءَ جو مامرو هو- جيتوٽيڪ اُنهن ٻولين کان اسان گهڻو ڪجهہ پرايو ٻ، ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي خانگي طور پنهنجن مڪتبن ۽ مدرسن ۾ تعليم ۽ تدريس جي ذريعي طور ڪم ٻ آڻيندا رهياسين، ۽ پڻ فطري جولان هيٺ اسان جا سگهڙ ۽ شاعر پنهنجيءَ ٻوليءَ کي گهڻو ڪجهہ سينگاريندا سنواريندا ۽ مالا مال ڪندا ئي رهيا.

ساڳيءَ طرح اڄ ٻ اسان تي اڙدوءَ جي برتري، قومي ٻوليءَ جي حيثيت سان، موجود آهي-۽ اهو ٻ هڪ سبب آهي، جو اڙدو ڳالهائيندڙ اسان جا ٻاهران آيلهہ وطن ٻائر، ايتريءَ سياسي قوند ۾ پريل ۽ ايترا اسان تي آڪرا رهن ٿا، پر خود اڙدوءَ کان ٻ اسين سکنداسين، ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ائين شاهوڪار ٻڌائيندا سين: ۽ اسان جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ جيترو علم ۽ ادب آهي ۽ وڌيڪ ٻ اُهو اسين جيترو پيدا ڪنداسين، اخلاقيات ۽ سيڀيتا جا جيڪي ڪجهہ صحتمند اصول ۽ قدر اُن ۾ موجود آهن ۽ وڌيڪ ٻ اُهي اسين جيتري تائين اُن ۾

آڻيندا سين. ۽ بنهه مُنڊيءَ جي ٽِڪَ وانگر جَڙي بيهاريندا سين. اهي سڀ اسين پنهنجن ازدو توڙي ٻين ٻولين ڳالهائيندڙ هم وطن پائرن کي دل جي پوريءَ فياضيءَ سان آڇيون ٿا ۽ آڇيندا سين. ائين ئي ۽ اهڙيءَ ئي ڏي وٺ سان سياسي طور سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي گڏيل سنڌي قومي تعمير ۽ پڻ پاڪستان ۾ رهندڙ ماڻهن جي گڏيل پاڪستاني قومي تعمير جا بنياد نهٽا ۽ پختا ٽيڪا آهن ۽ ٿي سگهن ٿا.

اسان جي سنڌي ٻولي انگريزي دور ۾ وڏيءَ هڪ سطح تائين تعليمي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي درجي تي پهتل هئي. پاڪستان جي ٻين صوبائي، علاقائي يا وطني ٻولين جي پيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهائي سرڪاري ۽ تعليمي حيثيت واري اڳيري وک اسان لاءِ اج وڏي هڪ سهوليت ۽ فائدي جي ڳالهه بڻيل آهي. اسين پنهنجي علم ۽ ادب، تعليم ۽ تدريس ۽ سرڪاري ڪارج جي استعمال جي دائرن ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي وڌيڪ تربيت اُنهيءَ ئي اڳيري مرحلي ۽ مٿيري بنياد کان مٿي کڻي ۽ اڳتي وڌائي سگهون ٿا.

اُن مقصد لاءِ انگريزي دور جي سال 1940ع ۾ اسان جي مهربان ۽ مانائتن بزرگن سنڌي ادب جي باضابطه ترقيءَ لاءِ هڪ مرڪزي صلاحڪار بورڊ قائم ڪيو. 1949ع ۾ پاڪستان نهڻ کان پوءِ اسان جي محترم ۽ محبوب بزرگن سنڌي ادب لاءِ هڪ اعليٰ اختيار رکندڙ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي قائم ڪئي. جنهن 1951ع ۾ وڏي 'سنڌي ادبي بورڊ' جي باوقار ۽ باعمل اداري جو روپ ورتو. 1989ع ۾ خصوصي طور تعليمي تدريس ۽ سرڪاري ڪارج جي استعمال جي دائري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سُڌاري لاءِ 'سنڌي لئنگويج ڊولپمينٽ بورڊ' جي قيام جي تجويز منظور ٿي. جنهن 1990ع ۾ موجوده 'سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ' (سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري) جي صورت ورتي. ۽ اج اسان جي هن عظيم اداري جي عمارت جي بنياد جو پٿر سنڌ جي وزيراعليٰ، اسان جي وزير ۽ عزيز دوست سيد عبدالله شاهه صاحب جن نصب ڪيو آهي. اسان لاءِ سچ پچ هيءُ موقعو بيحد هڪ مبارڪ موقعو آهي. جنهن تي اسين جيتري خوشي ڪريون، اسان لاءِ اُها عين مناسب آهي.

هيءُ سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو تقريباً ٻن سالن کان اسان جي قابل احترام عالم، محقق ۽ استاد جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سرڪردگيءَ هيٺ ڪم ڪندو رهيو آهي. ان ٿوري عرصي ۾، محدود وسيلن جي اندر رهي ڪري، هن اداري جيڪو تحسين جوڳو ڪم ڪيو آهي، سو اسان جي آڏو آهي ۽ رڪارڊ تي آيل آهي ۽ اسان کي ان تي فخر آهي. هن اداري لاءِ پنهنجي شاندار منصبي ڪارنامن جي رڀابندين ۽ تعليمي ڪاميابين لاءِ اڄ اسان وٽ اطمينان جي حد تائين گهربل موقعا موجود آهن. هموار سرزمين ۽ سازگار ماحول موجود آهي، ساڻي ادارا مثلاً سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، بيورو آف ڪريڪيولم اينڈ ايڪسٽينشن سروسز ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ ٻيا اسان جا علمي ۽ ثقافتي ادارا ۽ لئبرريون موجود آهن. ۽ ٻڌ اسان جون ڇهه يونيورسٽيون ۽ سڄي صوبي ۾ ڪاليجن، هاءِ اسڪولن ۽ پرائمري اسڪولن جو وسيع نظام موجود آهي، جنهن سڄي نظام ۽ ٻڌ ذڪر ڪيل سيني ساڻي ادارن جو سهڪار اسان جي سنڌي هوليءَ جي بااختيار اداري کي پنهنجي مقصدن جي پورائيءَ لاءِ پرپور طور ميسر اچڻ کپي، ۽ وڏي ڳالهه ته اڄ اسان جون منتخب جمهوري صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتون موجود آهن، جيڪي عين پنهنجين آئيني تقاضائن ۽ جمهوري ذميوارين مطابق هن اداري جي فرض ادائيءَ ۾ پوري همت افزائي ڪري سگهن ٿيون، ۽ هر طرح جي مدد ڏئي سگهن ٿيون.

حوصلہ هرکس بقدر همت اوست

۽ اِن طرح اسين جيڪي اديب ۽ اُستاد، عملدار ۽ قابل ڪار سڏجون ٿا ـ ۽ ٿوري يا گهڻي قدر واقعي آهيون ٻ، جو ته سمجهه ۽ سگهه اسان مان هر ڪنهن ۾ ڪاڻ ڪا ۽ ڪجهه نه ڪجهه آهي ئي ـ تن سيني جو ٻ فرض آهي ته پنهنجي پنهنجي دائري اختيار ۽ عمل ۾، يعني اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾، انتظامي ۽ محڪماتي آفيسن ۾ ۽ آسامين تي براجمان رهندي، پنهنجي مادري هوليءَ جي

سڌاري ۽ واڌاري لاءِ جو ڪجھ اسان کي ڪرڻ گھرجي، ۽ اسين ڪري سگھون ٿا، سو ڪريون، ۽ ضرور ڪريون: ڇو تہ اھڙين ئي سڀ پاسائينُ، ۽ گڏيل ڪوششن سان اسين پنھنجيءَ ٻوليءَ کي پاڻ لاءِ اعليٰ ادب ۽ مستند علم جي علامت بڻائي سگھنداسين، ۽ ٻوءِ ئي اُھا اسان جي اعليٰ اخلاقيات جي سچاڻپ ۽ انساني سڀيتا ۾ مخصوص فضيلت جي شھادت جو درجو وٺي سگھندي.

سنڌي ٻوليءَ جي آئيني حيثيت

ان کان پوءِ ٻيو وڏو مسئلو سنڌي لکندڙن ۽ پڙهندڙن جو هيءُ آهي ته سنڌيءَ کي جو سنڌ جي صوبائي ٻوليءَ جو درجو قانوناً مليو آهي، سو عملاً پڻ اُن کي ملي، ۽ ان لاءِ جيڪي ضروري کوششون ڪرڻ کپن سي ڪجن، ۽ جيڪي ضروري قدم کڻڻ گهرجن، سي کڄن. ٻوليءَ جي بل ۾ درج آهي ته "حڪومت سنڌيءَ کي صوبائي ٻوليءَ طور ڪم آڻڻ لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺندي- مثلاً ٻوليءَ جي پوري ترقيءَ لاءِ بورڊ، اڪيڈيمون وغيره قائم ڪندي، ۽ 12 سالن ۾ اُن کي ايتري پَدَ تي پهچايو ويندو، جو اها صوبائي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ پوريءَ ريت ڪم اچي سگهي". بل جي پاس ٿيڻ کي ڇگو ڪجهه عرصو گذري چڪو آهي، هاڻي اُن سلسلي ۾ جيڪو به عملي قدم کڄندو، سو مهلائتو ڄڻي سگهبو. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي سون سالن جي تاريخ ۾ ڪم از ڪم هاڻي وقت آيو آهي، جو ان جي جامع ۽ رڃائتيءَ ترقيءَ لاءِ کي اهڙا بنيادي ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن، جو اُهي مالي توڙي افرادي وسيلن جي اڻهوند يا گهٽتائي سبب ناڪام ٿيڻ نه گهرجن. هن نئين زماني ۾ ۽ هن هيتريءَ ترقي ڪيل دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي قومي ۽ سرڪاري طور تسليم ڪيل ٻوليءَ ۽ اُن جي جامع ادب جي تيز ۽ بامقصد ترقيءَ لاءِ، اُن ملڪ جي حڪومت کي مخلصانه ۽ پرپور قدم نه کنيو ته پوءِ ڪڏهن ۽ ٻئي ڪهڙي طرف کان اُن ڏس ۾ ڪجهه ٿي سگهندو!

(1973ع)

سنڌي ٻوليءَ جي ترقي جو تصور

مڪڙ اچن ٿا، سوڪ ٽئي ٽي، ڳڙا پون ٿا، جهڪون لڳن ٿيون: ڄاول سلا سڙي وڃن ٿا، پريل سنگ ڪاڇي وڃن ٿا، بينل فصل تباهه ٿي وڃي ٿو: پر هاري، جنهن جو گذر فصل تي آهي، سو مند اڇڻ تي زمين کي ڪيڑڻ ۾ اُن ۾ بج ڇڏڻ کان باز نٿو رهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جي ادیبن جو به اهو حال آهي. اِهو سندن حال رڳو هاڻي ڪونهي، پر شروع کان سندن حال اِهو رهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي شروع کان اُن جي عوام ئي ناهيو بچايو ۽ وڌايو آهي. اُن جا چارڻ، لوڪ راوي ۽ سگهڙ به اُن جي عوام جو ئي حصو هئا ۽ آهن. اُهي ئي اُن جا ڳالهائيندڙ ۽ اُن جي لوڪ ادب ۽ لوڪ ساڃهه جا سنياليندڙ ۽ سانڍيندڙ رهيا آهن. عربن جي دور حڪومت کان وٺي انگريزن کان پوءِ واري هن تازي دور تائين، سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ ۽ اُن جي علمي ۽ ادبي اوسر ۽ اڏاوت جيڪا به ٿي آهي، اُها انهيءَ طرح فقط سندن عوام ۽ عوام دوست ادیبن هٿان ئي ٿي آهي. انهن تقريباً سيني صدين جي سنڌ سرڪارين ۽ اُنهن سان لاڳاپيل اميرن ۽ عملدارن ۽ سندن درباري عالمن ۽ ادیبن، جيڪي سدائين عوام دشمنيءَ ڏانهن مائل رهيا، تن کي جيڪڏهن ڪا ڳٽتي هئي فقط عربيءَ، فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جي هئي تہ اُها ڪيئن هو پاڻ سکن، ڳالهائين ۽ پنهنجن ٻارن کي اُن ۾ ماهر بنائين تہ جيئن اُهي پاڻ آقا بنجي يا پنهنجن آقائن وٽ سرخرو ٿي ۽ اُنهن جا ايجنٽ بنجي، عوام کي گهٽي ۾ گهٽو ڏُهي ۽ ڪُهي سگهن. اڄُ به هِن طائفي جا ڪيترا ئي طاقت ۽ دولت جا پُڄاڻو

۽ پرستار. وڏا وڏا عهدا ۽ اختيار سنڀاليو. ٻاهران "سنڌ سنڌ" ۽ "سنڌي سنڌي" ڪندي ڪونہ ٿا ٿڪجن. پر پنهنجن گهرن ۾ اُهي ٻي ٻولي ٻيا ڳالهائين. منجهائن ڪي وري پيءُ ماءُ جي زبان سنڌي هوندي ب. پنهنجن ٻارن سان اڙدوءَ ۾ ڳالهائين ٿا. ۽ ٻيو نہ تہ اسڪولن ۾ سعيو ڪري. سنڌيءَ کي ڇڏي. پنهنجن ٻارن کي اول کان ئي اڙدوءَ ۾ ٻيا پاڙهين. اِهي ئي ماڻهو آهن. جن کي جتي ب پڄي ٿو سگهي. اُتي اُهي سنڌي ٻوليءَ. اُن جي تعليم ۽ ادب ۽ اُن جي عوام دوست اديبن. عالمن ۽ دانشورن جي خلاف محاذ قائم ڪيو يا اُن ۾ شامل ٿيو ٻيئا آهن. پنهنجي اُن سنڌي عوام دشمنيءَ ۾ هو پاڪستان ۽ اسلام کي ب وچ ۾ آڻڻ کان نٿا هٽن. جڻ پاڪستان ب فقط سندن آهي ۽ اسلام ب فقط سندن آهي ۽ اُهي ٻيئي سنڌي عوام جي سماجي ۽ ثقافتي فلاح ۽ بهبود سان نقصان هيٺ اچي ويندا۔ حالانڪہ هُنن وٽ ان محاذ آرائيءَ جو واحد ڪارج فقط پنهنجي ۽ پنهنجي آقائن جي پَرَماري مفاد جي بقا ۽ توسيع ئي هوندي آهي. سنڌ جي موجود عوامي حڪومت ۾ ئي اِها اُميد ٿي سگهي ٿي تہ اُها سنڌي ٻوليءَ جي علم ۽ ادب. تعليم ۽ تربيت جي آڏو صدين کان پيل رڪاوٽون دور ڪري سگهندي ۽ اُن جي ٻلائيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪي رٿائتا ۽ سلسليوار قدم کڻي سگهندي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ جڏهن ٿي سال اڳ ٻوليءَ جو بل پاس ٿيو. جنهن ۾ سنڌ جي هِن عوامي سرڪار انهيءَ قسم جي ذميداري قانوني طور ب پاڻ تي عائد ڪئي۔ تڏهن تہ ماڻهن جي اها منجهن اميد يقين جي صورت ۾ بدلجي ويئي. پر پلو ٿئي اُن سنڌ دشمن ۽ سنڌي بلئڪ ميلي ڏاڍَ جو. جيڪو پَرَماري حلقا انيڪ چالبازين ذريعي ۽ خاص طرح پنهنجي پروپيگنڊائي لغڙبازيءَ وسيلي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ويٺا آهن. جنهنڪري سنڌ جي هيءَ عوامي سرڪار ب پنهنجي اُن تاريخي فرض پوري ڪرڻ کان ڪيبائيندي رهي آهي ۽ هيلتائين اُن ڏس ۾ تقريباً ڪجهہ ب نہ ڪري سگهي آهي.

سنڌ دشمن ۽ سنڌي عوام دشمن حلقا ۽ اُنهن جي پروپيگنڊائي طائفي جا ماڻهو سنڌ جي تقريباً هر ڳالهہ کي اسلام دشمني ۽

پاڪستان دشمني سڏين ٿا. خاص طرح هو سنڌي هوليءَ ۾ اُن جي ادبي ۾ علمي مفاد جي ڀالهه ڪي اڙدو دشمني ۾ اڙدو دشمنيءَ ڪي پاڪستان دشمني سڏي. "جيئي سنڌ" چوڻ وارن تي "مري پاڪستان" چوڻ جو الزام هڻن ٿا. ۾ سنڌي هوليءَ لاءِ (اصولي طور) جو سنڌ ۾ سرڪاري هوليءَ جو درجو تجويز ٿيو آهي، اُن ڪي هو قومي يڪجهتيءَ جي منافي سمجهن ٿا. پاڪستان هڪ نظرياتي مملڪت آهي. اُن جو نظرياتي اساس هيءُ آهي ته قوم جو وجود وطن جي بنياد تي نه پر مذهب جي بنياد تي قائم آهي- يعني، ڪم از ڪم ۾ خاص طرح دين اسلام جا مجيندڙ رنگ ۾ نسل ڪان علاوه خود وطن ۾ زبان جي لحاظ ڪان سواءِ به، هڪ قوم آهن. عجب آهي، جو هن نظريي جي مڃڻ جي هڪ هٿي پاڻ لاءِ محفوظ رکندڙ "وطن کي ملت جو ڪفن" سڏيندي به، پاڻ کي هاڻي اول درجي جا ۾ اڪيلا 'محب وطن' سڏڻ لڳا آهن! بهرحال، زبان ته نه اسلامي ۾ نه پاڪستاني قوميت لاءِ- نه نظرياتي لحاظ ڪان ۾ نه حقائق جي روشنيءَ ۾- ڪنهن بنيادي عنصر جو درجو رکي ٿي: چاڪاڻ ته نه سيني دنيا جي مسلمانن جي، ۾ نه وري سيني پاڪستاني مسلمانن جي ئي سهي، ڪا هڪڙي يا مشترڪ زبان آهي. انهيءَ ڪري مذهب کي ڇڏي يا ثانوي درجو ڏيئي، جيڪڏهن زبان کي پاڪستاني قوم جو نظرياتي اساس بنايو ويو- جيئن اڙدوءَ کي پاڪستان ۾ شروع کان بنائڻ جي عملي طور چؤطرفي ڪوشش ڪئي وئي، ۾ هاڻي به ڪئي پيئي وڃي- ته جيئن اڄي پاڪستان جي بنگلہ ديشي سانحي ثابت ڪيو تيئن اڄتي به اهوئي ثابت ٿيڻو آهي ته اڙدو ۾ اڙدوءَ جي پنيان جيڪو پَرَماري دباءَ لڪل آهي، سو ئي پاڪستان جي قومي يڪجهتيءَ کي لوڏڻ، ڪمزور ڪرڻ ۾ هاڃي رسائڻ لاءِ ذميدار آهي. جڏهن هولي مسلم قوميت يا پاڪستاني قوميت جو نظرياتي اساس هئي ئي نه ۾ نه وري آهي ئي سهي، تڏهن اُن لاءِ خاص هڪڙيءَ اڙدو هوليءَ تي، پاڪستان جي ٻين سيني 'قومي' (يا چئجي ته 'عوامي') هولين جي مقابلي ۾ ايترو زور آخر ڇو؟ دراصل اهو غير ضروري ۾ بنيادي طرح، پاڪستان جي حالت ۾ غير نظرياتي، زور ئي آهي،

جيڪو پاڪستان جي متحده قوميت جي آڏو ايڏي وڏي رڪاوٽ ثابت ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي. پاڪستاني پَرَ ماري حلقا انهيءَ حقيقت کان ڇڪيءَ طرح واقف آهن، پر تنهن هوندي بہ، جو هو انهيءَ زور تي ايترو زور ڏيئي رهيا آهن، سو رڳو انهيءَ ڪري، جو اڙدو ٻولي کين، سندن طبقاتي قرلت ۾ مادري ٻوليءَ جي حيثيت ۾، يا تعليمي ٻوليءَ جي حيثيت ۾، مدد ڏئي ٿي. ايڏا تہ عملي طرح اسان وٽ خود سرڪاري ٻوليءَ طور انگريزي استعمال ۾ آهي؛ پر اڳتي هلي، جڏهن اڙدو اُن جي جاءِ تي براجمان ٿيندي، تڏهن ماڻهن ۾ جيڪي محرروميت ۽ محڪوميت جا احساس پيدا ٿيندا، اُنهن جي انتشاري اثرن کان پاڪستاني متحده قوميت بيحد وڏي نقصان هيٺ اچي سگهي ٿي. انهيءَ اٽل قوم دشمن صورتحال کان بچاءَ جو رستو اهو نہ آهي تہ پاڪستاني قوميت لاءِ مذهب يعني اسلام جي اساس کي چڏي يا گهٽائي، اُن جي جاءِ تي لساني اساس يعني اڙدوءَ کي اُن جو اساس بنايو وڃي، يا خود اسلامي اساس جي خيال کان بہ ملڪ جي هڪڙن ماڻهن کي گهٽ اسلامي ۽ ٻين کي وڌ اسلامي سمجهيو وڃي.

انهيءَ ڪري سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جامع ترقيءَ لاءِ يا سرڪاري حيثيت سان اُن جي علمي تعمير ۽ ادبي فروغ لاءِ، جيڪڏهن سنڌ سرڪار پنهنجي قانوني فرض ادائيءَ طور کي قدم کڻي، تہ اُن سلسلي ۾ ڪيس ڪنهن بہ لساني يا 'قومي' قسم جي بلئڪ ميلي ڏاڍَ هيٺ هيسجي وڃڻ يا هٿي، پري ٿي، هٿ تي هٿ رکي ويهي رهڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. جيڪڏهن اسان جي عوامي سرڪار لاءِ، اسان جي مخالفن وٽ پنهنجي 'عواميت' جي بچائڻ يا ثابت ڪرڻ جو رڳو هيءُ رستو وڃي رهي تہ اُها ڪنهن سنڌ يا سنڌي مفاد کان بيخبر بنجي يا لاتعلق ٿي ويهي رهي، تہ ان ۾ اسين سندس بيوسيءَ کي تہ سمجهي سگهنداسين، پر پنهنجي اُن بنيادي حقي مفاد تان هرگز دستبردار ٿي نہ سگهنداسين. اُن حالت ۾ پوءِ اسين پنهنجي عوامي سرڪار جي حوصلي وڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسين، اُن تي عوامي جمهوري رستن سان دٻاءُ وجهنداسين ۽ اُن کي مجبور ڪنداسين تہ پنهنجي حيثيت

سڃاڻي. ۾ ڪنهن جي رنج يا راضپي جي خيال ڪئي بنا. پنهنجو فرض ادا ڪري.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن جي اديبن جي ڪسمپرسيءَ جي اڄ ڪهڙي حالت آهي. اُها ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. ڪنهن وڏي کان وڏي شاعر جي شعري مجموعي. ڪنهن وڏي کان وڏي افسانہ نويس. ناول نويس. ڊراما نويس يا مضمون نويس جي ڪنهن تخليقي محنت جي ڪتابي اشاعت جي ته ڇا. پر هاڻي رڳو ڪنهن ادبي يا علمي رسالي ۾ وقتي اشاعت جي بہ ڪا گهٽي صورت نہ رهي آهي. اسان جي اديبن ۾ عالمن جون بيشمار لکيتون هيلتائين شايع ٿيل رسالن جي هزارها پرچن ۾ دفن آهن. اُنهن کي اُتان گڏ ڪري. دائمي ڪتابي شڪل ڏيڻ جي ڪا واٽ ڪانهي. اسان جي اديبن ۾ عالمن وٽ سڄيءَ سنڌ ۾ سوين ڪتاب لکيا رکيا آهن. اُنهن جي اشاعت جو ڪو بندوبست ڪونهي. اسان جي گذري ويل توڙي جيئرن جاڳندن اديبن ۾ عالمن جا سوين ڇپيل ڪتاب اڄ ڪتابي مارڪيٽ ۾ موجود ڪينهن. ۾ ڪيتريءَ قيمت تي بہ پڙهندڙن کي ملي نٿا سگهن. اُنهن جي نئين سر ڇپجڻ ۾ شايع ٿيڻ جو ڪو اسان وٽ رستو ڪونهي. اسان جي عالمن ۾ اديبن لاءِ اهڙي ڪا واهہ ڪانهي. جو هو پنهنجي قلمي پورهئي سان پنهنجو ڪو رواجي گذارو بہ ڪري سگهن. اهڙين سقيم حالتن ۾. خاص طرح اڄوڪي غير دوستانہ بلڪ مخالفانہ ماحول ۾. اسان جي ٻولي. اُن جو ادبي ۾ علمي اثاثو ۾ اُن جا شاعر. اديب ۾ عالم آخر ڪيترو وقت وڃيڪ. ٽلهو پنهنجي هانءَ جي زور تي. جي سگهندا ۾ اڳتي وڏي سگهندا!!

ماڻهن جي ثقافتي زندگيءَ جو بنياد سندن ٻوليءَ تي هوندو آهي- ايتري قدر جو جڏهن ڪا ٻولي پنهنجيءَ علحده ۾ مخصوص صورت ۾ ظاهر ٿي بيهندي آهي. تڏهن ڇئي سگهبو آهي ته هڪ علحده ۾ مخصوص ثقافت وجود ۾ آئي آهي. اسان جو عقيدو آهي ته انهيءَ حقيقت جي روشنيءَ ۾ اسان جي سنڌي ثقافت بہ هڪ علحده ۾ مخصوص ثقافت آهي. اُن کي قومي ثقافت ڇئو. صوبائي ثقافت ڇئو.

علائقائي ثقافت چئو يا پاڪستاني. اسلامي بلڪ انساني ثقافت جو ئي هڪ خاص حصو يا روپ چئو- ان سان ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي. ڇو تہ اُن کان ڪو انڪار ٿو ڪري. اُن کي مٽائڻ ٿو گهري يا اُن جي عوض ٻيءَ ڪنهن ٻالهہ کي اُپارڻ ٿو گهري. اِن مان ئي ثابت آهي تہ اُها ڪا شيءِ آهي. اسان جو محڪم ارادو آهي تہ اُنهيءَ شيءِ کي اسين بچايون، وڌايون ۽ وڌيڪ سُرهو ۽ سڻل بنايون. اُها اسان جي پنهنجي علحدہ ۽ مخصوص ثقافت آهي. جنهن جو بنياد اسان جي سنڌي ٻوليءَ تي آهي. اسين پنهنجي اُن بنياد کي ضايع ڪرڻ نٿا چاهيون- ڇو تہ اُن جي ضايع ٿيڻ سان هزارها سالن جي هڪ انمول ۽ بي مثل انساني حاصلات ضايع ٿي ويندي. ۽ اُهو اسان جو پاڪستان جو اسلام جو انسان دوست جو هڪ عظيم ۽ ڪڏهن بہ نہ پورو ٿيندڙ نقصان ٿيندو. اُن جي متجڻ سان اسين بہ متجي ويندا سين. ۽ اسين متجڻ نٿا چاهيون.

[م.ا.ج 1973]

اسان جي ٻولي- اسان جي تعليم

"اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم" [سنڌ فرينڊس سرڪل، حيدرآباد جي ڇپايل ڪتابچي "اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم" لاءِ لکيل (1985ع)].

معاشري ۾ فرد جي ڳالهه هجي يا قومن جي برادريءَ ۾ ڪنهن قوم جي، هيڪلي ۽ ننڍي هستي هميشه پيارُ چاهي ٿي، پروسو چاهي ٿي ۽ مانُ چاهي ٿي- ڇو ته اُن کي پنهنجو جيئڻ عزيز آهي. پر جڏهن اُن تي پڏرو ٿي وڃي ٿو ته اُن سان پيار نه پر ڳلتو ٿئي ٿو اُن تي پروسو نه پر شڪ ڪيو وڃي ٿو ۽ اُن جو مانُ نه پر اُن سان ڏوڻس روا رکي وڃي ٿي- ۽ اُهو سمورو وقت، اُن جي اُپت ۽ اِثاثي، وسائل ۽ ورثي ۾ ئي ڏاڍي پَڪَ جي هوس ناڪ اک ڪُتل آهي- تڏهن اُها 'معاشري' کان، 'برادري' کان مُنهن موڙڻ تي مجبور ٿئي ٿي، ۽ پنهنجي جيئاپي لاءِ آراڏا جتن ڪري ٿي. اهڙيءَ ڪيفيت جو آخري ۽ واحد عنوان هيءُ بڌجي ٿو ته اُن جي ڪابه حقي ڳالهه نٿي ٻُڌجي، آڏ ٻُڌجي ٿي ۽ غلط ٻُڌجي ٿي، ۽ ڪڏهن به نٿي ميججي- ايتري قدر جو اُن کي يقين ٿي وڃي ٿو ته سواءِ زور جي معاشري يا برادريءَ کان اُن کي حق ملڻو نه آهي. اُن حالت ۾ معاشري يا برادريءَ ۽ اُن ننڍيءَ هستيءَ جي وچ ۾ ويڇي ۽ ڏاريائپ جي فولادي پت اُپي ٿي وڃي ٿي، ۽ پوءِ اُها آراڏي انساني هستي، فرد جي يا قوم جِي، پنهنجي ذات ۾ پاڻ ئي جدا هڪ 'معاشرو'، جدا هڪ 'برادري'، بڻجي پوي ٿي: ۽ پوءِ موت ۾ زور جي عمل سان اُها انفراديت ۽ اُها قوميت وري ڪڏهن مات نٿي ٿئي- سواءِ اِن صورت جي، جو مِٽجي وڃي يا پاڻ

ميٽي ڇڏي- اهڙي خودشناس ۽ باشعور انفراديت يا قوميت (جيسين پاڻُ نٽي ميٽي، تيسين) پنهنجي ذات ۾ هڪُ پاڻَ- زورو ڪرشمو هڪَ پاڻَ پوريِ قدرت بڻجي جيئي ٿي، يعني فقط خود ارادیت جي شرط تي، ۽ اُن جي وجود جو ڪُل انساني برادريءَ جي وجود ۾ پوءِ مستقل ۽ مساوي حصو قائم رهي ٿو.

سنڌي معاشري ۽ سنڌي قوم کي ب تاريخ ۾ ڪافي ڪجهہ وقت، دنيا جي ٻين اڪثر معاشرن ۽ قومن وانگر، ڏارين جي تسلط هيٺ، اِن طرح جي ڳلٽي، تشڪيڪ ۽ ڏوَنس جو نشانو بڻجي رهڻو پيو آهي. اڄ ب اُن جي ڪنهن حقي ڳالهہ کي ٻُڌو نہ ٿو وڃي، اَڌورو ٻُڌو ٿو وڃي، ڄاڻي ٻجهي غلط ٻُڌو ٿو وڃي، ۽ هرگز ميڙيو نٿو وڃي. اڄ ب اُن جي جائز قومي تمنائن سان گڏ، جيڪي اُن جي وجود جي بقا لاءِ لازمي آهن، اُن جي پنهنجي قومي هوليءَ جي جائز امنگن ۽ حقن کي، ڏٺن واڱن ڳلٽي ۽ ڏوَنس جي اقدامن سان ڏبائڻ جي ساڳيءَ اُنهيءَ جارحانہ ۽ قابضانہ پاليسيءَ تي عمل ٿي رهيو آهي. سنڌي اديبن ۽ فنڪارن کي حرصائي، 'علاقائي' بي آب و گياهہ پٿرَ مان ڪيڏي، 'قومي' سرسبز چراگاهن ڏانهن نيو وڃي ٿو. سگهارن ابلاغي ذريعن- پريس، ريڊيو، ٽيليويزن- کان، 'علاقائي' هوليءَ کي پرپائي ۽ ڏتاري رکڻَ ۽ 'قومي' هوليءَ کي آڏي مَکي، وڏو ڪري، مُلڪن ۽ ماڻهن متان مڙهڻ جو ڪم ورتو وڃي ٿو. مملڪتي سهولتن ۽ موقعن کي- ادارائي، تنظيمي، تعليمي ۽ پڻ تعميلي دائرن ۾- 'قومي' هوليءَ جي سلطاني رتبي کي وڌائڻ ۽ مجائڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو. ۽ 'علاقائي' هوليءَ کي نظر مان ڪيرائي ڇڏيو وڃي ٿو تہ ڀل تہ اُها پنهنجي مُنهن مِٺيءَ ۾ ليٽڻندي رهي. هٿراڏو نظرياتي تبرڪات ۽ تعقيدات جي آڙوني، هڪ ساهيءَ ۾ مذهب کي قوم جو واحد اِساس چئي، 'علاقائي' هوليءَ جي نظراندازيءَ جو جواز ۽ بيءَ ساهيءَ ۾ هوليءَ کي قوم جو بيو اِساس چئي، قومي هوليءَ جي تقديس جو جواز موجود ڪيو وڃي ٿو ۽ اِئين اسين جيڪي پنهنجي مادري هوليءَ کي قومي هولي مڃون ٿا تن کي خلافِ — مذهب ۽ ملڪ- دشمن، قوم- دشمن چئي، تشڪيڪ ۽ ڏوَنس جي

نشاني هيٺ رکيو وڃي ٿو ته جيئن اسين خاموش رهون، پيش پئون، ۽ پنهنجي انفراديت، پنهنجي قوميت، پنهنجي انسانيت تان هٽ ڪٽون ۽ معاشري ۾، قومن جي برادريءَ ۾، ڏاڍين جي شڪم پُريءَ لاءِ نرم نرم ۽ سڌيو گراهه بڻجون.

هِن ڪتابچي ۾ "اسان جي هولي، اسان جي تعليم" جي عنوان هيٺ، پنهنجن خيرطلب ۽ دانشمند بزرگن ۽ سڄڻن جي پختي راءِ ۽ نيڪ صلاح پيش ڪئي ويئي آهي، ته اسان کي پنهنجي اِها ٻين جي سڌيي گراهه بڻجي وڃڻ جي قسمت قبول ڪانهي، ۽ اِن انڪار ۾ اسين دين، سياست، تعليم ۽ هر علمي ۽ صالح نظرياتي صداقت سان پوريءَ طرح سچا آهيون ۽ سچا رهنداسين.

اميد ته خيالن جي هيءَ ياداشت، جيڪا خاص طرح سنڌي ٻارن ۽ نوجوانن جي مائٽن ۽ استادن، ۽ سنڌ جي تعليم دانن ۽ تعليم ڪارن، ۽ تعليمي عملدارن ۽ اعليٰ حڪومتي اختيار جي صاحبن جي توجهه لاءِ شايع ڪئي ويئي آهي- اِهي اسان جا عزيز دوست ۽ ڪرم فرما سڀ ڏيان سان پڙهندا، ويچاريندا، ۽ جي اُن سان متفق ٿين ته اُن کي، پنهنجي پنهنجي دائري ۾، عمل ۾ آڻڻ جا پورا جتن ڪندا- اِهوئي اسان لاءِ اسان جي هِن نماڻيءَ محنت جو لائق صد تحسين عوض ٿيندو.

• هوليون قدرت جا معجزا ۽ انساني تاريخ جا وڏا ڪرشما هيون. ڪنهن هوليءَ جو سرجڻ ئي معنيٰ ته ڪنهن سماج جو ڪنهن قوم جو سرجڻ، ڪن تهذيبي، سياسي ۽ معاشي ادارن جو سرجڻ، ڪنهن حڪمران قوت جو ڪنهن سياسي اقتدار جي مرڪز جو وجود ۾ اچڻ، ۽ خود خدا به ته پوءِ ماڻهن سان ماڻهن جي پنهنجي هوليءَ ۾ ڪلام ٿي ڪيو! ۽ سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو بہ اِنهيءَ لاءِ ته آخر آزاد نه ٿيا هئا ته پنهنجه، ڳالهه تان دستبردار ٿي، اردو سياسي اقتدار جا غلام بڻجي وڃن.

["سندي ذات هنجن"، 1983ع]

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي قائم ڪرڻ لاءِ هڪ استدعا (1983ع)

(هيءَ استدعا سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن طرفان پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ، صدر سنڌ مدرسہ بورڊ جي اڳواڻيءَ ۾ 14 ـ سيپٽمبر 1981ع تي سنڌ جي سينئر وزير ميرر رسول بخش ٽالپر ۽ وزير تعليم، ثقافت ۽ قانون سيد غوث علي شاهہ کي پيش ڪئي وئي.)

1. پاڪستاني قوم جي نظرياتي اساس جو واحد بنياد اسلام آهي. اُن ۾ زبان جو يا ڪنهن بيءَ شي جو اضافو لازمي طور ان کي لوڏي ۽ ڪمزور ڪري سگهي ٿو.
2. هر سطح جي تعليم جي ذريعي طور مادري زبان کي سڃيءَ دنيا منجهہ قدرتي ۽ سڀ کان موثر ذريعو سمجهيو ۽ مڃيو وڃي ٿو: ان کان سواءِ مادري زبان ماڻهن جي ثقافتي ورثي جو پنڌار بہ آهي ۽ واهڻ بہ آهي. انهيءَ ڪري پنهنجي مادري زبان کي، اهڙي هڪ لاثاني قدر ۽ ماڻ جي مظهر طور پيار ڪرڻ ۽ هنئين سان لائڻ، ان جي حفاظت ڪرڻ ۽ ان کي زور وڌائڻ ان جي ماڻهن جو لازمي فرض آهي.
3. پاڪستان جي 1973ع جي آئين مطابق اردو اسان جي قومي زبان آهي، سرڪاري استعمال جي ڪارڻ طور ـ ۽ ان ڪارج ۾ ان کي، سنڌ جي صوبي اندر، سنڌي زبان کي پاڻ سان شامل ڪرڻو آهي، جيڪا اسان جي مادري زبان آهي.

4. 1947ع ۾ پاڪستان جي قيام کان وٺي، اسان جي ٻارن جي تعليم جي ذريعي توڙي سرڪاري استعمال جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي رتبي کي هر نئين وفاقي حڪومت جي آڏو پيش ڪيو سمجهايو ۽ واضح ڪيو ويو آهي، ۽ انهن سان هر حڪومت واري واري سان ڪجهه "نه نه" ۽ "ها ها" ڪرڻ کان پوءِ، اسان جي زبان جو اهو رتبو پوري ذميدارانه انداز سان قبوليو ۽ منظور ڪرايو پئي ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌن 1956ع، 1962ع، 1967ع، 1972ع ۽ 1974ع جا هائوڪاري اعلان موجود آهن.

5. بدقسمتيءَ سان، پنهنجي زبان تي اسان جي حق جو اصول ۽ ان جو استدلال، بهرحال، ساڳيءَ ڪشاده دليءَ سان شايد ڪڏهن به قبوليو نه ويو. ان کي پوريءَ طرح ماڻڻ لاءِ اسان جي مدد ڪرڻ جو به سوال ئي پري رهيو. وفاقي انتظاميه جي ماتحت ڪراچيءَ جي علائقي ۾ 1948ع کان وٺي 1956ع تائين سنڌي پرائمري اسڪولن جي حوصلي شڪني؛ ون يونٽ جي 1956ع کان 1970ع تائين واري دور ۾، سنڌي زبان جي تدريس ۽ ذريعي تعليم جي قيمت تي، اردو زبان ۽ ذريعي تعليم جو سڌو توڙي اڻ سڌو فروغ ۽ حمايت، ۽ ذريعي تعليم ۽ سرڪاري استعمال جي سلسلي ۾ اڇڪلهه جو ڏسڻ ۾ ايندڙ ايترو جوش ۽ تاءُ، جنهن ۾ صوبي ۾ سنڌي زبان جا ساڳيا حق ۽ ساڳيون دعوائون تقريباً مڪمل طور نظرانداز ٿي رهيون آهن- اِهي سڀ ذميدار اختياري دائرن جي دلي خواهشن ۽ ارادن جا واضح نشان پيا معلوم ٿين، ۽ ائين پيو ڏسجي ته هو شايد اهڙيءَ ڪنهن صورتحال کي وڌيڪ پسند ڪن ته اسان جي مادري زبان مرڪو موجود ئي نه هجي.

6. تازو ڪافي ڪجهه فيصلا تعليمي ۽ زبان سان لاڳاپيل پاليسين ۽ ذريعي تعليم ۽ سرڪاري استعمال جي زبان متعلق پڌرا ڪيا ويا آهن. اهي ۽ انهن جي وڏي شهرت، جيڪا ريڊيو ٽي وي ۽ پريس ۾ ٿي رهي آهي، ۽ خصوصاً ان قسم جا نعرا، جيڪي ابلاغ عامه جي ذريعن تان لڳندا ۽ ٻُرندا ٿا رهن- اهي سڀ هڪڙي ڪنهن

ڊيڄاريندڙ صورتحال جي نشاندهي ٿا ڪن. ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ڇڙ اسان پاڪستاني قوميت لاءِ اسلام جي واحد اِساسي بنياد تان ڪجهه لڏي ويا آهيون ۽ اُن جي عوض "زبان" کي آڏو آڻي رهيا آهيون. پنهنجي قومي نظريي تان ائين هٽڻ يا مڙڻ جا خلاف خاطر نتيجا آساني‌ءَ سان اسين پنهنجي تصور ۾ آڻي سگهون ٿا.

7. هي‌ءَ عجيب ڳالهه آهي ته پنهنجن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ وٽ اسلام جي رهبري‌ءَ جي موجودگي‌ءَ هوندي، اسين گذريل 34 سالن جي عرصي ۾ به پنهنجي ٻارن جي تعليمي ذريعي جي مسئلي کي حل نه ڪري سگهيا آهيون. ڏسجي ٿو ته ائين رڳو هڪڙي معمولي سبب جي ڪري ٿيو آهي، ۽ اُهو هي‌ءَ ته اسين اصولي فيصلا نه ٿا ڪريون، ۽ اُن جي بدران، پنهنجن گروهي مفادن کي اڳيري ڪرڻ جي سهوليتن پيدا ڪرڻ لاءِ، مسئلن کي منجهيل ۽ مبهم حالت ۾ ڇڏڻ وڌيڪ پسند ٿا ڪريون.

8. اڄ، ڪراچي‌ءَ سوڌو سنڌ جي تقريباً سڀني شهري ايراضين ۾، بنيادي ابتدائي سطح کان وٺي متي تائين، اسان جي ٻارن جي سنڌي ذريعي جي تعليم بيحد دکدائڪ حد تائين بي توجهي‌ءَ جو شڪار آهي. اسان جي مادري زبان، قومي زبان سان گڏ، صوبي ۾ سرڪاري ٻوليءَ جي ڪردار ادا ڪرڻ جهڙي ٿي سگهي- جيئن آئين ۾ ان جي اجازت موجود آهي- اُن لاءِ ان جي صلاحيتن جي فروغ لاءِ ڪجهه به نٿو ڪيو ويو. پبلڪ خرچ تي هلندڙ ٿي. وي ۽ گهٽي قدر خود ريڊيو به، صوبي جي هڪ زنده ۽ جديد زبان جي حيثيت ۾ سنڌي‌ءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ مشڪل کي تيار آهن. پنهنجي ادبي فروغ جي سلسلي ۾ اسان جي ٻوليءَ کي پنهنجن ئي مختصر وسيلن تي پاڻڻو پوي ٿو. ۽ ان جي پريس جو ماڻيجي ماڻ جي داب هيٺ، ڏاڍو برو حال آهي. درسي ڪتابن جي تياري‌ءَ ۽ پهچ جي سلسلي ۾ سنڌي درسي ڪتابن تي ڪو توجهه آهي ته فقط سڀ کان آخر ۾ ۽ رڳو بار لاهڻ طور. اسان جي ٻارن کي اهو موقعو ۽ وجهه به ڪونه ٿو ملي ته هو سرڪاري طور اعلان ٿيل ٻارن

جي انعامي مقابلن ۾ پنهنجي مادري هوليءَ جي نالي ۾ ۽ ان جي ذريعي ڪو حصو وٺي سگهن.

9. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي هڪ کان وڌيڪ زبانون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهن ٿا، زبانن جو مسئلو ائين حل ڪرڻ ٿي سگهندو جو ان کي نظر انداز ڪيو وڃي، ان کان نڪايو وڃي يا مرڪو ان کي دٻايو وڃي. محض نمائشي وعظ جي نموني جا فقرا يا ڳالهيون ان کي ڪڏهن حل ڪرڻ ڪنديون. اهڙن طريقن سان اسين وڌيڪ مونجهاري ۾ پونداسين. جيئن انهن جي استعمال سان اسين اڳي ئي مونجهاري ۾ آهيون. نيتن جي سچائيءَ ۽ مقصد جي نيڪيءَ ۽ اخلاص جي بنياد تي، مسئلي جو حل ڪو ناممڪن به ڪونهي. ساڳين حالتن ۾ رهندڙ ملڪ ۽ ماڻهو هن مسئلي کي حل ڪري چڪا آهن. اسان لاءِ اسلام جي راسخ العقيدگي پڻ هن سلسلي ۾ رهبريءَ جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي: اسلام دراصل ڪنهن خاص هوليءَ جو دوست نه آهي، اسلام سڀني هولين کي ساڳئي قدر ۽ عزت جي نگاهه سان ڏسي ٿو.

10. سڀ پڇ ته وقت آيو آهي، جو اسين هن توڙي اهڙن ٻين معاملن ۾ پنهنجي ضمير جي آڏو صاف دليءَ سان، پنهنجي پاس خاطرين ۽ مخصوص دل پسندين جا قبولدار ٿيون، ۽ پاڪستاني ملت جي مساوات، اخوت ۽ قرابت خاطر پنهنجي انفرادي ۽ گروهي رڌابندين ۾ سچي پچيءَ نيڪ تمنا ـ يعني سڀ جي ڀلائيءَ جي تمنا ـ کي دخلڪار ٿيڻ ڏيون. ته جيئن هيءُ يا اهڙا ٻيا مسئلا مٽ محبت سان حل ڪري سگهون، جنهن ۾ ئي دراصل اسان جي آئيندہ نسل جي دائمي ڀلائي ـ عادلانہ ۽ معتدل ڀلائي آهي.

11. اسان جي من ۾ اهڙي قسم جو اخلاقياتي قيرو اچي. اُن جي ذميداري اسان مان جيڪي طاقتور گروهہ آهن، تن جي سر تي آهي ۽ نہ ڪمزور گروهن تي.

12. پهرئين قدم طور ـ جيئن اسان ۾ باهمي سلامتيءَ ۽ مٽ محبت جو هيءُ رخ پيدا ٿئي، ۽ باهمي حسد، بي اعتباريءَ جي باهہ ٽڏي ٿئي

۽ وَسامي وجي- اڇو ته هيءُ ٻولين جو مسئلو اسلامي طريقن سان- يعني بي غرض، ذميدار ۽ سڀ کان وڌ، اصول پسند طريقي سان حل ڪريون. وقت بوقت، رڳو خود خيال ۽ عقلَ ڪُل جي ڏيکاءُ ڏيندڙ اعلانن ۽ پڌرنامن مان هن سلسلي ۾ ڪو فائدو ٽيٽو ڪونهي.

13. هن معاملي ۾، جنهن کي اسين پاڪستاني ملت جي مستقبل لاءِ هڪ بيحد اهم معاملو سمجهون ٿا، اسين سنڌ صوبي جا هيٺ صحيح ڪندڙ ليکڪ، شاعر، فنڪار، استاد، شاگرد ۽ عام سمجهه رکندڙ ننڍا وڏا ماڻهو سڀ پوريءَ ذميداريءَ سان گهر ٿا ڪريون ته هڪ "ڪل- پاڪستان ٻولي ڪميشن" مقرر ڪئي وجي، جنهن تي، سڀني ٻولين جي مفادن کي خالص علمي نقطي نگاهه کان هڪ جيتري نمائندگي حاصل هجي، تہ اِها پاڪستان ۾ ٻولين جي مسئلي تي غور ۽ فڪر ڪري، ان بابت پوري پوري پڇا ڳاڇا ڪري ۽ هڪ جامع رپورٽ پيش ڪري، جنهن تي ڪل- ملڪي پيماني تي آئيني، انتظامي ۽ تعليمي طور عمل ٿي سگهي.

14. جيڪڏهن اسان جي هن خواهش کي، ڪنهن خيال کان، حد کان مٿي يا ٻاهر سمجهيو وجي، ته ان حالت ۾ اسين سنڌي زبان لاءِ هڪ "بااختيار اعليٰ حڪومتي انتظاميه [سنڌي ٻوليءَ بااختيار اداري]" جي فوري مقرريءَ جي گهر ڪريون ٿا، جيڪا 1972ع جي سنڌ قانون نمبر 2 جي اغراض و مقاصد جي تعميل لاءِ گهربل موقعا، سهوليتون ۽ وسيلا پيدا ڪري، جيڪو قانون اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي عين مطابق، سنڌ صوبائي قانون ساز اسيمبليءَ، سنڌ صوبي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم، ترقيءَ ۽ قومي ٻوليءَ سان گڏ، هڪ صوبائي ٻوليءَ طور سرڪاري استعمال لاءِ پاس ڪيو هو.

15. اسين گورنمينٽ آف سنڌ کي پوري ادب ۽ اخلاص سان گذارش ٿا ڪريون ته هوءَ هن سلسلي ۾ پنهنجي ذميدارين کي سچائي ۽

زبان جي مٿي ڄاڻايل سنڌ قانون ڪي عمل ۾ آڻڻ لاءِ گهربل مالي ۽ انتظامي اقدام ڪٽي ۽ پاڪستان ملت جي سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي عين احسانمنديءَ جو موقعو عطا ڪري.

1. سيد غلام مصطفيٰ شاهه، 2. پير حسام الدين راسدي، 3. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، 4. ڊاڪٽر غلام علي الانا، 5. علي احمد بروهي، 6. مسٽر ايياز گل، 7. مسٽر تنوير عباسي، 8. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، 9. پير شاهه راشدي، 10. مسٽر خادم حسين عباسي، 11. پروفيسر بدرالدين اڇڻ، 12. مسٽر مومن علي شاهه، 13. مسٽر نعمت الله پٽو (شڪارپور)، 14. نقش نايابب منگي (شڪارپور)، 15. آزاد جتوئي، 16. مسٽر گر ڏنو پنجابي (شڪارپور)، 17. انور فگار هڪڙو (شڪارپور)، 18. فاروق احمد مورياڻي (شڪارپور)، 19. مسٽر غلام حسين پٽو، 20. مسٽر محمد ابراهيم جويو، 21. مسٽر نثار احمد چنا، 22. مسٽر خان محمد پنهور، 23. مسٽر مختيار احمد سومرو، 24. ڊاڪٽر سليمان شيخ، 25. مسٽر غلام رسول ميمڻ، 26. پروفيسر ايياز قادري، 27. مسٽر محمد بخش سومرو، 28. مسٽر غلام رسول ميمڻ، 29. مسٽر امداد علي ايڏو، 30. مسٽر محمد اسحاق، 31. مسٽر زين العابدين، 32. مسٽر سڪندر ڪوسو، 33. مسٽر شيخ عزيز، 34. مسٽر نصير اعجاز، 35. مسٽر خدا بخش سومرو، 36. مسٽر مهرالله سومرو، 37. ڊاڪٽر خدا بخش، 38. مسٽر خليل مورياڻي (شڪارپور)، 39. مسٽر اشفاق احمد منگي، 40. مسٽر عبدالسلام، 41. مسٽر نياز پنهور، 42. مسٽر خير محمد ڪوکر، 43. مسٽر عبدالسلام، 44. مسٽر هدايت الله آخوند، 45. مسٽر شوڪت حسين شورو، 46. مسٽر عبدالقادر جوٽيجو، 47. مسٽر قاضي خادم، 48. مسٽر امداد حسيني، 49. مسٽر استاد بخاري، 50. مسٽر شمس الدين جوٽيجو، 51. مسٽر عبدالرحمان شيخ، 52. مسٽر مهتاب احمد جوٽيجو، 53. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، 54. مسٽر عبدالرحمان شيخ ۽ 55. مولانا عزيز الله ٻوهيو.

[1983ع]

قومي تشڪيل ۾ اهميت رکندڙ ماءُ ٻولي!

ڪنهن قوم جي زندگيءَ ۾ ٻوليءَ کي مرڪزي حيثيت حاصل هوندي آهي. هڪ قوم جي جوڙجڪ جا ٻيا ب گهڻا ترڪيبي جزا آهن، پر ٻولي بنيادي جزو آهي، جاڪاڻ ته ان سان هرڪنهن قوم جي سڃاڻپ ڳنڍيل آهي. دنيا جي هرڪنهن قوم جو هرڪو فرد تڏهن منفرد ۽ نمايان ٿئي ٿو جڏهن اهو پنهنجي ٻولي ڳالهائي ٿو. اسين سنڌي ماڻهو قوم آهيون، اُن جو وڏي ۾ وڏو ثبوت سنڌي ٻولي آهي. جيڪڏهن ٻولي نه رهندي يا اُها ڳالهائڻ ڇڏي ڏينداسين ته ڪنهن طرح ب هڪ قوم طور زندهه رهي نه سگهنداسين. جهڙيءَ ريت دنيا جي هر ڪنهن قوم جي ٻوليءَ انهيءَ قوم جي سماجي ۽ معاشي اوسر ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي، تهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ ٻڌ سنڌ جي قومي سماجي ۽ معاشي اوسر ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو آهي، اسين صدين جون صديون، انهيءَ ٻوليءَ جي اظهار وسيلي پنهنجا هر قسم جا معاملا هلائيندا ۽ خير خوبيءَ سان نپائيندا آيا آهيون: پوءِ اُهي ڏاڙي ڏاڙيءَ جا، ڪار وهنوار جا معاملا هجن يا ڪي ٻيا گڏيل سماجي ڪم، اُهي اسين پنهنجي ٻوليءَ جي آڌار وسيلي ئي شروع ڪري، ختم ڪرڻ کان پوءِ وري اُنهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندا آيا آهيون.

هيءَ ٻولي ڪا آسمانن مان نه لٿي آهي ۽ نه وري ٻئي ڪنهن هنڌان لڏي پلاڻي اسان تائين پهتي آهي، پر هزارين ورهيه اڳي سنڌ جي سرزمين تي رهندڙ اسان جي وڏڙن جي لڳاتار ڪوششن جو نتيجو

آهي. هڪ هوليءَ کي ٿورٽ ۾ ڪي ٻه ٽي سال نہ. پر هزارين سال لڳي ويندا آهن. اسان جي هوليءَ جي حقيقت ٻہ ڪجھ اهڙيءَ ريت آهي. اها اسان جي سڃاڻپ آهي. اها اسان جي سموري سماجي عمل ۽ معاشي سرگرميءَ جو مرڪز آهي ۽ اها اسان جو اعليٰ تعليمي نشان پڻ آهي، جنهن کي اسان جي وڏڻ قائم ڪيو. ان ڪري انهيءَ جي فائدي ۾ هر طرح جو ڪم ۽ عمل اسان جي بنيادي ذميواري آهي. هيءَ هڪ امانت ٻہ آهي، جيڪا اسان کي جيئن جو تيئن (ايڏا ٻہ وڌيڪ بهتر صورت ۾) ايندڙ پيڑهين تائين محفوظ نموني پهچائڻي آهي. ائين ئي جيئن اها اسان تائين پنهنجن وڏڻن ۽ وڏڙين وٽان سالم ۽ سهڻي صورت ۾ پهتي آهي. مون کي پوري اميد آهي تہ پنهنجيءَ هوليءَ جي سلسلي ۾ اسين ڪنهن ٻہ طرح خيانت ڪارن ۽ خطاڪارن جي صف ۾ بيهڻ نہ ڏسباسون.

آءٌ جڏهن پنهنجي ڄمارَ جي هن حصي ۾ سنڌي هوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪيل مختلف دورن ۾، پنهنجن ساٿين ۽ هم خيالن سان ڪيل گڏيل ڪوششن کي ڏسان ٿو تہ سچ پچ ٻہ وڏي اطمينان ۽ آٿتَ مان گذران ٿو. اسان جو پورهيو گهٽي ياڳي سڃايو ويو آهي. اسين جڏهن پنهنجيءَ هوليءَ جي پيٽ، ملڪ جي باقي تن وفاقي اِڪاين سان ڪريون ٿا تہ اِهو لقاءُ چٽو ٿي بيهندو تہ انهن ٽنهي اِڪاين پنهنجين مادري هولين کي چڏي، هڪ ڏاري هوليءَ لاءِ پاڻ وٽ گنجائش چڏي. پر اسين پنهنجي هوليءَ جي معاملي ۾ سُجاڳ رهياسين. اُن کي هزارين تڪليفن ۽ رڪاوٽن کان پوءِ ٻہ تعليمي ذريعي طور هلائيندا آياسون. اُن ۾ ڪتاب ۽ رسالا لکي ڇپاياسون، اُهي پڙهياسون، پنهنجيءَ هوليءَ ۾ اخبارون جاري ڪيونسين، ٽي. وي چئنل قائم ڪياسون ۽ انهيءَ کي جديد کان جديد انٽارميشن ٽيڪنالاجيءَ سان اطمينان جي حد تائين ڳنڍي ٻہ ويا آهيون. اها اسان پنهنجي مٽڙي ۽ سيني وصفين سهڻي هوليءَ لاءِ خدمت ڏني آهي ۽ انهيءَ خدمت جي عيوض اسان کي هن ملڪ ۾ ڇا ڇا سَهڻو ۽ پوڳڻو پيو اهي، اُن کان ٻہ اوهان سيني کي چڱيءَ پر واقفيت آهي.

اسان جڏهن جڏهن ٻ پنهنجيءَ ٻوليءَ جي ڳالهه ڪئي، تڏهن اسان جي هن ملڪ جي حڪمرانن مخالفت ڪئي، پر اسان وڏي سمجهداريءَ سان صلاح مصلحت سان، ثابت قدميءَ سان ۽ صبر سان مڙني مصيبتن کي مُنهن ڏيندا آيا آهيون. هن وقت ٻ اسين هڪ مصيبت ۾ آڏيل آهيون، اسين اِهو چاهيون ٿا تہ اسان جي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جي حيثيتَ ۾ قبول ڪيو وڃي. اهڙيءَ گهُر ۾ اسين سورنهن آنا صحيح آهيون. اسين سنڌي هڪ قوم آهيون ۽ اسان جي هڪ ٻولي آهي. جهڙيءَ ريت هزارين ورهين کان هڪ قوم طور جيئندا آيا آهيون، تهڙيءَ ريت سنڌي ٻولي ٻ هزارها ورهين کان موجود آهي. هيءَ هڪ سادي ۽ سمجهَ ۾ ايندڙ ڳالهه آهي، جنهن کي قبولڻ ۾ ڪابہ ڏُکيائي محسوس نہ ٿيڻ ڪپي يا اهڙيءَ گهُر تي ڪنهن کي ٻ حيراني نہ ٿيڻ ڪپي.

اهڙيءَ گهر ڪرڻ جو مقصد اِهوئي آهي تہ اُها شيءِ جيڪا اسان جي آهي، اُنهيءَ کي اسان جي ئي نالي ۾ قانوني ۽ جائز نموني ڳٽايہ وڃي. ملڪ جي آئين جي چوٿين باب ۾ موجود فقري نمبر 251 ڪ قومي ٻوليءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، انهيءَ فقري ۾ ٽي شِقون موجود آهن. پهرينءَ شق ۾ چيو ويو آهي تہ 'پاڪستان' جي 'قومي ٻولي اردو' آهي ۽ آئين جي لاڳو ٿيڻ واري مُدي کان پندرهن ورهين جي وچ ۾ اُن کي سرڪاري ۽ بين مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪيا ويندا. ٻيءَ شق ۾ چيو ويو آهي تہ انگريزي ٻولي تيستائين سرڪاري ٻوليءَ طور استعمال ڪري سگهجي ٿي، جيستائين اردو ٻوليءَ لاءِ اهڙا بندوبست ڪيا وڃن، جو اُها اُن انگريزيءَ جي جاءِ والاري، جڏهن تہ ٽين شق ۾ چيو ويو آهي تہ قومي ٻوليءَ جي مرتبي سان ساڙ رکڻ کان سواءِ هڪ 'صوبائي اسيمبلي' قومي ٻولي (يعني اردوءَ) کي شامل سمجهندي، هڪ صوبائي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ، اُن جي واڌاري ۽ استعمال لاءِ قانوني طرح اُپاءَ وٺي سگهي ٿي.

سڀ کان پهرين ڳالهه هيءَ آهي تہ اڄ ڏينهن تائين انگريزي ۽ اردو ٻوليون، ان ريت ئي رهنديون آيون آهن، جنهن حيثيت ۾ اُهي انهيءَ

آئين لاڳو ڪرڻ مهل هيون ۾ ايجا بہ ٽيو ائين آهي، جو انگريزي ٻوليءَ کي وڌيڪ هٿي ڏياري ويئي آهي، جنهن کي آئين لاڳو ٽيڻ کان پوءِ پندرهن ورهين اندر مڪمل طرح ختم ٽيڻو هو. اڄ اُها ٻولي، پاڻ اردو توڙي سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ وڏو خطرو بنجي پيئي آهي. عمومي طرح ڏسڻ ۾ اهو اچي رهيو آهي تہ اردوءَ لاءِ انگريزي خطرو آهي، پر اَصل ۾، اردو ٻوليءَ کي ئي برقرار رکڻ لاءِ هڪ سازشي حڪمت عمليءَ طور انگريزيءَ کي اڳتي آندو ويو آهي. انگريزي ٻوليءَ جي اهميت دنيا ۾ جتي ڪٿي ميجيل آهي ۽ اُها عام دنياوي گهرج ٿي پئي آهي، اُنهيءَ ڪري، اُن کي بنياد کان ونڍي لاڳو ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اردو ٻوليءَ کي بنياد کان لاڳو ڪيو وڃي ها تہ شايد ٻئي ڪنهن کي نہ، پر سنڌ وارن کي اعتراض ٿئي ها. اُن ڪري انگريزي ٻوليءَ جي عام مقبوليت جو فائدو وٺندي، اُن کي تعليمي سرشتي ۾ پرائمري سطح کان شامل ڪيو ويو آهي. انهيءَ سڃي مشقَ مان مقصد اِهو حاصل ڪرڻو آهي تہ شروع ۾ انگريزي ٻوليءَ کي تعليمي سرشتي ۾ مڪمل طرح لاڳو ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪجي ۽ پوءِ وري پوريءَ طرح اردو ٻوليءَ کي لاڳو ڪجي. مطلب تہ انگريزيءَ کي پرائمري سطح کان پاڻهڻ وسيلي، سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي سرشتي مان ختم ڪرڻ واري خواهش جي آبياري ڪئي پئي وڃي، جنهن جي اسين هر ڪنهن زماني ۾ مخالفت ڪندا آيا آهيون.

جڏهن تہ آئيني فقري 251 جي ٽينءَ شق مان پڙ اِها ڳالهہ چٽي آهي تہ ڪابہ 'صوبائي ٻولي' پنهنجي طور تي پنهنجيءَ ترقيءَ ۽ واڌاري جو ڪوبہ ڪم نٿي ڪري سگهي ۽ شق مڙئي ميارَ لاهڻ جي خيال کان داخل ڪئي ويئي آهي، ڇاڪاڻ تہ اڄ ڏينهن تائين جڏهن بہ اسان سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪابہ وِک کنئي آهي تہ انهيءَ کي اردو ٻوليءَ سان ساڙ جي پسمنظر ۾ ڏٺو ويو آهي، ٻين لفظن ۾ مقصد اهو ئي ٽيو تہ آئين جي فقري 251 جي مڙني شِقن کي تبديل ڪرڻ کان سواءِ آئين، هن ملڪ ۾ ٻولين جي تڪرارَ کي نبيري نہ سگهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ويجهڙائيءَ ۾ جوڳيون ڪوششون ورتيون ويون آهن.

اِها ڳالھ رڪارڊ جي آھي تہ 'ثقافت ڪاتي سنڌ' جي وزير محترمہ سسئي پليجو پاران، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ميزبانيءَ ۾ مقرر ڪيل 'ٻولي ڊرافٽ ڪميٽي'، سنڌي ٻوليءَ کي 'قومي ٻوليءَ' جي درجي ڏيارڻ لاءِ ھڪ مسودو تيار ڪيو. جنھن ۾ اھا سفارش ڪئي ويئي تہ مُلڪ ناھيندڙ ڇٽني اِڪاين جي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو ويجي. جڏھن تہ اردو ٻوليءَ کي رابطي جي ٻولي قرار ڏنو ويجي، ايا اھو مسودو جڙي راسِ مس ٿيو ھو تہ ان وقت جي وفاقي اسيمبليءَ ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ ٻن ميمبرن محترم يوسف ٽالپر ۽ محترمہ مارئي ميمڻ، قومي ٻولين جي سلسلي ۾ ھڪ بل پيش ڪيو. انھيءَ بل ۾ اھو مؤقف اختيار ڪيو ويو تہ پاڪستان ۾ ڳالھائجندڙ سيني ٻولين کي مادري ٻولين جو درجو ڏنو ويجي. اھڙو مؤقف 'ٻولي ڊرافٽ ڪميٽيءَ' جي تيار ڪيل مسودي سان ٽڪراءَ ۾ ايندڙ ھو. معاملي جي نزاڪت ۽ حساس پڻي کي محسوس ڪيو ويو ۽ اِن ريت سنڌ جي ساڃھ وند ڏرين اِھو مؤقف اختيار ڪيو تہ 'جيڪڏھن ملڪ ۾ ڳالھائجندڙ سيني مادري ٻولين کي قومي ٻوليون قرار ڏنو ويو تہ ملڪ ۾ ھڪ نئون لساني تضادُ اُپرندو، جنھن کي قابو پائي نہ سگھبو'. جڏھن اِھا ڳالھ شديد ٿي ويئي تہ اُن کان پوءِ نواب يوسف ٽالپر اھا درخواست ڪئي تہ قومي ٻولين جي سلسلي ۾ جيڪا بہ جائز ۽ واجبي ڳالھ آھي، اُنھيءَ کي سَھمت راءِ سان لکت ۾ آڻي، سندس حوالي ڪيو ويجي تہ جيئن مادري ٻولين کي قومي ٻولين جي درجي ڏيارڻ وارو مامرو معقول نموني وفاقي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري سگھجي.

'ٻولي ڊرافٽ ڪميٽيءَ' اھو ڪم سرانجام ڏنو ۽ آئين جي فقري 251 ۾ تبديلي ڪري، انھيءَ کي اھڙيءَ ريت بيھاريو تہ جيئن ملڪ جي ڇٽني وفاقي اِڪاين جي ٻولي کي قومي ٻولين جو درجو ملي، پر اڄ ڏينھن تائين اُن سلسلي ۾ ڪابہ واضح اڳيرائي نہ ٿي سگھي آھي.*

---

* تازو قومي اسيمبليءَ جي استيڊنگ ڪميٽيءَ ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان اھڙو موقف پيش ڪرڻ لاءِ اھڙو ڪيس ناھي موڪليو ويو. جنھن کي استيڊنگ ڪميٽيءَ جي سربراھہ محترمہ مارئي ميمڻ ۽ ڪن ٻين ميمبرن طرفان رد ڪيوويو ھو. ڇاڪاڻ تہ انھن

هن موقعي تي هيءَ ڳالهه ڇٽي ڪرڻ ٻنهه ضروري آهي ته. پنهنجيءَ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ اڄ ڪان وٽي اڳتي اسان کي چٽو مؤقف رکڻو آهي. منهنجيءَ راءِ ۾ اهو هن طرح هئڻ کپي ته ملڪ ناهيندڙ ڇڪائي بنيادي اڪاين جي ٻولين کي قومي ٻولين جي حيثيت ۾ قبول ڪيو وڃي. جڏهن ته اردو ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ بدران رابطي جي ٻولي قرار ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته اها ملڪ ناهيندڙ ڇڪائي قومن مان ڪنهن جي به ٻولي ناهي. اها ٻولي هندستان ۾ تاريخ جي اٽل پٽل جي نتيجي ۾ پيدا ٿي ۽ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ قومن لاءِ اها هڪ سهوليت طور ڪم آئي. اردوءَ کي هندستان ۾ 'هندي' چيو وڃي ٿو. اردو ۽ هندي ٻولين هڪ ئي آهن. فرق رڳو ايترو آهي ته پارت ۾ اُن منجهه سَنسڪرت ۽ ٻين مقامي ٻولين جا لفظ شامل ڪيا ويا آهن. جڏهن ته هتي انهيءَ ۾ فارسيءَ ۽ عربيءَ جا لفظ ملائي الڳ نموني پيش ڪيو ويو آهي. بنيادي جوڙجڪ ۾ اها هڪ ئي ٻولي آهي. جنهن کي لفظن جي متاستا وسيلي ٻن ٻولين طور پيش ڪيو ويو آهي. هونئن به اردو ٻوليءَ کي 'اردو' ڪان اڳ 'هندي' ٻولي سڏيو ويندو هو. انگريز دور ۾ هڪڙي ٻوليءَ کي مذهبي بنيادن تي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو. بهرحال اردو يا هنديءَ جي حيثيت ننديءَ کنڊ ۾ رابطي جي ٻوليءَ طور قائم رهندي پئي آهي ۽ جيڪڏهن اُها اِن حيثيت ۾ ئي رکي وڃي ته اهڙو قدم هر ڪنهن لاءِ قبولڻ جوڳو هوندو.

جيستائين ملڪ ناهيندڙ قومن اندر ڳالهائجندڙ ٻين لهجن ۽ اقليتي ٻولين جي ترقيءَ ۽ واڌاري جو سوال آهي ته اِهو معاملو

پاڪستان جي چئن بُنيادي يونٽن (سنڌ، بلوچستان، پنجاب ۽ پختونخواه جي ٻولين کي 'قومي ٻوليون' بنائڻ بدران نون (۹) ٻولين کي قومي ٻوليون بنائڻ جو فيصلو ڪيو هو جنهن تي عمل نه ٿي سگهيو. بعد ۾ ٻيهر اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ ۾ سسئي پليجو ۽ عاجز ڏامراهه ذريعي اهو مسئلو آندو ويو ۽ اٺارٽيءَ پاران اڄ جويي کي نمائندو ڪري سنڌي ٻولي قومي ٻولي' ڪيس پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. جنهن جي دليلن بعد اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ اصولي طور اها ڳالهه قبول ڪئي. پر قومي اسيمبليءَ، سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي اڪثريتي فيصلي کي ايجا قبول نه ڪيو آهي. (م. ج)

هر ڪنهن اِڪائيءَ جي اختيار ۾ ڏجي ته اُهي اڪثريتي ٻوليءَ سان گڏ ٻين لهجن توڙي اقليتي ٻولين جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ مناسب اُپاءَ وٺن. منهنجي راءِ ۾ اهڙو مؤقف هرطرح سان مناسب هوندو ۽ اُن وسيلي ملڪ ۾ موجود ٻوليءَ واري تڪرارَ جو منصفاڻو تصفيو ٿي سگهي ٿو.

هن موقعي تي سيني سنڌواسين ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت ڪندڙن سان هيءَ ڳالهه به اهميت سان ونڊڻ چاهبي ته اسين سنڌ وارا اڄ ڏينهن تائين ملڪ ۾ موجود ٻولين جي تڪرارَ جي نبيري واري تحريڪَ جي هر ڪنهن مرحلي تي پنهنجي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جي درجي ڏيارڻ سان گڏ باقي ٽنهي اِڪاين جي ٻولين جو ڪيئُس پڻ وڙهندا آيا آهيون. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته انهن ٽنهي اِڪاين پنهنجي طور تي پنهنجين ٻولين کي گهربل ۽ جائز حيثيت ڏيارڻ ۾ ڪا گهٽي دلچسپي نه ڏيکاري آهي. تنهن هوندي به، مايوس ٿيڻ نه ڪپي ۽ ڪنهن به اصولي مؤقف تان هٽڻ نه ڪڻجي. مون کي پورو پورو ويساهه آهي ته جيڪڏهن اسين پنهنجي اصولي مؤقف سان سچا رهياسين ۽ ثابت قدميءَ سان اڳرائي ڪندا رهياسين ته اسان جي هيءَ جدوجهد اسان جي اصولي مؤقف جي فتح جو نتيجو آڻيندي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ قبول ڪيو ويندو.

سنڌي ٻولي ـ قومي ٻولي: هڪ ڪيس

سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌ ۾ هلندڙ تحريڪ ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ، سنڌي ٻولي اٿارٽي ۽ ٻيا فرد ۽ ادارا، دل ۽ جان سان شامل آهن. ان حوالي سان سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سڏايل "سنڌي ٻولي قومي ٻولي ڇو نہ- مذاڪري" ۾، تاريخ 22 جنوري 2010ع تي محترم محمد ابراهيم جويي جي سربراهيءَ ۾ هڪ "لئنگئيج ڪميٽي" جوڙڻ جو اعلان ڪيو هو تہ جيئن اها گڏجاڻي ڪري، "سنڌي ٻولي-قومي ٻوليءَ" جو ڪيس تيار ڪري، حڪومت سنڌ جي حوالي ڪري. انهيءَ "لئنگئيج ڪميٽي" 20 فيبروري تي اهڙي گڏجاڻي، سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي ڪميٽي روم ۾ ڪئي، جنهن ۾ سجو ڏينهن گهڻي سوچ ويچار، بحث مباحثي ۽ صلاح مصلحت کان پوءِ هڪ پيرو ڪيس جو ڊرافٽ تيار ڪيو ويو.

21 فيبروري 2010ع تي "ٻولين جو عالمي ڏينهن" جي موقعي تي اٿارٽيءَ ۾ منعقد ڪيل علمي سيمينار ۾ اداري جي چيئرپرسن محترمہ ڊاڪٽر فهميده حسين جاڻايل ڊرافٽ سامعين کي پڙهي ٻڌائڻ کان پوءِ، اجلاس جي خاص مهمان سرواڻ، صوبائي وزير ثقافت محترمہ سسئي پليجو صاحبہ کي پيش ڪيو. جيئن ان ڏس ۾ گهربل اڳيرائي ٿي سگهي. ان موقعي تي محترمہ وزير صاحبہ ان ڊرافٽ کي سنڌ جي وڏي

وزير تائين پهچائڻ کان پوءِ سنڌ اسيمبليءِ قومي اسيمبليءَ ۾ قانون سازيءَ لاءِ اُماڻڻ جو اعلان ڪيو.*

هتي ان ڪيس واري ڊرافٽ جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو:

مهاڀ (Preamble)

پاڪستان قائم ٿيڻ بابت اهو دليل ڏنو ويجي ٿو ته برصغير جي مسلمانن جي ڌار وطن واري مطالبي جي ڪري اهو ناهيو ويو هو. اها ڳالهه هميشه ذهن ۾ رکڻ جي ضرورت آهي ته برصغير جا مسلمان هڪ هولي ڳالهائيندڙ نه، پر تاريخي طور تي گهڻيون هوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو هئا ۽ هنن انهيءَ وفاق ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اهو سمجهي رضامندي ڏني هئي ته سندن انفراديت ۽ تشخص کي ڪو هاجو نه رسندو. ان هوندي به نئين قائم ٿيل ملڪ ۾ صرف "هڪ هوليءَ" کي رياست جي هوليءَ طور مڃتا ملي. جيتوڻيڪ اها اوير پاڪستان سميت سموري ملڪ جي ڪل آبادي جو رڳو 7.75 سيڪڙو آبادي جي هولي هئي.

(حوالو بيورو آف اسٽيٽسٽڪس حڪومت پاڪستان، سالياني ڪتاب، ص 24)

نئين ملڪ جي "گهڻ- هوليائي حيثيت" کي ان وقت ڪنهن حد تائين قبوليت ملي، جڏهن بنگالين هلچل هلائي ۽ خوني تحريڪ کان پوءِ هنن پنهنجي بنگاليءَ کي اردوءَ سان گڏ پاڪستان جي بي رياستي هوليءَ طور مڃتا ڏياري.

انهيءَ دور ۾ پاڪستان جو مغربي حصو هٿرادو ناهيل "ون يونٽ" ۾ قابو هو ان ڪري جيئن ئي ون يونٽ ٽوڙيو ويو ته پنهنجي حيثيت واپس ماڻيندڙ وحدتن يا صوبن جي هولين کي ساڳئي فارمولي تحت رياست جون هوليون قرار ڏيڻ ڪپندو هو.

باقي بچيل ملڪ جي مختلف وحدتن جي سچاڻپ يا يڪجهتيءَ لاءِ 'مذهب' جي جاءِ تي "هولي" کي آڌار جو نتيجو تڪرارن کي جنم

---

* هي ڊرافٽ قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن پير آفتاب شاهه جيلاني ۽ نواب محمد يوسف تالپر کي به اڳاڙيءَ پاران پيش ڪيو ويو هو.

ڏينڊو. جنهن ڪري ملڪ تڻڻ جو انديشو ٿي سگهي ٿو. اهڙي خطري بابت استيبلشمينٽ جي حامي عنصرن ڪڏهن ب نه سوچيو آهي، ايتري قدر جو هڪ قومي ٻوليءَ جي حمايت ۾ فتوائون جاري ڪيون ويون (اهڙي هڪ فتويٰ هتي شامل ڪئي وئي آهي).

سنڌ ۾ ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي باري ۾ ڏاڍا حساس ۽ جذباتي آهن.

پاڪستان ۾ ملڪ جي قومي ٻوليءَ جو معاملو ڏاڍو تلخ ۽ تڪراري معاملو رهيو آهي. دراصل اهو تڪرار ايترو ته خطرناڪ هو جو ان سبب اوپر پاڪستان ۾ پيدا ٿيل قتلام ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ آخرڪار اوپر پاڪستان ڌار ٿي ويو. بنگالين ان وقت سفاڪيءَ سان قتل ٿيلن جي ياد ۾ پلٽڻ ميدان ڏاڪا ۾ هڪ قومي ٻوليءَ جو وڏو يادگار ڪڙو ڪيو آهي، جيڪو "شهيد مينار" سڏيو وڃي ٿو.

پيپلس پارٽيءَ جي پهرين حڪومت دوران اُن وقت جي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀُٽي خلاف هڪ سازش رچي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ بنگالين جي مثال تي هلندي، سنڌين جي هڪ وڏي انگ سنڌي ٻوليءَ کي باقي بچيل پاڪستان جي "قومي ٻولين" مان "هڪ قومي ٻولي" بنائڻ لاءِ جدوجهد پئي ڪئي. سازشين ان خلاف هڪ تحريڪ هلائي ۽ وڏي پيماني تي فساد ڪرايا ويا، جن ۾ گهٽا ماڻهو مارجي ويا. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ باهين ۽ لٽ مار جي واقعن ۾ڏو نقصان ڪيو. پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت حالتن کي مانو ڪرڻ لاءِ 1972ع ۾ مصلحتاً صوبائي اسيمبليءَ ۾ ٻوليءَ جو بل آندو. جنهن ۾ بعد ۾ ترميم ڪري، سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ کي به سنڌ صوبي جي سرڪاري ٻوليءَ طور شامل ڪيو ويو. جيئن ته هن بل ۾ ٻنهي ٻولين کي سنڌ لاءِ قومي ٻوليون هئڻ جو ڪو اشارو ڏنل ڪونه هو (جو ته اردو اڳئي سڄي پاڪستان جي قومي ٻولي هئي)، ان سبب سنڌ جا ماڻهو خوش ڪونه ٿيا هئا. بهرحال سياسي رهنمائن سنڌي ماڻهن کي اهو چئي پرايو ته انهيءَ بل ۾ ترميم ڪري سنڌيءَ (۽ بين پاڪستاني ٻولين) کي اردوءَ سان گڏ پاڪستان جون رياستي/قومي ٻوليون بڻايو ويندو. جنهن تي

سنڌي ماڻهن کٽي بس ڪئي. جيتوڻيڪ بظاهر حالتون مانيون هيون، پر اندر ئي اندر سنڌ جي ماڻهن ۾ سياستدانن کان غير مطمئن هئڻ ۽ دوکو کائڻ وارا جذبا موجود هئا.

اهو طوفان آهستي آهستي جهڪو ٿي ويو آهي، پر اندران جذباتي اٽل موجود آهي. نتيجي طور حال ۾ "سنڌي ٻولي-قومي ٻولي، تحريڪ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي چڪي آهي. جيتوڻيڪ ماڻهو ضابطي ۾ آهن ۽ ڪنهن تشدد جو امڪان ڪونهي، پر سنڌ جو سمورو عوام انهيءَ تحريڪ جي حمايت ڪري ٿو.

سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي ڇو قرار ڏنو وڃي؟

سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي قرار ڏيڻ جو مطالبو هيٺ ڏنل دليلن تي ٻڌل آهي:

1. قومي ٻوليءَ جي وصف:

سڀ کان پهرين اچو ته ڏسون ته قومي ٻوليءَ جي وصف ڪهڙي آهي؟

لسانيات جي سائنس جا ماهر ان خيال جا آهن ته ڪنهن ٻوليءَ کي هيٺين اصولن موجب قومي ٻولي قرار ڏئي سگهجي ٿو:

(الف) سماج جي هر هڪ ڪارَج لاءِ اها ماڻهن جي روزمره زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندي هجي.

(ب) جيڪا ڪنهن قوم جون سموريون پيڙهيون هيمشه ۽ اڻ ڪٽيل وقت کان ڳالهائيندیون آيون هجن.

(ب) جيڪا سرڪاري ۽ عدالتي ٻوليءَ طور ۽ پرائمريءَ کان اعليٰ تعليم تائين ذريعہ تعليم طور استعمال ٿيندي رهي هجي.

(پ) جيڪا ادبي ۽ ميڊيا جي ذريعي طور استعمال ٿيندي هجي.

(پ) جيڪا ڪنهن قوم جي مختلف احساسن جي مظهر هجي.

(ت) جيڪا ڪنهن بہ ترقي يافتہ ٻوليءَ کان لفظ ونڊي استعمال ڪري يا ان کي ڏئي سگهي ۽ اهڙن لفظن کي پنهجي ويا ڪرڻي ستاءَ موجب استعمال ڪرڻ جي صلاحيت رکندي هجي.

(ت) جيڪا ٻولي، قوم جي ڏرتيءَ منجهان ئي ڦٽي نڪتل هجي.
(ٿ) ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اُن کي پنهنجي قومي ٻوليءَ طور پيش ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪن.

2. پاڪستان هڪ گهڻ-ثقافتي، گهڻ- قومي ۽ گهڻيون ٻوليون رکندڙ ملڪ آهي.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته پاڪستان هڪ گهڻ-ثقافتي، گهڻ-قومي ۽ گهڻين ٻولين وارو ملڪ آهي. اها ٻه هڪ مڃيل ڳالهه آهي ته پاڪستان هڪ وحدت (Unitary) وارو ملڪ نه آهي، بلڪ مختلف صوبن/اڪاين جو وفاق آهي. 23 مارچ 1940ع جي لاهور واري ٺهراءَ موجب پاڪستان وڌيڪ صوبن جو وفاق آهي، جنهن ۾ مختلف ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ جتي مختلف ثقافتون رائج آهن. وفاق ۽ مذهب جي قوت ٻه کين پنهنجي پنهنجي منفرد سڃاڻپ کان ڌار ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي ٿي سگهي.

3. سنڌيءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي ڇو قرار ڏنو وڃي؟

(i) پاڪستان ۾ رهندڙ سمورين قومن مطالبو ڪيو آهي ته اهي سموريون ٻوليون، جيڪي صوبن ۾ مادري ٻولين طور ڳالهايون وڃن ٿيون، انهن کي پاڪستان جون قومي ٻوليون قرار ڏنو وڃي. خود پاڪستان اڪيڈمي آف ليٽرس، 1994ع ۾ پاڪستان جي سمورين ٻولين کي قومي ٻوليون قرار ڏنو هو. پاڪستان جي جوڙجڪ اندر سمورن اڪاين/حصن کي ڇاڻ آهي ته اردو پاڪستان جي صرف 7.75 سيڪڙو آبادي جي مادري زبان آهي، ته ٻه اها پاڪستان جي باقي 92.43 سيڪڙو آبادي مٿان سندن مرضيءَ خلاف صرف هڪ "قومي" ٻوليءَ طور مڙهي وئي آهي.
(ii) ان مان ثابت ٿئي ٿو ته پاڪستان جي ماڻهن جي مادري ٻولين کي "قومي" ٻولين جو درجو نه ڏيڻ سان ساڻن نا انصافي ڪئي وئي آهي.

(iii) متين دليلن جي بنياد تي سنڌيءَ سميت پاڪستان جي سمورين صوبائي ٻولين کي پاڪستان حڪومت پاران قومي ٻوليون قرار ڏنو وڃي.

(iv) سنڌي، سنڌو ماڻريءَ جي اصلوڪي ٻولي آهي، جنهن ۾ دنيا جي ترقي يافته ٻولين واريون سموريون خوبيون موجود آهن.

(v) سنڌي دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ ٻولي آهي، ان جي قدامت ملڪي ۽ غير ملڪي عالمن کي موهي ڇڏيو آهي.

(vi) سنڌي ٻولي، پاڪستان جو قومي سرمايو آهي. اها سنڌو ماڻريءَ جي تمام اهم زبان آهي.

(vii) سنڌي ٻولي لوڪ، ڪلاسيڪي، جديد، ترقي پسند ۽ سائنسي ادب سان مالامال آهي.

(viii) سنڌي انگريزن کان اڳ ۽ ان دور ۾ توڙي اڄ سوڌو سرڪاري، تدريسي ۽ عدالتي ٻولي رهندي آئي آهي.

(ix) موجوده وقت ۾ گهڻن ئي موضوعن ۽ مضمونن جا ڪتاب، نصابي ڪتاب، روزانين اخبارن، هفتيوار ۽ ماهوار اشاعتن سميت، باقاعدگيءَ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجي رهيا آهن.

(x) سنڌي ٻوليءَ جا اٺ سيٽلائيٽ ٽي. وي چينل ۽ ٻي الڪٽرانڪ ميڊيا باقاعدگيءَ سان سنڌ ۽ ملڪ کان ٻاهر سرگرم آهن.

4. گذارشون

متين حقيقتن ۽ دليلن جي روشنيءَ ۾ گذارش ڪجي ٿي ته:

1. سنڌي هڪ ميجيل، قديم توڙي جديد سڌريل ٻولي آهي، جيڪا مٿي پيرا_01 ۾ قومي ٻوليءَ لاءِ مقرر ڪيل معيارن تي پوري لهي ٿي.


2. سنڌي ٻوليءَ کي اهو درجو ڏيڻ کان انڪار، ماضيءَ ۾ بنگالي ٻوليءَ کي نظر انداز ڪرڻ ۽ اهو صوبو هٿان وڃائڻ واري غلطيءَ جي ورجاءَ برابر ٿيندو.

3. موجوده حالتن جهڙوڪ: سياسي، سماجي، تعليمي ۽ معاشي حالتن جي تقاضا آهي تہ سنڌيءَ کي قومي هولي قرار ڏنو وڃي.

[سنڌي هوليءَ کي قومي هولي قرار ڏيارڻ لاءِ محمد ابراهيم جويي جي سربراهيءَ ۾ جوڙيل "لئنگئيج ڪميٽيءَ" جو تيار ڪيل ڪيس]

سائين محمد ابراهيم جويي جا
سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي ۾ لکيل مقالا ۽ مضمون

- English translation of G. M. Sayed's petition to the Sind Legislative Assembly Under Rule 166 of the Assembly rules
- Problem of Languages in West Pakistan
- Sindhi Language: An appeal for Justice
- Regarding Bureau of Sindhi Translation, University of Sindh
- Urdu is not our Language
- Note on: "The English – Sindhi dictionary of Science"
- No compulsory teaching of english in class I, let it start in class-V
- Correspondence relating to Sindhi Language Authority and University of Sindh



ڪتاب ۾ موجود مواد مان پروڙ پوي ٿي ته جويي صاحب سنڌي ٻوليءَ جو سياسي ڪيس نہ رڳو وڏي عالماڻي انداز ۾ پيش ڪيو پر اهو ڪنهن به ڊپ ڊاءَ ۽ ڏٻاءَ ڪان سواءِ اڌ صديءَ ڪان مٿي عرصو وڙهيو به. ڪيس سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي روشن خيال ادب کي هٿي ڏيڻ جي ڪري ون يونٽ ۾ ادبي بورڊ تان هٽايو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي دفاع ۾ مضمون "اولهه پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو" لکڻ جي ڪري ڪيس سنڌ بدر به ڪيو ويو. سنڌ کي هڪ ترقي پسند، سيڪيولر ۽ پاڻيري سماج ٻڌائڻ لاءِ هن جيڪي ڪجهه لکيو ۽ ڳالهايو، انهيءَ تي مٿس فتوائون به جاري ڪيون ويون. انهن مڙني تڪليفن ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ، ترقيءَ ۽ ڪاميابين لاءِ هن سوچڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڪڏهن به نہ ڇڏيو.

***

جڏهن ڪنهن قوم، ملڪ يا سماج ۾ رائج ٻوليءَ کان پنهنجا حق کسيا ويندا آهن، تڏهن ردعمل طور، انهيءَ جا ڳالهائيندڙ لکندڙ ۽ پڙهندڙ غصب ۽ ڏاڍائيءَ خلاف وروڌ ڪندا ۽ تن کسيل حقن جي واپسيءَ لاءِ جدوجهد ڪندا آهن. ته اهڙيءَ حالت ۾ ٻولي هڪ سياسي مامرو بڻجي پوندي آهي. ٻوليون، عام طرح، پنهنجن پنهنجن اتهاسڪ پرڳڻن ۾ محفوظ حالت ۾ هونديون آهن. جيڪڏهن اُهي پنهنجي ئي علاقي ۾ پنهنجي اصلوڪي حيثيت وڃائي ويهن ته انهيءَ جو مطلب اهو هوندو آهي ته ڌارين يا اوپرين طاقتن انهن کان سندن آزاد حيثيت کسي ورتي آهي. انهيءَ غلاميءَ واريءَ حالت مان نڪرڻ لاءِ ڪيل هر ڪنهن ڪم ۽ ڪنيل هر ڪنهن وک جو واسطو لاڳاپيل ٻوليءَ جي علاقي ۾ موجود حڪمرانيءَ جي پاليسين يا ڪن اٽڪ حالتن ۾ حڪمرانن کي ئي تبديل ڪرڻ ۾ هوندو آهي. ٻولي هڪ سياسي معاملو ايئن بڻجندي آهي.

محسن جويو

ISBN 978-969-217-042-0
Political Linguistics
Rs. 500.00
US$ 2.90
9 789692 170420
NON-FICTION
www.roshnipublication.com

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.